# احوالِ عشق

## (پريل فقير 'پينار' جو ڪلام)

سهيڙيندڙ:
استاد حڪيم امام بخش مگريو

سنڌي ادبي بورڊ

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

# احوالِ عشق

(پريل فقير ’پينار‘ جو ڪلام)


سهيڙيندڙ:

**استاد حڪيم امام بخش مگريو**

مددگار:

**ولي محمد هنگورو**

**احسان علي لغاري**



**سنڌي ادبي بورڊ**

ڄام شورو، سنڌ

2015ع

ڪتاب جا جملي حق ۽ واسطا
سجاده نشين درگاهه حضرت منٺار فقير راڄڙ وٽ محفوظ

ڇاپو پهريون        اپريل 2015ع        تعداد 1000

هن ڪتاب جي ڪنهن به حصي کي، ناشر کان اڳواٽ حاصل ڪيل اجازت کانسواءِ، اليڪٽرانڪ يا ٻئي ڪنهن به طريقي جنهن ۾ اسٽوريج ۽ ريٽريول سسٽم شامل آهي، استعمال نٿو ڪري سگهجي.

قيمت: چار سؤ پنجويهه روپيا
**(Price Rs: 425-00)**

خريداري لاءِ رابطو:
**سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر**
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ
(Ph: 022-2633679, Fax: 022-9213422)
Email: sindhiab@yahoo.com
www. Sindhiadabiboard.org

هيءُ ڪتاب ميشرز پيڪاڪ پرنٽرس ڪراچي مان الهڏتو وگهيو سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ڇپائي پڌرو ڪيو.

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# انتساب

هي ڪتاب منسوب ڪجي ٿو
سنڌ جي امن پسند
'ڀيل' قوم
جي نالي،
جنهن اسان کي
چيڙ فقير،
۽
پريل فقير 'پينار'
جهڙا سپوت ۽ املهہ ماڻڪ موتي ڏنا.

# ڇپائيندڙ پاران

سنڌ جي سدا ملوڪ شاعر منٺار فقير ؒ جي طالبن مان پريل فقير ’پينار‘ پيل قوم جو هڪ سنو صوفي شاعر ۽ راڳي ٿي گذريو آهي، جنهن جي فڪري پس منظر ۾ سنڌ جي ڪيترن ئي صوفي درويش شاعرن جو فڪر موجود آهي.

پريل فقير ’پينار‘ پنهنجي شخصيت ۽ فن ۾ پنهنجو مثال پاڻ آهي. سندس شعر آفاقي ۽ الهامي آهي، جنهن ۾ هُن پنهنجي علمي شعور ۽ مشاهدي وسيلي پنهنجي شعر ۾ خود شناسي، خدا شناسي، خود فراموشي ۽ انسان دوستي جو پيغام ڏنو آهي. سندس شاعريءَ جي زبان نهايت ئي سهڻي ۽ سباجهڙي آهي. جنهن کي هر خاص و عام آسانيءَ سان سمجهي ۽ پڙهي سگهي ٿو.

سنڌ جي اهڙي اُملهه ماڻڪ شخصيت ۽ سندس ڪلام کي منظرعام تي آڻڻ لاءِ محترم استاد حڪيم امام بخش مگريي صاحب وڏي جاکوڙ ڪري سهيڙيو ۽ هڪ تحقيقي مقدمو لکي سنڌي ڪلاسيڪي ادب لاءِ هڪ وڏو ڪم سرانجام ڏنو آهي.

هيءُ ڪتاب ”احوالِ عشق“ (پريل فقير پينار جو ڪلام) آءٌ پنهنجي ايامڪاريءَ ۾ اداري طرفان شايع ڪري سُرهائي محسوس ڪري رهيو آهيان. جنهن لاءِ آءٌ بورڊ جي مانائتي چيئرمن قبلہ سائين مخدوم جميل الزمان صاحب جن جو تهدل سان شڪر گذار آهيان، جن هميشہ منهنجي رهنمائي ڪري، مون کي بورڊ طرفان اعليٰ درجي جا معياري ڪتاب ڇپرائڻ لاءِ اُتساهيو آهي.

اميد تہ ڪلاسيڪي شاعريءَ سان دلچسپي رکندڙن ۾ هيءُ ڪتاب پڙهيو، پرجهيو ۽ ساراهيو ويندو.

13- جمادي الثاني 1436هہ
03- اپريل 2015ع

الهڏتو وگهيو
سيڪريٽري

| | | |
|---|---|---|
| | ناهيان ۾ آهيان، آهيان ۾ ناهيان | 77 |
| ملاري | سهڻا يار سِڪ ۾ سڪايو مون کي تو | 78 |
| | جي اچين يار اوري، تان مِلي موڪلايون | 79 |
| | سهڻا يار ساجن، نڪي وڃ ولايت | 79 |
| | واسينگن جيئن وري ويتر، وڃهن ٿا وار ونگ ونگ | 80 |
| | هوڪاري هل تہ هينئر، ڏکريون ديدار دلبر جو | 81 |
| | منهنجو منٺار يار دلي دلد ر يار اجهو شال ايندو اجهو شال ايندو | 82 |
| سورٺ | سٿيان سِر اڳيان سلطان، نسنگ نيشان ڪري | 82 |
| | تنهنجي عشق ۾ تہ هزارين، ڪروڙين قربان ٿيان | 83 |
| | انهن اڪرين تي اظهار گهڻو اسرار ڪيو | 84 |
| | توڪي سورٺ ڪري ٿي سوال، ميان موٽي وڃ منگتا | 84 |
| | آيو چارڻ هن چوڏول، پلا ڏکهڙي چال چلي | 85 |
| | راجا ڪي رس راڳ، پلا وهوا وٺيو | 85 |
| پيلو | آيو عشق اِنسِ اولي، آخر ايوانَ ۾ | 86 |
| | دلدارُ لئِہ ديدارَ اڄ گهر يار آيو آ | 86 |
| | اڄ اڱڻ آيو منهنجي، محب ڪري مون تي مِهَر | 87 |
| | حيوانو ديوانو دلدارَ ڪيو تو | 88 |
| | منهنجو يار هينئين جو هار اديون | 88 |
| | اول علي، انوار ٿيان | 89 |
| | اهو افسوس ادا تي ڇُڪو آ سراسر سيفي ۾ سدا تي ڇُڪو آ | 90 |
| | ڪجي هاءِ حسينڻ لاءِ سدا روئي آب اکين مان وهائي سدا | 90 |
| | آفتاب جيئن اقبال ٿيو انوار تنهنجو يا علي | 91 |
| | دائم ڪرڙو سو دَرَ تي، دلبر دلارر آ | 92 |
| | مگر يار يارن ۾ ياري نہ آ، سچارن ۾ ساڳي، سچاري نہ آ | 93 |
| | آهي ملڪ مارن جو ميلو سدا | 93 |
| | منهنجا مارو رهن مليرَ، جي تن پِٽُن پلارين ۾ | 94 |
| | محبوب ماڻن سان مون کي، توماري منجهايو آ | 95 |
| | تُنهنجي برهہ ڪيو آ، بيمر مون کي | 95 |
| | تنهنجي سونهن سهڻا مون کي، وهوا وٺي | 96 |
| | پيالو پيار ساقي، پيالو پيار ساقي، پيالو پيار ساقي | 97 |
| | رڳي رمز جي ڪا رتي مون وٺين | 97 |
| | حسينڻ هادي حقي، هر وار آ | 98 |
| | رکي يار توسان مون ياري، پسي تنهنجو حُسن هڪ واري | 99 |
| | پلي يار اڱڻ مون آيو ڏاڍو روح پُنو اڄ رايو | 99 |

100 منهنجا اڄ ڪي اباڻا ايندا، مون ڪي وٺي وطن شل ويندا

101 وڇوڙي يار جي ۾ مون، سچو ئي سڪ ڦٽايو آ

101 ڏنو پيرِ مغان مون کي، قَدَح پُر پاڪ پيمانو

102 بچن منهنجا سکيا سانگي، سڪان ساريان راتو ڏينهان

102 سهڻا يار نہ تي دم ڏار، تو لاءِ هر وار، ويٺو واجهايان

103 پريِن جي پير جو مٽَ پيِي، ڪنهن کي ڪونہ پايان مان

104 تنهنجي سونهن سهڻا ڏاڍو ستايو مون کي

105 اي جاني اي جاني او دل جاني

106 توسان، توسان، توسان لڳي دلڙي پئي ٿي روز پُڪاري

106 هلي آ هلي آ، هلي آ پرين پيارا، تون جانب جيءَ جيارا

107 مون کي تنهنجي هئي ۽ توکي منهنجي هئي

107 دلبر دَوائِي ڪرڪا، مون برهي بيمار جي

108 يار جي فراق ۾ رات سورن جي پئي

109 اسان جو آ وِير وارث پير سائين پاڳارو

110 تون مثال ماهتاب جي، ماهي منور يا علي

110 مونسان مل تون محب مٺا، تنهنجي درد ڪيو ديوان

111 حب ٿم حيدر جي، سڪ ٿم سرور جي

112 در نہ مٽيان دلبر جو منٺار مِٺي منور جو پيروي

112 آهيان مان تہ اُنهن جِي آهيان، ٻئي تہ ڪنَهنجِي ناهيان

113 سڪندي رهان سڪ ۾ سدا، ڏينهن رات هميشان

114 هر حال ۾ هر وقت تي تون، سيدا ساڻِي، شهباز سيوهاڻي

114 توهين اسان جو آهين، سردار محمدؐ

115 سَنَرو بهار سهڻا، هوندين ڪندو اَللهُ

116 نيڻن ساڻ ناحق، وئين دل ڦرائي

116 لائق ناهي مٺا توکي مناسب ايئين، تون تہ ڪرين ٿو تيئين

117 مبارڪ مبارڪ مِلي آ

117 ويجي پئي وطن تي، ڪونجن جي قطار

118 مِٺُ ڪو نہ ڪنهنجو آ، ظاهر تہ زماني ۾

119 تي عاشق امالڪ اچان ٿو نظاري نِشانبر نچان ٿو نچان ٿو

119 ٻگليءَ ٻگليءَ سِرِ ڳايان، مان توسان ٿو لَنئُون لايان

120 ٻول نہ تنهن ۾ پايان، مان ساڳيو سو سِرُ آهيان

120 رکي عار اوري اچڻ جي نموني، مِٺا مهر ڪر ملڻ جي نموني

121 عُشاقن اهو آ اصل اُلٽ آرو اُٽن آڳِ آڙهہ اُتي اُن اُمارو

122 ڪيو سَرِسُ سهڻي سو سينگار آهي

| | | |
|---|---|---|
| | کر کا کوڻ خبر، مارو خوش هئا يار رنج | 146 |
| | سو ڏينهن ياد ڪريو سو ڏينهن ياد ڪريو | 147 |
| | دلبر ڪيو ديوانو دلڙي ڦٽي ڦٽي وو يار | 148 |
| | دلبر ڪسي ويو دلڙي، ڪلندي ڪٽي ڪٽي وو يار | 148 |
| | ڪونڊي تان قربان وڃان، وري ڏنڊي تئون بہ ڏهاڙي | 149 |
| | تون هِين اسان جو آهين، سردار محمدؐ | 150 |
| لوڙائو | ڪريان حال ڪهڙو شهيدن جو سارو | 151 |
| | عمر سي اباڻا سدائين تي ساريان | 151 |
| | مارن لئہ ماندي دلڙي هيڪاندي | 152 |
| | عمر لُڙڪ لاڙيم سنگهارن کي ساري | 153 |
| | عاشق گهوٽ همير سُٽي مون هڪل تجان همراهہ | 153 |
| | ڏاڍا ڏينهن ڏٺي کي ٿيڙا، دلبر دير ڇو لائي آ | 154 |
| | عمر سي اباڻا وٺي مون کي ويندا | 155 |
| | حبدار آئون هميشان عجيبن اچڻ لئہ | 155 |
| | اکيون روز ٿيون روئن نِت نِير ٿيون وَهن | 156 |
| | منهنجو پير دستگير ولين جو ولي آ | 156 |
| | منهنجو پير پارس سو آ راڻيپور ۾ راڻو | 157 |
| ڪونسيو | محبوب سائين ڪر نہ تون ماڻا، مٺا تي مهربان | 158 |
| پهاڙي | سورن ڪيا سنڌا، مون کي محبن سندا | 158 |
| | آهي درسن جي درڪار سهڻا سائين مون کي | 159 |
| | حُبَ مون کي آهي هميشان، حيدرِ قرار جي | 159 |
| | اڏر پکي پرڏيهہ تون، وارو وڃڻ جو آيو آ | 160 |
| | بي وفا آهي زمانو پير پنهنجا ڪر پڪا | 161 |
| | دل ڦُري جادو ڪري، پوءِ ڇو ڪجي پاسو پري | 162 |
| | تنهنجي حبيب حسن جو، حُبدارُ مان پيِ آن | 162 |
| | سانگي وڃن ٿا سانگ، ماريو آ وِرهہ وڇوڙي | 163 |
| | ٻن اکڙين سان اسرار ڪيو آ مٺا منٺار تو | 164 |
| | اڄ مون سان پرچج پرين، تون اي پيارا يار ميان | 164 |
| | محبوب سائين ڪر نہ ڪاوڙ مون مٿي ايڏي ايئن | 165 |
| | من گهريو محبوب هاڻي، شل وفاداري ڪري | 166 |
| | پرچج پرين تون پيارا، قرب ڪو ڪري ڪري | 167 |
| | دِلي دلدار سهڻي يار جو ديدار ڏنو مون | 167 |
| | ڪبوتر ڪربلا واري، اچي جا ڪئي خبر کولي | 168 |
| | توکي سنڌڙي سڄي پئي سارئي | 169 |

مام محبت واري محڪم، سمجهن ڪي سچيارا 192
ڪنڙُ ڪري تو ڪم ڏس ڪهڙا، سمجهي سخن نه سارو 192
اهو اسرار اکڙين ۾، سراسر سونهن جو سارو 193
جيڪو رنديل بازي ڪتي 194
پئي قربئون ڪوهيارل ڏي، ڪاهينديس مان 194
موڪل ڏي ته ملير وڃان، عمر اُداسڻ آهيان 195
نماڻي نيندا الا، ڪيچي ڪيچ ڪرم سان 196
ٻيلي آءُ ٻيهر ٻيرانيءُ تون، آهين جيءُ جو جياپو جاني تون 196
ڪين گهتايان، دوست دلارا، تنهن جي در تي 197
بسنت
عاشق ٽئين تان، ڪر نه آويرَ 197
وهه سُهڻي يار سينگار ڪيو 198
مانجهه
منٺار سان مدام، هجان شال هميشان 199
جهوپا جهانگين جا، ڏورهون تا ڏِسِجَنِ 199
ونجي بند بيراڳي، هليا هاڻ هاڙهي 200
واهه جار هيئئون يار ڪاجا رمز رلائِي، منڊل موج مچائي 201
عاشق الله جا، ڪن اڏ رات آنهون 202
جاڳو جاڳو جيڏيون وو ڪار ڪتڻ جي ڪريو 202
اديون ويلي آڏيءَ، جاڙ ڪري ويو جاني 203
مون کي مير مرسل، اُڪارين الله لڳ 203
ڪر ڪا دوا اي دلبرا، منهنجي مرض جي يار تون 204
جوڳين جو جتسار وو سي ساٿ سويرا لعل لنگهي 205
سهڻا سدائين سنگدل، مورهون نه ميڻ ٿيندا 205
منڙن مارن لِئِ سڪ ۾، روز ڦِڦِڙَ تا ڦڙڪن 206
سهڻيءَ کي ساهڙ جي، هئي سيني ۾ سڪڙِي 207
سڄڻن سانگيڙن جي، اتم سدائين سِڪڙي 207
سانگي سيڻ سنڌم، ساهه سدائين ساري 208
آهن مائٽ منهنجا ماروئڙا موچارا 209
جوڳ
ويا ويراڳي، ويا ويراڳي، ويا ويراڳي ويا هليا 210
سي ڪاپڙي ڪاڏي ويا، جيڏيون مون کي ڪو ڏس ڏيو 210
آهي ٻيو ڪير جو اصلئون، سُخن سچ صاف تو ٻولي 211
مدامي مام کي من ۾، اندر هردي هلائج تون 212
مزو ماڻي مدامي جي، رکي ڏس يار سان يارِي 213
محبت جي ميدان ۾ 213
چؤقبلي چؤڏار ڏسڻ ۾ هر هنڌ هڪڙو 214

| | |
|---|---|
| 328 | سُنن سُناکینے کیا، مَن مُناناکینے کیا |
| 329 | نہ جاؤں میں آؤں، الا الاؤں |
| 330 | ایسا قہر کفران کیا، جس نے دوزخ اپنا مکان کیا |
| 332 | مجھے محب مثل، مستان کیا |
| 333 | محبت میگھ ملاری لگی، نینوں کی نوک نیاری لگی |
| 334 | بندا اک دن ہے چلنا، آخر مرناں وہ یار |
| 334 | تیری صورت نے مجھ کو، مستان بنادیا |
| 335 | صورت صنم تمہاری وہ، سنگار بنادیا |
| 336 | آجا محمد آجا محمد، تیرے لئے بُراق، محمد آجا |
| 336 | چل چل کے ویکھاں میری تیری، درباری قلندر |
| 337 | شُکر سے الحمدللہ، مبارک ہو، مبارک ہو |
| 338 | دیدار تیرے سے صنم، دیوان میں بھی ہوں |
| 339 | تیرے برہ میں میرا بدن، بیمار یار ہے |
| 340 | برہ دا بالا کہوں میں، بقا کی بہاری بوستاں کہوں میں |
| 340 | دیکھ لو یہ تم نجومی، یار میرا گیا کہاں |
| 341 | کندھیاں کیفی کجلیاں کالیاں، اکھیاں تیریاں |
| 342 | تیرے نینوں کا جلوا، جمال جانی |
| 343 | یار میرا دلدار دلبر، دلربا دیدار ہے |
| 344 | آپ میں آپ سائونگا، دم کا درسن پائونگا |
| 345 | عشق اپاری دا، سوز ہویا مجھ پر |
| 345 | خواجہ تیری گلی میں آواں، آواں تے درس پاواں |
| 346 | خواجا غریب نواز، محی الدین اجمیری |
| 347 | میرے آنگن گرُ بھلے آیا |
| 347 | ساقی مجھے پلادے، ساغر شراب کا |
| 348 | علی اللہ کی قوت، اصل اظہار وہی ہے |
| 349 | دھیان دھو دھو دھکن، دھوم دھمال دھر دھر کے |
| 350 | بوسا لبوں پہ دینے کے، من میں ہے تمنا |
| 351 | یار سولی رہبری، رخسار ہے سردار ہے |
| 351 | خوب خوبان ہے خدائی، خیال یہ خُمار یار |
| 352 | یاالاہی عشق کا، مجھ پر کروا مداد بھی |

علی کے شان کا شانی، کسی کا شان نہیں 353
دیکھئے مجھ کو صنم، ہم تو بڑا بیمار ہوں 354

- بھجن

سُنو سادھو سُخن میرا، کمالی کام وو کرنا 357
درشن کو جاؤں 358
میں ستن کی بلھاری سوَ سوَ واری، لوک لکا سوں کیا کم میں 358
سوچ سمجھ من لوچ لکا میں، جم ڈوری تنکا سی نفی پھر آسی 359
بن نام کے پچھاں رے، گن گیان کیا کرو 359
بھولا کیا جانی جگ مانہیں، جن کو سار سرت کی ناھیں 360
سانوریا میں بھول گیا ہوں بن مان 361
سادھو مایا لالچ لوبھ مان لپٹی، دنیا کوڑی سے کپٹی 361
جیواڑے بھول متی جگ جو ٹھو، جیسوں میرو من ٹو ٹھو 362
دھیان لگا دھُم دھاما، بھائی کہنارا مارا۔ 363
سبھ گھٹ الکھ اِکوئی رے سادھو جن، نام بنا نہیں کوئی 364
کام میرا نام سوں، ہر واھگرو رام رام 364
سادھو سُرت نُرت سمجھاؤں گا، گر گیان دھیاں گن گاؤں گا 365

- بیت 367

# پيش لفظ

حضرت فقير منٺار سائين رحہ جن جا ڪيترائي طالب ٿي گذريا آهن، جن مان الهڏنو فقير ماڇي، پريل فقير پينار، دائود فقير مگڻهار (جنهن جي احمد آباد انديا ۾ درگاهہ ٻڌجي ٿي)، احمد فقير، اسماعيل فقير، لونگ فقير ۽ ڪجهہ ٻيا جن جا نالا هن وقت ياد نہ پيا اچن، سي شاعر ٿي گذريا آهن، پر افسوس جو الهڏني فقير ۽ پريل فقير کان سواءِ ٻين جو ڪلام سهيڙجي ۽ محفوظ ٿي نہ سگهيو. الهڏني فقير جو ڪلام تہ گم ٿيل وري ٽيهہ پنجٽيهہ سالن کان پوءِ اهڙي ناقابلِ يقين طريقي سان واپس مليو جو عقل دنگ رهجيو وڃي. اهو تفصيلي ذڪر عنقريب الهڏني فقير جي رسالي ۾ ايندو، جنهن جي ترتيب جو ڪم اسان جو دوست محترم احسان علي لغاري ڪري رهيو آهي.

پريل فقير، فقير منٺار سائين عليہ رحمة جن جي خاص طالب ۽ پنهنجي وقت جي مشهور راڳيءَ چيڙ فقير پيل جو فرزند هو چيڙ فقير کي قبلا طالب المولیٰ سائين جن پندرهن سالن جي عمر ۾ ڳائيندي ٻڌو. چيڙ فقير ان وقت عمر جي آخري حصي ۾ هو اهو زمانو 1934ع جو هو قبلا طالب المولیٰ سائين ان وقت ناري جي مسافري تي هئا. فقير منٺار سائينءَ ۽ چيڙ فقير ساڻن گڏ هئا. پاڻ فرمائيندا هئا تہ چيڙ فقير

اهڙو هو جو جيڪڏهن دنيا مان ويل ماڻهو پئسن سان واپس موٽي ته 'چيڙ فقير کي ڪروڙ ڏئي موڙ ئجي'. اهو چيڙ فقير لاءِ وڏو اعزاز وڏو اوارڊ ٿيو. ان بهترين راڳيءَ جو فرزند پريل پينار ٿيو جيڪو پاڻ به شاعر سان گڏ بهترين ڳائڻو به هو جنهن فقير امير بخش ڪلوئي جهڙا بهترين راڳي شاگرد ڇڏيا. پاڻ پنهنجو اڪثر ڪلام پاڻ قلمبند ڪيائين. سير سفر جو شوقين هو.

حضرت فقير منٺار سائين جي وصال بعد فقير ولي بخش جي حاضريءَ ۾ رهيو ۽ ساڻن گڏ قبلا مخدوم غلام محمد گل سائين ۽ طالب المولىٰ سائين جي صحبت نصيب ٿيس، جنهن ڪيس رنگي ريٽو ڪري ڇڏيو.

پريل فقير 38 سالن جي ٿورڙي عمر ماڻي. سندس ڀاءُ وريل فقير عرف پراڳو فقير به سڄي عمر هتي درگاهه شريف جي حاضري ۾ رهيو. هو به سٺو راڳي هو. ڏهه پندرهن سال اڳ وفات ڪئي اٿس. هو به چيڙ فقير ۽ پريل فقير سان گڏ فقير منٺار سائين جي پيرن کان درگاهه شريف تي آرامي ٿيو. سندس اولاد پيراني ۾ رهي ٿو اجا تائين درگاهه شريف جي حاضري ڀريندو اچي ٿو. پريل فقير جو ڪلام ڇپجڻ جي آرزو ڪاني وقت کان هئي ته اهو ڪلام جلد ڇپجي، جنهن لاءِ هڪ روايت ٻڌل آهي ته محمد فقير کتياڻ هڪ دفعو پريل فقير جو ڪلام:

اوري ڏس اثبات اندر ۾، آدم سِر الله آٿئي،
آدم سر الله ٿئي، شاهد ڪلامُ الله آٿئي.

فَذِڪُرُوُنِي اَذڪُرُڪُمُ. قادر ڪرمُ الله آٿئي،
وَنَحَنُ اَقِرَبُ ويڙهه وسندڙ واحد وجهه الله آٿئي.

اَنا اَحمد بِلا ميمي، راز رسول الله آتئي،
لَحَمَڪَ لَحَمِي جِسِمَڪَ جِسِمي، عاشق اَحمدالله آتئي.

بَشرِي بازي يار بنائي، بيک بقا بِالله آتئي،
اَنااَلحَقُ اظهار اَلائڻ، سُهڻي صاف صلاح آتئي.

پڙهج "پريل" تي پيچ پَسڻ جي، فرض فَنا فِلاءَ تئي،
آڙهہ عشق برهہ جي پَڙِڪي، جوش جَلالُ اُلله تئي.

ٻڌو تہ ست يا يارهن دفعا وري ڳارائين. ماڻهن پڇيو تہ 'سائين ايترا دفعا ڇو؟' چيائين تہ 'اهو سمجهہ ۾ نٿي آيو تہ هي ڪلام پريل فقير جو ڪيئن آهي؟ هاڻ وچي خبر پئي تہ اها ئي ٻولي پيو ڳالهائي، جنهن جو پريل فقير نوازيل آهي.'

پريل فقير جي رسالي قلمي ڪي وري ترتيب سان لکڻ جو ڪم ماستر پلجي پيل وڏيءَ محنت سان ڪيو ۽ هن ڪم کي پايہ تڪميل تائين پهچائڻ جو سندرو اسان جي دوست امام بخش مگريي ٻڌو ۽ ساڻس استاد ولي محمد هنگوري بہ ساٿ ڏنو محترم احسان علي لغاريءَ وڏي همت سان رسالو ڪمپوز ڪرايو. ڪيس جس هجي. ان ڪم کي اڳتي وڌائڻ ۾ چاچا سرفراز راجڙ جن بہ همت ڪئي ۽ رسالو ڇپجي تيار ٿي اوهان جي هٿن ۾ پهتو.

آءُ ان تعاون لاءِ جناب الهڏتي وگهيي صاحب ۽ بورڊ جي تمام اراڪين، جن هن ڪم لاءِ جاکوڙيو جو ذاتي طور ممنون آهيان. اميد تہ هي رسالو اهلِ ذوق ماڻهن لاءِ وڏي سوکڙي ثابت ٿيندو.



Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

آخر ۾ آءٌ انتهائي ادب سان قبلا مرشدنا مخدوم محمد امين فهيم سائين ۽ سائين قبلا مخدوم جميل الزمان سائين جن جو شڪرگذار آهيان، جو سندن دعائون ۽ رهنمائي اسان سان هر وقت رهي آهي ۽ رهندي، اسين جيڪي ڪجهه بہ آهيون، سندن نظرِ ڪرم جي طفيل آهيون.


**فقير محمد بخش 'ضامن'**
سجاده نشين
درگاهہ منٺار فقير راڄڙ، ڪاٺي
18_11_2014
0300_3084432
www.mantharfakir@com
zaminfaqir@yahoo.com

# ٻه اکر

سنڌ، امن پيار ۽ محبت جي ڌرتي آهي. هن ڌرتيءَ جي شاعرن سدائين محبت ۽ امن جو پيغام پئي ڏنو آهي. اهڙن صوفي شاعرن ۾ پريل فقير پينار جو به شمار ٿئي ٿو جيڪو سنڌ جي صوفي شاعرن جي سلسلي جو يگانو شاعر آهي، سندس شاعريءَ ۾ اُهي سيئي رنگ ملن ٿا، جيڪي ٻين صوفي شاعرن جي شاعريءَ ۾ موجود آهن ۽ آءٌ سمجهان ٿو ته اِهو اثر هُن تي ٿيڻ لازم به هو. ڇاڪاڻ جو هُو هڪ اهڙي بزرگ ۽ اعليٰ پايي جي شاعر جي صُحبت ۽ شاگرديءَ ۾ رهيو جيڪو سنڌي ڪافيءَ جي حوالي سان اعليٰ حيثيت رکي ٿو ۽ اهو هو حضرت مننار فقير راڄڙ رحه.

حضرت مننار فقير راڄڙ رحه سنڌ ۾ ڪافيءَ جي آخري دور جو بُلند پايي جو شاعر هو. پاڻ نه صرف سنڌ جي اڳين نامور شاعرن جي پيروي ڪندي، سندن فڪري پوئواري ڪئي، پر اُنهن جي فڪر کي اڳتي وڌائيندي ڪافيءَ جي صنف ۾ گهڻي جدت به آنداڻين. مننار فقير راڄڙ رحه جي صُحبت ۾ جيڪي طالب رچي ريٽو ٿيا، اُنهن ۾ پريل فقير پينار جو نالو گهڻو اهم آهي. ڇاڪاڻ ته هو 38 سالن جي گهٽ عمريءَ ۾ وفات ڪري ويو پر جڏهن سندس بياض جو مطالعو ڪجي ٿو ته نه صرف مشاهدي بلڪ وسيع مطالعي جي به پرک پوي ٿي.

پريل فقير پينار ظاهريءَ ۾ ته پيل قوم سان تعلق رکندڙ هو پر حضرت مننار فقير رحه جي صُحبت سندس قلب کي ايترو ته ايمانِ الاهي جي صحبت سان روشناس ڪرايو جو پريل فقير جيڪا عقيدت

باري تعاليٰ، نبي پاڪ صلي الله عليہ وسلم ۽ پنجتن پاڪ جي شان ۾ پيش ڪئي آهي، اُها ڏاڍي حيران ڪُن آهي. هڪ روايت آهي تہ محمد فقير کتياڻ هڪ محفل ۾ پريل فقير جي ڪافي "اوري ڏس اثبات اندر ۾ آدم سِر الله اٿئي ' ٻُڌي تہ فنڪار کي بار بار ساڳي ڪافي ٻُڌائڻ جو اسرار ڪيائين، جنهن تي حاضرين مان ڪنهن پُڇيو تہ 'سائين، هي ڪافي بار بار ٻُڌڻ جو اشتياق ڇو؟' تہ پاڻ چيائين تہ 'ڏسان پيو تہ هي ڪافي پريل فقير جي ڪيئن آهي؟' مطلب تہ حضرت منٺار فقير رحہ جي صُحبت سندس مَن کي مالڪِ حقيقي جي مُحبت سان منور ڪيو ۽ هُن پنهنجي شاعريءَ ۾ اُن جو ڀرپور اظهار ڪيو.

پريل فقير نہ صرف شاعر، پر سُنو راڳي بہ هو ۽ راڳ جي ڪيس گهڻي ڄاڻ هئي، هُن پنهنجي حياتيءَ ۾ پنهنجي شاعريءَ جي ترتيب جو ڪم ڪيو ۽ 'احوالِ عشق' جي نالي سان رسالو لکيائين. هن رسالي جي ترتيب هُن راڳ جي ترتيب سان رکي، جيئن حضرت منٺار فقير راڄڙ رحہ ۽ ٻين ڪجهہ شاعرن جي رسالن جي آهي، اها ڳالهہ سندس راڳ جي ماهر هُجڻ جي گواهي پڻ ڏئي ٿي.

مونکي تمام گهڻي خوشي آهي، جو درگاهہ جي عقيدتمندن هن رسالي کي ڇپائيءَ لاءِ تيار ڪري اوهان لائق پڙهندڙن جي هٿن تائين پهچايو ڪين جس هُجي حضرت منٺار فقير راڄڙ رحہ جي ٻين طالبن جو ڪلام پڻ ڇپائيءَ جو منتظر آهي، اُميد تہ اهو پڻ جلد ڇپجي منظرِ عام تي ايندو.

12 فيبروري 2015ع

سرفراز راڄڙ

# مهاڳ

فقير پريل پينار جي شاعريءَ ريڊيو حيدرآباد تي ڪن فنڪارن واتان ۽ عام مقامي فنڪارن جي آواز ۾ عام جام ٻڌيسون. 2013ع جي ابتدا ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي اڳوڻي سيڪريٽري مرحوم سائين ولي محمد ولي سروري رونجهي جي ڪاهي شهر ۾ لائبريري ڏسڻ جو موقعو مليو اُتي ڪجھ ڇاپي ۽ قلمي نسخن ڪي ڏسڻ سان گڏ فقير پريل پينار جي رسالي ’احوالِ عشق‘ جي فوٽو اسٽيٽ ڪاپي نظر مان گذري.

ڪجھ عرصي ڪان پوءِ دل ۾ خيال آيو تہ پريل پينار جي رسالي کي نظر مان ڪڍجي, سو سائين ولي محمد سروري جي ڏوهٽي ۽ منهنجي ڪلاس فيلو دوست نور محمد رونجهي کي چيم تہ پريل فقير پينار جو رسالو پڙهڻ لاءِ ڏيو ان منهنجي التجا قبول ڪئي. سائين جي فرزند عبدالقادر رونجهي ڪان اجازت وٺي رسالو مونکي آڻي ڏنائين. رسالي جي مطالعي ڪانپوءِ محسوس ڪيم تہ هِهڙي ناياب رسالي کي ترتيب ڏئي ڇپائي منظرعام تي آڻجي تہ عوام الناس هن ڪلام مان فيضياب ٿئي. ارادو ڪري جناب سرفراز راڄڙ صاحب سان ذڪر ڪيم, جنهن همت افزائي ڪئي تہ دل وڏي ٿي وئي.

منهنجي دوست احسان علي لغاري ۽ استاد ولي محمد ’ولي‘ هنگوري سان بہ حال اوريم. پياري احسان لغاري ڪمپوزنگ جو ذمو کنيو ۽ بالآخر رسالو ڪمپوز ڪرائي کڻي آيو. ٻئي گڏجي درگاهہ منٺار فقير راڄڙ رحہ جي سجاده نشين فقير محمد

بخش ’ضامن‘ سان ملياسين. پاڻ رسالي جا پروف ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. ڇپرائڻ جي اجازت بہ ڏنائين.

رسالي جي پروف ريڊنگ ڪري جناب سرفراز راڄڙ صاحب وٽ ڪٽي آياسين، پاڻ ڏاڍو خوش ٿيو بہ اکر لکي ڏيڻ جو واعدو ڪيائين ۽ رسالي جي ڇپائيءَ جي بہ خاطري ڪرايائين. رسالي جي سيٽنگ ۽ سُهڻائيءَ جا مرحلا محترم احسان علي لغاري مڪمل ڪري، سنڌي ادبي بورڊ جي حوالي ڪيو. رسالي جي اشاعت جي سلسلي ۾ جناب سرفراز راڄڙ صاحب جو گهڻو تعاون رهيو. فقير محمد بخش ضامن، پريل فقير جا هٿ اکر ۽ سندس ڪتابت جون تصويرون مهيا ڪيون، جنهن لاءِ آءٌ سندن گهڻو مشڪور آهيان.

آءٌ قبلا جناب مخدوم جميل الزمان سائين، چيئرمين سنڌي ادبي بورڊ جو نهايت شڪر گذار آهيان، جن هن رسالي جي ڇپائيءَ لاءِ ذاتي دلچسپي ورتي. ان کان علاوه سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽري جناب الهڏتي وگهيي صاحب، منهنجي مددگار دوستن علي اڪبر هنگورجي، ولي محمد ’ولي‘ هنگوري، احسان علي لغاري، منهنجي پياري ياءُ جيئندي خان مگريي، فقير پريل پينار جي خاندان ۽ سندن قوم وارن مان استاد ٻلجي مل، زيتون ٻگٽ، درگاه جي راڳي ٻگٽ تارا چند ۽ منهنجي ننڍڙن طالبن ۽ دوستن عبدالرزاق راڄڙ ۽ آصف راڄڙ جو بہ شڪرگذار آهيان، جن سيني جي مدد ۽ سهڪار سان هي اهم ڪم پايہ تڪميل تائين پهتو.

**استاد حڪيم امام بخش مگريو**
ڪاٽي راڄڙ
1 جنوري 2015ع

# مقدمو

## (الف) سوانح حيات

### خانداني پسمنظر:

راڻي وڻان رات، نئون نياپو آئيو،
لڏي سون 'لطيف' چئي، ڏاتر وڻان ڏات،
ڪونہ پڇي تو ذات، جي آيا سي اگهيا.
(شاهہ)

سنڌ جي سون ورني ڌرتي تي ڪئين ڪردار مادر جي ڪُک مان ڦٽي نروار ٿيا، جن پنهنجي زندگي دوران هن پلاري پوڻ ۽ جا وڻ واسي چڙيا. ڪئين ڪردار ۽ ڪارناما ڪري ڏيکاريائون، سندن انهن امر ڪردارن ۽ ڪارنامن جي ڪري ورهين جا ورهيہ گذري ويا آهن، مگر اڄ بہ اهي حيات ۽ زنده جاويد آهن. اهڙن اَمر انسانن مان پريل فقير پينار ۽ سندس والد مرحوم چيڙ فقير جو ڪردار بہ امر ڪردار آهي، جن کي ورهيہ گذرڻ بعد بہ وساري نٿو سگهجي.

پريل فقير پينار جا وڏا خيرپور رياست جا رهاڪو هئا. خيرپور کان پوءِ نوابشاهہ ضلعي جي سداواهہ ويجهو هڪ ڳوٺ ۾ سڪونت

اختيار ڪيائون. اُتي ئي پريل فقير پينار جي والد چيڙ فقير ڪنهن فنڪار کي حضرت منثار فقير راڃڙ جو هي ڪلام ڳائيندي ٻڌو:

برھ بادشاھ جا ڏاڄا ڏڄي ويا،
نينهن جا نقارا نوبتون، وجود ۾ واڄا وڄي ويا.

زابر عشق آيو دل واري تخت تي،
نفس تنهن نادان جا، خيما کڄي ويا.

جڏهن شير ٻيلي ۾ گجيو تڏهن گدڙ گڏ ٿيا،
تنهن جوءِ مان ٻيا جانور بيشڪ ڀڄي ويا.

هاڻ حق حقيقي هو الله، هر هنڌ هيڪڙو
ٻي سيني هوڏ هٺڻ، هار جي هڄي ويا.

جيڪي من مٿي 'منثار' جي هئا نفس رايا،
هاڻ سي سيئي شرمائجي وري ٿي لڄي ويا.

(رسالو خدائي، ص 118)

مٿين ڪافي ٻڌڻ کان پوءِ دل ۾ خيال ڪيائين تہ ان خوبصورت ٻول چوندڙ ڪوي کي ڳولجي ۽ اُن سان ملجي. ان ارادي سان ڳوليندي ڳوليندي اچي ڳِرڻ ڪاٽي راڃڙ مان پهتو. منثار سائين سان ملي منثار جو منثار ٿي ويو.

فقير سائين جي صحبت ۾ سلوڪ ڏسي، ساڻس نينهن جو ناتو لڳي ويس. تاحيات منثار فقير جو راڳي ٿي رهيو. جن چيڙ فقير جو راڳ ٻڌو اهي چوندا هئا تہ شاعري ناهي منثار فقير ۽ ڳائي چيڙ فقير.

چيڙ فقير ٻيراني شهر مان پنهنجي ڀيل قوم مان شادي ڪئي، جنهن مان پريل فقير پينار پيدا ٿيو. چيڙ فقير سفر ۽ حضر ۾ منٺار فقير سان گڏ رهڻ لڳو. چيڙ فقير 1934ع ۾ ديهانت ڪري ويو. سندس آخري آرام گاهہ فقير منٺار سائين جي مزار جي پيراندي نصيب ٿيس. اهڙيءَ ريت سندس فرزند پريل کي بہ منٺار فقير جي صُحبت نصيب ٿي.

## پريل فقير جي ولادت:

پريل فقير، چيڙ فقير ڀيل جي گهر ۾ سدا واهہ جي هڪ ڳوٺ لڳ نوابشاهہ ۾ 1911ع ۾ جنم ورتو. پريل جي ولادت کان سگهو ئي پوءِ سندس والد سدا واهہ وستي کي الوداع چئي گذر سفرسانگي مختلف وستين ۽ واهڻن مان ٿيندي 1918ع ۾ اچي ٻيراني شهر ۾ ديوان تاراچند وٽ رهيو. ان وقت پريل جي عمر ستن سالن جي لڳ ڀڳ هئي.

## تعليم ۽ تربيت:

پريل ڪوامبراڻي گهر جوٻار ڪونہ هو جو لاڏ ڪوڏ سان پليو هجي. هڪ ڳوٺاڻي فنڪار جو فرزند هو جيڪو پنهنجي فن ذريعي گذر سفر ڪندو هو. ديوان تاراچند، پريل جي ذهانت ۽ هوشياري ڏسي چيڙ کي سندس پڙهائڻ چيو. چيڙ فقير، ديوان تاراچند جي چوڻ تي 1919ع ۾ پريل کي اسڪول ۾ پڙهڻ لاءِ داخل ڪرايو. ساڳئي سال پريل جي والده وفات ڪري وئي. هي ويچارو مادري شفقت کان محروم ٿي ويو. سندس والد ڪجهہ عرصي کانپوءِ ٻي شادي ڪئي. مگر فقير منش انسان هئڻ سبب پريل کي پيار ۽ محبت سان سنڀاليائين. چيڙ فقير کي ٻي شادي مان ٽي فرزند پيدا ٿيا، جن مان بہ ڀائر ننڍي هوندي گذاري ويا. باقي هڪ ڀاءُ وريل نالي پريل جو ساٿي ٿيو. پريل 1927ع ۾ سنڌي فائينل پاس ڪئي. 1930ع ۾ درزڪو ڪم سکيو.

## جواني ۾ مجاز:

عام چوڻي آهي تہ جواني ديواني آهي، پريل جي ڪلام مان پرک پوي ٿي تہ هو بہ مجازي چوٽ کان بچي نہ سگهيو. ڪنهن ناز نين جي ور چڙهي ويو. دل ۾ درد ۽ سوز جاڳيو. ان جو ذڪر سندس شعر ۾ نظر اچي ٿو. هن گهڻي تعداد ۾ مجازي ڪلام ۽ ڪافيون چيا. پريل جي عام مجازي ڪافي، جيڪا سندس طالب امير بخش فقير ڪلوئي ريڊيو حيدرآباد تان ڳائي:

سهڻي يار جي ديدار، گرفِتار مون کي ڪيو،
ان حال مان بيحال، سو لاچار مون کي ڪيو.

ديِدُنِ دهشتِي دهمانَ، سان هنيا ڪانَ ڪاپاري،
اکين آر ڪجل ڪار، زخمدار مون کي ڪيو.

جيئن نانگ هڻن ڏنگ، وجهن وَنگ وڪوڙي،
تيئن وارَ گهنُڊيدار، تن سنگسار مون کي ڪيو.

مِني مُرڪ لبن لال چپن چال چڱي آهہ،
تنهن دلدار جي گفتار، بي اختيار مون کي ڪيو.

سدا روز سِڪن سُور، ”پريل“ پُور پونِ ٿا،
رڳي رخسار جي سينگار، طلبدار مون کي ڪيو.

## شعر و شاعري جي ابتدا:

جڏهن ڪيس مجاز جي ميک ۾ حضرت عشق لڳو. پڻ پولو سپ پڳو تہ 'پريل' مان 'پريل پينار' ٿي پيو ۽ سڀ دنيا جا دنڊا داڙيون ڪاروهنوار ڇڏي، سندس والد چيڙ فقير سان گڏ ڪاٽي راجڙ اچي

1932ع ۾ حضرت منٺار فقير راڄڙ رحہ جي طالبن جي حلقي ۾ داخل ٿيو. فقير منٺار سائين کان شعر و شاعري ۽ سندس والد کان سُر ۽ سنگيت جي سکيا ورتائين.

**دست بيعت:**

پريل فقير پينار تي حضرت منٺار فقير رحہ جي محبت اهڙو غلبو ڪيو جو پاڻ باقاعدي فقير سائين جي معرفت سان درگاهہ غوث الحق حضرت سرور نوح رحہ جي سورهين سجاده نشين حضرت مخدوم غلام محمد گهوٽ "مغموم" جي هٿ تي بيعت ڪري، ذڪر تهليل ورتائين. ان کان پوءِ تہ ويتر مٿس فقيري فڪر جو اثر ٿيو. سندس بِرهہ ڪليو مجاز کان حقيقت ڏانهن موٽ ڪاڏائين.

1934ع ۾ سندس والد چيڙ فقير ۽ 1935ع ۾ حضرت منٺار فقير رحہ بہ وصال ڪري ويو. ٻنهي ءَ مُربين جي وصال پُرملال جي هِجر ۽ فِراق جِيءَ جهوري وڌو ۽ ڪيس دلي صدمو رسايو.

**سير و سفر:**

پريل فقير پينار شعر و شاعري جي دنيا ۾ اچڻ کان اڳ ئي سير سفر سياحت جو ڪوڏيو هو. سندس خود نوشت مختصر سوانح حيات ۾ لکي ٿو تہ: "مون پوري هندستان جو سير ڪيو." ويتر جو فقير منٺار سائين جي سيلاني سنگ ۾ داخل ٿيو تہ وڏيڪ سير سفر جو موقعو مليس. پينار بہ حضرت منٺار فقير، سندس والد چيڙ سان گڏ هند سنڌ جي ڪافي حصن جو پنڌ پيرن مان ڪييو. اوليائن، بزرگن، درويشن، فقيرن ۽ آديسين جي آسٽن تي ويو. اُنهن جي شان ۾ منٺار فقير وانگر صدائي ۽ مداحي ڪافيون ڪلام چيائين، جن جو ذڪر رسالي ۾ موجود آهي. سندس صداعي ڪافيءَ جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو جيڪا قلندر ڪبريا جي شان ۾ چئي اٿس:

پيچ قلندر لال، سخي آ شير شيرم شهبازا.

دولهہ دائم تيڏي در تي، بيشڪ ڪوُ پي بانڪي بردي،
ڪيڏن دُرس ڏمال.

گِهڻ گِهڻ گهنديئان وجن گهٽيريان، ڇمڪن ڇم ڇم ڇوهيان ڇيريان،
گهند گهمندِ گهڙيال.

ملنگ مل مل موج مچاون، نانگي ناد نفيل بجاون،
نچندي نيڪ نهال.

ڏوُ ڏوُ ڏان ڏان وجن نغاري، نوبت تال نرالي تاري،
مستو مست مقال.

”پريل“ پنيدا پوش پناهي، هادي ڏيوين ڪا همراهي،
سڻ تون سيگهہ سوال.

## شادي ۽ اولاد:

پينار جي والد جي وفات کان هڪ سال پوءِ 1935ع ۾ پيبل قوم مان لونگ ناٿ ساڏيو جي گهران شادي ڪيائين. سندس ياءُ وريل فقير جي شادي دادو پڳت جي نياڻي سان ڪرايائين.

پريل فقير پينار 1937ع ۾ هيراني ڪي الوداع ڪري، اچي ڪپري تعلقي جي ديهہ امين اوڪر ۾ ڳاهن جي ڳوٺ ۾ ڪونتا ڪوڙيا. مقامي زميندار جلال راجڙ وٹ هارپو ڪيائين. 1938ع ۾ ڪيس پهرين نياڻي ڄائي، 1939ع ۾ هڪ پٽ ڄائو جنهن جو نالو مننار سائين جي طالب الهڏني فقير سولنگي جي صحبت ڪري 'الهڏنو' رکيائين.

## پيراني واپسي:

پريل فقير پينار 1941ع ۽ 1942ع ۾ سنڌ جي بگڙيل حالتن ۽ انگريزن جي قهري ڪارروائين سبب ڪپري کي ڇڏي وري وڃي پنهنجي شهر پيراني جا وڻ وسايا. 1944ع ۾ پينار جي رفيقِ حيات جهان ڇڏيو. انهيءَ وڇوڙي بہ سندس زندگي تي وڏو اثر ڇڏيو ۽ پاڻ وڏيڪ ملول ٿيو.

## پريل فقير جا طالب:

پريل فقير پينار پنهنجي دور جو هڪ پڙهيل ڳڙهيل شاعر ۽ موسيقار هو. شاعريءَ ۾ حضرت منٺار فقير جهڙو سنڌي ڪافي جو شهنشاهہ شاعر ۽ موسيقي ۾ سندس والد ڇيڙ فقير جهڙو هند ۽ سنڌ جو سُر ۽ سنگيت جو ماهر گويو استاد هو. اهڙين شخصيتن جو طالب ڪو گهٽ تہ ڪونہ هوندو. هُو هر طرح سان پُختو ۽ بُلند پايي جو شاعر ۽ فنڪار هو. ظاهر آهي تہ اهڙي شاعر ۽ ماهر کان ان وقت جي ماڻهن استادي ورتي هوندي، مگر ان سلسلي ۾ صرف ٻن طالبن جي معلومات ملي سگهي آهي. ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ سندس ٻيا بہ ڪيترائي شاگرد هوندا. هن موضوع تي اڃا وڏيڪ ڳولا جي ضرورت آهي.

1. **وريل عرف پراڳو فقير:**

وريل، پريل فقير جو ماٽيلو ڀاءُ هو. پاڻ پنهنجي وقت جو بهترين فنڪار هو. سندس والد ۽ ڀاءُ پريل پينار ڪانپوءِ بہ هو درگاهہ حضرت منٺار فقير سان وابستہ رهيو ۽ هر ڏهاڙي توڙي ساليانی ميلي تي آخري عمر تائين حاضر پريندو هو. وريل فقير سُٺو فنڪار هو. هُو سنڌ جي صوفي شاعرن جي ڪلامن کان سواءِ حضرت منٺار فقير، پريل فقير الهڏني فقير، ولي بخش فقير ۽ درگاهہ جي ٻين طالبن جو ڪلام ٻڌائيندو هو.

2. امير بخش فقير ڪلوئي:

ڪتاب ’سنگيت سنسار‘ جو مصنف لکي ٿو تہ ’امير بخش فقير ڪلوئي پريل پينار جو طالب هو‘. پاڻ 1918ع ڌاري جمڙائو واهہ جي دلور موري لڳ ڳوٺ الهيار ڪلوئي ۾ ڄائو. خانداني زميندار هو جڏهن فقيري رنگ لڳس تہ اميري ڇڏي فقيري اختيار ڪيائين. شاعري، راڳ ۽ موسيقي ۾ پينار جو طالب ٿيو. پاڻ ڪڙتال ۽ يڪتاري تي ڳائيندو هو. يڪتار اهڙو سُرتار سان وڄائيندو هو جو ان جو سوز وجود ۾ پيهي ويندو هو. هن مننار نقير ۽ پريل فقير کي ڏاڍو ڳايو. 1958ع ڌاري ريڊيو تي پهتو. پاڻ ڪافي ڳائڻ جي لحاظ کان منفرد انداز رکندو هو. يڪتاري سان گڏ ڪڙتال، گهڙو، ڍولڪ ۽ دنبورو کڻندو هو. سندس ڳچيءَ ۾ ڪنٺو، گيڙو پٽڪو، گيڙو رنگ جو پهراڻ پاتل هوندو هو. سدائين صوفياڻي سفر جو پانڌي هو. يڪتاري ۽ ڪڙتال تي ڪافيون ڳائڻ جو سندس جهڙو انداز سنڌ ۾ ڪن ٿورن فنڪارن کي نصيب ٿيو. پاڻ دم جي بيماريءَ ۾ سال 1986ع ۾ وفات ڪري ويو.

## پريل فقير پينار جي ٻاري:

پريل فقير پينار جي راڳ جي لاءِ پنهنجي ٻاري ٺهيل هئي، جنهن ۾ سندس ياءُ وريل، ياڻتيا، جمعين، منو ۽ سازيندا گڏ هوندا هئا. پريل جي دور جي حال حيات متل سميجي جو چوڻ آهي تہ ’پريل فقير يڪتاري چپڙي ۽ ڪڏهن ڪڏهن باجي تي ڳائيندو هو. شاعر ۽ موسيقار هئڻ ڪري راڳ جو ماهر هو.‘

پريل فقير حضرت مننار فقير، الهڏني فقير ۽ پنهنجو ڪلام چوندو هو. سنڌ ۾ جتي بہ بزرگن جا ميلا لڳندا هئا. اتي محفل موسيقي ۾ پنهنجي ٻاري سميت شريڪ ٿيندو هو. ڳائڻ وقت ماڻهن کي جهومائي ڇڏيندو هو. خوب داد حاصل ڪندو هو. درگاهہ مننار فقير جو

طالب هئڻ، دانائي، فقيري شعر و شاعري سبب وڏا وڏا امير سندس عزت ڪندا هئا.

## پريل پينار جو حُليو:

پريل فقير پينار کي اج کان 65 سال اڳي ڏسڻ وارن مان متل سميجي ۽ دادو ڀڳت ڀيل جو چوڻ آهي تہ: "اسين بلوغت جي عمر ۾ هئاسين. ان وقت پريل فقير کي ڏٺوسين، پاڻ پُور جواني ۾ هو. سندس جسم ڀرپور ۽ رنگ ڄمون هئس. اونهاري ۾ سنڌي ٽوپي ۽ سياري ۾ اوني ٽوپي پائيندو هو. ڪڏهن ڪڏهن پٽڪو مٿي تي ٻڌندو هو. اڪثر ڪري سفيد قميص، شلوار ۽ پيرن ۾ سنڌي سليپر پائيندو هو. راڳ رنگ ۽ صوفي شاعرن جي ميلن جي محفلن ۾ ويجهڻ وقت ڀڳتو ويس پائيندو هو.

## وفات ۽ آخري آرام گاهہ:

پريل فقير ڀرين گهر واريءَ جي وفات کان پوءِ گهڻو ملول رهڻ لڳو ۽ گهرو ڪم ڪار سبب ڪيس پريشاني ٿيڻ لڳي. مائٽن جي اسرار تي ٻي شاديءَ لاءِ مڱڻي ڪيائين. پاڻ شادي جي تيارين ۾ هو تہ آخري وقت قريب اچي ويو. پاڻ 1949ع ۾ 38 سالن جي.عمر ۾ ديهانت ڪيائين. ڪيس وصيت مطابق والد جي پرسان درگاهہ حضرت منتار فقير رحہ جي اڳڻ ۾ منتار سائين جي پيراندي ۾ دفن ڪيو ويو.

اڌر پکِي پرڏيهہ تون، وارو ويجهڻ جو آيو آ،
پيغام پريِن موڪليو هاڻي رهڻ اجايو آ.
(پريل فقير)

# (ب) پريل فقير جي شاعري

پريل فقير پينار پنهنجي دور جي هڪ اهڙي عظيم الهامي، صوفي شاعر حضرت منٺار فقير جو طالب هو جنهن جو فن فڪر ۽ نظريو حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سچل سرمست ۽ سامي جهڙن بين صوفي شاعرن کان گهٽ نہ آهي. سچل سرمست، صوفي خوش خير محمد، پير محمد اشرف ڪامارائي، مصري شاهه نصرپوري، پير حسن بخش شاهه ٻنڙائي ۽ حمل فقير لغاري جهڙن شاعرن سندس دور تائين سنڌي ڪافي کي گهڻو ڪجهہ اسلوب بيان، هيئت ۽ گهاڙيٽن جي حساب سان ترقي ڏياري چڪا هئا. اُنهن کان پوءِ حضرت منٺار فقير راڄڙ اُنهن جي فڪر جي آبياري ڪئي ۽ پريل فقير وري پنهنجي اُستاد جي وات ونندي اڳتي وڌيو.

**پريل فقير تي منٺار فقير جو اثر:**

اهو فطرت جو اصول آهي تہ مائٽ جو اثر اولاد تي ٿيندو آهي ۽ استاد جي صحبت جو اثر سندس طالب تي لازم ملزوم ٿيندو آهي.

پريل فقير جي استاد حضرت منٺار فقير بہ سنڌي ڪافيءَ ۾ واڌاري ۽ ترقي جي ميدان ۾ پنهنجو پاڻ ملهايو. حضرت منٺار فقير راڄڙ رحہ گهڻي کان گهڻيون سنڌي، سرائيڪي ۽ اردو ڪافيون نون نون گهاڙيٽن ۽ بحر طويل ۾ ڏهن کان پندرهن مصراعن تي مشتمل ناهيون. سو لازمي آهي تہ وقت جي اهڙي عظيم صوفي ۽ سنڌي ڪافي جي ڪاستان ڪاريگر کان پوءِ جا گهڻا ڪافي گو شاعر حضرات متاثر ٿيا هوندا، مگر سندس طالبن تي سندن فن ۽ فڪر جو وڏو اثر ٿيو

اٿس. خاص ڪري، پريل فقير پينار جي شعر و شاعري جي مطالعي مان خبر پوي ٿي تہ هن تي حضرت منٺار فقير جي صحبت فن ۽ فڪر جو اثر روز روشن وانگر عيان آهي. هن پنهنجي استاد کان متاثر ٿي اُهو ئي وحدت الوجود وارو گس اختيار ڪيو. غير مسلم هئڻ باوجود پنهنجي ڪلام ۾ اُهي اُهي قرآني آيتون، حديثون ۽ صوفي معقولا ڪم آندا آهن، جيڪي حضرت منٺار فقير پنهنجي ڪلام ۾ آندا آهن. پريل فقير پينار، فقير سائين جي فن ۽ فڪر جي پيروي ڪندي نظر اچي ٿو. پنهنجي استاد وانگي، حمديہ، نعتيہ، مداحيہ صدايہ ۽ مجازي ڪافيون ٺاهيون آهن، جن تي منٺار سائين جي فڪر جو رنگ رچيل نظر اچي ٿو. ان سلسلي ۾ هتي ڪجهہ مثال پيش ڪجن ٿا، جن مان خبر پوندي تہ پريل فقير تي پنهنجي استاد حضرت منٺار فقير رحہ جو گهڻو اثر هو:

**حضرت منٺار فقير رحہ:**

آهيان منجهہ غير جي دريا اُڪارج يا رسول الله.

گناهن ڪيس غرقاني، تون ڪر مشڪل آساني،
مونکي پنهنجي پاڪ پيشاني، ڏيکارج يا رسول الله.

هٿان منهنجي ڏوهہ هزارين ٿيل، چيم ڪلمون توتي ڪامل،
مون کي مجلس تو مرسل، وهارج يا رسول الله.

سڄ منهنجا سوال هي ڪارون، لهج سپ وقت ۾ سارون،
مون تان ملڪن جون پلڪارون، تون تارج يا رسول الله.

آهيان سوالي اوهان جي در جو منگت 'منٺار' سرور جو
پيالو حوض ڪوثر جو پيارج يا رسول الله.

(رسالو خدائي، ص 140)

پريل پينار:

مونکي ديدار شل پنهنجو ڏيکارين يا رسول الله،
سڪايل کي سڏي سهڻا، سنيارين يا رسول الله.

منٺار فقير:

منهنجا جوڳي ويا، جا مير اديون،
آءُ جا ويندي پرين جي پير اديون.

پريل فقير:

جوڳي ويا جا مير وو
هوت هليا هنگلاج ڏي،

منٺار فقير:

مون کي سنياسين سور ڏنا،
هي جي پوربين مونکي پور ڏنا.

پريل فقير:

ساميئڙن جا سور وو،
ماءُ منهنجي من ۾.

منٺار فقير:

پڳهه چوڙي پنڌ پيا، مون ويٺي وڻجارا،
اي ميان آئون روئندي وئي رهجي، کيڙ پيڙ ٿيا کارا.

پريل فقير:

پڳهه چوڙي ويا پرڏيهي ڏور رهيم،
اي ميان دونهان درد دکن سامهان سر ٿيم.

انهن مثالن جهڙا ٻيا به ڪئين مثال پينار جي ڪلام ۾ نظر اچن ٿا. پينار جي شعر و شاعري فن و فڪر ٻولي توڙي اسلوب بيان

منٺار فقير سائين وارا ساڳيا آهن. ان مان هڪ طالب تي پنهنجي استاد جي صحبت، خيال ۽ فن جو فڪري اثر موجود آهي.

## پينار تي ٻين شاعرن جو اثر:

اهو هڪ مڃيل دستور آهي تہ ماضي جو اثر حال تي پوڻ لامي آهي. پوءِ اهو چاهي ادب هجي يا زندگيءَ جو ڪو ٻيو پهلو هجي. هر هڪ شاعر ڪنهن نہ ڪنهن اڳوڻي شاعر کان متاثر ٿيندو آهي ۽ ضرور ٿيڻو آهي. اهڙي ريت پريل پينار پنهنجي استاد حضرت منٺار فقير رحہ کان سواءِ بہ گهڻو ڪجهہ ماضي جي استاد شاعرن کان متاثر ٿيل نظر اچي ٿو. سندس فن فڪر ۽ موضوعن ۾ گهڻو نہ تہ ٿورو اثر نظر اچن ٿا.

**سچل سرمست:**

مئن تان ڪوئي خيال هان وو،
هُڻ ليسان ونال خيال دي

**پريل فقير:**

خيال کهڙا تو خيال ڪري،
خيال ڪمائي خيال کي ڳولج.

**صوفي خير محمد:**

آهيون ساعت مسافر سانگيئڙا،
تون تہ آئين کهڙي هت ڪمي.

**پريل فقير:**

اي ادا انسان جو اسرار آخر دم گذر،
جوڙ جيڪي تو ڏسان جنسار آخر دم گذر.

**پير محمد اشرف ڪامارائي:**

مون کي موڪل ڏي، ميان عمر تہ آئون ويڙ وڃان.

**پريل فقير:**

مير ڏي موڪل مارن ملڻ جي واسطي.

**مخدوم محمد امين پڪن ڏٺي:**

بانگ الست ربي چئي عشق جن تي آيو
ميدان معرفت ۾ ڪونتل تنين ڪُڏايو.

**پريل فقير:**

عشق اصل اظهار، مندر محبت محلي محڪم.

**نواب ولي محمد:**

جوڙي قلب بيت ربي انسان ۾ سمايو
ڏسي ذات کي صفت ۾ ملڪن ٿي سر نمايو.

**پريل فقير:**

اوري ڏس اثبات اندر ۾ آدم سر الله اٿئي،
آدم سر الله اٿئي، شاهد ڪلام الله اٿئي.

مٿين پيتا مان ثابت ٿئي ٿو تہ پريل پينار جي خيال ۽ فڪر تي اڳئين صوفي شاعرن جو ڪافي ڪجهہ اثر موجود آهي. سندن خيال سان هم آهنگي ظاهر ٿئي ٿي.

## پريل پينار جا همعصر شاعر:

پريل پينار جو دور سنڌي ڪافي جي عروج جو آخري دور هو. هن دور ۾ اپر سنڌ ۾ علي محمد قادري، مير غلام محمد خان ٽالپور، مير عطا محمد عطا، شير خان لغاري، نواز علي شاهہ نواز، ورند فقير، محمد

تقي، فقيرهدايت علي نجفي، فقير جاڻڻ چن ۽ ٻيا. ذڪرڻ سنڌ ۾ سيد ابل شاه خاڪي، صاحب ڏنو شاهہ ڪريمي، مولوي احمد ملاح، نواب غلام حيدر لغاري وغيره هئا. انوقت ۾ ناري پٽ ۽ تعلقي ڪپري ۾ پريل فقير جا همعصر شاعر صوفي عبدالله فقير سومرو صوفي روشن علي سومرو صوفي ڏاتار بخش سومرو ايوب آريسر. ڪپري جي شاعرن ۾ حاجي ٻچل مري، عليم فقير درس، محمد صديق پلي، حاجي عبدالله مري، خليفو محمد امين پلي، قائم الدين، الهڏنو فقير ماڇي، فقير ولي بخش راڄڙ، فقير يار محمد مري، محمد صالح مري، صادق فقير ينيرو دادن فقير ٻيوس، سيد سمن شاهہ، فقير وحدت علي نقرچ ۽ ٻيا اڻ ڳڻيا شاعر حاضرات پريل پينار جا همعصر ٿي گذريا، جن جو مفصل ذڪر ڪجي تہ دفترن جا دفتر درڪار آهن.

ان دور ۾ اڄ وانگر ريڊيو ٽائيپ يا ٽي. وي جي سهوليت نہ هئي. انڪري عام ميلن جي محفلن يا ٻين ڳوٺاڻين ڪچهري ۾ شاعر سگهڙ خود يا ڳائڻا انهن جي ڪلام کي ڳائي وجائي پروان چاڙهيندا هئا. يا وري شاعر خود هڪٻئي وٽ هلي وڃي قرب ڪچهريون ڪري ڪافيون، بيت ٻڌائيندا يا ٻڌندا هئا. اهڙي ريت هڪ ٺي طرز جون يا ساڳئي خيال جون ڪافيون ڪلام زبان جي رِد ۾ اچي عام ٿي ويون.

پريل پينار جي دور ۾ صوفي شاعرن جي اهڙي ڏي وٺ جاري رهي. ان لاءِ اهو چوڻ مشڪل آهي تہ همعصر شاعرن ۾ پهرين ڪهڙي ڪلام چيو ۽ پوءِ ڪهڙي چيو. ان جي پرک ڪرڻ ڏاڍي ڏکي آهي. ظاهر آهي تہ ڪن همعصر شاعرن پريل پينار کان متاثر ٿي ڪلام چيا هوندا تہ ڪن کان وري پريل پينار متاثر چيو هوندو. انهن جو ڪلام سنڌيءَ يا اڻ سڌيءَ طرح هڪٻئي وٽ پهچندو هو. هو ان کي پسند ڪري ان پر ان هڪ ٻئي جي طرز طرح يا تتبع تي ڪلام چيا هوندا.

ڪن ڪافين ۾ خيال جي پرواز ملي ٿي تہ ڪن ۾ گهاڙيٽن جي خبر پوي ٿي:

**محمد فقير کتياڻ** (1876ـ1941ع)

درگاهہ حضرت منٺار فقير رحہ جي موجوده سجاده نشين فقير محمد بخش ضامن جو چوڻ آهي تہ مون پنهنجي وڏن کان ٻڌو تہ محمد فقير کتياڻ پينار جي هي ڪافي ٻڌي:

اوري ڏس اثبات اندر ۾، آدم سِر الله آٿئي،
آدم سر الله ٿئي، شاهد ڪلامُ الله آٿئي.

فَذِڪُرُوُنِي اَذڪُرُڪُمُ، قادر ڪرمُ الله آٿئي،
وَنَحَنُ اَقِرَبُ ويڙهہ وسندڙ واحد وجهہ الله آٿئي.

اَنا اَحمد بِلا ميمي، راز رسول الله آٿئي،
لَحَمَڪَ لَحَمِي جِسِمَڪَ جِسِمي، عاشق اَحمدالله آٿئي.

بَشرِي بازي يار بنائي، بيک بقا بِاِلله آٿئي،
اَنااَلحَقُ اظهار آلائڻ، سُهڻي صاف صلاح آٿئي.

پڙهج "پريل" ٿي پيچ پَسڻ جي، فرض فَنا فِلاءَ ٿئي،
آڙهہ عشق برهہ جي پَڙِڪي، جوش جَلالُ اُلله ٿئي.

اها ڪافي ٻڌڻ کانپوءِ محمد فقير کتياڻ ساڳئي ڳائڻي کان يارهن ڀيرا ساڳي ڪافي ڳارائي، محمد فقير کتياڻ مٿئين ڪافي کان متاثر ٿي هي ڪافي ٺاهي:

بيسر والي بازي بنيا، بيک بقا باالله دا الله دا.
قادرُ ڪار قلب دي، ڪيتا قرب ڪلام الله دا الله ادا.
اسم جسم جلوي جنگي، جوش جلال الله دا الله دا.
انا احمد بلا ميمي راز رسول الله دا الله دا.
هردي اندر هوڪا هليا، هردم حزب الله دا الله دا.
حال حقاني حڪم هلايا، فسم وجہ الله دا الله دا.
’محمد‘ پيچ پسڻ دي پڙهيا، فرض فنا في الله دا الله دا.

**فقير ولي بخش راڄڙ(1913ـ1983ع)**

فقير ولي بخش راڄڙ درگاهہ حضرت منٺار فقير ڪاٽي راڄڙ جو ٻيو سجاده نشين هو. پاڻ صرف ٻہ سال پريل پينار کان عمر ۾ ننڍو هو. سندس شاعري جو رسالو ”پرين تنهنجي پياس ۾“ درگاهہ جي موجوده سجاده نشين فقير محمد بخش ضامن ترتيب ڏيئي، سال 1999ع ۾ ڇپايو. مخدوم محمد امين فهيم رسالي جي پيش لفظ ۾ لکي ٿو تہ ”فقير ولي بخش مرحوم جو گهڻو ڪلام پاڻ سندس حياتي ۾ ضايع ڪري ڇڏيائين ۽ پوءِ ڪيترو وقت شاعري ڇڏي ڏنائين. وري زندگيءَ جي پوين ڏهاڙن ۾ شعر چوڻ شروع ڪيائين، جيڪي هن مجموعي ۾ شامل آهي.“

مخدوم صاحب جي مٿئين راءِ مان ثابت ٿئي ٿو تہ فقير ولي بخش جيڪا پوءِ شاعري ڪئي، اُن تي پريل پينار جي شاعري جو گهڻو اثر نظر اچي ٿو.

**پريل پينار:**

اڪيون اوهان جون، اي عجيب ڪر ڪُهڻ ڪار مون،
سي ڪري قاب قرب سان ڪن بند بيمار مون.

**فقير ولي بخش:**

اجهي اڱڻ آيون امالڪ آيون، ڪنهن نہ واريون
آڙنگ ڪري آڪرو.

**پريل پينار:**

اڄ اڱڻ آيو منهنجي محب ڪري مون تي مهر.

**فقير ولي بخش:**

ولي بخش وصال جا واءُ وريا، اڄي محب مليا جي دل گهريا.

**پريل پينار:**

مير ڏي موڪل، مون کي مارن ملڻ واسطي،
ڏيل ڏاڍو آ ڏکيو، ڏوٿين ڏسڻ واسطي.

**فقير ولي بخش:**

وطن وڃڻ جي مونکي موڪل ڏيج ميان،
مينهن مند آئي بِس پلر آءُ پيان.

**صوفي محمد صادق فقير پنيرو (1918ـ2005ع)**

صوفي صادق فقير بہ پريل پينار جي همعصرن ۾ اچي ٿو. پريل ۽ صوفي صادق جي جنم ۾ صرف ستن سالن جو فرق آهي. صوفي صادق جو ڳوٺ پنياٽي ۽ ڪاٽي راڄڙ گڏيا پيا آهن. وچ ۾ فقط چند ميلن جو فاصلو آهي. صوفي صادق فقير ماضي قريب جو عظيم عوامي ڪلاسيڪل شاعر ۽ موسيقار ٿي گذريو آهي.

سندس رسالو اڃا اڻڇپيل صورت ۾ پونيئرن وٽ موجود آهي. جڏهن پير صاحب پاڳارو شاهہ مردان شاهہ رحہ 1954ع ۾ پارڪر جي سفر تي چڙهيو. ان دوران صادق فقير سفر ۾ گڏ هو. پريل پينار جي مشهور ڪافي ”چاريون ويچاريون، سرور سينگاريون“ جو هي بند ڪٺي سفر متعلق ڪافي ناهي، جيڪا اڄ بہ عام جام ڳائي وڃي ٿي:

پريل جي ڪافي جو بند:

”روهيڙن گلن سان، پريون لال تاريون“

صوفي صادق فقير:

روهيڙن گلن سان، پريو لال تاريون،
اچن آري جون لنگهيو لڪ لاريون.

## پريل پينار جو ٻين شاعرن تي اثر:

پريل پينار جو 1949ع ۾ وصال ٿيو. سندس همعصر شاعر هن خطي ۾ گهڻا هئا. مگر هن وقت تعلقي جي سرزمين صوفي جي سرزمين آهي. ٿورو اڳ ماضي يا هينئر حال ۾ ڪپري جا ڪافي جا بهترين شاعر موجود آهن، جن ۾ فقير ولي محمد ولي هنگورو، فقير محمد بخش ضامن، صحبت فقير شر، الهداد عاجز مري ۽ ٻيا، جيڪي هن وقت سنڌي ڪافي جي شاعريءَ ۾ گهڻا اڳيرا آهن:

پريل پينار:

اکيون اوهانجون، اي عجيب ڪر ڪهڙ جي ڪار مون،
سي ڪري قابو قرب سان، ڪن بند بيمار مون.

ولي محمد هنگورو:

اڄهل عجيبن جون اکيون، موهيو وڃن مستانيون،
واٽ ويندي ور وجهن، نيزا هڻن نشانيون.

پريل پينار:

اڄ اڱڻ آيو منهنجي، محب ڪري مون تي مهر.

ولي محمد هنگورو:

اڄ اڱڻ آيو هلي، سو ڪرم سردار ڪيا،
جي هئا مشڪل مڙئي سي لهي لاچار ويا.

**پريل پينار:**

اچي محبوب مل مون سان، سدائين ٿو توکي ساريان،
ڪريان نت ياد ٿو توکي، وسئون وسرين نہ وساريان.

**محمد بخش ضامن:**

موٽج منا هيڪر وري هيڏيون نٿيون دوريون ٿهن،
هيڏيون نٿيون دُوريون ٿهن، ور واڳ ڪا وار وطن تي.

**پريل پينار:**

مارن سان شل ميلو ٿيندو، ورھ وڇوڙو تڏھن ويندو،
شل سرچي سانگين سان، پنهنجي وچي ويڙ وسان.

**محمد بخش ضامن:**

جيڪر مارن ساڻ ملان، تہ وسري وڃن هي ڏينهن ڏکن جا.

**پريل پينار:**

اوري ڏس اثبات اندر ۾ آدم سر الله ٿئي،
آدم سر الله ٿئي، شاهد ڪلام الله ٿئي.

**فقير بخت علي:**

آيو آ عشق اثباتي. اسم انسان الاالله،
ڪمالي قرب ۾ قائم، عشق قرآن الاالله.

مٿئين جائزي مان ڪل پوي ٿي تہ پريل پينار کان بعد ۾ جيڪي شاعر ٿي گذريا آهن، انهن جي شعر و شاعري تي ڪٿي قافيہ، ڪٿي رديف تہ ڪٿي خيال جي پروازي ۾ پينار جو اثر موجود آهي.

## پريل پينار جي شاعريءَ تي، صوفيت جو اثر:

صوفي لا ڪوفي هوندا آهن، انهن جي مذهب يا عقيدي جو اندازو ڪرڻ مشڪل هوندو آهي. مگر سندن فن ۽ فڪر جي مطالعي




پريل فقير پينار ۽ سندس پاءُ وريل عرف پراڳو فقير




نامور شاعر پريل فقير پينار

فقيري لباس ۾




حضرت مخدوم غلام محمد گل سائين جن کان فقير ولي بخش سائين کي ملبل راند جيڪا پريل فقير نقش ڪئي، جنهن ۾ انسان جي زندگيءَ جا لاها چاڙها ڏنل آهن.



حضرت منتار فقیر راجڑ رحہ

۽ چيڙ فقير (پريل فقير جو والد)





درگاھ جو موجوده گادي نشين

فقير محمد بخش 'ضامن'




درگاهہ حضرت منٺار فقير راڄڙ رحہ




پريل فقير جو درگاھ منٺار سائين جو ناھيل نقشو

1940_50ع واري ڏھاڪي ۾





پريل فقير پينار جي ترتيب ڏنل "عشق نامي" جي پاڳي پهرئين جو ناهيل سر ورق جو صفحو




پريل فقير پينار جي ترتيب ڏنل "عشق نامي" جي پاڳي ٻئي
جو ناهيل سر ورق جو صفحو




پريل فقير پينار جو پنهنجي رسالي "احوالِ عشق" جو
تاهيل سر ورق



٥٨

ميم هي ٿون ڏئي ڏيوا - نهاريان روز نظارن ۾

(٢٠١) ڪلام ڪليات شامل

سنڌائين

ٿلهه پيٽائي گهوٽ اڃوٿي اوٽ - سڀني سيئير سنڌائين لٿو

آهيان سوالي نه ڇنه خالي - وندون ورچون ورهائين لٿو

٢ ته جان ڪو فيض فقيري جو - وڃي دليل دلگيري جو

اٿن لوڻ اميري جو - سوين پينو پهرائين لٿو

٣ تون آهين والي ولايت جو - تون آهين حادي حمايت جو

سڀني آهين سخاوت جو - جيڪي جان عشق جڏائين لٿو

٤ تنهنجو آ شان شاهانو - نسنگ نت نور نورانو

قدم پر پاڪ پيمانو - پين تنکي پلائين لٿو

٥ پريل پينار آ تنهنجو - ٻئي ڪنهن بردار آ تنهنجو

منگت ملڪار آ تنهنجو - حقي حب ۾ هلائين لٿو

= ر (٢٠٢) ڪلام ڪليات شامل

پريل فقير پينار جا هٿ اکر

ڪرڻ کان پوءِ پروڙ پئجي سگهي ٿي ۽ ڪا راءِ ڏئي سگهجي ٿي ته سندن اُنسيت ڪهڙي طرف آهي.

حضرت امام غزالي رحه فرمائي ٿو ته: ”آئون ڪائنات جي هر مڪتبِ فڪر جي ماڻهن سان مليس، جتي علم هو ته عمل ڪو نه هو جتي عمل هو ته علم ڪونه هو. جڏهن صوفين جي مڪتبِ فڪر ۾ ويس ته اتي علم سان گڏ عمل ۽ عمل سان گڏ علم به ڏٺم.“ جتي علم ۽ عمل ٻئي شيون موجود آهن. اتي ڪاميابيون ئي ڪاميابيون آهن. صوفين جو فلسفو وحدت الوجود جو فلسفو آهي. صوفي خدا جي هر تخليق ۾ انجي موجودگي کي تسليم ڪن ٿا. صوفي نفرت، حقارت، هٺ ڌرمي، هٺ وڏائي ۽ ڏيکاءُ جي هر دوئي کان دور هوندا آهن. سندن جهان محبت جو جهان آهي. ٻيائي کي ٻن وجهن ٿا. جيئن حضرت روحل سائين فرمائي ٿو:

ڪفر ۽ اسلام ۾ ٿا، پرين اُبتا پير،
هڪ هندو ٻيا مسلمان، ٽيون وڏو وڏائون وير،
انڌن اوندهه نه لهي، تن کي سچ چوندو ڪير،
پر ’روحل‘ راهه پرين جي، جان گهڙي ڏنوسين گهير،
ته رب مڙئي هيڪڙو جنهن ۾ ڦند نه ڦير،
سا ڪاڏي ڪندي پير، جا ستي ڪعبة الله ۾.

مخدوم طالب المولىٰ پنهنجي ڪتاب يادِ رفتگان ۾ لکي ٿو ته: ”مخدوم غلام محمد ”مغموم“ جي صحبت جو مرحوم پينار تي ايترو اثر پيو جو هو مسلماني جي حد کي پهتو.“ پريل فقير پينار جي شاعري ۽ فڪر جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته پينار وحدت الوجود جي نظرئي ۽ صوفي مت جو قائل هو. پريل پينار جي شعر و شاعري پڙهندي اهو محسوس ٿئي ٿو ته جيڪڏهن سندس ذات پيل نه هجي ته ڪوبه نه چوندو ته هي ڪلام ڪنهن غير مسلم شاعر جو چيل آهي.

هي پنهنجي دور جي اعليٰ شاعر حضرت منٺار فقير راڄڙ جي صحبت ۾ رهيو. ان ڪري ان جي صحبت جو وڏو اثر سندس فڪر ۽ ٻول تي ظاهر ظهور نظر اچي ٿو.

## پريل فقير جي سنڌي ڪافين ۾ نوان گهاڙيٽا:

پريل پينار جي دور کان اڳ ۾ سنڌي ڪافي جا ڪيترائي گهاڙيٽا وجود ۾ اچي چڪا هئا، مگر پوءِ به فن جو انت نہ آهي. پينار به پنهنجي ڪافين ۾ گهڻي ڪجهہ نواڻ آڻي ڪافي جي فن کي جلاءُ بخشي آهي. ڪي گهڻ قافيہ ڪافيون ناهيون. مثال طور هتي ڪجهہ ڪافيون پيش ڪجن ٿيون:

مثال ـ 1: ڪافي

ٿلهہ: ڪاجا لاتڙي لڌ وو لڌ ميان لڌ ڙي چتونئڙا.

نيج نياپو وو نام ڏٺيءَ جي، وڃي پيرين پرين پڌ وو پڌ
ميان پڌ ڙي چتونئڙا.

منڙيون منيون منيون وو ٻوليون ٻولي، ڪاهي قربئون ڪڌ وو ڪڌ
ميان ڪڌ ڙي چتونئڙا.

سوال سڪايل جو عرض اهو ئي، ڇهنبئون ڇوري وڃي ڇڌ وو ڇڌ
ميان ڇڌ ڙي چتونئڙا.

ڪج قريبن کي آزيون عرض لکين ٻيا، سوال سو بن سڌ سَڌ
ميان سڌ ڙي چتونئڙا.

’پريل‘ پارئون وو اڳيان عجيبن جي، نياز منجهارئون نڌ وو نڌ
ميان نڌ ڙي چتونئڙا.

مثال_2:

كافي

اِلستيِ آرَ كان اقرار، قالُو كار كرڻ جي،
منجهہ مئي خان تي مستان، رندي راز رکڻ جي.

ٿرِنَم تار ۾ سُر سارَ تي نروار نچڻ جي،
ڏُرِپَت ڏيان ۾ گُنُ گيان، سُخُنُ ساز سَلڻ جي.

بيشڪ بهار ٿُرت تيار، تي هوشيار هُلڻ جي،
منجهہ ميدان تي مَرِدان، برهہ باز بچڻ جي.

تي سَچيار ۾ سُرِقيار، آڏي آر اچڻ جي،
تي قربان ۾ عريان، اُن آواز الڻ جي،

دم ديدار سان درڪار، "پريل" پسار پَسَڻَ جي،
پي پيمان تي سُلطان، منجهہ پرواز پچڻ جي.

مٿين ڪافي جي هرهڪ مصرع ۾ اٺ_ اٺ قافيا ڪم آيل آهن، جنهن مان شاعري جي ڪاريگري، فن فڪر جي سڀ خبر پئي سگهي ٿي تہ پينار ٻولي ۾ شاعري جو محتاج نہ هو مگر شاعريءَ سندس محتاج هئي، ڇو تہ پريل وٽ لفظن ۾ قافين جي ڪمي ڪانہ هئي.

مثال_3:

كافي

ٽلهہ: فَنا دَرِ فَنا دَرِ فَنا دَرِ فَنا

ڪٿي آهي آدَمُ ۾ بِيبِي حَوا، رُڳو ڪنَهِن رَنجائِڙُ بہ ناهي رَوا،
پُڇي ڏِسُ زُليخان ۾ شِيرِين ڳنا.

چڏي نام نيڪيِ هَلي هيِرَ تي، سَسُئيءَ کي بہ هُئي سِڪ سَچيِ سِيرَ تي،
لَيِلان لاءِ لاشڪ ٿيو مجنون مَنا.

ساهڙَ ڪاڻِ سُهڻِي تي گهڙي گهيڙَ ۾، لُڙهي تِي لَهنِوارِي نَہ دمُ ديرِ ۾،
رهي نامَ رَبّ جِي صافِي ثَنا.

تيئن مون کي عشق تنهنجي موهي مَستُ ڪيو، تنهن ڪارِ ڪَمُ ڪوئي مون کان سڀ ويو،
جو پڙهايئہ ”پريں“ ڇئي پرت جا پَنا.

مثال-4: ڪافي

ٿلهہ: عجيبن جي اسان کي آ، سدا سڪ ساهہ من تن ۾،
ڪريان ڇِند جان مان قربان، قريبن جي تہ قدمن ۾.

سدائي ميم حي بي تي•، منگان محبوب پنهنجي کان،
هجي نت پيشُ چي کي ءِ، ميم يي زيرِ چپڙن ۾.*

لبن جي لالڙي لاشڪ، مون کي مجنونُ ڪيو موهي،
ڇپن ڇُرڪي مِنو مُرڪي، ڪئي گفتار گفتن ۾.

نُونَ ءِ ڪافَ جي ڇيڙي، بهاري بوندَ جي بَرِسيَل،
ڏنم ڳي لام♦ ڳاڙها جيئن، هجن بخمل بجا جن ۾.

’پريل‘ ڪنهن پرت مان پياسي، ٿيو ’پينار‘ پرين جو
ميم هي نونُ ءِ ڙي وا◉، نهاريان روز نظارن ۾.

• ميم حي بي تي: محبت
* پيشُ چي کي ءِ ميم يي زير: چُمي.
♦ ڳي لام: ڳل.
◉ ميم هي نون ءِ ڙي وا: مهنڙو= منهنڙو.

## پريل پينار جي شاعري ۾ قرآني آيتن جو استعمال:

ماضي ۾ بہ سنڌي شاعرن ۾ حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ، حضرت سچل سرمست، مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي، روحل فقير، مراد فقير، حمل فقير لغاري، صوفي خير محمد هيسباڻي، مخدوم محمد امين پکن ڏٽي، سيد مصري شاهہ نصرپوري، پير محمد اشرف ڪامارائي، سائين حسن بخش جيلاني ڏنڙائي، حضرت منٺار فقير راڄڙ رحہ ۽ ٻين اڻ ڳڻين شاعرن پنهنجي شاعري ۾ موقعي جي مناسبت سان قرآني آيتون، حديثون ۽ عربي ۾ صوفين جا مقولا استعمال ڪيا آهن. مگر پريل پينار غير مسلم هئڻ جي باوجود صوفين جي سنگت صحبت ۾ اٿڻ ويهڻ ڪري، پنهنجي شاعري ۽ ڪلام ۾ قرآني آيتون، حديثون، صوفين جا مقولا جيئن جو تيئن عام جام ڪم آندا آهن، جنهن مان خبر پوي ٿي تہ هي فقير اهل علم هو ڪجهہ مثال پيش ڪجن ٿا:

فاذ ڪروني اذڪر ڪم، قادر ڪرم الله ٿئي،
وَنحن اقرب ويڙ وسندڙ واحد وجہ الله ٿئي.

—

انا احمد بلا ميمي، راز رسول الله ٿئي،
لحمڪ لحمي جسمڪ جسمي عاشق اسدالله ٿئي.

—

انگ ازل ڪان لڪيل الاهي،
ڪُل نفس ذائقة الموت باب بلاهي.

## پريل پينار جي ٻولي:

هر ماڻهوءَ پنهنجي مقامي ٻولين ۾ ٿوري گهڻي ڄاڻ لازمي رکندو آهي. مگر شاعر وڌيڪ قوي دماغ هوندو آهي. هو ٻين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ اڳرو هوندو آهي. جڏهن بہ سندس ذهن ۾ ڪنهن ڳالهہ جو

اياز ٿيندو آهي تہ هو ان کي پنهنجي ڄاڻيندڙ ٻولي ۾ جوڙي وٺندو آهي. پريل پينار جي رسالي جي مطالعي مان پرک پوي ٿي تہ هن کي نہ صرف سنڌي، پر سرائيڪي، اردو ۽ هندي ۾ چڱي ڄاڻ هئي. انهن ٻولين ۾ هن پنهنجي شعر کي خوبصورت انداز ۽ نزاڪت ۾ بيان ڪيو آهي:

**سرائيڪي:**

ٹلهہ: ڍولڻا مفت مُان نونُ نَہ مارِ ڪر ڪي ڪَتُل دِي ڪارِ.

گهوٹ گهٹيري گهوُران گهائي، اکيان دي ڪر آر.

تاب شتاب عقاب اِلاهِي، نَينَ نسنگ نروار.

ڊِيد دلاوَر درس ڏُورانِي، چِشمان دا چمڪار.

ڪاڻ ديدار تُسا ڏي دلبر، "پريل" سدا 'پينار'.

**اردو:**

کافی

علی کے شان کا ثنٰی، کسی کا شان نہیں،
خدا کے نام پہ ایسا، کوئی قربان نہیں۔
پیدا کعبے میں ہویا، اور شہید مسجد میں،
دیکھو یہ کس کو ہے، ایسا ملا مکان نہیں۔
خیبر کا قلعہ توڑ، گرایا جس نے،
ہویا کوئی دوسرا، ایسا ہی پہلوان نہیں۔
جنگل پہاڑ بھی، نادِعلی علی کرتے،
علی کے نام سے خالی، زمین آسمان نہیں۔
پریل' وہ پاک خدا بھی، ثنائی کرتا ہے،
بغیر اور ثنائی سوا، نشان نہیں۔

## هندي شاعريءَ جو اثر:

پريل فقير جو دور اڄ کان 65 سال اڳ جو دور هو. ان وقت هند ۽ سنڌ جا لاڳاپا قائم هئا. هندي ٻولي عام جام ڳالهائي ۽ سمجهي ويندي هئي. هندي ٻولي جا ڪيترائي شاعر سنڌ ۾ موجود هئا. سنڌي صوفي شاعرن جا انهن سان سٺا تعلقات هئا. سنڌ جي صوفي شاعرن سنڌي، سرائيڪي ۽ اردو سان گڏوگڏ هنديءَ شعر و شاعريءَ کان متاثر ٿي هندي شاعري ۾ سلوڪ، پڇن ۽ ٻاٽيون چيون. جن مان سچل سرمست، روحل فقير، مراد فقير، درياءَ خان فقير، نانڪ يوسف، بيدل سائين، حضرت منٺار فقير راڄڙ ۽ ٻين شاعرن هندي ٻولي ۾ سلوڪ، پڇن ۽ ٻاٽيون وغيره چيون. پريل پينار به هندي ٻولي ۾ شاعري ڪئي. هندي ۾ سلوڪ ۽ پڇن چيا، جن ۾ هندي شاعريءَ جو ڪافي رنگ رچيل نظر اچي ٿو. هتي مثال طور هڪ پڇن ۽ هندي ڪلام جو نمونو پيش ڪجي ٿو:

**پڇن:**

ڪافی

جیوا ڑے بھول متی جگ جوٹھو، جیسوں میرو من ٹوٹھو۔

جیوڑا کال جنجال کرودھ کر، بالی ناکھیں نی بوٹھو۔

جیوڑا جن کے ردی نہیں نام ہے، رام جاوی اُن سون روٹھو۔

جیوڑا ست سنگت مانہیں، ساڑہی، سنتن کو سنگ سوٹھو۔

جیوڑا 'پریل' پورا گرو ملیا، باڈل برم کو بوٹھو۔

**هندي:**

بھولا کیا جانی جُگ مانہیں، جن کو سار سرت کی ناھیں۔

ست سنگت ماں پاس ستن کے، رام بسی جِتھِ جاہیں۔

گنگا جمنا سر نارائن، تن من تیرتھ تاہیں۔

مورکھ مایا لالچ لپٹی، نام لیا کانہیں کانہیں۔

'پریل' پریم پیا جس پورا، الکھ آپ اُواہیں۔

## پريل پينار جي شاعر جا موضوع:

اهو دستورِ عمل رهيو آهي ته نظم توڙي نثر ۾ جيستائين شاعر يا اديب جي ذهن ۾ موضوع نتو اچي ۽ ان موضوع جو خاڪو نتو جُڙي راس ٿئي، ايستائين ڳالهه مڪمل نٿي ٿي سگهي. جيڪڏهن موضوع جو خاڪو اڳتي پوئتي آهي ته شعر توڙي ڪهاڻيءَ جو مقصد ئي ڦريو وڃي. اهو موضوع بامقصد جي بجاءِ بي مقصد ٿي وڃي ٿو.

پريل پينار پنهنجي شاعريءَ ۾ جيڪي به حمديه، نعتيه، منقبت، مداحيه، صدائيه، عشقيه ۽ مزاحيه وغيره موضوع ڪم آندا آهن، تن مان هرهڪ پنهنجي جاءِ تي بينظير مڪمل ۽ اهم ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ساڳي وقت سندس ڪلام جي هر صنف نهايت معياري آهي، جنهن جي پڙهڻ سان ازخود موسيقي جو احساس جاڳي ٿو. چند مثال ڏجن ٿا:

1: حمديه:

ڏسو انصاف آگي جا، اسان کي جنهن اُپايو آ.
بنا ڪنهن تنبي رِيءَ ٿوٺي، سڄو اُڀَ جنهن اڏايو آ.

ڳتيون، سِج، چنڊ ۽ تارا، ملائڪ ديوَ جنَ سارا،
عجائب الت اشارا، ڪري جنهن ڪم ڪمايو آ.

هوا پاڻي جبل جهنگ جهر، بنايئين باهہ کي برسر،
وڻن گاهن توڙي تر بر، سيني ۾ سو سمايو آ.

مِرون، مانگر، پکي، پَريون، ڏِسون سڀ ساهہ سان پريون،
سدا سارهہ سندس ڪريون، اهو جنهن بَن بنايو آ.

اصل اعليٰ ٽيو انور، ٿاهيا ماڻهو جنهن منور،
"پريل" چئي پاڪ تنهن پرور، پسارو هي پسايو آ.

2. نعتيہ:

توهين اسان جو آهين، سردار محمدؐ
مشڪل ۾ مون سان ٿي تون، مددگار محمدؐ

سَڀِنِ ۾ تون آن ختم المرسلين، مڃني پڙهيو ڪلمون توتي يڪدل سچي يقين،
محشر ۾ شفادار تون، منهندار محمدؐ

قرآن تنهنجي شان ۾ نازل ٿيو يلين، محبوب ٿي معراج تو مرسل ڪيو يلين،
لولاڪ جو مالڪ تونهين، مختيار محمدؐ

آهي 'پريل' پياسي 'پينار' عشق جو سائل تنهنجو ثناگر سڪدار عشق جو
هر جاءِ تنهنجو نور آ، نروار محمدؐ

3. صدايہ:

پِٽائِي گهوٽَ اَجهو ٿِي اوٽَ، سخي سيد سڏائين ٿو
آهيان سوالي نہ ڇڏ خالي، ونڊون وِرچُون ورهائين ٿو.

ڏِجان ڪو فيض فقيريءَ جو وڃي دليل دلگيريءَ جو
اثر تو ۾ اميريءَ جو سوين پينو پهرائين ٿو.

تون آهين والي ولايت جو تون آهين هادي هدايت جو
سخي آهين سخاوت جو ڇيهن مان ڪئين ڇڏائين ٿو.

تنهنجو آ شان شاهانو نسنگ نت نور نورانو
قَدَح پُر پاڪ پيمانو پِيَڻ تن کي پلائين ٿو.

’پريل پينار‘ آ تنهنجو بِنهين بردار آ تنهنجو
منگت مڱڻهار آ تنهنجو حقي حُب ۾ هلائين ٿو.

4. مزاحيه:

ٿلهه: پيٽ ۾ گهوڙا گهڙا، چو ڪاڏئي ’پريل‘ پڪوڙا.

بيشڪ بدن ۾ ٿي پئي بادي، چِنگهَڻ ٽِنگهڻ جي ٿي پئي تعدي،
آندن منجهه مروڙا، چو ڪاڏئي ’پريل‘ پڪوڙا.

ساهه گهٽڻ سان ڪين گهٽائين، مُنهن ڳاڙهو اکڙيون ٽمڪائين،
ڪِرن ڳلن تان ڳوڙها، چو ڪاڏئي ’پريل‘ پڪوڙا.

هلين چيلهه تي هٿ ٻئي ڏيئي، پوءِ پروڙ اها تو پيئي،
جڏهن پير رکين پيو سوڙا، چو ڪاڏئي ’پريل‘ پڪوڙا.

پيچ ’پريل‘ توکي آهن پيڙا، ساٺا سَنڌَ تڏهن ٿئي ٽيڙا،
اهي ڇهر منجهان ٿيا ڇوڙا، چو ڪاڏئي ’پريل‘ پڪوڙا.

پريل پينار جي شاعري ۾ اهڙا ڪافي موضوع ملن ٿا، جن جو خلاصو سمجهائڻ لاءِ دفتر جي ضرورت آهي. سندس بيتن توڙي ڪافين ۾ جيڪي ٻوليءَ جون خوبيون، فن ۽ فڪر جون خاصيتون ڏسجن ٿيون، انهن مان سندس ڪلام جي انفراديت نظر اچي ٿي. هن غير مسلم هئڻ جي باوجود ايڏو ته شاندار پڪو پختو ۽ دلپذير شعر چيو آهي، جو ايندڙ صديون به ڪيس ياد رکنديون.

## استاد حڪيم امام بخش منگريو

# سنڌي ڪافيون

راڳڻي: ڪلياڻ تار: تين تار

## ڪافي

ٿلهہ: اول الله جلشان چوان، باري بيپرواهہ بلاشڪ

ڪُن فَيَڪُون سان ڪيئي ڪم ڪيائين، آلَسِت بِربّڪُم پاڻ چيائين،
جوڙيندڙ تہ جهان چوان، بيرنگي بلاهہ بلاشڪ.

سج، چنڊ، نکٽ، قطب ۽ تارا، دنيا، بهشت، ملائڪ سارا،
حورون پريون غِلمان چوان، سندس ٺهيل هيءُ ٺاهہ بلاشڪ.

ارڙهن هزار قسم ڪُل ٺاهي، ٺاهيو تن کي ڪيئَن پيو ڍاهي،
رازق، ربّ، رحمان چوان، اهڙو آهہ الله بلاشڪ.

هڪ لک چوويهہ هزار نبين، توريت، زبور، انجيل مٿي تن،
نازل ٿيو قرآن چوان، راز رسول الله بلاشڪ.

پنج تن پاڪ پيارا پارس، ٻارهن امام بہ والي وارث،
چوڏهن چڱا چئوگان چوان، چڱو تني سان چاهہ بلاشڪ.

پير فقير امير اُهيئي، شيخ مشائخ غوث ٻيئي،
شاهہ، گدا، سُلطان چوان، 'پريل' پسارو واهہ بلاشڪ.

⊙

راڳڻي: ڪلياڻ تار: تين تار

## ڪافي

ٿلهہ: ڏسو انصاف آڳي جا، اسان ڪي جنهن اُپايو آ،
بنا ڪنهن ٿنڀ رِيءَ ٿوڻي، سڄو اُڀ جنهن اڏايو آ.

گَتيون، سِج، چنڊ ۽ تارا، ملائڪ ديوَ جنَ سارا،
عجائب الت اشارا، ڪري جنهن ڪم ڪمايو آ.

هوا پاڻي جبل جهنگ جهر، بنايئين باهہ ڪي برسر،
وڻن گاهن توڙي ٽر بر، سڀني ۾ سو سمايو آ.

مِرون، مانگر، پکي، پَريون، ڏِسون سڀ ساهہ سان پريون،
سدا سارهہ سندس ڪريون، اهو جنهن بَن بنايو آ.

اصل اعليٰ ٿيو انور، ٿاهيا ماڻهو جنهن منّور،
”پريل“ چئي پاڪ تنهن پرور، پسارو هي پسايو آ.

◉

راڳڻي: ڪلياڻ تار: تين تار

## ڪافي

ٿلهہ: خيال ڪهڙا ٿو خيال ڪري، خيال ڪمائي خيال ڪي ڳولج.

ناتي نينهن نظاري نيڻن، نيهي نيڪ نهال ڪري،

ماڳ متائي ماڳ مُدامي، مئي جي مست مقال ڪري،

قُم باذني قرب ڪمائي، قائم ڪام ڪمال ڪري،

صورت سانگ اکين سان اٽڪي، جذبو جوش جلال ڪري،

”پريل“ پيچ پسڻ جي پڌرو، ڏو ڏُو ڏيان ڏمال ڪري.

⦿

راڳڻي: ڪلياڻ          تار: ٽين تار

### ڪافي

ٿلهہ: ٻلي آئين ٻلي آئين، ٻليرا ڀاڳ ڀايان مان.

ڏکن ۾ مون گذاريا ڏينهن، تو ڪئي جانب جدائي جيئن،
طلب ٿم تات تنيم تيئن، سڪايل سڪايل آءٌ اصل آهيان.

سِڪان ۽ روز ساريان، وَسئون وسرين نہ وساريان،
هنجهون هت روز ٿو هاريان، نيئي نت نِير ٿو نايان.

هوس مان هت سدا حيران، مٺا اڄ تون ٿئين مهربان،
سدا هاٺي پڙهان شُڪران، وَندون ٿو هاڻ ورهايان.

ڪريان ٿو عرض عابد مان، نمي نت نياز نوڙت سان،
تہ پرين پاسي نہ ٿي مون کان، ’پريل‘ چئي پاند مان پايان.

⦿

راڳڻي: ڪلياڻ تار: تين تار

## ڪافي

ٿلهه: خدا جي واسطي سهڻا، مٺا محبوب مون سان مِل،
نظر ڪرڪو نماڻن ڏي، خوشيءَ جي خيال سان ٿي ڪل.

اڇج اوري عجيبا تون، هلي هاڻي حبيب تون،
ڪڙي قربئون قريبا تون، ڦرائي وئين ڏتاري دل.

سِڪان ۾ روز ٿو ساريان، سدائين ٿو هنجهون هاريان،
وَسئُون وسرين نہ وساريان، ڪريان ٿو حال سارو ڳُل.

مٺا منهڙو ڏيکارج تون، نماڻن ڏي نهارج تون،
نہ ماڻن ساڻ مارج تون، ٿهڪ ڏئي ٿور سان ٿي ٿِل.

هلي آءُ تون هتي هاڻي، مڙن کي ماريو تنهنجي ماڻي،
پرچ تون 'پريل' سان پاڻهي، پُڪاريان آءُ پيو پل پل.

راڳڻي: ڪلياڻ تار: تين تار

## ڪافي

ٿلهه: حضرت پير پاڳارو روهڙيءَ ۾ ٿو رهي رهبر.

سندس آهي مهر ملڪن تي، توڙي زمين فلڪن تي،
ماڻهن توڙي ملڪن تي، ڪُلني تي فيض آ قادر.

پاڳارو پير آ پارس، ولايت ويو سو وارث،
اڳيان پڻ آهہ تنهنجي وصل، پيالو پر قدح ڪوثر.

اچن پياسي ڪري پنڌڙا، وٺي راهون ۾ رندڙا،
پُنا مقصد تني سندڙا، شل موچارو ٿيئي تني محشر.

ادا اعتقاد ڪي آڻي، منو مرشد ذبح ماڻي،
’پريل‘ چئي پَرَوَرَ تو ڄاڻي، دلي دلدار آ دلبر.

⦿

راڳڻي: تلنگ تار: تين تار

ڪافي

ٿلهہ: عشق وڃايو حال، حال منجهئون بي حال ٿياسي.

مرد پروڙين مام انهيءَ ڪي، موڳن ناهہ مجال.

سڌڙين ناهي سڌ سمجهڻ جي، عشق سندي احوال.

عاشق عشق سندي ڪن بازي، قائم ڪيل مقال.

”پريل“ پيالا پُر پيتا جن، خوب رهن خوش حال.

⦿

راڳڻي: تلنگ تار: تين تار

ڪافي

ٿلهہ: محڪم مام مِيمَ واري، سَلِي ستگر سا سُڌِ ساري،

شوق شُڪر شُڪرانَ شرِيعتَ، تَنُ تَرِ طاقتَ تاڻَ طريقَتَ،
هردم حاضر حال حَقيِقَتَ، مَعِرِفَتَ موج موچارِي.

عَبِديتَ جو آٽي اولو چاڪ چَوائي چاڙهي چولو،
يَرُمُ يَڳو ويو يَئو سڀ پولو آحَدُ ٿيو اظهارِي.

ذَوقُ ذراق فِراق اِلاهي، بيڪ بَشَر بِسِيار بِلاهِي،
قائم قرب ڪمال ڪُلاهِي، بيشڪ برهَه بهاري.

خَوَبان خوبُ خُمار خِيالِي، دمَ سان دَوُ دَوُ دَمُ دَمالي،
'پريل' پريمي پُر پِيالِي، پيرِ مغان پِيارِي.

⊙

راڳڻي: تلنگ تار: دادرو

## ڪافي

ٿلهه: هئي هئي حسين لئِ نت هر هر مچايو ماتم،
راتو ڏينهان روئڻ جو در در مچايو ماتم.

ڪربل ۾ ڪِيس ڪيڏو ڪافر ڪيو قهر هي،
لعنت يزيد تي پئي هُن مچايو ماتم.

سج چندِ ڪتيون ۽ تارا جِنَ ديوَ ۽ ملائڪ،
ساري سين سيد ڪي برسر مچايو ماتم.

چوويھ هزار هڪ لک نبين وسائي واري،
مومنن ڪري هي گِرِئو گهر گهر مچايو ماتم.

اُپ ۾ عجيب ڪارڻ حورن پرين پِٽيو ٽي،
پل پل "پريل" چوي پڪ پرور مچايو ماتم.

⊙

راڳڻي: تلنگ　　　　تار: دادرو

## ڪافي

ٿلهه: مون ڪان نہ مٺا ڪر تون جانب جدائي،
ڪريان ياد توکي ٿو ساريان سدائي.

اگڻ مون عجيبا آءِ، قرب مان قَريدا، حُبَ مان حَبِيبا،
تو منهنجي دل ڦاسائي.

اچج تون اورانهون، پرين وچ نہ پرانهون، سڪان ٿو سدا آئون،
ٻي ماري اَلِودائِي.

ڪري محب ماڻو ويتر ڪيئِہ ويڳاڻو تون آهين ساهَہ سِباڻو،
يَلا ڪر يلائِي.

'پريل' چئي پُڪاريان، سدائين ٿو ساريان، نہ هڪ دم وساريان،
مون کي قسم آ خدائي.

⊙

راڳڻي: تلنگ　　　　　　　　تار: داڌرو

## ڪافي

ٿلهه: ڪريان ياد توکي سدائين ٿو ساريان، اٿم سڪ سيني ۾
وسئون ڪِينَ وِساريان.

اڄ تون اورانهون، پرين وڃ نه پَرانهون، سدائين تو لئِه آءُ،
گوندر منجهه گذاريان.

مون سان مل تون مِنل، رهين ڇو ٿو رُنل، آهيان قرب جو ڪُٺل،
هنجون روز هاريان.

اڄ محب مون وٽ، منا منهن نه تون مَٽِ، هَلِي آ هيڪر هِتِ،
ته گڏجي ساڻ گهاريان.

سڪ مون کي آهي سچ، ٻَري محبت جو مچ، 'پريل' ساڻ تون پرچ،
پيو پل پل پُڪاريان.

⊙

راڳڻي: تلنگ　　　　　　　　تار: داڌرو

## ڪافي

ٿلهه: الائي ڇو اجان تائين لائي دير دلبر، اچي شال اوري ڏسان جلد جيڪر.
سدائين ٿو ساريان، وسئون نه وساريان، نت نت نهاريان، هر روز هر هر.

ڪري مهرباني، اچي جلد جاني، ڪريان سر قرباني، لُٽيان مال سڀ گهر.

عجيبن اچڻ لئہ، محبوبن ملڻ لئہ، پرينِ جي پسڻ لئہ، قران روز در در.

”پريل“ چئي پُڪاريان هنجون روز هاريان گهڙي سک نہ گهاريان هتي هاڻ هيڪر.

⊙

راڳڻي: تلنگ — ڪافي — تار: داڏرو

تلهہ: ريل هل سويل مون کي محبوبن،
ڪري تيل ۾ قليل هلون هيل حبيبن.

ڏئي ڪوُڪ ڪونتڙيءَ ڏي تي راهہ سان رواني،
هلي لاهہ پهر پهرئين هڪ ڪلاڪ وٺ قريبن.

آيو انجام ويجهو محبوبن ملڻ جو،
هر روز مون مدامي، اُڪَتڻ سندي عجيبن.

سودا جو مرض مونکي ساجن سندو سدائين،
ڏاهي نہ ڪنهن ڏسڻ جو طاقت نہ ڪِنِ طبيبن.

پيرين سگهان نہ پهچي پنڌ تيو ’پريل‘ پرانهون،
پهچاءِ پَهرِ پهرئين ’پينار‘ کي پريِن.

⊙

راڳڻي: تلنگ — ڪافي — تار: داڏرو

تلهہ: آءٌ اُچلجي پيس اوچتو دردن سندي دنڌي* ۾.

---

* دنڌي= ڍنڍي

مونجهن وڏو آ ماري، ٻُٽتن چڏيو آ ٻاري،
ڏک ڏيل کي ڏيکاري، سورن سندي سنڌي ۾.

ان عشق جا اوٿارا، دِل تي ٿيا دوبارا،
ڪائڻ پيڻ ٿيا ڪارا، ان ڪيل جي ڪنڌي ۾.

سيني ۾ صاف سارِي، تي برهه جي بيماري،
ڪنهن قرب جي ڪتاري، لڳڙي ڪُڌ ڪنڌي ۾.

چئي تو "پريل" پينارو آهيان وڏيل ويچارو
ناهي چلڻ جو چارو قاسي پيس ڦندي ۾.

⊙

راڳڻي: تلنگ تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلهه: توڪل ٿُرهو طالب ناهي، ٿرِي هليا تنهن تيِر ۾ سَئين سيِرَ ۾.

واڍوڙيا وَهَلوُر لنگهي ويا، وِچڙي وِيڙا ويِر ۾ سَئين سيِرَ ۾.

نانگا نيٺ نِهوڙيل نيهي، نچندا ويا نينهن نيِر ۾ سَئين سيِرَ ۾.

مرد محبوبن واري ميلي، ڪائِن ڪَندوُن گڏ ڪيِر ۾ سَئين سيِرَ ۾.

آهن اميدون اصل اسان جون، "پريل" چوي پنهنجي پيِر ۾ سَئين سيِرَ ۾.

راڳڻي: تلنگ　　　　　　　　　　تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلهہ: ڪاهيان ڪيچن جِي ڪاڻ، ڏوري ڏسان تن کي ڏونگر ۾.

ڏيرنِ مونسان ڏاڍُ جو ڪيِڙو هيڏو حال ٿيم هت اهڙو
پري پنهل مون کان وچي پيِڙو آهن اندر ۾ اولاڻ،
جو گولِي گڏي ويا آهن گوندر ۾.

آرِياڻِي شل اوري ايندو وَٺِي اچِي شل مون کي ويندو
نالِ نِماڻِيءَ کي شل نيندو ڪندو ريجهي روح رهاڻ،
ڇوريِ ڇڏيندو ڪينَ ڇَپرَ ۾.

ڏونگرُ تَنِ لئہِ آءٌ ٿي ڏوريان، تنهن گهوٽ مٿان ٿي هي سر گهوريان،
شل ايندو ٿَڪِيءَ وٽ پنهنجي ٿوريان اهو پرچي پنهل مون سان پاڻ،
گهوٽ ڏسان پنهنجو شل گهر ۾.

'پريل' چئي پل پل پُڪاريان، ساجن کي ٿي سدائين ساريان،
آب اکين مان روز ٿي هاريان، آءٌ ٿي ساريان سدا سرواڻ،
شل پرين ڏسان پنهنجيءَ آءٌ پِرِ ۾.

⦿

راڳڻي: تلنگ　　　　　　　　　　تار: گت تار

## ڪافي

ٿلهہ: جيڏيون جي تہ ڏسو منهنجو جاني، تان ساهہ ڪريو قرباني.

اديون اصل آرياڻي اهڙو ڏنم ڪين ڪٿي جنهن جهڙو
ڪٿي ڪير ٻه هجي ڪو ڪهڙو پايان ڪين ڪڏهن مٺ ثاني.

جيئن مون ته ڏٺو هو جنهن کي، ڏسو تيئن ته اوهين جي تنهن کي،
وهواهه وٽي هوند سڀ ڪنهن کي، ۽ هجن گهڻيون حيراني.

مون کي ٻاڻ ٻاروچل وارو ٿيو سيني ۾ سٽڪارو
هاڻي ڪائڻ پيئڻ ٿيو ڪارو ٿينديس راهه انهيءَ ته رواني.

آئون ٿي ڪيچ ملڪ ڏي ڪاهيان، ڪنهن جي جهلڻ پلڻ جي ناهيان،
چوي 'پريل' پياسڻ آهيان، پسان پرينءَ سندي پيشاني.

⊙

راڳڻي: تلنگ تار: گت تار

ڪافي

ٿلهه: مون ته پيئر پنيور ڪان ٻس ڪيڙِي، منهنجي هوت پنهل دل نيڙِي.

آئون ته ويندس اڪيلي اوڏانهن، اٿم جانب جيءَ جو جيڏانهن،
تکي تاڻ ٿئي پئي تيڏانهن، آئون ته وس پنهنجي ڪان وِيڙِي.

جيڏيون جت هيءَ جوءِ چڏي ويا، مون کي گوندر ساڻ گڏي ويا،
مون کي ڪوهه نه ساڻ سڏي ويا، پايئون ڏوہڻ جي شايد ڏيئڙِي.

هونئن هئس برهمڻ جائي، لُڙهي لهرين مان هت آئي،
پوءِ ڪنيءَ هئس تہ نِپائي، ايئن پوءِ ڏوبڻ تِي تيڙِي

منجھہ هوت هينئين هيڪاري، آهي باهہ ٻاروچل ٻارِي،
هاڻي سُورن سندي هَڙ ساري، چوي 'پريل' پلئِہ مون پيڙي
◉

راڳڻي: تلنگ

## ڪافي

ٿلهہ: مرد پروڙين مام، مرشد جي مئخانِ جي.

طالب ڪاڻ توحيدي گفتو اصل نہ ڄاڻن عام.

دين دنيا کان ٿيڙا فارغ، چاهي ڪفر اِسلام.

وحدت ڪثرت وائي جن جي، ملين عشق اِنعام.

ساغر شوق شتاب وڏي سان، پئي 'پريل' پُر جام.
◉

راڳڻي: تلنگ

## ڪافي

ٿلهہ: عمر اباڻا ايندا ايندا، ايندا مون ڏِڍ ڏيندا.

راتو ڏينهان روئي گذاريان پنهنجي مارن کي ويني سنياريان،
شال وني مون ويندا، هَي هَي سارو ايندا ايندا.

ماروَ منهنجا آهن موچارا آهن، تن جا بخت ڀلارا،
ڪين ڇنيءَ ڇڏيندا، هَي هَي مارو ايندا ايندا.

لاتَقنَطوُ مِن رَحمتَ اَللهُ•. آهي اُميد اها ئي عالي،
ساڻي سورن ۾ ٿيندا، هَي هَي مارو ايندا ايندا.

'پريل' پياسي آهي 'پينارو' پنهنجي ويڙهيچن لاءِ ويچارو،
گولي مان گڏيندا، هَي هَي مارو ايندا ايندا.

(۱)

راڳڻي: راڻو تار: داڏرو

## ڪافي

ٿلهه: رُسِي وڃ نہ راڻا، مون روحڙو رنجائي،
ٿئين رات راهي، مون رُليءَ ڪي رُلائي.

وري واڳ وارج، گهڙي هت ڪا گهارج،
مَينِڌرا نہ مارج، تون سوڍل سڪائي.

پري ٿيءُ نہ پيارا، تون جيءَ جا جيارا،
سَجَرَ سوُر سارا، وئين دلبر دکائي.

جي وچايم وچاڻا، ٿيا وِهُہ وهاڻا،
سوڍل يار سياڻا، وئين لنئون لڳائي.

• الله جي رحمت مان مايوس نہ ٿيءُ.

’پريل‘ چئي پرانهون، تو ڏَسائين ڏورانهون،
تون اچ اورانهون، مهريءَ کي موٽائي.
⊙

راڳڻي: بلاول
تار: تين تار

## ڪافي

تلهه: ناهيان مان خاڪ نـ خاڪي، آهيان مان نُور نيارو.

پر هي بازي ني وي، عشق اُٺايم اَلو ميان،
آهيان مان اصل اوشاقي، نينهن هڻايم نعرو.

ڪُنْ فَيَڪُونْ ني وي، ٻولي ٻوليم آلا ميان،
بيشڪ بيخود باقي، آهيان مان نور نظارو.

قرب ڪرايم ني وي، سير سيوئي آلا ميان،
لوڪَ لَقا لولاڪِي، نـ تـ آهيان مان سو سِر سارو.

اَلاِنِسانُ ني وي، سري وَانِا سِرَهُ آلا ميان،
آيس تي ’پريل‘ پوشاڪي، پنهنجو هي پَسڻ پَسارو.
⊙

راڳڻي: بلاول
تار: داڙرو صدا

## ڪافي

تلهه: گل گرهوڙي گهوٽ تنهنجي در سوالي آهيان،
پيو ڳڻ تنهنجا ڳائيان.

قرض مرض ۽ درد دفع ڪج، پيو ڳُڻ تنهنجا ڳائيان.

غير گناهن کان ڪج آجو، پاند پِره سان پائيان.

عبدالرحيم آهي اسم تنهنجو توکي وسيلو پائيان.

’پريل‘ پياسِي آهي پينارو، سِڪ جو سوال سڻائيان.

⦿

راڳڻي: ڪانرو | ڪافي | تار: داڏرو

تلهه: اهي اندر منجهه اُداس، رڳو پياس پريَنِ جي،
تڏهن مون کي تن من ۾، تکي تاس پريَنِ جي.

ڪڏهن تہ ڪو ڪم ڪار پيي، اڇهي صفا نٿو
ڪڏهن ڪائڻ پيئڻ خواهش، رڳي خاص پريَنِ جي.

ڪڏهن تہ نڪا ننڊ، نہ آرام ڪو اچي،
۽ ڪڏهن ڪريان سڪ روز رويو راس پرِيَنِ جي.

ڪڏهن تہ قِران گهر گهٽيون، ۽ ڪڏهن پٽيون پڏر،
ڪڏهن اچي بَرَ بازرئين، بوِ باس پرِيَنِ جي.

ڪڏهن تہ ”پريل“ چئي، پيو ’پينار‘ ٿيو پنا،
۽ ڪڏهن تہ رڳي روح ۾، آهي آس پريَنِ جي.

راڳڻي: ڪانرو تار: داڏرو

## ڪافي

ٿلهه: جي ادا ويندڙ وڃين ٿو، تون پرينءَ جي پار ڏي،
تان نياپو نيج هي، منهنجو مِٺي منٺار ڏي.

ته ياد آهيان آءُ ڪي الائي، ويو مٽان وسري هجان،
هيءَ ورُ وٺي ورندي سگهو اچي خوب خبر چار ڏي.

هي عرض عجيبن اڳيان، ڪج نياز سان نمي،
ته ورڻ واري ڪا ڪريو، هن برهه جي بيمار ڏي.

چئه ڏينهن رات طلب تات، اوهان جي اٿم گهڻي،
۽ حُب گهڻي آهي مون کي، تو دل گهُرئي دلدار ڏي.

ٻئي ٻڌي ٻانهون ٻُڌائج، ته هي مري مشتاق ٿو
شل سو سُٺي ايندا اورانهون، 'پريل' تنهن 'پينار' ڏي.

⦿

راڳڻي: ڪانرو ڪافي تار: جهپ تار

ٿلهه: ناهيان ۾ آهيان، آهيان ۾ ناهيان،
ٿي عاشق الستي، الاالله الايان.

محبت مغان مام، سان من ملايان،
چڪي چشم چٽِڪو، چگي چال چايان.

سچيار هر وار، سورهہ سڏايان،
مدامي مستيءَ سان، هستيءَ کي هٽايان.

قرب ڪام قلبي، ٿُم باذني ڪمايان،
ڪري خيال خاصو، ڪلي ڪَل لهايان.

انا الحق 'پريں' پڪ، هردم هُلايان،
هٺي نينهن نعرو، سوليءَ سر سنباهيان.

⦿

راڳڻي: ملاري ڪافي تار: ڪلواڙ

ٿلهہ: سهڻا يار سِڪ ۾، سڪايو مون کي تو،
رِڙَنِ ۽ رُڄُنِ ۾، رُلايو مون کي تو.

ڪٺي نيڻ نرگس، ڇوڙي تِير ٿَرڪش،
برابر ٻيي ٻيوس، بنايو مون کي تو.

سڄڻ يار سهڻا، منهنجي من مُهڻا،
قربدار ڳُهڻا، ڪنَبايو مون کي تو.

ٿيو مان مسافر، تنهنجي در گداگر،
تان ٻِيي پٺي سراسر، سَهايو مون کي تو.

'پريل' پيو پُڪاري، سدا توکي ساري،
مُحبت ساڻ ماري، مُنجهايو مون کي تو.

راڳڻي: ملاري　　　　　　　　تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلهه: جي اچين يار اوري، تان مِلي موڪلايون،
پائي ڳل ڳراٽي، ڳجهو ڪجهه ڳالهايون.

وري پنهنجو ميلو نجاڻان ڪڏهن ٿئي،
ڪنهن پڙهيل يا پنڊت کان، ڪا پوڙتي پڇايون.

وڇوڙو وِرهه جو سَنُمِ سور سِر تي،
جيئَڻُ ٿئي نه ٿئي، جي ٿيون هيڏيون جدايون.

اهو درد دل ۾، ٿيو دل جا دلبر،
جو وچين ٿو ولايت، ناهي وَسُ وَرايون.

اچين جي اڪيلو ونديون حال روئي،
پڇاڙيءَ "پريل" چئي، پرين پيچ پايون.

راڳڻي: ملاري　　　　　　　　تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلهه: سهڻا يار ساجن، نڪي وچ ولايت،
هجين هِتِ هميشان، ايءَ هردم هدايَتَ.

وڇوڙو وِرهه جو ڏنئِہ سوُز سڄڻان،
ڪيئِہ يار اهڙيہ الائي ڇو عدالت.

اڪيون جيئن اڙيون، قرب ساڻ ڪڙيون،
رکيو هو نيٺ نيڻن، نظارو نزاڪت.

فقيريءَ جي ڦند مان، ڪڏهن ڪين ڇاڻان،
نڪا ڪا ڪئي آ، مون ڪاني ڪرامت.

’پريل‘ پياس واري تيو پرتئون ’پينارو‘،
وهوا مون وٽي آ، تو سهٽِي صداقتَ.

⊙

راڳڻي: ملاري تار: ڇئنچل

ڪافي

ٿلهه: واسينگن جيئن وري ويتر، وڄهن ٿا وار ونگ ونگ،
ڏهاٽي ڏيل ۾ ڏهه ڏهه هٽن ڏاڍا سي ڏنگ ڏنگ.

دو ناليءَ دمين سان دلبر، ڦٽي سينو سڪايل جو،
ڪرين ٿو ڪير ڏسو ڪهڙا، رنگينا راز رنگ رنگ.

سوين سينگار جا رستا، ڪرين ٿو روز ڪي ڪهڙا،
نئين سج ٿو نوان ڄاٽي، هيڪاندا ڍول ڍنگ ڍنگ.

نماڻو ناز ۽ نخرو، سگھئين سهڻا سڄڻ آ ڪنهن ڪان،
ڪريو قابو رکي پهرين، هٽي تو پاڻ ٻنگ ٻنگ.

’پريل پينار‘ ڪي پهرين، سبق محبت جو سيکاري،
وري اهڙا اويڙا تو، ڏسين روز سي انگ انگ.

⊙

راڳڻي: ملاري　　　　　　　　تار: چئنچل

## ڪافي

ٿلهہ: هوڪاري هل تہ هينئر، ڪريون ديدار دلبر جو.
ڏسڻ سان تو وٺي وهوا، سنو سينگار دلبر جو.

اکيون ڪاريون ڪنڍيون ڪيئن سي، وجهن ماري مسافر ڪي،
ڪجل جي ڪار سان ٺهري، جڙيل جنسار دلبر جو.

ڳچيءَ ۾ هڪ ڏنم ڳانو، ڪاريهر نانگ جي رنگ تي،
ڪيو جنهن قيد آ مون ڪي، اهو اسرار دلبر جو.

چوڻ جي لاءِ چپ چوري، ڪيئين پٽڪو پلائيءَ سان،
ڏنم ڏندڙا چڳا جيڪر، چٽو چمڪار دلبر جو.

حسينن جي لاءِ حيراني، هميشان هوش ڪي آهي،
ثناگر سونهن جو ثابت، ’پريل پينار‘ دلبر جو.

⊙

راڳڻي: ملاري

## ڪافي

ٿلهہ: منهنجو مٺڙا يار دلي دلدار يار اڃهو شال ايندو اڃهو شال ايندو.

راتو ڏينهان رمز پنهنجيءَ ۾ راهون روز نهاريان،
راهہ ڪنهين ربَ راضي ٿيئي، من سود ۾ شڪر گذاريان،
اهو ڏينهن ٿيندو ٿيندو اهو ڏينهن ٿيندو ٿيندو.

دم دم ۾ دم جهاتي پائي، صُورت صاف سجايان،
صورت مان من مورت ٺئي، تان پال پلايون پايان،
هي جو وِرهہ وارو وارو وڃوڙو بہ سارو سارو ڪي مان ويندو.

پياسي هي 'پينار' ويچارو پل پل 'پريل' پُڪاري،
ساهہ هنيون رڳ رڳ من منهنجو پيو ٿو سڄڻ سنياري،
هي شال هاڻي هاڻي پرين مان پاڻهي پاڻهي وڏا ڏيِ ڏيندو.

☉

راڳڻي: سرٺ تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلهہ: سَتيان سِر اڳيان سلطان. نسنگ نيشان ڪري،

مؤج مدامي مام مفان ڪان، منگ مگهن ميدان،
مغز مستان ڪري.

بيشڪ برهي برسر بازي، بيدار بقائي بيان،
ٻُڌي ڏُن ڏيان ڪري.

قائم قرب ڪمائي قلبي، ڪوُپن واري بانَ،
سان جِند قربان ڪري.

پي سو پرت پريمي پيالو پر "پريل" پيمانَ،
صدق شڪران ڪري.
⊙

راڳڻي: سورٺ

تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلهه: تنهنجي عشق ۾ ته هزارين، ڪروڙين قربان چوان.

ديوءَ ملائڪ حوروُن پَريون، جنَ بشر انسان،
هندو مسلمان چوان.

سج چنڊ تارا قطب ڪتيون، آپ سارو آسمان،
هميشه حيران چوان.

پکي پکڙ مرون توتي مجنا، حيرت ۾ حيران،
سيئي پريشان چوان.

'پريل' ٻڪاري عشق تنهنجي ۾ بيو مُلڪ سارو مستان،
ڪيئي گوهر غلطان چوان.
⊙

راڳڻي: سورٺ　　　　　　　　　　　　تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلهه: انهن اکڙين تي اظهار گهڻو اسرار ڪيو.

چشمن واري چوٽ چڪائي، نيڻ ڪٽي نروار، چِٽو چمڪار ڪيو.

گهورن نيڻ وڏي دل گهائي، صورت جي سينگار سڄڻ سنگسار ڪيو.

نينهن نظاري نيڻ نچايو، عشق ڏنو آزار برهه بيمار ڪيو.

”پريل“ پَسڻ لئِہ روز پياسي، پريِن مون ’پينار‘، لُٽي لاچار ڪيو.

راڳڻي: سورٺ　　　　　　　　　　　　تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلهه: توکي سورٺ ڪري ٿي سوال، ميان موتي وچ منگتا.
ٻيجل ٻُڌ تون عرض اسان جو ڪر ڪا پلائي پال ميان.

هي رِڻَ ۾ راتيون ڪيم رلائج، اِيءَ نہ چڱي تو چال.

هاٿي هيرا ماڻڪ موتي، مڪ مڏيون وٺ مال ميان.

’پريل‘ جهڙا ’پينار‘ گهڻا پيا، حال سندو ڪر خيال ميان.

راڳڻي: سورٺ | ڪافي | تار: ڪلواڙو

ٿلهہ: آيو چارڻ هن چوڏول، پلا کهڙي چال چلي.

راڳ ڪري رس روحُ ريجهايو واهہ بيجل ڪيئن ٻول.

تار ٿُنهنجي تن من قابو، راجا جي تہ رتول.

سُر ۾ سِر جو سوال شروع ٿيو ڪا جا تي ڪا مول.

’پريل‘ چئي ٿئي پُر ’پينارو‘، جو ڪاهي آيو ڪول.

◉

راڳڻي: سورٺ | تار: ڪلواڙو

ڪافي

ٿلهہ: راجا ڪي رس راڳ، پلا وهوا وڻيو.

مون وٽ منگتا جي نِچُ آئين، ملڪ منهنجي ماڳ پلا.

پانُ نہ تو جيئن ڪو هت آيو، اڄ ڪي پلا تو پاڳ پلا.

باهہ بدن ۾ بيشڪ ٻچيئِي، عشق سندي ڪا آڳ پلا.

’پريل‘ چوي ڪر ٻرِ پنهنجي پوري، وٽ سِر لاهي ٿئي لاڳ پلا.

◉

راڳڻي: پيلو تار: ڪلواڙو

## ڪافي

تلھ: آيو عشق اِنسِ اولي، آخر ايوانَ ۾،
ڏُرِبتِ ڏمال ڏوُ ڏوُ دم جي ڏيانَ ۾.

اظھار تي آوازي، قائم ڪري قوازي،
حڪم مثل مجازي، مئي جي مڪانَ ۾.

واڄٽ وڄائي واڄا، ڏُمُ ڏُمُ ڏَڄائي ڏاڄا،
سازي سُرُودُ ساڄا، سرَ جي سامانَ ۾.

اھو عشق جِن تي آيو، تن سينو سِپرِ سنباھيو،
مردن متي تا چايو، مَرڪي ميدانَ ۾.

ھنگامو ھُل مچائي، پل پل 'پريل' پسائي،
نَرَ نيٺ تو نَچائي، نيھِي نيشانَ ۾.

◉

راڳڻي: پيلو تار: ڪلواڙو

## ڪافي

تلھ: دلدارُ لئِہ ديدارَ اڄ گھر يار آيو آ،
عجب اسرار سان اظھار تي انوار آيو آ.

آيو ساجن مِڙِي مَلڪن، خوشي خلقن ڪئي ڪيڏي،
تان مھندار سو مختيار تي منوار آيو آ.

ٻاڍيا صحرا سين حُورن، ۽ پَرين اڇي آڌو
ڪُلي گلزار تي چؤڌار، چمن چمڪار آيو آ.

پيغمبر تي پڙهڻ صلوات، سڀ ڪنهن وات تي وهوا،
نظر نروار سو سينگار، سان سردار آيو آ.

سين نبينِ انهيءَ احمد، مٿي محمّدؐ چيو ڪلمون،
’پريل پينار‘ چئي هر وار، مون اعتبار آيو آ.
◎

راڳڻي: پيلو — ڪافي — تار: ڪلواڙو

ٿلهه: اڄ اڱڻ آيو منهنجي، محب ڪري مون تي مِهّر.

حُب مان آيو حبيب، قرب مان ڪاهي قريب،
آيو احسانيءَ سان عجيب، سونُهنَ پريو سهڻو سڌر.

پورل آيو آ پلي، مون آمين سان جهولي جهلي،
محبوب لاٿي مشڪلي، سدا پڙهان آءٌ شڪر.

لکين پلايون پائيان، ٻَرڻَ سدائين ٻائيان،
چاڪر نالي چوائيان، جو ڪيَئين نماڻن تي نظر.

’پريل‘ چئي پيرين پوان، نياز ۾ آءٌ نواز،
حال سارو چئي چوان، شل جي پڇن خوش ٿي خاطر.
◎

راڳڻي: پيلو | ڪافي | تار: ڪلواڙو

ٿلهہ: حيوانو ديوانو دلدارَ ڪيو تو،
حيرانو مستانو منٺار ڪيو تو.

ڪٽي نيڻ نرمل، رکي رمز رلمل،
لبن سان لُٽي دل، لاچار ڪيو تو.

رکي نَٿُ نهوڙي، زلف چيڪ چوڙي،
وارن سان وڪوڙي، وهنوار ڪيو تو.

اکين سان اڙائي، گهورن ساڻ گهائي،
نازن سان نچائي، نروار ڪيو تو.

ڪجل ڪار پائي، رِليِئون ديِد لائي،
'پريل' کي پَسائي، 'پينار' ڪيو تو.

راڳڻي: پيلو | تار: ڪلواڙو

ڪافي

ٿلهہ: منهنجو يار هينئين جو هار اديون،
موهي محب ويو منٺار اديون.

چشمن چوٽَ چلائي، رومي رمز رلائي،
دلڙي ويم ٿاسائي، دلدار اديون.

دلڙي هٿ ڪري، پرين ٿيم پري،
ساعت ڪانه سري، هر وار اديون.

ٻوليان ڳوٺ ڳلي، ٻري ٻير ٻلي،
ڏسان هوت هلي، هڪوار اديون.

رڙهي شال رسان، ڏوري مان تہ ڏسان،
چوي 'پريل' پسان، پڳدار اديون.

◉

راڳڻي: پيلو

تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلهہ: اول علي، انوار چوان،
محمدؐ جو مختيار چوان.

حسن حسين زين العابدين، جيڪو ڪري تن جي ثنا،
جَنَتَ جا سي، حقدار چوان.

محمدؐ باقر مِٺو جعفر، موسيٰ ڪاظم ۽ علي رضا،
تَقِي و نَقِي، نروار چوان.

علي اصغر سدا منهنجو وسيلو آهہ قيامت ۾،
مهدي مِٺن، مهندار چوان.

جيڪي تعريف ڪن تهدل، سدا ٻارهن امامن جي،
تن ڪي چو نہ سچو سڪدار چوان.

پيارا پاڪ پرور جا سدا عاشق اُهي آهن،
تن جو 'پريل'، 'پينار' چوان.

راڳڻي: پيلو تار: ڪلواڙو

ڪافي

ٿلهہ: اهو افسوس ادا تي چُڪو آ، سراسر سيفي ۾ سدا تي چُڪو آ.

حَسن مير کي زهر پيالو ڏنو سر جاني جگر کان جدا تي چُڪو آ.

ڪيو قهر ڪيڏو ڪوفين ڪربلا ۾، انهيءَ خيال تي خود خدا تي چُڪو آ.

هنج ۾ حسينڻ بہ ٻچڙو ڏسي، فنا جي فِقرَ ۾ فدا تي چُڪو آ.

'پريل' کي سدا پياس آ پنجتني، هميشان انهي در گدا تي چُڪو آ.

راڳڻي: پيلو تار: ڪلواڙو

ڪافي

ٿلهہ: ڪجي هاءِ حسينڻ لاءِ سدا، روئي آب اکين مان وهائي سدا.

هئي حسينڻ لاءِ ڪري حورن پَرِيُن پر تي چِنا،
ائين روئڻ سيني، سٽي رواءِ سدا.

هجين مومن تہ ڪر ماتم، سنيالي نت شهيدن کي،
ساري سوُر سيد جو سڻاءِ سدا.

اهو غمؑ غازين کي آهہ، قضيئي ڪربلا وارو،
رڍِءَ غم نہ جيئڻ، جڳاءِ سدا.

زوار ذوق سان ذاڪر، هميشان تي حسينڻ جو،
اهو هُل حشر جو هُلاءِ سدا.

انهيءَ افسوس ۾ هردم، هنجهون هارج هميشان تون،
روئي "پريل" پلاند، پُساءِ سدا.

◉

راڳڻي: پيلو تار: ڪلواڙو

## ڪافي

تلهہ: آفتاب جيئن اقبال تيو انوار تنهنجو يا علي،
منهن مثل ماهتاب جي، منوار تنهنجو يا علي.

شاهِ مردان شير يزدان، قوتِ پروردگار،
جملگِي جاني جنگي، جنسار تنهنجو يا علي.

لافتيٰ اِلاعلي، نافتح ڪو توڪان ڪندو،
لاسيف اِلاذوالفقار، هٿيار تنهنجو يا علي.

لِحمِڪ لحمي جِسِمَڪَ جِسِمِي، رُوحَڪَ رُوحِي نَمَڪَ نَمي،
نور نرمل نبيءَ جيئن، نروار تنهنجو يا علي.

جبرائيل جو استاد ۾، دل دُل سندو هسوار تون،
تو سُڃي سي مُلڪ ۾، ڌهڪار تنهنجو ياعلي.

تون سخي سرتاج سيد، سروري ثقلين،
’پريل‘ پڻ پياسي سدا، پينار‘ تنهنجو يا علي.

(١١)

راڳڻي: پيلو | تار: کلواڙو

## ڪافي

ٿلهہ: دائم ڪڙو سو دَرَ تي، دلبر دلاور آ،
سامهون اسان جي سهڻو بيٺو سراسر آ.

اکڙيون ڪٽي نهاري، ڏندڙا کِلي ڏيکاري،
محبوب سدا پيو ماري، بيخود برابر آ.

ڪري چشمن وارو چالو نازڪ پرين نرالو
هٽي برهہ جي بڙڇي ڀالو نازل نشانبر آ.

محبوب منهنجو مالڪ، جيڪو ڏسي ٿئي عاشق
تهدل ٿئي تو تارڪ، تنهنجو گداگر آ.

محبوب منّور منهنجو، طالب آهيان آءٌ تنهنجو
پلپل 'پريل' انهيءَ جو، ثابت ثناگر آ.

◉

راڳڻي: پيلو تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلهه: مگر يار يارن ۾ ياري نه آ، سچارن ۾ ساڳي، سچاري نه آ.

ٿاهي قرب ڪن ۾، نڪا مهر من ۾، بلاشڪ بدن ۾، بهاري نه آ.

نڪو باغ بلبل، نڪا هاڪ هُل هُل، چمن ۾ نه گل، گلزاري نه آ.

ڪاهي پئي آ ڪلفت، نڪا مهر محبت، پيسي ريءَ پرت، پياري نه آ.

اصل ڪان انهن جي "پريل" چئي پرين جي، طمع ريءَ تن جي، تياري نه آ.

◉

راڳڻي: پيلو تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلهه: آهي ملڪ مارن جو ميلو سدا،
مون ڪي آهي انهن جي اُڪير سدا.

ٿا ويهن وَلهار ۾، جهُوپڙا جهانگي اهي،
سِڪي ساهه تني لاءِ، سَرير سدا.

ڪين ٿا وسرن گهڙي دم، ساهه تان سانگي اهي،
وَهي نِت نيڻن مان، نِير سدا.

کاج کُنپيون ۾ کَتُوري، تا کائين کائوڙيئا،
منھنجا آھن ٻاٽا، امير سدا.

’پريل‘ کي پَرور پَسائي، شال سي سانگي اُھي،
جيڪي پين تا پاڪ، پَنِير سدا.
⊙

راڳڻي: پيلو تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلهہ: منھنجا مارو رھن مليرَ، جي تن پِٽُن پلارين ۾،
ڪيون مينھن آھن موڪرن، اُتي جن وسي ولھارن ۾.

اي عمر چِڏ ڏي چوري، ڪجھہ ڪيم زوراور زوري،
ھيءَ ناقص نِڏر ندورِي، سا تہ ميل موچارن ۾.

ڏينھن رات گذاريم روئي، ڄجي وطن ڏسان شل سوئي،
اُھو ملڪ ملير مڙيو ئي، ھوندو بيشڪ بھارن ۾.

جڏھن کيٹُ خوشيءَ سان ايندو، تڏھن وِرھہ وچوڙو ويندو
شل موت منھنجو ٿَرِ ٿيندو آتي ڏُر ڏنَارن ۾.

’پريل‘ پينار پُڪاري، دل روز سانگين کي ساري،
والِي وطن شل واري، ساٿيہ سنگھارن ۾.
⊙

**راڳڻي:** پيلو      **تار:** ڪلواڙو

## ڪافي

تلھہ: محبوب ماڻن سان مون کي، تو ماري منجهايو آ.
اهي ناز نيڻن جا نيهي، تن نيٺ نمايو آ.

اهي اکڙين سندا اشارا، تن ٻاڻَ هڻي ڪيا ٻارا،
هاڻي ڪائڻ پيڻ ٿيا ڪارا، اڇي وِرھہ ورايو آ.

هاڻي ڪلڻ ڳالهائڻ واري، ڏي دوست مون کي دلداري،
نت حُسن تنهنجي هيڪاري، منجھہ رڻن رُلايو آ.

تنهنجي سونهن سنلي سڀ ڪنهن کي ٿو ڳالھہ ڪريان جنهن تنهن کي
مون حال اهو هر ڪنهن کي، ثابت سڻايو آ.

چوي 'پريل' پنهنجيءَ پيي پَر ۾، پر گهٽيءَ گهٽيءَ گهر گهر ۾،
مون تہ درد اهو در [illegible] هُلايو آ.

**راڳڻي:** پيلو      **تار:** ڪلواڙو

## ڪافي

تلھہ: تُنهنجي برھہ ڪيو آ، بيمار مون کي،
اڇي عشق ڏنو آ، آزار مون کي.

ڏني ڏينهن ٿيا، سِڪندي سال ٿيا،
گذري وَرھہ ويا، منٺار مون کي.

ساريان روز سدا، آڻئي ماڻ خدا،
جانب ٿيءُ نہ جدا، ايئن نہ مار مون کي.

اٺم سوُر سَنا، ڏاڍا ڏک پيي ڏنا،
منهنجا محب مِٺا، ڏي ديدار مون کي.

دل ۾ درد ٿيو سارو هوش ويو
چوي 'پريل' ڏيو ڪو پيار مون کي.

⦿

راڳڻي: پيلو | ڪافي | تار: ڪلواڙو

تلهہ: تنهنجي سونهن سهڻا مون کي، وهوا وٽي،
سي تکا تير ڏاڍا ويڙين، هنئين ۾ هٽي.

اکيون بئي اُمالڪ اڙيون، اوچتو اچي،
پئي آ دل دلبر ڦتجي، گهورن سان گهٽي.

ڪيو نيث چشمن چوري، چرِيَنِ جيئن چَريو،
اها باب منهنجي هئي ڪا، بلاشڪ بٽي.

ڪري ناز نيڻن وارا، نگهوسار ڪَيُئي،
هاڻي وار وار لُونءَ لُونءَ ۾ پئي فِقِرَ جي ڦٽي.

ڪري پيار پهرين پرءِ، چو پري تو ٿيئين،
جو 'پريل' کي پيارل ڪيو تو پرين آ پٽي.

راڳڻي: پيلو تار: ڪلواڙو

## ڪافي

تلھ: پيالو پيار ساقي، پيالو پيار ساقي، پيالو پيار ساقي.

پيري آب حيات پياريو پرين، پر تيار ساقي پُر تيار ساقي پُر تيار.

چشم خوب خوبان خُماريل ڪٽي، ڏي ديدار ساقي، پُر تيار ڏي ديدار.

’پريل‘ پيئڻ لئِہ تيو ’پينارو‘، جيءُ جيار ساقي، پُر تيار ساقي، پُر تيار جي جيار.

⦿

راڳڻي: پيلو تار: ڪلواڙو

## ڪافي

تلھ: رڳي رمز جي ڪا رتي مون وٽين،
ڏنم گھڙي جا اکين جي آٽي.

ھڪڙو مِنِٽُ مون ڪي تي نازل نظر،
چڪيم چاڪ سئو تيو نا ڏوڙي ڏٽي.

ڪجل ريخ ڪاري ڪڪوريل ڪنڍي،
تنھن ھڪڙيءَ گھور گھايم ڪري گھت گھٽي.

ديدون جي دوناليون ڇُتيون چيڪ بئي،
ڪيا زخم گھاتا تنِي تَنُ تٽِي.

خُماريون ڪري خون خوش ٿيو وتن،
پري ڪانَ زهري هينئين ۾ هٽي.

ڏئي چوٽ چوڙو مهر جو مون کي،
’پريل‘ چئي پرئين ڪيو پيرن جي پٽي.

راڳڻي: پيلو تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلهہ: حسينؑ هادي حقي، هر وار آ،
سخي شير سورهہ سيد، سردار آ.

ڪاهي ڪربلا ۾ ڳُڏي، قربان ٿيو،
ڌري سر نيزي ٿيڙو نروار آ.

جيڪي پليتن جي پاسي ٿيا، سي ڪفران ٿيا،
پر هو اچي حُر تہ حاضر ٿيڙو حبدار آ.

شمر لئين شومي شڪي، شيطان ٿيو،
تنهن تي طوق لعنت وارو لک وار آ.

نبيءَ جنهنجو نالو هو ۽ بابو علي،
سو ماتم دار مڙني جو ٿيو مهندار آ.

جيڪي ثناگر چوائي ڪن ٿا، سرس ثنا،
تن مان ”پريل“ يي پياسي هڪڙو ’پينار‘ آ.

⦿

راڳڻي: پيلو تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلهہ: رکي يار توسان مون ياري، پسي تنهنجو حُسن هڪ واري.

تنهنجيءَ رمز عجب دل ريهي، ناتو نيٺ نباهن نيهي،
ڪٽي بار برهہ باري.

ڏاڍو چشمن پيتڪ چيتڪ لايو، اچي سيني سوز سمايو،
وئي سرت سمجهہ پساري.

منهنجي دلبر تو دل نيڙي، ڦاسي دام زلف جي ۾ ويڙي،
رهيو هوش نڪا هوشياري.

آهي ’پريل پينار‘ پياسي، تنهنجو عاشق اصل اُداسي،
ڪر ڪا مهر پلا موچاري.

⦿

راڳڻي: پيلو تار: •ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلهہ: يلي يار اڱڻ مون آيو، ڏاڍو روح پُنو اج رايو.

ڪُليا ڪُل ڦل باغ بهاري، ڏاڍي هر هنڌ ٿي هبڪاري،
آهي مولي محب ملايو.

مِڙي سرتيون ساهيڙيون آيون، ڪِلي خوش ٿي ڏين واڌايون،
ڏسو هاديءَ هي رنگ لايو.

منهنجي لاءِ عجب امداديون، جاڻان گهر گهر ۾ جڻ شاديون،
پرينءَ پنهنجو پاڻ ڀلايو.

جنهنجو 'پريل' سدا 'پينارو'، قربان جسم جِند سارو،
مون قدمين سِرڙو نوايو.

©

راڳڻي: پيلو تار: ڪلواڙو

## ڪافي

منهنجا اڄ ڪي اباڻا ايندا، مون کي وٺي وطن شل ويندا.

منهنجا جهنگ ۾ جهونگارين جهانگي هوند سانگ وڃن جي سانگي
وڃي ٿر ۾ ٿانيڪا ٿيندا.

مند مينهن وسڻ جي آئي، ڏاڍي ڪِوڙِن رم جهم لائي،
هوندا پونهر پلر پڙ پيندا.

هاڻي والي وطن شل واري، نيئي موليٰ ملير ۾ ماري،
شل ڪفن ڪاهوڙي ڏيندا.

دل سانگيئڙن کي ساري، من ڏاتر مون ڏيهه ڏيکاري،
شل 'پريل' پرين پرچندا.

راڳڻي: پيلو تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلهه: وڇوڙي يار جي ۾ مون، سڄو ئي سک ڦٽايو آ.
جيڪو تقدير ۾ توڙئون، قلم قادر وهايو آ.

جدائي جان من جي جِي، هئي مقدر منهنجي ۾،
چوان پنهنجي نصيبن کي، سبق جن هي سکايو آ.

طبيبن کي نه طاقت آهه، منهنجي مرض ميٽڻ جي،
ٿيو ڦٽ لادوا لاشڪ، اهڙو هن گهاءُ گهايو آ.

ناهي قدرت ڪنهين کي جو، ٽئي غالب مٿي قسمت،
امر الله جي کي ڏس، نبين سر نوايو آ.

’پريل پيناريل‘ پنهنجي، اندر جي آڳ اڏمن کي،
رڳو خفخان ۾ روئڻ، اهو البت اجايو آ.

⦿

راڳڻي: پيلو تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلهه: ڏنو پيرِ مغان مون کي، قَدَح پُر پاڪ پيمانو
پيئڻ سان پُرنشي ۾ مان، ٿيس مخمور مستانو.

صراحي سَر منجهان ڪوثر، ڏين ڪنهن راز سان رهبر،
عيان ٿيا عشق جا دفتر، اچي ٿيو هوش حيرانو.

ظهورو ذوق ٿيو ذاتي، الاهي عشق اثباتي،
جسم ۾ اوٿ اثباتي، ڏٺو سي نور نورانو.

سري قلبي صفر سارو، نفي اثبات اشارو
خفيءَ مان خيال اوپارو، اوري افخا جو آستانو.

منجهان ملڪوت ناسوُتِي، اچي ٿيو جُهُدُ جبروتي،
هٽي هوُ هام هاهُوتِي، مٿي لاهوت لاثانو.

موُتوا قِبلِ مري جيڪي، ٿيا هِن اَنِتُ موُتُو سي،
’پريل‘ پيتو هٿان تن جي، وندين جي دُنگ دورانو.

◉

راڳڻي: پيلو　　　　تار: ڪلواڙو

ڪافي

ٿلهه: بچن منهنجا سکيا سانگي، سڪان ساريان راتو ڏينهان،
تني جي يادگيريءَ ۾، رڳو دلڙي ڪري ريهان.

پنهوارن جو پتو ناهي، مون کي کن ياد ٿا يا نہ،
هُتان هڪڙو نہ آيو ڪو، هتان ويندي ڏسان ويهان.

سمهڻ سان سور سَوَ جاڳن، اڄي مون کي اباڻن جا،
وڃڻ وس ناهہ منهنجي ڪو نيڪي ويهي نڪي بيهان.

اکين آگم ٻڌو اهڙو جيئن مند تي پڄي بادل،
نماڻا نيڻ ٽيا رو تي، اچن لونءَ لونءَ منجهان ليهان.

’پريل پينار‘ پنهوارن، ڏسان مان شال هڪ پيرو
تني لاءِ هِي هميشان پيو قلب منهنجو ڪري ڪيهان.
◉

راڳڻي: پيلو ڪافي تار: ڪلواڙو

ٿلهہ: سهڻا يار نہ تي دم ڏار، تو لاءِ هر وار وينو واجهايان،
مان تو تي عاشق آهيان.

تنهنجون روز نهاريان راهون، ڪريان درد مان در در دانهون،
توکي ڳوٺ ڳوٺ ۾ ڳليءَ ڳليءَ ۾ ڳايان.

ڏينهن رات تنهنجي لوري، هڪ روز جهجهڻ بي جهوري،
تنهنجي محب ملڻ لاءِ قرب جا ڪانگ اُڏايان.

’پريل پيناري‘ کي، آهي ڇڪ ڏاڍي سڪ واري کي،
تو لاءِ پٽو واٽن تي فالون پايان.
◉

راڳڻي: پيلو تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلهہ: پرينِ جي پيرِ جو مَٽَ پِيي، ڪنهن کي ڪونہ پايان مان،
سراسر سڀ ڏنمر سهڻا، هينئين سان جي هنڊايان مان.

منهنجي محبوب جي مورت، ڏسي ٿيا ملڪ مستانا،
ڏسڻ سان ٿو ڇوي سڀ ڪن، صدق قربان آهيان مان.

ڏين ماٺهو مون کي مهڻا، بديون ۽ بار بهتانا،
طعنا تنڪا سوين سهان، ڇمي چشمين لڳايان مان.

ٻئي اکڙيون کٽي خوش ٿي، نهاريئون ناز سان مون ڏي،
پرين جي پرت جا پل پل، اُهي ڳڻ روز ڳايان مان.

’پريل پينار‘ چئي پَرَ ۾، ڪري مل محب سان ميلو،
لڳو راتو ڏينهان اهڙا، سدائين پهہ پچايان مان.

◉

راڳڻي: پيلو تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلهہ: تنهنجي سونهن سهڻا ڏاڍو، ستايو مون کي،
رڳا سور سمهان ۽ سڪ، سڪايو مون کي.

ڏئي گهور گهائي اُهي، ڪيو تو فقير،
گهٽين ۾ گداگر وانگي، گهمايو مون کي.

نڪا ننڊ نيڻن کي ۽، هينئون پڻ جلي،
جو رڳو مونجهہ ماڻن واريءَ، منجهايو مون کي.

پلا چئو تہ کهڙي مون هئي، ڪيڙي خطا،
جو بنا ڏوهہ ڏاڍو تو آ، ڏکايو مون کي.

'پريل' آ 'پينارو' تنهنجو هي ويچارو عرض،
تہ پيارل پيشاني پنهنجي، پسايو مون کي.

◉

راڳڻي: پيلو تار: ڪلواڙو

### ڪافي

ٿلهہ: اي جاني اي جاني او دل جاني،
او جاني او جاني مهرباني ڪر عاشق تي احساني.

هڪ ناز ڪرين تو نيارا، اشارا، ڏورئون ڏئي ڏيکارا،
مارين مسڪين ويچارا، دلدارا، توتان ساهہ ڪريان قرباني.

پيو گهور ڏئي تو گهائين، واجهائين، دلڙي ڦري ڦاسائين،
جي نہ سجڻ ڳالهائين، سهڻا سائين، ڏي نينهن واري نيشاني.

'پريل پينار' پڪاري، نہ وساري، توکي سڪ سان روز سنڀاري،
تون وچ تہ گهڙي ڪا گهاري، دل ٺاري، پساءِ پرين پيشاني.

◉

راڳڻي: پيلو　　　　　　　　　　　　　　　　　　تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلهه: توسان، توسان، توسان لڳي دلڙي پئي ٿي روز پُڪاري،
جيڪر وڃي تون ڪا گهڙي، مون وٽ گذاري.

تنهنجيءَ جدائيءَ ۾ مون کي، آرام پيو ناهي،
آهن نماڻا ٿيا منهنجا، نيڻ نهاري.

پهرين تو ڏيئي محبت، ڪيون قرب جون ڳالهيون،
هاڻي پلا ڇا کان ويهين ٿو يار وساري.

'پينارو پريل' آهي، وڇڙيل وڇوڙي ۾،
تنهن کي هٽي گهايو تنهنجي، اکڙين جي اشاري.

راڳڻي: پيلو　　　　　　　　　　　　　　　　　　تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلهه: هلي آ هلي آ، هلي آ پرين پيارا، تون جانب جيءَ جيارا،
آهي زمانو زهر ٿيو دلدار تو ڌارا.

آهي لڳي تنهنجي مون کي، لونءَ لونءَ ۾ لوري،
هاڻي جدائيءَ ۾ ٿيا، ڪاٺ پيڻ ڪارا.

هڪ هڪ وڇوڙي جي گهڙي، جڻ سال ٿو گذري،
ڏک ۾ جيڪي ڏينهڙا لنگهن، سي سور ٿيا سارا.

وريل ويچاري سان وري، ملندين الائي ڪڏهن،
جيڪر جياريو مون اچي، محبوب موچارا.

⊙

راڳڻي: پيلوِ — ڪافي — تار: ڪلواڙو

ٿلهه: مون کي تنهنجي هئي ۽ توکي منهنجي هئي، ڏاڍي سڪ سا ياد ڪجان.

جيئن تو مون هُئي تي پهرين، اکڙي اڙائِي،
تيئن تيئن تي تيندي ويئي، محبت سوائي.
ڪين سَرِي تي ڪڏهن ڪنهنجي هئي، سا پِي گهڙي ڪا ياد ڪجان.

انهن ڏينهن ۾ ڪوئي، ڏک نہ ڏٺو سي،
صدمہ سورن جو ڪوئي، هڪ نہ سٺو سي،
قول ڪيا تي تڏهن تو ڪهڙا هئي، سي پي پنهنجا ياد ڪجان.

’پريل پينارو‘ آهي، پرت پياسي،
وقت انهيءَ کان ٿي، اصل اُداسي،
پپر پريائي جيڪي مرن توسان هئي، سي پي منهنجا ياد ڪجان.

⊙

راڳڻي: پيلو — تار: ڪلواڙو

ڪافي

ٿلهہ: دلبر دَوائِي ڪرڪا، مون برهي بيمار جي،
مَٿُ بي دوا نہ پايان، تنهنجي ديدار جي.

جنهن ڏينهن کان جدائي، جانب وئين ڪري،
تنهن ڏينهن کان وئي راحت، دل بيقرار جي.

توڙي طبيب ڪيئي، ڏوري ڏنم گهڻا
ڪل ڪانَ پيئي تن ڪي، ڪا انهيءَ آزار جي.

پهرين جي پانيم دل ڏئي، سوين سور ٿو وٺان،
تہ هرگز ڪريان نہ هڙي، وائِي واپار جي.

مون اڏ مُٺل مسڪين ڪي، جيڪر جياريو
هيءَ سڻ سدا تون سهڻا، مون ’پريل پينار‘ جي.

⑮

راڳڻي: پيلو تار: فلمي ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلهہ: يار جي فراق ۾، رات سورن جي پئي،
دل دُکي ٿي درد ۾، سا هٿين وينس ڏئي.

جنهن ڏماڙي مون ڏنو حُسن جو هِي حادثا
هوش عقل پڻ ويو، سرت سموري وئي.

اڄ وڇوڙي جو وري، واءُ ڪو اهڙو لڳو
نيڻ نماڻا ٿيا، روئن اکڙيون پئي.

جي پرڏيهه ڏي، ٽا وڃن ويساهيو
ساڻ نيڻ مون کي، ڪانَ قريبن ڪئي.

وقت وڇڙ جي يلا، 'پريل' سان پاڻهي اچي،
دوست دلاسي سنديِ، ڳالهه چٽي نا چئي.

◉

راڳڻي: پيلو تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٽلهه: اسان جو آ وِير وارث پير سائين پاڳارو
روهڙيءَ ۾ رهي ٿو رهبر، بلاشڪ يلارو.

شمس جيئن شعاع جنهنجو نور جو نظارو
فيض ڏٺي فيض وارو، سيني لاءِ سونهارو.

مٽيادار مانجهي سو آ ڪلني ۾ قرارو
محشر ڏينهن مرشد هوندو مڙين ڪان موچارو.

بالا بخت شان شاهي، سڪندري ستارو
پيغمبر ۽ پرور کي آ پرين سو پيارو.

پنهنجو آ سائل سوالي، 'پريل' پياس وارو
رڳي مهر محبت واري پني ٿو 'پينارو'.

◉

راڳڻي: پيلو | ڪافي | تار: اولنگهہ

ٿلهہ: تون مثال ماهتاب جي، ماهي منور يا علي،
اصل آن آفتاب جيئن، اعليٰ انور يا علي.

شاهہ مردان شهنشاهہ، سورهہ سخي سالار سو
شير يزدان شير دل، سرتاج سرور يا علي.

قول نبي پروردگار، آهي لقب تنهنجو آ اهو
تون حوض جو هادي حقي، سو ساقي ڪوثر يا علي.

لافتيٰ اِلاعلي، آهي فتح داري تو سندي،
تون سچي سردار جو، سو دوست دلبر يا علي.

لاسيف اِلاذوالفقار، اِي تو سندو هٿيار آهہ،
'پريل' چئي تو تي ڪيو آ، پيار پَرور يا علي.

⦿

راڳڻي: پيلو | ڪافي | تار: چٽنچل

ٿلهہ: مونسان مل تون محب منا، تنهنجي درد ڪيو ديوان.

تنهنجي سورن ستايو آ، دونهون دکن دکايو آ،
حُسن ڪيو حيران.

منهنجي توريءَ دم نہ سري، پرين پرچ ڪو قرب ڪري،
آهيان محبت لئہ مستان.

منهنجو عرض اگهائين جي، مُنهن سان ملائين جي،
نہ جان ڪريان قربان.

پرين 'پريل پيناري' سان، ملي وڃ تون ويچاري سان،
صدق چوان شڪران.

⦿

راڳڻي: پيلو تار: ڪوالي

## ڪافي

ٿلهہ: حب تم حيدر جي، سڪ تم سَرور جي.

تن من ۾ آهي تانگهہ اِها ئي، مير منور جي.

ڪنُجِي جنهن هٿ آهہ قديري، حوض ڪوثر جي.

لَحَمَکَ لَحَمِي جِسِمَکَ جِسِمِي*، صفت صفدر جي.

'پريل پينارو' آ پنجن تنن جو پياس پرور جي.

⦿

* تون منهنجو گوشت مان تنهنجو گوشت. تون منهنجو جسم مان تنهنجو جسم.

راڳڻي: ڀيروي تار: تين تار

## ڪافي

ٿلهہ: در نہ ڇڏيان دلبر جو، منٺار مِٺي منور جو.

راتو ڏينهان روح منهنجي ۾، راز رکيل رهبر جو.

دل من ۾ دم دائم قائم، عشق اٿم انور جو.

ثابت سڪ سان ٿيس ثناگر، سهڻي سر سرور جو.

'پريل پينار' حسيني حُبَ ۾، قسم پاڪ پرور جو.

(١١)

راڳڻي:ڀيروي تار: تين تار

## ڪافي

ٿلهہ: آهيان مان تہ اُنهن جِي آهيان، ٻئي تہ ڪنَهنجِي ناهيان.

پنجتن ڪن شل مون کي پنهنجي، آهي امام علي آهيان عابد جنهنجي،
حسن حسين حمايت منهنجي، مان چاڪر ٿي تہ چوايان.

زين العابدين سائين جي مان گولي، باقر سائينءَ جي پيڙس جهولي،
ما نَہ ڏَڏيءَ کي چاڙهِن ڏولي، مان تہ مَٿُ نہ جَنِي جو ڪو پايان.

جعفر موسيٰ ڪاظم منور، علي رضا سائين عاشق انور،
تَقي نَقِي سائين صادق سَرور. مان سائل سندن سڏايان.

اصغر سائينءَ کي سڪان ۽ ساريان، مهدي امام کي ڪين وساريان،
”پريل“ تني لئہ روز پڪاريان، مان پاند ڳچيءَ ڳل پايان.

⦿

راڳڻي: ڀيروي تار: داڏرو

## ڪافي

ٿلهہ: سڪندي رهان سڪ ۾ سدا، ڏينهن رات هميشان،
آهي مون کي تن من ۾ اها، تات هميشان.

جانب جي جدائيءَ هينئون حيران بنايو سڪ سوز جي ان سور پريشان بنايو،
وائيءِ اها آهي رهي مون وات هميشان.

ڪانگل قريبن جي مون کي ڏي ڪا خبر ڪريءِ ملندا الائي مونجهہ انهيءَ ۾ مري......،
اهڙي اچي مون ويجهڙو لڳہ لات هميشان.

وِهہ وڇوڙي ۾ ڏيا ڪائڻ پيڻ مونکي، جنجال جدائيءَ جو ڏيو آ جيڻ مونکي،
هن ساهہ کي پايان پٽو سقراط هميشان.

’پينار پريل‘ چئي پيو پلپل ۾ پڪاريان هڪ دم نہ پنهنجي دوست کي تو مور وساريان،
ان برهہ ٻتائِي اها مون بات هميشان.

⦿

راڳڻي: ڀيروي تار: داڏرو

## ڪافي

ٿلھ: ھر حال ۾ ھر وقت تي تون، سيدا ساڻِي، شھباز سيوھاڻي،
ڪر مھر مون مسڪين تي، ننگِي ننگڙو سجاڻِي، شھباز سيوھاڻي.

هِندُ سندّ ۾ ھر ھَندّ ۾ چؤگرد چوڏاري، تنھنجي موج ملاري،
سائل سوين تو در اچن ٿا سنجھ صباڻي، شھباز سيوھاڻي.

توڙي زمين افلاڪ تي، تو نر سندو نارو، نازل تو نظارو،
منزل مٿاھين تو سندي، سائينءَ ڪي سيباڻي، شھباز سيوھاڻي.

تو در اچن ٿا آسِي ڪري عرض ڪو ڪھڙو، تھدل سُٺِي تھڙو،
ھيءَ سڻ سدا ناقص نيازِي، نِجَسِ نماڻِي، شھباز سيوھاڻي.

آھي ’پريل‘ پياسِي ’پينار‘ حُسيني، حبدار حسيني،
اُن امام جي صدقي مون سان ھمراھ تي ھاڻِي، شھباز سيوھاڻي.

⊙

راڳڻي: ڀيروي تار: داڏرو

## ڪافي

ٿلھ: توھين اسان جو آھين، سردار محمّدﷺ
مشڪل ۾ مون سان ٿي تون، مددگار محمّدﷺ

سَپِنِنِ ۾ تون آن ختم المرسلين، مڙني پڙهيو ڪلمون توتي يڪدل سچي يقين،
محشر ۾ شفادار تون، منهندار محمدﷺ

قرآن تنهنجي شان ۾ نازل ٿيو پلين، محبوب ٿي معراج تو مرسل ڪيو پلين،
لولاڪ جو مالڪ تونهين، مختيار محمدﷺ

آهي 'پريل' پياسي 'پينار' عشق جو سائل تنهنجو ثناگر سڪدار عشق جو
هر جاءِ تنهنجو نور آ، نروار محمدﷺ

⦿

**راڳڻي:** ڀيروي — **تار:** داڏرو

## ڪافي

ٿلهہ: سَنَرو • بهار سهڻا، هوندين ڪندو آللهُ،
مهربان محمدﷺ پڻ، راضِي رسول اللهُ.

جان جان پسان بهاري، تان تان بهار مان،
تون گل خوش تہ بُلِبُليون خوش، ويتر تہ واهہ واهہ.

جان جان پسان تو چهرو، تان تان رسيم راحت،
بيشڪ ستارو بالي، پرور ڏيئي پناهہ.

جان جان پسان پيشاني، رُخ پاڪ رهبري،
سئو سئو دئعا چوان مان، شڪر الحمداللهَ.

جان جان پسان پرين تو روشن رنگين مان،
دم دم ڪري دعائون، ’پريل‘ سندو پساھ.

راڳڻي: پيروي　　　　تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلھ: نيڻن ساڻ ناحق، وئين دل ڦرائي،
ڦري دل ڦٽي، وئين گهورن ساڻ گهائي.

مون کي ڏي ملڻ جو دلاسو ڪو دلبر،
عاشق کي اجايو رهين ڇو رنجائي.

هڪ حُسن ۽ ناز نخرا ڪرين،
سِڪايو تڏهن تو ويتر ويس پائي.

ڪلڻ خوش ٽيڻ، سا عجب چال تو
آهي اکڙيون ڏيکارج وري منهن ورائي.

’پريل‘ سان پرين وھ تون گهاري گهڙي،
اميدون منهنجون هي الله من پُڄائي.

راڳڻي: پيروي　　　　ڪافي　　　　تار: ڪلواڙو

ٿلھ: لائق ناهي منا توکي مناسب ايئين، تون تہ ڪرين ٿو تيئين.

ڦٽي هيٺون فراق سان، ڇو تو وري ڏک ڏئين.

مُرڪڻ سان مشتاق جي، ناحق تو دل نيئين.

ڪر ڪا مهر مسڪين تي، شال جهانَ ۾ جيئين.

پرچي ’پريل پينار‘ سان، شال ٿانيڪو ٿيئين.

⊙

راڳڻي: ڀيروي ٿار: ڪلواڙو

ڪافي

ٿلهه: مبارڪ مبارڪ مِلي آ، خوشيءَ جي خلق ۾ خوشبوءَ کُلي آ.
ڪيو گهوٽ کي آهِ سَرور سجايو، ڪئي مهر موليٰ ڀلائِي ڀَلي آ.

ٿيو راز رهبرَ رسولي خدا جو، مدد پڻ مدامِي اَجهو ٿيو علي آ.

ڇَنِي ڇيچ ڏاڍي ٿي بلڪل بهاري، عطر جي تہ هبڪار هر هنڌ هُلي آ.

’پريل‘ چئي اميدون الله اڄ پڄايون، اِها آس دل جِي سائينءَ ڪِي سوَلي آ.

⊙

راڳڻي: ڀيروي ٿار: ڪلواڙو

ڪافي

ٿلهه: وڃي پئي وطن تي، ڪونجن جي قطار،
ٽوليءَ کان ٽِي ٽاري، ڏٽيءَ ڪيئي ڏار.

هنيو ڪانَ ڦهري ڪنهن ظالم زبر، لڳم تِير ڏاڍو ٻَچي پيومِ پَر،
ڪِريو تيئن ڪريان ٿي، پڌر منجهه پُڪار.

چڙهيون عرش اُڏري هيون ساڻ جي، پُڪاريو پُڪارن صلاحن مونکي،
هَلي وس نہ ڪريان، حِيلا جي هزار.

رهيم روهِہ ٻچڙا وڳر ۾ سڳر، مون کي نيٺ قسمت ۾ سختي ثمر،
ڪيو ڪيئَن تہ آهي، شڪاريءَ شڪار.

هيِ پل پل پُڪاري 'پينارو پريل'، وِرهہ ۾ وڇوڙي جو دردن ڀريل،
ٿئي من ڪا منهنجي، پرين وٽ پچار.

◉

راڳڻي: ڀيروي تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلهہ: مِٺُ ڪو نہ ڪنهنجو آ، ظاهر تہ زماني ۾.

نڪو ياءُ ٻہ ڀائي آ، سنگتي نہ صلاحي آ،
پنهنجو ٻہ پرايو آ. ظاهر تہ زماني ۾.

نڪا يارن ۾ ياري، وئي آهي وفاداري،
هزارن ڪو هڪڙو آ، ظاهر تہ زماني ۾.

آهي مطلب جي محبت، رڳو سوا گهڙي صحبت،
جيتر هٿ پئسو آ، ظاهر تہ زماني ۾.

آهي ’پريل پيناري‘ جو اللهُ ويچاري جو
مون سچ تہ سڻايو آ، ظاهر تہ زماني ۾.

◉

راڳڻي:ڀيروي | ڪافي | تار: ڪلواڙو

تلهہ: تي عاشق امالڪ اچان تو، نظاري نِشانبر نچان تو نچان تو.

چڙهي هوڏَ هستي ماٽي موج مستي، عاشق تي الستي مچان تو مچان تو.

الفَ سان ايڪا ڻِي سنياليان سدائين، ڪري بات بقائي بچان تو بچان تو.

بنائي برهہ بازي اصل تي آوازي، ڪري روح راضي رچان تو رچان تو.

وني نينهنَ نالو چڪيِ چشم چالو ’پريل‘ پِي پيالو پچان تو پچان تو.

◉

راڳڻي:ڀيروي | تار: ڪلواڙو

ڪافي

تلهہ: ڳليءَ ڳليءَ سِرِ ڳايان، مان توسان تو لَنئُون لايان.

صورت سير سراسر سمجهي، پير نہ پوئتي پايان.

ڏندا هٿن ۾ جاما جوڙي، ڇيرِيُنِ ڪي ڇَمڪايان.

ذاتيءَ ساڻ صفاتي سُر سن، محڪم موج مچايان.

ديِدَ درُوني دائم دَمَ سان، قائم قرب ڪمايان.

”پريل“ پيچُ پَسَڻَ لئہ پائي، رمز سان رمز رلايان.
⊙

راڳڻي:پيروي تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلهہ: پول نہ تنهن ۾ پايان، من ساڳيو سو سِرُ آهيان.

ناتي نينهن نظاري نيڻَنِ، نيهِي ناٿَ نچايان.

صورت سير صورت ۾ سرو، صورت صاف سڏايان.

ڳُجهَ سان ڳُجهہ جيءَ ڳالهہ ڳُجهيءَ جو ڳيت اَنااَلحَقُ ڳايان.

پسي ”پريلُ“ پَسڻ ۾ پڌرو، پيچُ پَسڻ لئِہ پايان.
⊙

راڳڻي:پيروي تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلهہ: رکي عار اوري اچڻ جي نموني، مِٺا مهر ڪر ملڻ جي نموني.

ڪري ناز نِتِڪو نچڻ جي نموني، وِڏءِ نيٺ نوڙِي نِيَڻَ جي نموني.

چشمن ساڻ چيني چُٽڻ جي نموني، ڏَئِي گهوُر گهائيءِ گُهٽَڻَ جي نموني.

ڪٽي نيڻ خوش تي کِلڻ جي نموني، مُنئِ يار مُرڪي مُسڻ جي نموني.

”پريل“ روز پياسي پچڻ جي نموني، پرين ڪر پوئواري پَسڻ جي نموني.

⦿

راڳڻي: ڀيروي تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلهه: عُشاقن اهو آ اصل اُلُٽ آرو، اُٿن آڳِ آڙهه اُتي اُن اُمارو.

اَوَلِ الف اوري انهن آهه اُجَهِيو، اويسين اُتانهون اَڏيل آ اوطارو.

اَلَسِتَئونُ اِلاهي اوقاتي آوازِي، اُهِجاڻَنِ اُنَهنِ آهِه اَويڙو اشارو.

آهي اوج اهڙو آديسين اجاريو، اچن اوچتو او اچلجي اويارو.

اثر آهِه اڪثر انهيءَ آڳِ اچڻو ”پريل“ پُڻ اصل آ آديسي اُجارو.

⦿

راڳڻي:پيروي        تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلهه: ڪيو سَرِسُ سهڻي سو سينگار آهي،
عجب جوڙ جملي جو جنسار آهي.

چشم چرخ چَهَ چَهَ تيو چمڪار آهي،
نظر نيڪ نوريِ ٿي نروار آهي.

رنگي روُپَ روشَنَ سانَ رُخِسارُ آهي،
قَمَرُ شمِس سامهونُ شَرَمُ سار آهي.

دِلي درس دائم سو ديدار آهي،
دِلاوَرُ دوُرانيِ تيو دلدار آهي.

پَسَرَطَ لئِہ "پريل" روز 'پينار' آهي،
عجيبنِ اڳيان تيو عرضدار آهي.

(۱۵)

راڳڻي:پيروي        ڪافي        تار: ڪلواڙو

ٿلهه: اچي عشق ڪئِي اظهاريِ،
وَهوا بِرهَہ سنديِ بهاري.

چيرِيُن لايو چِمِ چِمِ چمڪو
چشم چوڏاري چِمِ چِمِ چِمِڪو
جامَنِ سان جِنِسارِيِ.

مخفِي مام مجازِي مَنَ ۾،
طالب طلب ڪري ڏِسُ تَنَ ۾،
محڪم موج مَلارِي.

خيالَ سان خيالَ کي ڏسُ تون کولي،
ڳالهہ پرئيان جي ڳُجھڙي ڳولي،
ٿَئي سيني ۾ سُڌِ سارِي.

”پريل“ پِرتِ پَروُڙِجِ پنهنجِي،
ناهي سَڌِڙِيَنِ سُڌِ سمجھڻ جيِ،
جيڪا گُر گفتاري.

⊙

راڳڻي:ڀيروي تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلهہ: ڦري دل ڦاسائي رُلائڻ نہ واجب،
مون کان منا مُنهن مَٽائڻ نہ واجب.

رنجائي نہ رهجي وساري نہ وِهجي،
توکي چا ڀيو ڇٽو جي ڇوائڻ نہ واجب.

ڪري محب ماٺو ويتر ڪُئِہ ويڳاٺو
نِهوڙي نماٺو نَمائڻ نہ واجب.

اڇڻ گهرجي هٽي پرين توکي پاڻهي،
سارو تو سُجاڻي سِڪائڻ نہ واجب.

"پريل" تو پُڪري سدا توکي ساري،
ڏکي دِلِ کي ڏري ڏُکائڻ نہ واجب.

◉

راڳڻي:ڀيروي تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلهہ: مٺا محب مون سان ملڻ توکي واجب،
اڳڻ مونُ عجيبا اچڻ توکي واجب.

پَري رهُہ نہ پيارا تونُ جيءَ جا ڄيارا،
خوشيءَ خيال وارا کِلڻ توکي واجب.

نہ ڪر مُحب ماڻو وَتان مان ويڳاڻو،
هي نالي نماڻو نِيَڻ توکي واجب.

هي گهورن جو گهايل سِڪَ جو سڪايل،
ڏُکن جو ڏُکايل ڏسڻ توکي واجب.

مِٺا مُون مُنل کي قرب جي ڪُنل کي،
پريِتَمُونُ "پريل" کي پَسڻ توکي واجب.

◉

راڳڻي:ڀيروي تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلهہ: ڪنهِين ڏينهن دلبر اڱڻ شال ايندو،
ڀَلو ڏهاڙو منهنجي ڪاڻِ ٿيندو.

سدا روز ساريان گهڙي نہ وساريان،
اکين آب هاريان وَٺي شال ويندو.

آهيان مان اُداسي پرينءَ لئہ پياسِي،
رکان سک خاصِي نِذَرِ شال نيندو.

ڪونهي ڪانگ ڪوئي چوان حال روئي،
سمُورو سيوئي سو مذڪور ڏيندو.

’پريل‘ چئي ’پينارو‘ پيرانيءَ وارو،
پرين شَل پيارو مون سان محب ملندو.

⊙

راڳڻي:ڀيروي تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلهہ: موٽُ منا منٺار منهنجا يار وو. آءُ پياسِڻ روز پُڇان ٿي.
مِلُ نَہ ٿہ مفت مَران ٿِي، هاڻي ڪر ڪا دوا اڇي دلدار منهنجا يار وو.

ڪيئن ڪريان ڪاڏي وڃان، تنهنجي برهہ ڪيُمِ بيمار منهنجا يار وو.

چو ٿو پرين پاسا ڪرين، آءٌ هلي هڪوار منهنجا يار وو.

ڪر ڪا مهر مسڪين تي، ڏي ڪو "پريل" کي پيار منهنجا يار وو.

⦿

راڳڻي:ڀيروي تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلهہ: ڏي دلاسو دلبرا، مون کي ملڻ جو اي مٺا.

عشق اوهان جي ۾ عجيبو رات ڏينهن رَڙَندِي وتان،
اڪين کي آرام ناهي، هي سورُ مون سِر تي سَٺا.

تون رهين ٿو دوُر دلبر، آءٌ هتي هڪڙي ڇڙي،
جي درد آهن دل منهنجيءَ تي، سي سيئي سهڻل هَٺا.

مُنهنُ نہ مَٽِ محبوب مونُ سان، مِل خدا جي واسطي،
مَٽِ نہ راز رُسُ نہ دلبر، منهن نہ تون مون کان مَٽا.

"پريل" ٿو پل پل پُڪاري، ساهہ سان ساري سدا،
آهن مِٺا معلوم توکي، جي اٺم ڏُکڙا ڏِٺا.

راڳڻي:ڀيروي تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلهه: مون کي مٺا محبوب سائين، ماڻن ساڻ نہ مار تون.

سک اوهان جيءَ ۾ سدا ٿي، رات ڏينهن آرام ناهہ.
هاڻي منهن مٺا محبوب پنهنجو مونکي اچي ڏيکار تون.

عشق جو آڙَهہ اندر ۾، محبتي مچ پيو ٻري،
پرت جو پاڻي ڪٽي، دونهون درد جو ٺارِ تون.

مون سڪايل کي ڪو هاڻي، ڏي دلاسو دلبرا،
ڏي دُرسُ ديدار پنهنجو جانب جيءَ جيار تون.

پرچ پيارل تون 'پريل' سان، جاني جدائي ڪيم ڪر،
پرت سان پيالو پريمي، مون کي پيارل پيار تون.

⊙

راڳڻي:ڀيروي ڪافي تار: ڪلواڙو

ٿلهہ: ٿيندين يار ڪڏهن منهنجو اچي مهمانُ
آءُ اڱڻ اسان جي تون ڪري احسانُ

ساهہ سڄڻ توکي سدا منهنجو ساري،
الله آڻيندُءِ اڄ مون اوطاري،
راتو ڏينهن رڳو ٿيو آ غم گذران.

حال ڏسي ڪج يالَ پلايون،
محب مٺا منهنجڙن ميٺِ مدايون،
توڪئون يار جدا آهي هينئون حيران.

سٽج صدائون عرض اگهائج،
مون مشتاق ڪان منهن نہ مٽائج،
جي تون محب ملين پڙهان سدا شڪران.

پرين 'پريل' ڪان ڪج ڪِيمَ پاسو،
ترت اچي ڏج دوست دلاسو،
سارو ساهہ سچڻ توتان سِر قربان.

⊙

راڳڻي:ڀيروي　　　　　　　　　　　　　　تار: ڪلواڙو

ڪافي

ٿلهہ: ٿي نہ يار پري محب مون کي ماري، هڪ سڪ سَرِسي ساهہ سدا ساري

سارِيان روز سدا جانب ٿي نہ جدا، آڻئِي مانَ خدا اچ مون اوطاري

راتو ڏينهن رُوئان ڪنهن کي حال چوان، جيتر يار جِيان وچ ڪا گهڙِي گهاري

دل ۾ دوُدَ دُکن باهيون برهَہ ٻرنِ، هينئين سوُر هُونِ ماريس مونجهاري

آهي آس گهڻي "پريل" کي پياسي گهڻي، دم دم خواهش گهڻي واڳون اچ واري

⊙

راڳڻي:ڀيروي تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلهہ: تنهنجي حسن هينئون حيران ڪيو، هليو هوش عقل سڀ يار ويو.

تنهنجي برهہ ڪيو آ بيمار مون کي، اڇي عشق ڏنو آزار مون کي،
آهي دَرِشنَ جِي درڪار مون کي، منهنجو مقصد اُنَ ريءَ ناهہ ٻيو.

دل درد ڪنا دانهون روز ڪري، اڄ پاڻ پرين پنهنجا پير پري،
منهنجي ساعت تو ريِءَ ڪانہ سري، دل هَئولُ هميشان هاڻِ ٿيو.

تنهنجيءَ محبت لئِہ پيو ٿو مفت مَران، انهي ڳڻتيءَ ۾ پيو روز ڳران،
رڳي مهر مَنگان گهڻو ڪين گهران، هاڻي دوست دلاسو ڏيو تہ ڏيو.

چوي ’پريل پينار‘ پُڪاريان ٿو، سڪ سوز منجهان توکي ساريان ٿو
نڪِي وسرين وسئون نہ وساريان ٿو، تنهنجا سڄڻ سهان سَدا سوُر پيو.

◉

راڳڻي:ڀيروي تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلهہ: مون کي ملير موچارَنِ سان، پنهنجي ملڪ مِلانَ شل مارن سان.

عمر زيَورَ زَرِيوُن سڀ زهر ٿيا، مون ٿي ڪڙِمَ پنهنجي ۾ قول ڪيا،
ورِيِ ويڙِهہ وطن واري واڳ ويا، منهنجا ٻول ٻَدّل ٻڪرارن سان.

عمر ڪينَ وٺنِ تنهنجون محل مڏيون، لانديون اوڻَ اباڻنِ آهن آڏيون،
رڳو اهنج تنهنجي ڪان ٿا وجن لَڏيون، ڪهڙو وير وِڏُ تہ ويچارن سان.

عمر ويس ويڙيچن لاهہ وٺيو ڳنِ هيٺ مٿي ڪَتِي خانَ ڪٽيو،
لوئِي لالَ لِڳين پائِن پَٽُ نہ پَٽِيو ڪنديس ڳالهيون انهن ڳنوارَنِ سان.

عمر ڪير ڪَتا ڪُنپيُون ڪاڄُ اُهو پوري پُرتَ پَجِي ڳنِ ڪاڄُ اُهو
پيروُن "پريل" چوي ڏُٿُ ڏاڄُ اُهو سو ٿا ڪائِن وَنڊي تہ ڏنارن سانُ.

⊙

راڳڻي:پيروي تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلهہ: ڪرڻ ڪينَ گهرجي ڪڏهِن بي وفائي،
نہ ڪر يار هردم تون جيئري جدائِي.

جيئن يار جاني ڪر ڪر مهرباني،
ڪري دل ديواني تہ دلبر ڏکائِي.

مٺا يار ماري نا ويهج وساري،
برهہ باهہ ٻاري اندر آڳ لائِي.

سدا روز ساريان نہ هڪ دم وساريان،
پيو پل پل پچاريان اِها واتِ وائِي.

”پريل“ چئي پيارا خوشيءَ خيال وارا،
ڏئي اکڙين اشارا تو هيءَ دل ڦاسائي.

راڳڻي:ڀيروي تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلهہ: جدائي نہ ڪر تون جيئري يار جاني،
ملڻ جي مِنا ڪر مون سان مهرباني.

اوهان ڏي اچڻ جي اٿم سڪ ملڻ جي،
ڪريو ڪا ڪِلڻ جي اسان سان احساني.

اوهان لاءِ هاڻي تکي طلب تاڻي،
سدا محب ماڻي تون جوڀن جواني.

آهي سڪ سوائي نہ ڪر تون جدائي،
اوهان لاءِ سدائين ٿي آ دل ديواني.

وري سنهن ورائج ڪِلي تون ڳالهائج،
”پريل“ کي پَسائج پيارل پيشاني.

راڳڻي:ڀيروي تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلهہ: اسان کي عجيبن جو ارمان آهي،
هينئون روز حيرت ۾ حيران آهي.

اسان سان احساني نہ ڪن مهرباني،
اهڙو يار جاني جيوَتُ جوان آهي.

الائي چو لِڪَنِ تا نہ خبرون پڇن تا،
ائين پيي سمجهن تا تہ هي مهمان آهي.

اهو ڏين اشارو وري وچڻ وارو
چِٽو ڏَسِيِن چارو تہ چالاڪُ آهي.

نہ ڪن گفتگوئي نہ ڏين قرب ڪوئي،
"پريل" پنڌِ پيو ئِي پريشان آهي.

راڳڻي:ڀيروي — تار: ڪلواڙو

## ڪافي

**ٿلهہ:** ساهڙ ساهڙ سهڻي ڪري ٿِي، هڪ ڀِرَ نہ وصل رِيءَ وچ تان وَري ٿِي

رات انڌاري دور درياهَہ جا، آرَ اڙانگا اُلِٽُ اوڙاهَہ جا،
تڪي تارِ طلب سان هوُءَ ترت تَري ٿي.

دهشت ڏوُمَر درياهِي دَڙڪو، ڪُنَنِ ڪيو ٿي ٿهرِي ڪَڙِڪو
ٿهڙِي هيبَتَ ڪان هوءَ ڏس نہ ڏَري ٿِي.

سَوَ لک سِير ۾ سيَرَ سُجَهنِ تا، واڳونُ وِڙَهڻَ لَئِہِ واتَ وِجهنِ تا،
تہ بہ ساهڙ رِيءَ تنهنجي ڪينَ سَري ٿِي.

لُڙَهَندي لَهرِيَنِ ۾ پَڃِي پيو پيلو موليٰ ميهر سان ڪري مَنَ ميلو
نَہ تَہ مُنڌُ تہ ملڻ رِيءَ مفت مَري ٿِي.

انگ اَزَلَ کان لکيلُ اِلاهيِ، ڪُلُ نَفِسِ ذائِقَة الُموتُ باتِ بِلا هيِ،
پوريِ پرت "پريل" چئي ڪيئَن نَہ پَري ٿِي.

⊙

راڳڻي:ڀيروي تار: ڪلواڙو

ڪافي

ٿلهہ: موتُ ميِهَر هِنَ مهل مَرَڻ جِي، وائِي واتِ اها ٿَمِ محبَ ملڻ جِي.

وچَ درياهَہ ۾ سُٽِي منهنجون دانهُون، اِنُ اوڙاهَہ ۾ اڇج اورانهون،
اڇي سيگهہ سيڪارج ڪا طَرِزَ تَرَڻَ جِي.

ايندي امالڪ پَڃِي پيِمِ پيلو سارَ لهج مون ساهڙ سويلو
هاٿي واهر ڪر ڪنَهن ڪَنڌيِءَ ڪرڻَ جِي.

ڪُنَنِ جو ڪَڙڪو رات اَنڌاريِ، دِلو بہ پَڃِي پيو ۽ آهيان اَڻَ تاريِ،
مونُ ۾ ناهِہ پُڄَتَ هاٿي بِنهِنِ بَچڻَ جِي.

پاٺهي "پريل" چئي پِيَسِ منجهہ پاٽِي، ساهڙ سِگهيرو اچِي ٿِج ساٿِي،
پيٽِي ناهِہ پَوا توريِءَ پارِ پَوَڻَ جِي.

⊙

راڳڻي:ڀيروي ۽ پرڀاتي          تار: ڪلواڙو

## ڪافي

تلهه: اُٿو ڙي عصرَ ويلَ آئڙَ سان اوريو
چڱي چاهه چِستانُ چَرخي ڪي چوريو.

ڪريو ڪا ڪَترَ جِي ويلَ نه ويهڻَ جِي،
سارِي راتِ سُمهڻَ جِي گهڙِي نِنڊَ گهوريو.

ڪتينڊِيُون سي ڪَنڊُيون ڪپڙا ۽ گنڊِيونُ،
سدا وِرهه وَنديون ڪَتِينَ سُٽُ سوريو.

قُرب ۾ ڪَنيِجو سَيئي سُٽُ جَنيِجو
شَرافَنِ تنيِ جو تَڪَڙِ ساڻُ توريو.

'پريل' پرت واريون سُمَهَنِ ڪينَ ساريون،
پَيون ڏُکِنِ ڏارِيون ڏِسَنِ ڏِيلُ ڏوريو.

⦿

راڳڻي:ڀيروي          تار: ڪلواڙو

## ڪافي

تلهه: فَنادَرِ فَندَرِ فَنادَرِ فَنا

ڪتي آهي آدَمُ ۽ بيِبِي حَوا، رُڳو ڪنهِن رَنجائِڻُ به ناهي رَوا،
پُڇِي ڏِسُ زُليخان ۽ شِيرِين ڪَنا.

ڇڏي نام نيڪي هَلي هيرَ تي، سَسُئيءَ کي بہ هُئي سِڪ سَچي سِيرَ تي،
لَيلان لاءِ لاشڪ ٿيو مجنون مَنا.

ساهڙَ ڪاڻِ سُهڻي تي گهڙي گهيڙَ ۾، لُڙهي تِي لَهنواري نہ دمُ ديرِ ۾،
رهي نامَ رَبّ جِي صافِي ثَنا.

تيئن مون کي عشق تهنجي موهي مَستُ ڪيو تڏهن ڪاڻِ ڪمُ ڪوئي مون کان سڀِ ويو،
جو پڙهايئہ "پريل" چئي پرت جا پَنا.

⦿

راڳڻي: ڀيروي تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلهہ: موهيا تن منُهنجا مارُو مَلارَ سان،
سُک تا وسَنِ سي سانگِي وَڳَرنِ وَلَهارَ سان.

ڪارانِهن ڪئِي آ ڪَڪَرنِ، ڪِوڙنِ جي ڪيلَ سان،
اِجهو وَرِيو واءُ وُٺي جو بونُدُنِ بهار سان.

سو اوڻي اُتانهون آيو، ڪاڻِڙُ مان خابرو،
جنهن ڪِينئہ جي خبر سُڻائِي، خوش ٿي ڪيِڪارَ سان.

الله ۾ اميدوُن، آهن مون کي اِهي،
تہ موٽِي مِلان مان مارن، شل ڏُر ڏَنار سان.

عمر میان اُماڻِجِ، ٻنهنجي وطن وري،
پنھوار مانَ پرِچَنِ، 'پريل پينار' سان.

⊙

راڳڻي: تلنگ ۽ ڀيروي تار: ڪلواڙو

ڪافي

ٿلهه: پلا پرين رنگ هجن توکي رنگ، ڏاڍا وجهي وئين ونگ،
دلڙي دلبر يار ڦري، وري دوست ڪري وئين دنگ.

اسان تہ نيت ائين ٿي پايون، صحبت ڪيندي سنگ،
پر ناحق نيڻن وارا نازڪ، ڊولڻ ڪيڙهءِ ڍنگ.

اکڙين آر اڙانگا ڪيا، پيو نيڻن کي نا ننگ،
گھور ڏئي دل چور ڪئي تو، ڏاڍا لڳڙم ڏنگ.

عاشق ٿا سَوَ سور سهن، هِي لکيل الستي انگ
معشوق جو مرڪ اهو آ، ٻاڻ هڻن ٿا ٻنگ.

"پريل" پرين تو لئہ روز پچان، جيئن مچ ۾ پچن پتنگ،
سونهن ڏسي سَوَ سور سَنا مون، ٿي پيس مست ملنگ.

⊙

راڳڻي:ڀيروي تار: اولنگھ

ڪافي

ٿلهه: رندي ريت رهڻ، روُحِي رسم رکڻ، رنگي رنگ رمڻ، اهو ناهي رچڻ،
پيو چاهي وويار.

معنيٰ ميم ملڻ، مُرڪي مامَ مَچڻ، مستو مست مچڻ، مُوتُو ماتِ مرڻ،
قائم قرب ڪرڻ ڪوري ڪنڌ ڪَٽڻ ڪٿهن ڪينَ ڪڇڻ اهو ناهي ڪُسڻ
ٻيو ڇاهي وويار.

هستيِ هَڏِ نہ هُئڻ، هوُ حق حَلِق هٽڻ، هشمت حال هَلڻ، هرگز ڪينَ هٽڻ،
چاري ساڻ چُرڻ، چوڪِي چالِ چَلڻ، چُٽِڪِي چوٽ چَڪڻ، اهو ناهي چوڻ،
ٻيو ڇاهي وويار.

سِڪ جو سوز سڪڻ، سهمان سورُ سهڻ، سارو ساهُہ سَچڻِ، سارِيِ سُرت سَلڻ،
وچ ۾ تہ ڪينَ وِهڻ، واجِبُ وِرهُہ ونڻ، واري وک نہ وَرڻ، اهو ناهي ويڃڻ،
ٻيو ڇاهي وويار.

اهڙِي آگِ اَتڻُ، اُلتي آرِ اچڻ، آڙو اُلٽ اُٿڻ، آڏو عشق اُپڻ،
پورِي پرتِ پَسڻ، پَڌِرا پُور پَوڻُ، "پريل" پِڙَ ۾ پَوَڻ، اهو ناهي پَچڻ،
ٻيو ڇاهي وويار.

راڳڻي:ڀيروي تار: اولنگهہ

## ڪافي

ٿلهہ: تنهنجي حُسن ڪيو حيران هينئون،
وايون عقل سنديون سڀ يار ويون.

آءَ تہ گهڙي ڪا گهاريون هِتِ، ويهي گڏجِي يار گذاريون هِتِ،
پنهنجي پرت پَڪيءَ ڪي پاريون هِتِ، هڪ دم نہ جدا دلدار ٿيون.

اڄ آءُ ڪري احسانِي تون، مِل محب ڪري مهرباني تون،
هڪ دم نہ جدا ٿِي جاني تون، دل روز ڪري دانهون درد ونديون.

هڪ عشق ڳنا سارو هوشُ وَيو پيو سوُر سدا سڪ سوز ٿيو
تيون جگر جَلي جُهدئون جوشُ ٿيو چوٿون حال نهوڙي نينهنَ نيون.

آهي خواهش گهڻي تو يار سندِي، سُڻ عازي 'پريل پينارَ' سندي،
آهي دُرِسُ دوا مون بيمار سندي، ويهي وصل پيالو پيار پِيون.

راڳڻي:ڀيروي تار: چٽنچل

## ڪافي

ٿلهہ: رمز رندن جيءَ تي رهڻ رسم رکڻ،
رهبر اهو روحِي راز رلايو.

عشق سندي آڙاهہ ۾، ٻُل ڏئي ٻيهڻ مور نہ مڙڻ،
عاشقن اهو اصل آواز الايو.

سوليءَ تي سِر پنهنجو نشان ڪرڻ ڪين ڪُڇڻ،
ڪو پن اهو قربئون ڪواز ڪمايو.

محبت جي ميدان ۾، مرد تي مچڻ موُٽوا تي مرڻ،
ساجن اهو سهڻو ساز سڻايو.

پُر تي پَرِ سان پِڙَ ۾، ’پريل‘ پوڻ پتنگ تي پچڻ،
پيرِ مغان اهو پَرواز ُپَسايو.

⊙

راڳڻي:ڀيروي تار: گت ڪوالي

ڪافي

تلهه: عمر ميان ڏي موڪل، ويڙيچَنِ ڏي وڃان،
اي ميان سانگيئڙَنِ سان سَرچِي، سيئي وڃي سوُر سَڃان.

عمر امانَتَ آهيان جنهنجِي تَنهنِ ڪَرِ ٻلي،
آهي مَنگِيندو مُئِي جو سو مون سان ڪيت ڪِلي،
اي ميان ماروءَ مِير مِلي، اُهو پنهنجو وَرُ تِي مَڃان.

جهانگيئڙن ري مون کي آهي جِهجهڻُ ۽ جهورِي،
ماڙيچَنِ جِي مَنَ ۾ آهِ لڳل مون لورِي،
اي ميان ڇڏ نه ڇُتان آءُ ڇوري، وڃي ڳالهيون ڳوٺِ ڳُڃان.

زَرِيُون زيَورَ زِينَتَ پَئِيءَ نَه پايان پَٽُ مان،
هارَ هَسِيُون ڪِينَ ڪنديِئَسِ ماڙيچَنِ جو مٺُ مان،
اي ميان جانَ ٽُنهِنجِي ڪَتَمان، پِنِيَ شالَ پَڃان.

موٺُ منهنجو موٽِي شل ملڪِ مليرِ ٿيندو
ڪائوڙيَنِ جو ڪَفَنُ ڏاٿُر شالَ ڏيندو
اي ميان ”پريل“ کي مولِيٰ ميليندو اتم اميدون اڃان.

راڳڻي: ڀيروي — تار: گت ڪوالي

## ڪافي

ٿلهه: وَرُ وَلَهَا ويڙهه سڳهو وَڻجارا وَطَنِ وَري،
اي ميان روئي راتو ڏينهان، ڳَڻَتِيَنِ ۾ وِيَس ڳَرِي

ماريان روز سدا آڻَئِي مانَ خدا اي ميان،
جانب تيءَ نہ جدا جيتَر آهيان جِيئَرِي

آهي مون تيو اهڙو هيڻو حالُ هِهَڙو اي ميان،
گوندرُ گهارَڻُ پِيڙو تِيَسِ مستان چَري

اکيون روز روئن پلپل پوُرَ پَوَنِ، اي ميان،
هينئين سوُرَ هُرَنِ ڪُلِي آ دردنِ دَرِي

'پريل' ڳنا تِي نہ پَري، ساعتَ مون ڪانہ سَري، اي ميان،
ريِهُون روزُ ڪري، ويندِيس مُفِتُ مَري

⊙

راڳڻي: ڀيروي — تار: گت ڪوالي

## ڪافي

ٿلهه: پَڳَهَہ چوڙي ويا پَرڏيهه ڏيهي ڏوُر رَهِيَم،
اي ميان دونهان درد ڏکن سامهان موُر ٿِيَم.

ڪيم آلائي اهڙي خام خطائي کهڙي،
اي ميان قسمت اهڙي هٿڙي قلم ڳلوُرُ ڳيُم.

آهي مون کي اُنهيِ تاتِ طلب نِتُ تن جِي،
اي ميان آهيان آءٌ جن جي سي وَهَلوُر وِيَم.

روئي راتو ڏينهان دانهنَ درياھہ کي ڏيان،
اي ميان اوري حال هيٺان سَبِ مذکورُ چِيُم.

"پريل" چوي پُڪاري روز هنجون هِتِ هاري،
اي ميان سامونديَنِ کي ساري پلپل پوُر پِيَم.

⊙

راڳڻي: ڀيروي تار: مغلي

## ڪافي

ٿلهہ: ڳوليان گهتيءَ گهتيءَ ۾، ءِ گهر گهر گهڙي وو يار،
تهدل تو ساڻ دلڙي، آهي اَڙِي اَڙِي وو يار.

هيڪر مٺا هلي آ، روح جي رَتِي رَلي آ،
هيءَ جان جِند جلي آ، سوزَن ۾ سڙِي سڙِي وو يار.

اکڙين جي هڪ اشاري، مون کي تہ وڏو ماري،
هي دلڙي منهنجي ڏتاري، تو قابو ڪڙِي ڪڙِي وو يار.

توکي ڏسان مان تڏهن، جانب چوان تو جڏهن،
تہ ايندين الائي ڪڏهن، اي لالڻ لَڙِي لَڙِي وو يار.

’پريل‘ چوي پُڪاريان، سڪندي توکي ٿو ساريان،
هاڻي ڏينهڙا ڏکيا گذاريان، راتيون رَڙي رَڙي وو يار.

(٩)

راڳڻي: پيروي تار: مغلي

## ڪافي

ٿلهه: دلبر وڃين ٿو ڇا ڪان، دلڙي ڪٽي ڪٽي وو يار.
هينئڙي منهنجي هيڪر، ڏاڙو هَٽي هَٽي وو يار.

قاتلَ قريب ڪُهٽا، محبوب من جا مهٽا،
صورت اوهان جي سهٽا، آهي وهوا وٽي وٽي وو يار.

تو جان جِند جڙي آ، سڪندي وئي سڙي آ،
لاشڪ مونسان لڙي آ، اِها اڪڙين اَٽي اَٽي وو يار.

محبوبَ مون کي هاڻي، سُک ناهہ ڪنهن بہ ٿاڻي،
هڪڙو مٽان ڇاڻي، پرور ڏٽي ڏٽي وو يار.

هي ’پريل‘ پُڪاري پيڙو، وس ڪان ويچارو ويڙو
تنهن کي ڪُهي تو ڪيڙو، پيارل پٽي پٽي وو يار.

(١٠)

راڳڻي: پيروي تار: مغلي

## ڪافي

ٿلهه: نئين سج روز نوان، صنم نوان،
وهوا ڪيا ويس، سجڻ سينگاري.

عاشق اکڙين سان گهڻا، تهدل طالب ڪيائين تَوان،
گوهر گَدان، جنهن ڏي ڪٽيو جانب نظر نهاري.

وار واسينگن جهڙا، ڏوُين سارڻ ڏُوان، ۽ حُبَ ۾ هُوان،
جيڪر ڪٽي خوش ٿي، ويجهڙو وهاري.

جي پکيِ مونکي پرور ڪري، تہ روز انهيءَ راهہَ رَوان، لاشڪ لَوان،
هجان هوند هردم پرين پناري.

'پريل' سان پرچن پرين، تہ حال اندر جو چِٽو بہ چوان، پيرين بہ پوان،
پوءِ هوند دلڙي خوش پئي گذاري

◉

راڳڻي: ڀيروي | تار: مغلي

ڪافي

ٿلهہ: روز پرينِ ڪاڻ پچڻ، سُڪِ نہ سمهڻ،
جاڪون ويو جانب جِيڙو جلائي.

اُٽتڻ اور عجيب جي، رڳو آهي روئڻ، غم ۾ هوئڻ،
ڪنهن کي نا چوئڻ، ڪاجا ويو راڻل رمز رلائي.

ڪاڪِ ڪوماٽيءَ ڪنڌيئين، اچڻ وڃڻ، پيرو نا پجڻ،
سوڍل سڄڻ، موٽي ايندو مَهري هيڪر موٽائي.

هڪ سرتئين هڪ جيڏئين. نچڻ ٽپڻ، خوش ٿي ڪلڻ،
ڪائڻ پيئڻ، مون کي ويو پيارل پاڻ ڀلائي.

'پريل' جي پيغام کي، سُڻڻ ٻڌڻ، منت مڃڻ،
نياپو نيڻ، ڪري ڪو ڀلائي پاڻ ڀلائي.
⊙

راڳڻي: ڀيروي تار: مغلي

## ڪافي

ٿلهه: سڄڻ هجن شال سچا. ڪڏهن نه ڪچا،
چا ڪنديون ماٺهن جون پوءِ مدايون.

اکڙيون جن اَلبيلِيُون، رمزن منجهه رهن رچا. ڪڏهن نه ڪچا.

ديدن واري دام ۾، بيشڪ آهن نه ته نچا. ڪڏهن نه ڪچا.

چغل چانجوسيءَ* جي مٿان، هادي وجهندو شال هچا. ڪڏهن نه ڪچا.

'پريل' پرينءَ جي پر ۾، ٻيڙو پوري پرت پچا. ڪڏهن نه ڪچا.
⊙

راڳڻي: ڀيروي تار: مغلي

## ڪافي

ٿلهه: جانب سان ٿم جيءَ جي جڙي، اکڙي اڙِي،
تڏهن ٿيس بيشڪ بيوس بيگانو.

* چانجوسي: جاسوسي.

سک نہ اچي تو ساھہ کي، ڏکيو ڏاڍو گھارڻ گھڙي، اکڙي اڙي

سور هينئين کي سامهان، دردن لائي دل ۾ ڏڙي، اکڙي اڙي

عُضوا سمورا عشق جي، سوزن منجھہ ويم سڙي، اکڙي اڙي

'پريل' پرين رِي ڪٽيان، راتو ڏينهن روز رڙي، اکڙي اڙي

⊙

راڳڻي: ڀيروي — تار: مغلي

## ڪافي

ٿلهہ: اچ يار اڱڻ پنهنجو قرب ڪري، ذرا غور غريبن ڏانهن ڌري

سک ساھہ سدا ڏينهن رات مون کي، رڳي وائي اِها آهي وات مون کي،
ٿي ٿَنَ مَنَ ۾ ٿي تات مون کي، ٿتو ساھہ ڇِپَنِ کان وَيَلُ وري

تنهنجي اکين ڪندين ڪُنِين ڪهاوَ ڪيا، تن لڙڻ وڙهڻ اڙن جا اُپاوَ ڪيا،
گهُتِي گهورن گهٽيرا ڪي گهاوَ ڪيا، هنيان تِير تکا تن بانَ ڀري

تنهنجو حُسن پسي حيران ٿيس، مجذوب مثل مستان ٿيس،
تنهنجي نيڻ نظر جو نيشان ٿيس، ٿتي ساعت تو ريءَ ڪابہ سري

لاءِ پرت 'پريل پينارو' آ، هر روز سڪايل سارو آ،
تنهنجي وِرهہ وڍيو ويچارو آ، پهرين پيار ڏئي پوءِ ٿي نہ پري

راڳڻي: ڀيروي | ڪافي | تار: مغلي مارئي

ٿلهه: ساريان روز پئي، سي سنگهار عمر،
وسرن ڪين وسئون، مون ولهار عمر.

مارو ملڪ مير گذارين ٿا، ڌڻ چاهه مجهارئون سي چارين ٿا،
نڪي مون وسرن نه هو وسارين ٿا، هوندي ڄهر جهنگ تنجي جهونگار عمر.

هو جي عَصُرِ اباڻان تا اُتيين، لاءِ گذر ويچارا ٿا ٻه وڃن،
جڏهن ڏونرا پڪا پيرون جام پچن، چونٻن چاهه منجهان سي چوڏار عمر.

عمر آهِ وچاڻا واري تن، اچي پِنُنِ متي ته ٻهاري تن،
ڏسان مَنهيَنِ منجهه ملاري تن، اُتي رهن ٿا شڪر گذار عمر.

چوي 'پريل پينارو' ٿا پور پون، راتو ڏينهن اندر ۾ ٿا اڌ مان اٿن،
آٿي آب اکيون رويو روز روئن، نٿا وسرن پل ٻه پنهوار عمر.

◉

راڳڻي: ڀيروي | تار: مغلي مارئي

ڪافي

ٿلهه: ڪر ڪا ڪِوِڙِ خبر، مارو خوش هئا يار رنج،
ڪنديس آئون ٻه دعا، سائين ڪندن سهنج.

جهڙي تانگهه مونکي تهڙي تن کي هئي سمجهن جئري مونکي يا جاڻن الائي مئي
ويني سور سهان تن لاءِ روز روئي، مون کي ماڙين ۾ اهڙو آهي اهنج.

چئو ڪي مينهن وُٺا، پُسِي پڌر پيا، مارو آهن اُتي يا ڪنهن سانگ ويا،
مون ڪي ڏوتين ڏني ڏاڍا ڏينهن ٿيا، سگهو حال سُڻاءِ منهنجي منٿ مڃج.

راتو ڏينهن روان ڪنهنکي حال چوان، جاڳن سور مونکي نئين سج روز نوان،
پنهنجي پنهوارن جي ڪڏهن پيش پوان، انهن ڳٺتين جا ٿم گوندر گنج.

وري وطن منهنجي ڏانهن، تہ منهنجي مارن کي هيءَ منهنجي خبر ڪرين،
هن 'پريل پيناري' ڏي ڪو ڏيارن ڏرين، تہ منهنجي نيازنياپو هتان وٺيو وڃج.

◉

راڳڻي: پيروي — تار: فلمي

## ڪافي

ٿلهہ: سو ڏينهن ياد ڪريو، سو ڏينهن ياد ڪريو.

قالو بليٰ جو قول ڪيو تو سو پلا وسري ڪوهہ ويو تو
پارڻ پيي نيٺ پيو تو، سو ڏينهن ياد ڪريو.

دنيا جو دور ديوانو، موهي ڪيو جنهن مستانو
حيرت ۾ ٿي حيرانو، سو ڏينهن ياد ڪريو.

آهي پريل پينارو، روئي ٿو روز ويچارو
نيٹين وهائي نارو، سو ڏينهن ياد ڪريو.

◉

راڳڻي: ڀيروي　　　　ڪافي　　　　تار: لاڙي ڪٽ

ٿلهه: دلبر ڪيو ديوانو دلڙي ڦٽي وو يار.
سيني ۾ سيف ڏاڍي ساجن مٺي مٺي وو يار.

اکڙين اشارو ڪيڙو، مت هوش عقل ويڙو،
هٿ ڪيو پنهنجي هينئڙو، تن گهورن گُهٽي گهٽي وو يار.

ڏاڍا ڪي ڪان قهري، زابر لڳا مون زهريِ،
جيئن جهرڪيءَ کي باز بحري، تو جهٽ پٽ جهٽي جهٽي وو يار.

مُشڪي عطر سان ٻوڙي، ڇاتيءَ جي مٿان ڇوڙي،
تن وارن وڏو وڪوڙي، ويتر وَٽي وَٽي وو يار.

'ڀينار پريل' پاٽهي، قاتل قندي ۾ جاٽي،
شل نا حبيب هاٽي، مُنهڙو مَٽي مَٽي وو يار.

⊙

راڳڻي: ڀيروي　　　　تار: ڀيروي

ڪافي

ٿلهه: دلبر کسي ويو دلڙي، ڪلندي ڪٽي ڪٽي وو يار.
پنهنجي ڪيائين قبضي، هينئڙو هٽي هٽي وو يار.

تيغون تکيون تراريون، نيڻن جي ناز واريون،
وهوا پيار پچاريون، نا اکڙين اٽِي اٽِي وو يار.

سهڻي صفا صداقت، قَدُ ۾ صنم جي قامت،
لاشڪ چڱي لياقت، وهوا وَڻي وَڻي وو يار.

پهرين ڏِسِي ڏهاڻي، ڪئي تي نظر نماڻي،
پوءِ هيءَ جا ڪئي پُڇاڻِي، گهورن گهڻي گهڻي وو يار.

’پريل‘ پُڪاري پِيَڙو وس ڪان ويچارو ويڙو
جنهن کي قريب ڪيڙو پيرن جي پَڻِي پَڻِي وو يار.

راڳڻي: تلنگ ۾ پيروي

### ڪافي

ٿلهہ: ڪوندي تان قربان وڃان، وري ڏندي تئون بہ ڏهُاڻِي،
صدق وڃان تنهن ساقي تان، جنهن پينگ ڪٽي آ ڇاڻي.

رکون ٿا ير يُتي تي، طلب تکي تاڻِي،
يُتيوال جي نهيو تہ واهہ، نہ تہ وڃهئونس گهر ۾ گهاٽي.

مصري ڦوٽا مرچ بہ ڪارا، بادامن ساڻ بڻاڻِي،
سئونف سگهوئي صاف ڪري، ڪئي پست بہ پڇاڻي.

مهر موالين تي موليٰ جي، شاهہ سچو ساڻِي،
الله ڪٽي امدادي بہ ڪندو حال سچو جاڻِي.

’پريل‘ چوي تو کين وٽي، هاڻي پيڻ رُکو پاڻي،
جي هوندي ينگ بگريءَ ۾، تان مؤج اسان ماڻي.

⊙

راڳڻي: ڀيروي

## ڪافي

تلھہ: تون هِين اسان جو آهين، سردار محمّدﷺ
مشڪل ۾ مون سان ٿي، تون مددگار محمّدﷺ

سيني نبين جو تون، آ ختم المرسلين،
مڙني پڙهيو ڪلمو تو تي، يڪ دل سچي يقين،
محشر ۾ شفادار تون مهندار محمّدﷺ

قرآن تنهنجي شان ۾ نازل ٿيو پلين،
محبوب معراج تو وهہ وهہ ڪيو پلين،
لولاڪ جو مالڪ، تون مختيار محمّدﷺ

آهي ’پريل‘ پياسي، ’پينار‘ عشق جو
سائل تنهنجو ثناگر سڪدار عشق جو
چؤطرف تنهنجو نور آهہ، نروار محمّدﷺ

⊙

راڳڻي: لوڙائو | ڪافي | تار: داڏرو

ٿلهه: ڪريان حال ڪهڙو شهيدن جو سارو،
انهيءَ واٽ وحدت، وصاليت وارو.

ڪاهي ڪربلا ۾ آيا شير سنبري، هيائون نسنگ ٿي سندو نينهن نارو،
اُنهيءَ جاءِ اوچتو ڪڙو ڏئي ويا ڪافر، پاڻيءَ جو پليتن ڪيو بند چارو.

اتي تن عجيبن سان ڪيئون سوڙ سختي، هنيا تير تکا تن ڪيو مُدين مارو،
شهنشاهه شبير کي ڪيو شهيد شومين، ڪري ياد تنهن کي روان زار زارو.

ڪيو ظالمن ظلم حسينڻ سان هن وقت، سڄاتن نه سيد کي ٽري ڪين نه ٽارو،
لڳا تير تنهن کي بي انداز بدن ۾، ڪيو شهيدن شمري، پنج تنَ پيارو.

تنهن انڌي نه ان وقت دهشت جهلي ٿي، پوءِ نماز ۾ نئي نيڪ ڏنو سر ڏاتار،
سدائي ٿو ساريان ڪريان ياد تنهن کي آهيان آئون انهن جو 'پريل' چئي 'پينارو'.

⊙

راڳڻي: لوڙائو | تار: داڏرو

ڪافي

ٿلهه: عمر سي اباڻا سدائين ٿي ساريان،
ڏوٿي ڏاڏاڻا وسئون نه وساريان.

عمر آئون اُداسڻ پنهوارن لئِہ پياسڻ،
مران مارن ڪارڻ هنجهون روز هاريان.

اکيون روز تيون روئن نِت نير تيون نَمن،
ساري ساهہ ساهيلين تي نکريو نهاريان.

چيلن چانگ چوڙيان وچي وطن واڙيان،
اباڻن سان اوريان سانگي سي سنياريان.

مران تن مارن لئِہ سکاٰن تن سانگين لئِہ
جهجان روز جهانگين لئِہ گوندر ۾ گذاريان.

خوشيئون کيت ايندو وئي نال نيندو،
'پريل' چئي پرٽيندو تي پل پل پُکاريان.

راڳڻي: لوڙائو تار: کلواڙو

## کافي

ٽلهہ: مارن لئِہ ماندي دلڙي هيکاندي، کوهہ تان خان کٽي عمر تو آندي

سانگي سک وسن وارِيءَ تي ويهن، قابو آئون کوٽن بيشڪ هٿ باندي

ويڙيچا ولهار ساريان روز سنگهار، چارين ڏڻ جي ڏنار ٽيندم شل کانڌي

ملڪِ مارن جي سدا سانگين جي، ۽ سک ۾ سرتين جي وار ناهيان واندي

'پريل پينارو' ٻيرانيءَ وارو، سکايل سارو پچايان پانڌي

راڳڻي: لوڙائو ‏ ‏ ‏ ‏ **ڪافي** ‏ ‏ ‏ ‏ تار: ڪلواڙو مارئي

تلهہ: عمر لُڙڪ لاڙيمر سنگهارن کي ساري،
اباڻن ڏي اکڙيون تيون نماڻيون نهاري.

ظلم ڪر نہ زوري، ڇڏي ڏيج چوري،
جِهجهڻ ۾ بي جهوري، گهڙي دل نہ گهاري.

جهليئي چو جهانگياڻي، ناحق هيءَ نماڻي،
سڪايل سانگياڻي، واحد شال واري.

اتمر تانگهہ تن ۾، ماڙيچن جي من ۾،
وڃان شل وطن ۾، پنهوارن پناري.

'پريل' چئي 'پينارو'، وڇوڙيل ويچارو،
آهي آس وارو، پيو پلپل پُڪاري.

⊙

راڳڻي: لوڙائو ‏ ‏ ‏ ‏ تار: مغلي

## ڪافي

تلهہ: عاشق گهوٽ همير سُٽي مون هڪل تجان همراهہ،
سٽي هڪل تجان همراهہ، توکي وڏو تمر اسم الله.

پهرين عرض اهو ئي آهي، بخش بَديون ۾ گناهہ.
ساعت ڪجهہ تہ سؤلي منهنجي ڪندو وتان وهواهہ.

ٻيو وري سڪ تہ سپيرين واري، ڪيو گهڻو گمراھہ.
ميلين محب منهنجو مون ڪي جنهن لئِہ سڪي تو ساھہ.

’پريل‘ پياسي آ ’پينارو‘، پننڌڙ پوش پناھہ.
عرض اگهائي عاشق منهنجا درد مڙئي غم لاھہ.

⊙

راڳڻي: لوڙائو | تار: مغلي

ڪافي

ٿلھہ: ڏاڍا ڏينهن ڏٺي کي ٿيڙا، دلبر دير چو لائي آ،
دلبر دير چو لائي آ، مون ڪي رانجهن رمز رَلائي آ.

قسمت جي هن قهر سندي مون، پئي نا ڪل ڪائي آ،
توڙئون هيءَ تقدير هئي، تڏهن جانب ڪيڙي جدائي آ.

ملڪ سڄي ۾ محب سوا ٻيو ڪونہ سورن منجھ پائِي آ،
جي مون خبر ڏئي ڪو آٽي، تان لک سندس پلائي آ.

درد منهنجي دل واري جو، دارون ٻيو نہ دوائِي آ،
جي يار سڄڻ دلدار ملي مون، تان جڻ فيض خدائِي آ.

’پريل پيناري‘ کي پرين جي، وات اِها نِت وائي آ،
سڪندي سڪندي سال سوين ٿيا، ساھَ اجان سڪ سائِي آ.

⊙

راڳڻي: لوڙائو

## ڪافي

ٿلهہ: عمر سي اباڻا وٺي مون کي ويندا،
چني هن چوريءَ کي ڇيهون نا ڇڏيندا.

وسئون نہ وساريان سدائي ٿي ساريان،
هنجهون روز هاريان، اوري شال ايندا.

عمر تو جا آندي مران آئون ٿي ماندي،
هيڪر ٿيان هيڪاندي جي گولي نئي گڏيندا.

عمر آئون اباڻان ڏسان شل ڏاڏاڻا،
سانگي سجاڻا جيڪي سڪ سان سڏيندا.

'پريل' چئي پڪاريان سدائي ٿي، ساريان،
ٿي نڪريو نهاريان شل ننگي مون کي نيندا.

⦿

راڳڻي: لوڙائو

## ڪافي

ٿلهہ: حبدار آئون هميشان عجيبن اچڻ لئہ، مران روز ماندي محبوبن ملڻ لئہ.

ساريان آئون ٿي جنهن کي جانب يار جنهن کي چوان حال ڪنهن کي سارو سور سلڻ لئہ.

خبر ڪانہ آئي ڪيئون بيخوائي، ناهي واهہ ڪائي جڏي هن جنڻ لئہ.

ڏسان ڪونہ اهڙو جانب يار جهڙو ڪيم ڏوهہ ڪهڙو حبيبن رسڻ لئہِ.

آهي مون انهن جي طلب تات تن جي، جيڏيون يار جن جي "پريل" چئي پسڻ لئہِ.

(۱)

راڳڻي: لوڙائو

## ڪافي

ٿلهہ: اڪيون روز ٿيون روئن نِت نِير ٿيون وَهن،
ور ڏي واٽن تي ڏاڍو روز ٿيون ڏِسن.

اجهي پرين ايندا وٺي نال نيندا،
اچي مون ساڻ ملند' پرين شال پرچن.

آهيان آئون اُداسڻ پرين لئہِ پياسڻ،
سڪ ۾ سناسِڻ شل محب مون مِلن.

سِڪان روز ٿي سدا جانب ڪان ٿيس جدا،
آڻين مانَ خدا اوري شال سي اچن.

سدائين ٿي ساريان هنجهون روز هاريان،
'پريل' چئي پُڪاريان خوش ٿي شال سي کِلن.

⦿

راڳڻي: لوڙائو

## ڪافي

ٿلهہ: منهنجو پير دستگير ولين جو ولي آ،
قدم جنهن جو ڪل تي مون تنهنجي دامن جهلي آ.

راڻيپور ۾ رهبر دولھہ آ دلاور،
جاٽي پاڪ پرور جنهن جي ڀلائي ڀلي آ.

صالح شاھہ سوڀارو ڪُلن ڪان قرارو،
پيغمبر کي پيارو جنهن جي مدد علي آ.

قادر محي الدين جيلاني سيد شمس ثاني،
ڪندو مهرباني جنهن ريءَ ناھہ ڳلي آ.

’پريل‘ پياسي وارو ڀني ٿو پينارو،
ڪندو محشر موچارو جو مهندان مشڪلي آ.

◉

راڳڻي: لوڙائو

## ڪافي

ٿلھہ: منهنجو پير پارس سو آ راڻيپور ۾ راڻو
صالح شاھہ سائين جنھن جو شان شاهاڻو.

پيران پير دستگير وارث وير جو آهي،
قدم ڪل پيرن تي تنهن مهمير جو آهي،
ملائڪن بہ مڃيو ساري عالم سڃاڻو.

هڪ صنعان بہ ڀريائين مڃيو ڪين تنهن کي،
قدم نيٺ سُوئر جو اچي ٿيو هو ان تي،
هونئن جي ڪين وِسِهو تہ انهيءَ جاڻ کي جاڻو.

منجھ قرآن تنھنجو ماڻ قادر پاڻ ڪيڙو
ڪندو ڪيئن نہ تنھنجي ثنا ڪوئي پئڙو
مرد انھيءَ کي مومن، سچيءَ دل جي سچاڻو.

’پريل‘ پياس وارو سڪايل سارو
رڳي مهر محبت پني ٿو پينارو
تن من ٿئي سڪرات سَوَلي، جڏهن ٿئي لوڪئون لاڏاڻو.

◉

راڳڻي: ڪونسيو تار: ڪلواڙو

ڪافي

ٿلهہ: محبوب سائين ڪر نہ تون ماٺا، منا ٿي مهربان.

دلبر تنھنجي در جو آهيان دائمان دربان.

سر تو تان صدقي ڪريان، ڪريان قرب منجھان قربان.

ميلاپي محبوب تنھنجي لئِہ آءٌ هِت آهيان حيران.

پرين ’پريل‘ سان پرچين جي تون، تہ سدا پڙهان شڪران.

◉

راڳڻي: پهاڙي تار: تين تار

ڪافي

ٿلهہ: سورن ڪيا سنڌا، مون کي محبن سندا.

آهيون نوڪر نينهن جا، توڙي گهٽ گندا.

قتيل ڦوڙائي سندا، آهيون درد وندا.

عجيبن جي اڳتئون، آهيون عرض ڪندا.

’پريل‘ پريِنِ جا آهيون، ميرا ۽ جي مدا.

◉

راڳڻي: پهاڙي — تار: تين تار

## ڪافي

ٿلهه: آهي درسن جي درڪار، سهڻا سائين مون کي،
سهڻا سائين مون کي، سهڻا سائين مون کي.

کول نقاب نوراني رُخ تان، اِهي اکڙيون پيي ڏيکار.

ڪاڻ وصل جي آهيان ويچارو، اچي عشق ڏنو آزار.

مُئِي دل يار جيارج جلدي، بچي برهه ڪيَنِ بيمار.

’پريل پينار‘ کي پُر پيالو پيارل پاڻهي کو پيار.

◉

راڳڻي: پهاڙي — ڪافي — تار: دادرو

ٿلهه: حُبَ مون کي آهي هميشان، حيدرِ قرار جي،
سڪ مون کي آهي سدا، سيدِ سردار جي.

شاهِ مردان شير يزدان، قُوَتِ پروردگار،
ڪهڙي ڪريان تعريف مان، عليءَ جي اسرار جي.

لافتيٰ اِلاّعلي، لا سيف اِلا ذوالفقَار،
آهي هُليل هِي هاڪَ، تنهن جي جلوي ۽ جنسار جي.

آهي ملائڪن ڪان متي، اعليٰ جنهنجو شانُ ٿيو،
هورن پَرينِ ڪي هر گهڙي، درڪار آهي ديدار جي.

محشر جي ڏينهن مونکي ڪندا، من پنهنجيءَ جماعت ۾ جَمَعُ،
سُٽندو اهو سيدُ صدا، مون ’پريل‘ هن ’پينار‘ جي.

⦿

راڳڻي: پهاڙي — تار: داڏرو

## ڪافي

ٿلهه: اڏر پکِي پرڏيهه تون، وارو وچڻ جو آيو آ،
پيغام پرينِ موڪليو هاڻي رهڻ اجايو آ.

وطن وساري ڪيئَن پلا، ويهي رهيو آهين هتي،
تنهنجو نڪو هتي ماڳ آ، مورهون هِي ملڪ پرايو آ.

تنهنجا جيڪي هوا همر رفيق، سي پڻ توکي ويڙا ڇڏي،
تو ڇو ڪهڙي خفقان ڪان، ويسر ۾ وقت وڃايو آ.

توکي جيڪي ڪٽٽو هجي، سو ڪڙ ڪو قطرو قيمتي،
سو جي پرين من پاس ڪن، تہ وهوا تو قرب ڪمايو آ.

آهين 'پريل پينار' تون، بلڪل هتي پرديس ۾،
جن کي آ حُب حبيب جي، تن کي سچو ڏينهن سايو آ.

⊙

راڳڻي: پهاڙي تار: داڏرو

## ڪافي

ٿلهہ: بي وفا آهي زمانو پير پنهنجا ڪر پڪا،
جي اچي صدمون ويو تان ڪل پوَئي ڪائي نہ ڪا.

حُسنَ وارن سان هميشان، ٿا رهن هشيار هِي،
تير نيڻن جا هڻن، سيني اندر ٺا ٺا ٺَڪا.

گهاوَ گهوُرنِ جا جَنِيِ جِي، جانِ ۾ جابِر لڳا،
ٿا ڏِسن بي وس برابر، لَنئُون لڳائڻ جا لَڪا.

آهي اڄ ڪلهہ جي عجيبن، جي اِها عادت عجيب،
راهہ ويندي ڪنهن مسافر، کي ڏِينِ ڏوڏي ڏڪا.

اي 'پريل پينار' تون، آهين گداگر عشق جو،
حال حق جي ڪان سوا، پيون ڪين ڪن بازيون بقا.

⊙

راڳڻي: پهاڙي تار: دادرو

## ڪافي

ٿلهہ: دل ڦُري جادو ڪري، پوءِ  ڇو ڪجي پاسو پري،
رڳو زيب زباني رکي، ظاهر ٿيو هڪڙي ذري

جي هجي اهڙي تہ اڳي، ڳالهہ ڇو نا ڇئي ڏجي،
تان ڪڻ قدم سمجهي ميان، ڏيان پنهنجو ڏس ڏري

ڪانڪا بئي هنڌ ٻُڌي سون، ڪا اهڙي شرع،
تہ قول ڪوڪنهن سان ڪجي، ن ڪان ڪٽي ڪاوِڪ وري

عاشق سان ائين ڪو ڪري، تان هو ٿئي منتظر،
ڇو پلا ڇا جي ڪري، ان جي نٿي ساعِت سري

جي هجي عاشق سَچو انسان جُدائي ڇو ڪَجي،
پياريو 'پريل' کي اي پرين، پيالو پلا پرتئون پري

⊚

راڳڻي: پهاڙي ڪافي تار: دادرو

ٿلهہ:  تنهنجي حبيب حسن جو  حُبدارُ مان پيي آن،
اکڙين سان اوچتو ٽيل، شڪار مان پيي آن.

اهڙو رکو ٿا رايو  بين سان کِلي ڳالهايو،
مون کان ٿا منهن لڪايو، لاچار مان پيي آن.

صحبت جي لئِ سراسر، پيو ٿو مران مسافر،
بيوس ٿيو برابر، بيمار مان پيو آن.

آهيان گھٽو اجايل، سڪ سوز مان سڪايل،
گھورن سندوئي گھايل، گرفتار مان پيو آن.

آهيان ٿيو اُداسي، سائل ۽ بيو سناسي،
چوي ٿو ’پريل‘ پياسي، ’پينار‘ مان پيو آن.
◎

راڳڻي: پهاڙي تار: داڏرو

## ڪافي

ٿلهہ: سانگي وڃن ٿا سانگ، ماريو آ وِرهہ وڇوڙي،
وِرهہ وڇوڙي، نينهن نهوڙي،

وار جنهنجا وسيهر ڪارا، ويتر ڏنگڻ جا ڪن سي وارا،
آهن نِسورا نانگ، ماريو آ وِرهہ وڇوڙي،

اُٽنڻ اورَ عجيبن واري، سڪ تہ سُپريَنِ سَڄڻَنِ واريِ،
تَنَ مَنَ ۾ تِپي تانگ، ماريو آ وِرهہ وڇوڙي،

خط سڄڻن ڏي لکندس روئي، پرين من پڙهندا پاڻ اهو ئي،
قاصد ڪندس مان ڪانگ، ماريو آ وِرهہ وڇوڙي،

هنجون هاري "پريل" پينارو، وِيتر ٽيو وهلور ويچارو،
جيئن تہ ويڳاڻن وانگ، ماريو آ وِرھ وڇوڙي.

⦿

راڳڻي: پهاڙي تار: داڏرو

## ڪافي

ٿلھ: ٻن اکڙين سان اسرار، ڪيو آ منا منتار تو
منا منتار تو، سهڻا سڄڻ يار تو.

اکيون اڙيون جيئن پاڻ ۾ ٻاٽهي، ڪينَ ڇُٽَنِ سي ڪنهن ٻرِ هاٽي،
تن سان ٻِي تڪرار، ڪيو آ منا منتار تو.

تِير نظر جي نيٽ نهوڙيو، وِيتر مون کي تنهن وِرھ وڪوڙيو،
سا سيف هٽِي سنگسار، ڪيو آ منا منتار تو.

گهورن سان جيئن وئي دل گُهتجي، جانِ جُسو ويو لاشڪ لُتجي،
وهوا سَنُدءِ سينگار، ڪيو آ منا منتار تو.

انهن اکين ڳئين شاھ سڪايا، نيڻن ڪيئي نَرَ نيٽ نچايا،
ڏئي پرت 'پريل پينار'، ڪيو آ منا منتار تو.

⦿

راڳڻي: پهاڙي تار:داڏرو

## ڪافي

ٿلھ: اڄ مون سان پرچج پرين، تون اي پيارا يار ميان،
منهن نہ مَتِ محبوب تون، منهنجي دل دڪايل ٿار ميان.

ڪيَمِ ڪهڙي ڪا ڪچائي، جو ڪيُوَ غريبن تي غصو،
هاڻي معاف ڪر مسڪين کي، اڳتي تنهنجي اختيار ميان.

ناز نيڻن جي نهوڙي، گهور سان گهائي وڌَوَ
وري هاڻ ماڻي ساڻ مون، مسڪين کي نا مار ميان.

بي وفائي ڪر نہ مون سان، يار تي ياري رکج،
پر ڇا چوان تون آهين مِٺا، مرضيءَ سندو مختيار ميان.

مون سڪايل کي سدائي، پور ٿا پل پل پون،
هاڻي نينهن جو ناتو نباهج، ڏي 'پريل' کي پيار ميان.

راڳڻي: پهاڙي تار: داڌرو

## ڪافي

ٿلهہ: محبوب سائين ڪر نہ ڪاوڙ مون مٿي ايڏي ايئن،
ڏي دلاسو دوست مون کي، جلد اي جانب جيئن.

ڪر نہ ماڻا اي سِياڻا، رُس نہ راڻا آ هلي،
ڇو رنجائي ۽ سِڪائي، دور تو دلبر ٿِئين.

دل چوي ٿي مل اسان سان، ڪل خدا جي واسطي،
اکَ اڙائي دل ڦاسائي، ڇو ڏکوين ڏک ڏئين.

يار جاني ماھ ثاني، مهرباني ڪر وري،
چو الائي منهن لڪائي، ڏک ڏِنُئِہ هاڻي هينئين.

ڪر نہ دير مل سوير، پير ’پريل‘ چئي پري،
جيءَ جلائي آڳ لائي، چو پري پيارل پِئين.

⊙

راڳڻي: پهاڙي تار:داڏرو

## ڪافي

ٿلهہ: من گهريو محبوب هاڻي. شل وفاداري ڪري،
قرب وارو جي اسان سان، منَ قربداري ڪري.

رات ڏينهن آهي اها، اُڻتڻ عجيبن جي مون کي،
آرام تان ايندو مون کي، جي يار سو يارِي ڪري.

ڏينهن ٿيا ڏاڍا ڏٺي، هڪ هڪ گهڙي گهاريان ڏکي،
پر هاڻ لهي ڪاڻ جي، والي ورڻ وارِي ڪري.

دل ڏکي ٿي روز جا. دلبر سندي ديدار لئِہ،
آڳ اجهامي اها جي، دوست دلداري ڪري.

محبوب منهنجو جي ملي، تان لک پڙهان شڪران مان،
’پريل‘ پيءَ پاڻهي پرين، جي پاڻ پوئواري ڪري.

⊙

راڳڻي: پهاڙي تار:داڏرو

## ڪافي

ٿلهه: پرچج پرين تون پيارا، قرب ڪو ڪري ڪري،
مشتاق پيو سڪَ سورُ سو چِتِ ۾ چَري چَري.

ڪٽي نيڻ تون نهارج، محبوب مون نہ مارج،
پيالو پريمي پيارج، پورل پري پري.

نظاري نظر جي، صورت صاف سچ ۾،
مل محبتيءَ مچ ۾، عشقيءَ آري آريٰ.

قرب ساڻ ڪڙجي، محبت ساڻ مڙهجي،
اڪين ساڻ اڙجي، مثل مربي مري.

’پريل‘ تو پُڪاري، ساهه سان تو ساري،
تون ويهج نا وساري، پيارل پري پري.

◉

راڳڻي: پهاڙي تار: داڏرو

## ڪافي

ٿلهه: دِلي دلدار سهڻي يار جو ديدار ڏنو مون،
وڏيا وهه وار رخسار جو سينگار سُنو مون.

حُسن جو شور زنگي زور، ٿيو زلفن جو زياده،
ابروءَ آر سان تران قربدار ڪُنو مون.

ڪري آرو آڙائڻ عين، نسنگ نين نوراني،
نظر نروار سو چؤڏار، ٿيو چمڪار ڇِتو مون.

مجازي مام سان مدام، رکي روپ رنگينو،
لڳي سڃيار سو گفتيار، سان مختيار مِتو مون.

دروني ديد تي دائم، الف اثبات اورڻ سان،
’پريل‘ پيار سان قرار، بي اختيار ڦِتو مون.

◉

راڳڻي: پهاڙي تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلهه: ڪبوتر ڪربلا واري، اچي جا ڪِئي خبر ڪولي،
رسول الله جي روضي تي، ڪريو پُڪار پيو ٻولي.

حُسينڻ پاڪ جي رت مان، پري پنهنجا ٻئي ڪنيڙا،
ڪري هن درد مان دانهون، سندنَ پيارا ٻُٽو ڳوَلي.

پڇيو صُغران صغيرن جي، ڪٿي اصغر علي اڪبر،
ڪٿي قاسم ادا عابد، ڇِتو چِٿو ڇهنب سان چولي.

مَتو ماتم مديني ۾، ٿيو آسمان پڻ ڪارو،
حوُرن پَرينِ جَنَنِ ماٺهن، رُنو غِلمانَ جي ٽولي.

’پريل پينارو‘ تنهن در جو آهيان سائل ثناگر مان،
شهيدي ڪربلا وارن، امامن جي آهيان اولي.

◉

راڳڻي: پهاڙي تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلهہ: توکي سنڌڙي سڄي پئي ساري، تنهنجي واحد واڳڙي واري،
تون آءُ پرين پاڳارا.

تولاءِ ملڪ سڄو مستانو، ٿيو بيشڪ آهي بيگانو،
اچي آباد ڪر آستانو، سا درگاهہ پنهنجي دلدارا.

توکي سانگهڙ سڄي تہ سنياري، اچ نور پريا منجهہ ناري،
پنهنجا بنگلا باغ سڏاري، اچي سيئي سنيالج سارا.

اهو ڏينهن سڀورو ٿيندو، جڏهن وِرهہ وڇوڙو ويندو،
توکي شال الله آڻيندو، اي دولهہَ پير ڏُلارا.

هيءَ ’پريل پينارو‘ ويچارو، سو دائم دعاگو سارو،
تون مرشد آهين موچارو، اي سونيءَ ڪلنگيءَ وارا.

◉

راڳڻي: پهاڙي تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلهہ: دل روز سڄڻ تو ساري، تون ويهج ڪيمَ وساري،

تنهنجي محبت ڪيو مستانو، آهي هينئڙو پڻ حيرانو
هاڻي وچ تہ گهڙي ڪا گهاري، دل روز سڄڻ تو ساري

ڏاڍي حُب تہ هينئين ۾ آهي، وچ لحظي ۾ غم لاهي،
پنهنجي پرت پڪي ڪر پاري، دل روز سڄڻ تو ساري

تو سال گهڻا تہ سڪايو، وري ڪينَ ڪڏهن تہ ڳالهايو
پنهنجو ڏيان اهو ڏس ڏاري، دل روز سڄڻ تو ساري

تنهنجي پرت ڪيو 'پينارر'، ٻيو ڪونہ چلڻ جو چارو
تڏهن پل پل 'پريل' پُڪاري، دل روز سڄڻ تو ساري

(۱)

راڳڻي: پهاڙي — ڪافي — تار: ڪلواڙو

ٿلهہ: دل ٻيوس ٻيوس آهي، مون کي موليٰ محب ملائي.

من آهِہ ملڻ لاءِ ماندو، ناهي وار وِرهہ کان واندو
ويو لالڻ لونءُ تہ لڳائي، دل ٻيوس ٻيوس آهي.

پيو ساهہ سِڪي ۽ ساري، تو هڪ دم ڪين وساري،
ويو پيچ پرين مون پائي، دل ٻيوس ٻيوس آهي.

مون کي لونءُ لونءُ ۾ آلوري، هڪ روز جِهجَڻ ۽ جهوري،
من ناتو نينهن نڀائي، دل ٻيوس ٻيوس آهي.

هيءَ ’پريل‘ آهي ’پينارو‘، تيو وِرھہ ڪنا ويچارو
من الله اميد پڄائي، دل بيوس بيوس آهي.

⦿

راڳڻي: پهاڙي      تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلهہ: ڏتو جنهن ڏينهن ڪان مون آ، دِليئون ديدار دلبر جو
انهيءَ ڏينهن ڪان آهيان آئون، حَقِي حبدار دلبر جو.

جنهن کي چاهہ سان چاهيان، تَنهنجو مَٿُ ڪين پيو پايان،
تڏهن سهڻو تو ساراهيان، سُٺو سينگار دلبر جو.

صنم سامِهون سراسر مان، هجان بيٺو برابر مان،
گدائِي تي گداگر مان، هجان هر وار دلبر جو.

حُسن جي هاڪ جو ٻُڌندو اهو سُڪِ ڪين کي سُمهندو
هيڪر ڏوري اچي ڏسندو، جُڙيل جنسار دلبر جو.

لاڳاپا لوڪ جا لاهي، رڳو ڳنهن قرب لاءِ ڪاهي،
تڏهن تهدل تيو آهي، ’پريل پينار‘ دلبر جو.

⦿

راڳڻي: پهاڙي      تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلهہ: سڪايل کي سڏي سهڻا، پياريو پرت پيمانو
تنهنجي ديدار لئِہ دم دم، آهيان دلدار ديوانو.

طلب ۾ تانگھہ تن من ۾، رهي راتو ڏينهان مون کي،
اُداسي عشق جو آهيان، مثل مخمور مستانو.

سدا مشتاق محبت جو ٿيو مان قرب ۾ قابو
ڏٺم ڏوري اچي آخر، تنهنجو محبوب ميخانو.

ڏياريو سُرڪ ساغر مان، منجهان گهَرِي ۾ گهاتِي،
انهيءَ حُب ۾ رهي هر دم، هميشان هوش حيرانو.

’پريل پينار‘ کي پنهنجيءَ جماعت ۾ ڪريو جانِي،
ڪريان جِند جان مان صدقي، سچو سر ساھہ قربانو.

◉

راڳڻي: پهاڙي　　　　تار: ڪلواڙو

ڪافي

ٿلهہ: منهنجا هوت هلي آ هاڻي، شال جوانِي ماڻي،
هيءَ ڇڏ نا ڇڏ نا ڇوري.

آئون پنهل پيادي آهيان، پئي ڪيچ ملڪ ڏي ڪاهيان،
هِي اصل اميد نہ لاهيان، هو پاڪ ڏٺي ٿو جاڻي.

مون سان ڏيرن ڪئي ڏاڍائي، مون سُتل کي ڪين جاڳائي،
مون پنهنجي نہ ڪئي پُخِتائِي، هوا اچي ٿِڪيا جنهن تاڻي.

مَهمانَ مُنِيءَ جا ٽيَڙا، رکي وير ويساهي ويڙا،
منهنجا پير پِٽون ٽي پيڙا، من الله ميليندئي آٽي.

پيو 'پريل پينار' پُڪاري، توکي هڪدم ڪين وساري،
تون ويهج ڪينَ وساري، پئي تار طلب جي تاٽي.

◉

راڳڻي: پهاڙي تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلهه: اي عمر چڏي ڏي چوري، او ڪر نہ زوراور زوري،
هيءَ ڪوهہ ڄهليئي جهانگياٽي.

منهنجا مارو موهر وارا، مون ڪان وڇڙيا ڪوهہ ويچارا،
هوند ڪريان وچڻ جا وارا، ٽيان گهوٽ پنهنجي جي گهوري.

اي عمر مون کي ڏي معافي، ڪج ٻنهين نہ بي انصافي،
اها اصل ناهي انصافي، جو چڙهي آيو هٿين چوري.

ٽي روز ڪريان آءٔ ريهون، اچن لونءَ لونءَ مان هي ليهون،
من قادر سٽندو ڪيهون، تون ناحق جهل نہ ندوري.

منهنجا عمر اباٽا ايندا، من نال نماٽي نيندا،
شل 'پريل' پرين پرچيندا، مون کي لڳل جني جي لوري.

◉

راڳڻي: پهاڙي | تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلهه: محبوب منهنجو آهين، او سهڻا تون سائين،
هاڻي مون ڏي هيڪر آ.

تولا روئي رات گذاريان، پيو راهون روز نهاريان،
توکي هڪ پل ڪين وساريان، ٻي ڪل نه پوي ٿي ڪا.

تولا واٽن تي واجهايان، پيو هر هر فالون پايان،
تنهنجو مَٽ نه ڪنهن کي ڀانيان، آهي سڪ سيني ۾ سا.

تون جيءَ جو جانب آهين، من پير اڱڻ مون پائين،
منهنجا درد مٽيئي غم لاهين، پيو ساهه سڪي تولا.

هيءَ وريل آهي ويچارو، سڪ ۾ سڪايل سارو،
توريءَ نه پيو ڪو چارو، تنهنجا سور ستم ڏاڍا.

⊙

راڳڻي: پهاڙي | تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلهه: ٿئي يار مننار مهمان منهنجو، ڪريان ساهه جِند جان قربان منهنجو.

اچي جي اڱڻ مون ته اکڙيون وڇايان سونهن شال ڪکڙا ۾ ايوان منهنجو.

اچي ڪانگ ڪهه ڪا خبر خوب ٽنياتل، ته ڪڏهن نيٺ لهندو هي ارمان منهنجو.

طلب تانگھہ تن من ۾ تھدل تنھنجي، ھيئون روز حيرت ۾ حيران منھنجو.

پسڻ سان 'پريل' جا ٿين حج حضوري، بھاريءَ سان برسي ھِي آستان منھنجو.

⦿

راڳڻي: پھاڙي تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلھہ: ڇو ٿو پڇين پنڌ ڏور، ھرجا نور ظھور.

ڪير ڏِسي ٿو ڇا ڏِسجي ٿو، ھر ھنڌ پڌرو ڇا پسجي ٿو،
مام سمجھہ مشھور ڇو ٿو.

مير ٻُڌي ٿو ڪير ٿو ٻولي، ڳالھہ انھيءَ جو ڳُجھہ ڏس ڳولي،
موڳا نہ جاڻن مورُ ڇو ٿو.

ڪير ڀُليل ۽ مير ڀُلائي، ڪير سبق سڱون ٿو سمجھائي،
ڇا سھپ ڇا سور ڇو ٿو.

ڪير 'پريل' ۽ ڇا 'پينارو'، ڇا عاشق معشوق موچارو،
ڇا مئي ۽ ڇا مخمور ڇو ٿو پڇين پنڌ ڏور.

⦿

راڳڻي: پھاڙي تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلھہ: مونکي ديدار شل پنھنجو ڏيکارين يا رسول الله،
سڪايل کي سڏي سھڻا، سنيارين يا رسول الله.

نڪِي ڪنهن ڪار ۾ آهيان، نڪو مون ڪي ثمر پنهنجو
منجهان درياهہ ان اُونهِي، اُڪارين يہ رسول الله.

نڪو صالحُ امل منهنجو نڪا تم پهچ پيرن ۾،
آهيان ناقص نماڻو جي، نهارين يا رسول الله.

ڪيم ڏهہ ڏهہ ڏهاڻي جي، خطائون معاف ڪر منهنجون،
گناهن غرق ڪيو آهيان، جيارين يا رسول الله.

’پريل پينار‘ کي پيارا، پيغمبر پاڪ ڪر پنهنجو
پيالو حوض ڪوثر جو، پياريو يا رسول الله.

◉

راڳڻي: پهاڙي تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلهہ: آڻي مهدِي منهنجو موليٰ، آهيان راضي راضي،
آهيان راضي راضي، آهيان راضي راضي.

اٿم اميد الله ۾ اهڙي، سو ڪندو سوال سپيئِي سَوَلا.

اُهو ئي امام اسان جو ٿيندو، پَڇي پوَ مڙيئي پولا.

ڪاڻ ديدار آهي دل ماندي، ڪريان ڳليءَ ڳليءَ ۾ ڳولا.

’پريل‘ پرين سو عشق اجاري، ڪيندو روحن مان سڀ رولا.

راڳڻي: پهاڙي　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　تار: ڪلواڙو

## ڪافي

تلهه: ٿِيَس ڇَرِي تو ڪارڻِ،
سانوريا سائين.

نينهن نهوڙي من مجنو ڪيو سپ ساعت سورن سارڻ،
سانوريا سائين.

لاءِ ديدار ٿي دل ديواني، تنهن ۾ تو تارڻ،
سانوريا سائين.

ڪانَ جدائيءَ جي ڳلَ مون کي، هُئس اڳي اڻجاڻ،
سانوريا سائين.

’پريل پينار‘ سان پيارل پَرچِي، ڪر ڪا روح رهاڻ،
سانوريا سائين.

◉

راڳڻي: پهاڙي　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　تار: ڪلواڙو

## ڪافي

تلهه: مون کي ملير اُماڻ، ڏوٽي پنهنجا شال ڏسان.

مارن سان شل ميلو ٿيندو، ورهه وڇوڙو تڏهن ويندو،
شل سَرچِي سانگين سارڻ، پنهنجي وچي ويڙهه وسان.

عمر منهنجي ڏيهي ڏاڏاڻا، ڏُهنِ سوُٺائون عصُرِ اباڻا،
ٿيان ڪنِ پِٺُنِ تي ياڻا، اهڙي آهي آيِل اسان.

عمر جيڪا مون عمرِ گذاري، ويڙيچن هڪ دم نہ وساري،
ساهہ سڪي جن ڪاڻ، تني کي مان توڙِ رَسان.

’پريل پينارو‘ اصل اُداسي، ڪاٺوڙين جي سڪ ٿم خاصي،
تن من ۾ تي تاڻ، پنهنجا پنهوار پسان.

◉

راڳڻي: پهاڙي | تار: ڪلواڙو

ڪافي

ٿلهہ: دليئون درس ڏيارين، ڏيکارين پنهنجو منهن محبوبا.

دردونديءَ ڏي دم دم دلبر، نيڻن ساڻ نهارين، ڏيکارين.

دهشت جي درياهہ منجهارئون، توڪل ساڻ تون تارين.

ثابوتي سان سوگهي سندري، عشق ساڻ اُڪارين، ڏيکارين.

مون مسڪين يتيم کي سائين، ماڻن ساڻ نہ مارين، ڏيکارين.

پيرِ مغان پريمي پيالو ’پريل‘ کي تہ پيارين.

◉

راڳڻي: پهاڙي تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلهه: مـ مدّ مُک مهندار سردار آئين چوي تـ قرآن تو.

اڪمل انور مڪمل منور مير ملڪ مختيار سردار.

سير سراسر سِر سبحاني، نسنگ نبي نروار سردار.

انا احمد بلا ميمي، اَحد اصل اظهار سردار.

اَلاِنسانُ سِرِي سِرِ سوئي، ”پريل“ پڪ پڳدار سردار.

◎

راڳڻي: پهاڙي ڪافي تار: ڪلواڙو

ٿلهه: ڪريان ياد هردم، سدا يار کي ميان،
وساريان نـ محبوب، منٺار کي ميان.

جانب ڪئي جدائي، سڪان مان سدائي،
بيشڪ سڪ سمائي، مون بردار کي ميان.

ڏيان هوند هيڪر، ساري جان جيڪر،
ڪلهن تان ڪپي سر، قربدار کي ميان.

هلي ايندو هيڪر، ڪري محب ميهر،
ڏسان شال دلبر، تنهن دلدار کي ميان.

اجهو شال ايندو وٽي مون کي ويندو
سگهو ساڻ نيندو، مون سڪدار کي ميان.

’پريل‘ چئي ويچارو، بيرانيءَ وارو
ڏسي شل پيارو، مون ’پينار‘ کي ميان.

⦿

راڳڻي: پهاڙي تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلهه: اچي محبوب مل مون سان، سدائين ٿو توکي ساريان،
ڪريان نت ياد ٿو توکي، وسئون وسرين نہ وساريان.

نہ ڪر جانب تون جدائي، سڪ̇ن تو لئہ ٿو سدا ئي،
قسم مون کي آهہ خدائي، تہ هنجهون هت روز ٿو هاريان.

اچج محبوب تون مون ڏي، ويهج گوڏو ڏئي گوڏي،
سدائي آءُ منا تو ڏي، ڪٽي نِت نيڻ نهاريان.

اچي محبوب مون سان مل، رَلائج رنگ ٿي رلمل،
خوشيءَ جي خيال سان ٿي ڪِل، تہ سدائي شڪر گذاريان.

نہ اکين آرام آهي مون، نيٺي ننڊ ناهي مون،
اچج قربئون ڪاهي مون، ’پريل‘ چئي پيو آءُ ساريان.

⦿

راڳڻي: پهاڙي تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلهه: محب مٺا مٺنار سينگار سان، دلڙي لٽين ٿو.
دلڙي لٽين ٿو منهن چو مٺين ٿو.

مُرڪڻ سان مست ڪيئي دل منهنجي، چشمن جي چمڪار سينگار سان،
دلڙي لٽين ٿو.

گهور سان گهائي، وڍءِ ڦاسائي، پائي ڪجل جي ڏار سينگار سان،
دلڙي لٽين ٿو.

اکڙيون اکڙين سان اڙائي، نيڻ ڪٽي نروار سينگار سان،
دلڙي لٽين ٿو.

”پريل“ سان پيارل پرچي، کلي ڪرڻ گفتيار سينگار سان،
دلڙي لٽين ٿو.

⦿

راڳڻي: پهاڙي تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلهه: آهيون ڏينهن ٻه ٽي مهمان، هر ڪو نيٺ لڏيندو لوڪ مان.

ڪُوچ نغارو روز وڄي ٿو ناءُ نڪو نيشان.

خانَ ڪپي ويا ڪي سَوَ ڪوُبا، سپ ڇڏي سامان.

شاهه گداگر رَمي ٿيا راهي، رعيَتَ ڇا سلطان.

’پريل‘ پرديسي ديس سنڀالج، اڳتي ٿئي ماڳ مڪان.

⊙

راڳڻي: پهاڙي تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلهه: ٿيا سانگ سيئي سُرها، ربّ راضي ٿيو رهبر، ٿي مهر ملاري آ.
خوشي بلبل ڪر بلڪل، ڪليا باغ سيئي گل قل، واهه بيشڪ بهاري آ.

ٻُڌّ پوئرن جا پُٽڪا، ٻولي ٻيِهَنِ جي سُن ڪا،
ٻَدّ ڇَتُن ڇڱا ڇُٽڪا، ڇهه ڇهه ٿي ڇوڏاري آ.

ڪري ڪوئِلَ ڪوُڪارون، ٻُڌُّ پريم جون پُڪارون،
لڏيون سائينءَ سيئي سارون، اڄ رات پلاري آ.

هاڻي هر هندّ هبڪارون، ڪُليون گُلن جون گلڪارون،
ٿيون سَندُيون سايون، ڏاڍي خوب خُماري آ.

آهي ’پريل پيناري‘ ڪي، ڏاڍي ڇڪ سڪ واري ڪي،
ملي راهه ويچاري ڪي، اڄ دم دلداري آ.

⊙

راڳڻي: پهاڙي		ڪافي		تار: فلمي ڪلواڙو

ٿلهه: دلبر تنهنجي درسن لاءِ، اصل اُداسي آهيان،
ڏاڍي سڪ آهي آهي، مون کي سڪ آهي.

راتو ڏينهان روز سڄڻ توکي ساريان ساريان،
هڪ دم توکي دوست مور نه وساريان وساريان،
سک ته گهڙي نا پائيان، ڏکن ڏکايو ڏاڍو،
نيڻي ننڊ ناهي ناهي، نيڻي ننڊ ناهي.

سهڻا سونهن اوهان جي پيو ساراهيان ساراهيان،
ڳوٺ ڳوٺ ۾ ڳليءَ ڳليءَ منجهه ڳائيان ڳائيان.
هو ڪنهن حال سٽائيان، حُسنَ ڪيو حيرانو
منجهئون قرب ڪاهي ڪاهي، منجهئون قرب ڪاهي.

'پريل پينارو' چئي پرور لڳ آوري آوري،
تنهنجي وِرهه وچوري هيءَ دل ڪئي چري ڪئي چري،
وريچون هوند ورهائيان، تئي رب راضي جيڪر،
منهنجا غم لاهي لاهي، منهنجا غم لاهي.

◉

راڳڻي: پهاڙي		تار: فلمي ڪلواڙو

ڪافي

ٿلهه: پرديسي جيوڙا، ننڊ نماڻي نا ڪجي، هئي نا ڪجي.

عصر ويل اٿڻ جي آهي، ساعت هيءَ تہ سمهڻ جي ناهي،
ڪر تون اللهُ اللهُ، شوُمت سيباڻِي نا ڪجي، هئہ نا ڪجي.

جَپي نام ڏسين تون جيڪر، هرگز ڪين سمهين تون هيڪر،
سچي تون ڳالهہ سڻاءِ، ڪوڙ ڪِهاڻِي نا ڪجي.

’پريل پينارا‘ پرجهي پاڻهي، رهہ هردم هوشيار تون هاڻي،
سائل سدا سڏا ۾، پرت پراڻي نا ڪجي.

⦿

راڳڻي: پهاڙي تار: چٿنچل

ڪافي

سوال: چيم محبوب تو منهنجو. رڳو روحڙو رنجايو ٿئي،
جواب: چيائين ڳڪ نہ ڪر مون کي، اِهو آرو اجايو ٿئي.

سوال: چيم اي محب ماڻن سان، مون کي ماري منجهايو ٿئي،
جواب: چيائين تو نہ هڪڙي کي، گهڻن کي مون رُلايو ٿئي.

سوال: چيم اي دلربا دل کي، ڪنهين ڦند ۾ ڦاسايو ٿئي،
جواب: چيائين ناز ۽ نخرو بلاشڪ مون بنايو ٿئي.

سوال: چيم ڏاڍا ڏئي ڏکڙا، ڏکوين کي ڏکايو ٿئي،
جواب: چيائين سوُر سهہ سِر تي، جڏهن عاشق چوايو ٿئي.

سوال: چيم هي سر ڪيم صدقي، جڏهان ڪر پيچ پايو ٿئي،
جواب: چيائين هاڻي آءُ 'پريل' پرچون، عرض مون هي اڳهايو ٿئي.

⊙

راڳڻي: پهاڙي تار: چٽنچل

## ڪافي

ٿلهه: سدا سڪ ساهه کي آهي، مٺي محبوب منور جي،
اندر ۾ آهه ڪا اهڙي، عادت اڪير انور جي.

ڪِڪوريل ڪجليون ڪيفِي، رنگيني راز سان رٺفِي،
چٽي سيني مٿي صحفي، دنالي ديد دلبر جي.

ڪري جانب جدائي ٿو، سڙي سينو سدائي ٿو
آءُ گداگر ٿي گدائي ٿو، ڪريان گهٽيُنِ ۾ گهر گهر جي.

دلق پيا سپ چڏي ساڙي، تِلِڪَ چوتا چڱا چاڙهي،
پِنا پرينِ سندي پاڙي، برابر بيڪِ در در جي.

مهند محبوب جي سر جي، نڪي ڪو ڏک ڏسي ڏرجي،
دُعا تي درس سا گهرجي، "پريل" چئي پاڪ پرور جي.

⊙

راڳڻي: پهاڙي تار: گت تار

## ڪافي

ٿلهه: ڪڏهن محب ملندين، مٺل يار مان کي،
اچي منهنڙو ڏيکار، منٺار مان کي.

سدا روز تنهنجي طلب تات آءُ، مزي وصل واري جي وائي وات آ،
ڏنو عشق آزار، آ ظهار مان ڪي.

ڪري ناز نتڪو نچڻ ناز سان، ڦُرِيَوَ دل انهيءَ نيڻ آواز سان،
ڪُيُوَ ساڻ سينگار، سنگسار مان ڪي.

جانب يار جئري تون ٿيءُ نہ جدا، سجڻ گل گلابي مون وٽ رهہ سدا،
ائين مورهون نہ مار، تون ڄيار مان ڪي.

”پريل“ ڪئون پرين ٿي نہ هڪ پل پري، اڇج محب مان وٽ قرب ڪو ڪري،
ڏي ڪو درسن ديدار، دلدار مان ڪي.

⦿

راڳڻي: پهاڙي | ڪافي | تار: لاڙي ڪٽ

ٿلهہ: مون سان پرينءَ ڪئي پرچاٽي، قربان وڃان مان هاٽي.

مون تہ سڪندي سال گذاريہ، روئي رستا روز نهاريا،
هُئي تن من ۾ هيءَ تاٽي، مون سان پرينءَ ڪئي پرچاٽي.

مون کي ڏينهن ڏني ڪيئن ٽيڙا، لنگهي وَرهہ وڇوڙي ۾ ويڙا،
دل سِڪي سِڪي ٿي ساٽي، مون سان پرينءَ ڪئي پرچاٽي.

اڄ پلي ڪئي تہ پلائي، مون تہ سڪندي عمر وڃائي،
اڄ سڄڻ پانيو ٿم ساٽي، مون سان پرينءَ ڪئي پرچاٽي.

پيو ’پريل پينار‘ پُڪاري، مون سان پرت پرين شل پاري،
منهنجا عيب ڍڪي سڀ جاٽي، مون سان پرينءَ ڪئي پرچاٽي.

راڳڻي: پهاڙي

تار: قوالي

## ڪافي

تلهه: پائرو وطن وڃو نہ ڇڏي، ويهو گهر تہ گهرن سان گڏي.

آهي پڇڻ مان ڪين پلائي، اها آهي صلاح اجائي،
اچو ويل ورائي سڏي، پائرو وطن وڃو نہ ڇڏي.

ڪانگريسي ۽ ليگي لڙندا، لڙي پاڻ ۾ نيٺ نهندا،
آهي ڦتايو ڦڏي، پائرو وطن وڃو نہ ڇڏي.

منهنجو چوڻ جي ڪين مڃندا، اوهي ڏاڍا ڏکن جا ٽيندا،
جيڪي هتان وڃن ٿا لڏي، پائرو وطن وڃو نہ ڇڏي.

هيءَ ’پريل پينار‘ پُڪاري، تہ جيڪو غريب ٿي ۽ گذاري،
تنهن کي تڙيندا تڏي، پائرو وطن وڃو نہ ڇڏي.

راڳڻي: پهاڙي

## ڪافي

تلهه: بچن منهنجا سُکي سانگي، سڪان ساريان راتو ڏينهان،
تن جي سوز ۽ سڪ ۾، رڳو دل پئي ڪري رينهان.

پنهوارن جو پتو ناهي، مونکي ڪن ياد ٿا يا نہ،
هتان هڪڙو نہ آيو ڪو هتان ويندي ڏسان ويهان.

سمهڻ سان سُور سَوَ جاڳن، اچي مون کي اباڻن جا،
وڃڻ وس ناهہ منهنجو ڪو، نڪي ويهان نڪي بيهان.

اکين آگم بڌو اهڙو جيئن مند تي پيچي بادل،
نماڻان نيڻ ٿيا روئي، اچن لَنئون لَنئون منجهان ٻيهان.

'پريل' پنهوارن سان، ملان مان شال هڪ پيرو
تن جي قرب جي ڪارڻ، قلب منهنجو ڪري ڪيهان.

⦿

راڳڻي: ڪوهياري تار:داڏرو

ڪافي

ٿلهہ: ٻيراني* ديواني، جنهن ۾ ڪانہ رهي ڪا نيراني.

ٿيڙس مهر مٿس مولٰي جي، الله سندي ڪا احساني.

ماڳ محبوبن آهہ اُتي ئي، جتي جڙ هٽي ويم جاني.

دلبر هٿ وٺي دل ڦاسي. اهي هميشان مون حيراني.

---

* ٻيراني، ضلعي سانگهڙ تعلقي ڄام نواز علي جو هڪ شهر، جيڪو پريل فقير جو اصل ڳوٺ.

## سيڪو رمز پنهنجيءَ ۾ ريڊل هڪ 'پريل' ڪي آهي پريشاني

◉

راڳڻي: ڪوهياري تار: ڪلواڙو

### ڪافي

تلهه: عشق آرياڻيءَ جي مون ڪي، رندَنِ ۾ رولِي رولِي.

ڏيرن ڏاڍائي، مون ڪي ٿَڪر ۾ ٿولِي ٿولِي.

جبل جالڻ پيو مون ڪي، ڏونگر ٿيم ڏولِي ڏولِي.

هاجو هوت ڪري ويا، اِهي هينئين ۾ هولِي هولِي.

'پريل' پنهل تنهن ڄام جي، آهيان ته به گولن جي گولي گولي

◉

راڳڻي: ڪوهياري تار: ڪلواڙو

### ڪافي

تلهه: جيڏيون جت ويا جيڏي جاڙ ڪري، منهنجو پنهل نيو اٺن ڪوهه پري

جڏهن ساجن سنبري ساڻ ويو مون ڪي ڇو نه تڏهن تنهن ڄاڻ ڪيو.
ڪرڻ پنڌ ڪيچين جي ڪاڻ پيو ڏسان شال پرين پنهنجا پير پري

هاڻي شهر پنپور ڪان پينر بس، ڏيو ڪيچ ملڪ جو مون ڪي ڏس.
ناهيان وس پنهنجي آهيان ٿي بيوس، انهي ڳڻتيءَ ۾ منهنجو ماهه ڳري

گوندر تن ۾ گهارڻ پيو پورو پيچ پنهل سان پارڻ پيو
انهي جبل ڏونگر ۾ جالڻ پيو ڏسيو ڏک تہ پيو منهنجو ڏيل ڏري

چوي "پريل" پيارل ڪيئن پسان، ڏوري ڏيهہ سڄو تنهن لاءِ ڏسان
روئي راهہ وٺي رڙهي شال رسان، هيءَ ڳالهہ سٺي من ڪجهہ وَرُ بہ وري

◉

راڳڻي:ڪوهياري تار: ڪلواڙو

ڪافي

ٽلهہ: آيو ورهہ وڇوڙو منهنجي قسمت ۾،
ناهي جان تڏهين منهنجي جميعت ۾.

دل تہ دکي پئي درد وڏي ڪان،
ڪيئين روهہ ريڃهايان پنهنجو راحت ۾،

لنئون لنئون منجهہ ليڇڻ ۽ لوري،
ٽڙپڻ تن من ۽ طبيعت ۾.

جيئڻ جدائيءَ منجهہ جڏو ٿيو
آهي اندر جلي ويو ان الفت ۾.

'پريل پينارو' چئي پرين جي،
ميٺ ڏنم محبت ۾.

◉

راڳڻي: ڪوهياري　　　　تار: ڪلواڙو

ڪافي

ٿلهہ: درد ڏيئي دلبر مون کي، دلڙي دکائي ويو جيئڙو جلائي ويو.

ستل سور سرير جا، جانبِ جاڳائي ويو جيئڙو جلائي ويو.

ڇٽل دل کي دام ۾، ڦيري ڦاسائي ويو جيئڙو جلائي ويو.

قرب ڏيئي قابو ڪري، لنئون لڳائي ويو جيئڙو جلائي ويو.

پيچ 'پريل پينار' ڇئي، پرين پائي ويو جيئڙو جلائي ويو.

⦿

راڳڻي: ڪوهياري　　　　تار: ڪلواڙو

ڪافي

ٿلهہ: ياڳ پليرا پايان مان، مان سائين جن سان آهيان.

صورت صاف سمائي سيني، سُرتيءَ ساڻ سنباهيان.

درس ديدار دروڻي دل ۾، دم سان درسن پايان.

نسنگ نظاري نظر نوراني، قلبي قرب ڪمايان.

'پريل' پُل پل پرت پڪيءَ سان، سهڻو سخن سڻايان،

راڳڻي: ڪوهياري تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلهه: مام محبت واري محڪم، سمجهن ڪي سچيارا،
محبت وارا.

ديدن وارو درسن دم سان، پنهنجا پَسن پَسارا،
محبت وارا.

رسم رندن جي التي اصلئون، عاشق هلن اوپارا،
محبت وارا.

ڏوُ ڏوُ وارو ڏيان لڳائي، حق حق جا هُلڪارا،
محبت وارا.

'پريل' پروڙج پرت پرينِ جي سهنجا سمجهه سيپارا،
محبت وارا.

⦿

راڳڻي: ڪوهياري تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلهه: ڪنزُ ڪري ٿو ڪم ڏس ڪهڙا، سمجهي سخن نه سارو،
وحدت وارو.

قربئون قالُو يار ڪهايس، ڪيڙئين قول قرارو،
وحدت وارو.

محبت وارن موليٰ ماڻيو، مُحب مِلِيُن موچارو،
وحدت وارو.

نينهئون نيهِي نيٺ هٿن تا، ناٿَ نچِي نر نارو،
وحدت وارو.

'پريل' پيارا پاڻ پسڻ لڳ، پنهنجو پَسن پسارو،
وحدت وارو.

⦿

راڳڻي: ڪوهياري تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلهه: اهو اسرار اکڙين ۾، سراسر سونهن جو سارو،
دُنالي ديد سان دائم، محبوبن ڪيو منڊي* مارو.

هٿن ٿيون ڪانءَ سي قهري، زياده زور سان زهري،
چُٽڻ جي چال ڪن ڇهري، عوشاقن تي ڪري آرو.

گُهٽن گهورون ڏئي گهائي، چُٽن چوٽون ڏئي چائي،
لُٽن ٿيون نيٺ لنئون لائي، ڪري ويتر ڪجل ڪارو.

خماريل خيال سان ڪڙيون، اچن ٿيون اوچتو اڙيون،
ڏين تجلات سان تڙيون، نڪِن تاڻي ڪنهين تارو.

---

*منڊ: جادو.

"پريل" کان ڪين ڪن پاسو مڙن نا مور هڪ ماسو
رکن نت خيال سي خاصو وجهي ونگ روز ڪن وارو.

◉

راڳڻي: ڪوهياري تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلهه: جيڪو رنديل بازي ڪٿي، ستگر واري صاف سخن جي سؤدي ۾ سر سٽي،

ڪار قتل جي قدم ڪڏائي، ڪنڌ ڪُلهن کان ڪٽي.
هُو حق وارو هُل هُلائي، هڏ نہ پوئتي هٽي.

مئخاني ۾ مست مگن ٿي، منهن نہ مئي کان مَٽي.

'پريل' پريمي پنهنجا پاڻهي. پوُريل دَرَ ڪو پٽي.

◉

راڳڻي: ڪوهياري تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلهہ: پئي قربئون ڪوهيارل ڏي، ڪاهينديس مان،
وجي پيچ پنهل سان، پائينديس مان.

ڏينديس باهہ ڀنڀور کي، پير پنهل جا پچائيندس مان.

پنهل پڄاڻان هت ڪيئَن جيڏيون، روح پنهنجي کي ريجهائينديس مان.

نانگ بلائن کان بيشڪ بچنديس، پُٺ ڪو ڀَٽِن جو نا پائينديس مان.

”پريل“ پنهل لئِ پرتئون پل پل، اڳتي وڪڙي وڏائيندي‍س مان.

راڳڻي: ڪوهياري                                        تار: گت تار

## ڪافي

ٿلهہ: موڪل ڏي تہ ملير وڃان، عمر اُداسڙ آهيان.

ٻڪر ٻاٻاڻن جا، آءُ وَلَرَ وَلَرَ ڪيو واريان،
ڦوڳن پاسي ڦرڙا، مان گهيٽن کي تہ گهمائيان.

ٻوڙ ٻُلاءُ ۾ مربا تنهنجا، ڪين ڪٽوريون کائيان،
هنڌ وهاڻا ٻن ڏئي، مان پلنگن پير نہ پائيان.

زريون زيور پَٽ پٽيهر، آءُ تہ پَٽِيءَ ڪين پائيان،
سرتين کان ساٽيهہ ۾، آءُ پَڪِنِ هار پوئائيان.

موڪل ڏي تہ ملير ۾ آءُ، مارن کي تہ مَنائيان،
پري پيرُن پاتيون، آءُ ويڙيچن ۾ ورهائيان.

هادي ميلي حق اهو، ناحق گهوري ناهيان،
ڪيٿُ خوشيءِ سان پنهنجو آءُ پرين شل پرچائيان.

ڪڏ بندياڻي بند مان، آءُ مِنٿَ ڪريو موڪلائيان،
سوال ڪَرِئَيِن ٿي سومرا، آءُ پاند ’پريل‘ ڇئي پائيان.

راڳڻي: ڪوهياري ڪافي تار: گت تار

ٿلهه: نماڻي نيندا الا، ڪيچي ڪيچ ڪرم سان.

وو ولهيءَ کي تہ وطن ڏي، وٺي شل ويندا الا.

وو چوريءَ کي تہ ڇپر ۾، ڇني نہ ڇڏيندا الا.

وو مون ٻانيڙ وٽ شل ٻاجهہ سان، اوري سي اٻندا الا.

”پريل“ کي شل پاڙ سان، گولي نيئي گڏيندا الا.

⊙

راڳڻي: ڪوهياري تار: گت تار

ڪافي

ٿلهه: ٻيلي آءَ ٻيهر ٻيرانيءَ تون، آهين ڄيءَ جو جياپو جاني تون.

موڙ مَهارون وو ماڳ منهنجي، طلب تپايم ترت تنهنجي،
ڏک ڏئي وئين نينهن نيشاني تون.

ڏکڙا ڏکوين کي ڪيم ڏيکارج، پرين پيارا پاڙ پسائج،
پنهنجي يار پيساني تون.

واهر وارث ڪر ڪا ورڻ جي، ڪر ڪا عجيبا اوري اچڻ جي،
موتي ڪر مهرباني تون.

موتي لعل لبن تو لالي، ”پريل“ پَسِي ٿيو مست موالي،
وري اهڙي ڪري احساني تون.

⦿

راڳڻي: ڪوهياري

## ڪافي

ٿلھ: ڪين گھٽايان، دوست دلارا، تنهن جي در تي،
دم دم بيٺو دانهيان، ڪين گھٽايان.

ديس ڇڏي پرديس ۾ هاڻي، قرب لاءِ ڪاهيان ڪين گھٽايان.

چوٿو دوست ڌڪارين مون کي، عاشق توتي آهيان ڪين گھٽايان.

جي تون محب ملين هڪ واري، لکين پلايون پايان، ڪين گھٽايان.

’پريل پينار‘ سان، پرچ پيارا، سڪندڙ تنهنجو سڏايان.

⦿

راڳڻي: بسنت تار: تين تار

## ڪافي

ٿلھ: عاشق ٿئين تان، ڪر نہ آويرَ،
هردم هِردي، قرب ڪمائج.

ميم مدامي من ۾ محڪم، مستي ماڻ مِٿائي مير،
مؤج محبت، مچ مچائج.

سِڻو سدائين سڪ سان سنبري سيني صاف سچي سان پيسر،
سُر سان سهڻو. سُخُنُ سڻائج.

دالُ ديدار دُرس ڪر دل ۾، دمَ سان هڪ دمُ ڪر نا دير،
دَردِي دونهون، دُود دکائج.

پِي پُر ڳر پِيِ 'پريل' پيالو پرت پڪيءَ سان پڙ ۾ پير،
پُر تي پَرِ سان، پرجهِي پائج.

⊙

راڳڻي: بسنت تار: ڪلواڙو

ڪافي

تلهہ: وهہ سُهڻي يار سينگار ڪيو، هٿ هوت حُسنُ هٿيار ڪيو،
وهہ صورت جو سامان سراسر، جلد جنگي جنسار ڪيو.

اکڙيون اکڙين ساڻ اڙائي، نيٺ وڏي دل گهورن گهائي،
چشمن واري چوٽ چلائي، مشتاقن جو مار ڪيو.

لب لال تيا مرجاني جڻ، ڪري ظاهر زور زباني جڻ،
ڇُتا ڦهري تير ڪماني جڻ، سَتي سيگهہ تني سنگسار ڪيو.

وهواهہ حُسن هُٻڪار ڪري، سِرِ عُشاقن اظهار ڪري،
وهہ عشق سندو اسرار ڪري، بچي برهہ مون کي بيمار ڪيو.

وهہ ”پريل“ پيشانيءَ پاڪ مون کي، ڏنو فيض فياضُ فراق مون کي،
چاڪَ منجهان بي چاڪُ ڪري مون کي ڪنهن شاهيءَ شوق شڪار ڪيو.

⊙

راڳڻي: مانجهہ　　　　ڪافي*　　　　تار: داڏرو

ٿلهہ: منٺار سان مدام، هجان شال هميشان،
هردم اها حُب تو رکان، هر حال هميشان.

وهوا وڻي مون کي وريام جي ونِدرڪا،
ٻهڳِڙ ٻڌائي تو ڳُڻَنِ جي، ڳالهہ هميشان.

ساريون سِٽون سراسر، سڪ سوز جون سيڪاريءِ
ءِ تو ڏسي سڀ ريت، چڱي چال هميشان.

آهي اثر انهيءَ ۾، استاديءَ عشق جيءَ جو
محڪم ونڊي تو مَحبَتِيَنِ، مڪال هميشان.

آهي ”پريل“ پينارو امداد عشق جي جو،
ٿيو پرت مان پِڙي سو پيمال هميشان.

⊙

راڳڻي: مانجهہ　　　　ڪافي　　　　تار: ڪلواڙو

ٿلهہ: جهوپا جهانگين جا، ڏورهون تا ڏِسجَنِ،
آڏاٽا بہ آڏي، ويڙيچا تہ ويهن.

* حضرت منٺار فقير راڄڙ رحہ تي چيل ڪافي.

ويڙيچن ويڙها، پٽين جيئن پيڙا،
لانڍيون لاڪيٽيونُ، چوٽيون جي چٽونرن.

پَنهنِجا پري ڪان پڪڙا، ڏين ڏيڪائي ڪڪڙا،
مَنَهِيُون* ماروئڙن جون، آڏو جي اوٽَنِ•.

اي عمر اباڻا، ڏسنديس ڏاڏاڻا،
مارن سان ملنديس، پنهواريون پرچن.

جهنگ جا جهانگيئڙا، سُرها سانگيئڙا،
”پريل“ پنهوار اُهي، مون سان شال ملن.

⊙

راڳڻي: مانجهه

تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلهہ: وٺي بند بيراڳي، هليا هاڻ هاڙهي،
وطن جي وڇڻ لئہ، هيئن واڳ لاڙي.

وڃن ٿا ويراڳي، پنهنجي ملڪ موٽي،
مون سِڪايل کي سوُرن، ڇڏيو صاف ساڙي.

نِدوري نہ نيائون، ڇني ڇو ڇڏيائون،
وٺي وَرُ وِلهيءَ جو، چوريءَ ويام چاڙهي.

---

* منهيون = ڇنيون، ڇپريون.
• اوٽن = اڱڻ، ٿلها.

ڪيم سوال ڪهڙا، ڪڏهن ڪَنِ نہ ڪيائون،
منهنجو سر فدا ڪيو، ڏِرِيَئون دل جي ڏاڙي.

وٺي جي وچن ها، پنهنجيءَ جوءِ جوڳي،
”پريل“ چئي پرينِ جي، پوان هوند پاڙي.

◉

راڳڻي: مانجهہ　　　　　　　　　　　　تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلهہ: واهہ چار هيٺئون يار ڪاجا رمز رلائِي، منڊل موج مچائي.

سُخُنُ صاف منهن مصحاف، ڪن ڪلام قرب جا،
روح راڳ سان ويراڳ، فَقَرَ ڪن نہ ڪمائِي.

نانگا نينهن راتو ڏينهن، سي اوربن پٽا اللهُ،
جوڳي جوءِ ۾ رُجَ روءِ، رکن سرت سچائي.

پِي پوُر تي مخمور، پنهنجو راز ريجهائي،
جهر جهنگ پائين رنگ، اها پلي جِي پلائي.

حق هيڪ نظر نيڪ، هڻن نينهن جو نعرو،
’پريل پينار‘ ڪر ديدار رهي صاف صفائي.

◉

راڳڻي: مانجهہ تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلهہ: عاشق الله جا، ڪن اڌ رات آنهون،
درد مان دونهيِن تي، ڪن درويش دانهون.

سُر ساز سامان واڃا وِرهہ جا،
سُڻائن ٿا سورن جون سڪ مان سدائون.

وتن روز گهمندا، توڙي ديس پرديس،
ٻُڌن قرب ڪاڏي، تاڏي ڪن ٿا ڪاهون.

وڇوڙيل ويراڳي، فقر حال هالِي،
پرين شال تَنِ وَٽِ، اچن جي اورانهون.

مبارڪ ملڻ جي، سڄي ڏيهہ ڏيندس،
جي ٿيندو ڪين پيارل، ”پريل“ ڪان پرانهون.

راڳڻي: مانجهہ تار: ڪلواڙو راڻِي

## ڪافي

ٿلهہ: جاڳو جاڳو جيڏيون وو، ڪار ڪتڻ جي ڪريو،
ڪار ڪتڻ جي ڪريو، ڏيان ڏٽيءَ ڏي ڏريو.

پير فقير نبي، نيٺ وڃي ٿو مريو.

ڪُلُ نَفسٍ ذَائِقَةُ المَوتُ، جاڻ اچي دم پريو.

ڪجي دانهن درد جي، ڏکن واريِ ڏريو.

عصر ويل عجيب لاءِ، 'پريل' پُڪاري وريو.

◉

راڳڻي: مانجهہ　　　　تار: ڪلواڙو واڻي

## ڪافي

ٿلهہ: اديون ويلي آڏيءَ جاڙ ڪري ويو جاني، واهي قرب جي ڪانيِ.

صورت سيني ۾ سدا، پيو نام رهيو نيشاني.

وِرهہ وڇوڙي آهيان، هئي هينئڙو حيراني.

دم دم دانهون درد جون، دل ڪري ديواني.

'پريل' ڪي تہ پريان جي، آهي پليل پريشاني.

◉

راڳڻي: مانجهہ　　　　تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلهہ: مون ڪي مير مرسل، اُڪارين الله لڳ،
اُڪارين الله لڳ، سڏيءَ راهَہ سئين دڳِ.

نبي نور نرمل پيغمبر پارس،
اَجهو اوٽ آسيئَنِ وِلهينِ ويِر وارث،
پڙهيو ڪلمون تو تي، سڄيءَ جوڙ ۾ جڳہ

تون محبوب حق جو خدا تو تي عاشق،
چوڏهن طبقن جو تون مختيار مالڪ،
اهڙو ڪو نبي ڪونہ، ٿيو ڪوئِي ٻيو اڳ.

سڀُني ڏينهن قيامت اڳيان قهر ڪاڙهو
اُتي مون نماڻي بنا تو نہ چاڙهو
سوا لک نبيئَنِ جي، تون آهين پيڙهہ ۾ پڳ.

’ٻينارو‘ آ ’پريل‘ جدائيءَ جو جليل،
منهنجي آس تو ۾ تورئون آهہ ڏريل،
هي وڇوڙي نڪيڙيل، ورائيم سان وڳ.

راڳڻي: مانجهہ ڪافي تار: اولنگهہ

تلهہ: ڪرڪا دوا اي دلبرا. منهنجي مرض جي يار تون،
ڪر ڪو نظر نيڻن سندي، اي مٺا نہ مار تون.

آ هڪ سڪ اندر سهٺا گهڻي، ٻيا داغ دل ۾ تو سندا،
ٿيون دونهون دُکي ٿو درد جو، چوٿون مِنا مُسين بيمار تونِ.

گهورن انهن سان گهائيُئِہ، ديدوُن دُناليون مون هٺي،
ٿي خوش گهٽي ڪنهن جي خيال سان، ڏي دلبرا ديدار تون.

ساڻ نيڻن ناز جي، ماري وِڏُوَ مون مسڪين کي،
چو پيو سڪايل کي سڪائين، ڪا گهڙي هت گهار تون.

جئري جدائي ڪيم ڪر، ڪر ڪا نماڻن ڏي نظر،
محبوب مون تي ڪر مهر، معشوق مُنهن ڏيکار تون.

مهٽا ڏين ماڻهو منا، سڀ سوُرَ مون سر تي سَنا،
ڏاڍا اٿم ڏکڙا ڏنا، هاڻي ڏي ”پريل“ کي پيار تون.

⦿

راڳڻي: مانجهه تار: چئنچل

## ڪافي

ٿلهه: جوڳين جو جنسار وو، سي ساٿ سويرا لعل لنگهي.

هوت هليا هنگلاج هوڪاري، هت نہ رهيا هڪوار.

پوُرَبِنِ پرڏيهه چتايو، وڃي ناڻگا تيا نروار.

ناٿ ويا ٽڙ نيهي نڪري، ساجهر ڪان سنسار.

”پريل“ پريَنِ جي تانگهه تپايو تيو من اندر مونجهار.

⦿

راڳڻي: مانجهه

## ڪافي

تار: گت تار

ٿلهه: سهٽا سدائين سنگدل، مورهون نہ ميڻ ٿيندا.

هرگز نہ ڪن وفائي، ڏئي جاڙڪن جدائي،
ويتر ڪندا وڏائي، ڏڍ ڪو ڪڏهن نہ ڏيندا.

ٻَڇي برهہ جي بيماري، خوش ٿيا وتن خُماري،
ورندي وصال واري، ثابت نہ ڪا سليندا.

ڪا قرب جي ڪناري، سيني سَٽين ساري،
ڏيئي خلق ۾ خواري، ويٺل بہ وٺئون ويندا.

نوڙت ۾ نياز نيارا، جيڪي ڪندا ويچارا،
ڏس ”پريل“ تن کي پيارا، سڪ سان تڏهن نہ سڏيندا.

راڳڻي: مانجهہ تار: گت تار

## ڪافي

ٿلهہ: منٺن مارن لئہ سڪ ۾، روز ڦِڦڙَ ٿا ڦٽڪن.

نِڏر نصيبن نيئِي، قسمت قيد ڪيئي،
آءِ هِت ڪيئَن پئي، ڪرمن سان منجهہ ڪوئن.

ويڙ وطن ڏي ويندِيس، ماروئڙن سان ملنديس،
وچي شل ٿَرَ ۾ ٿيندِيس، گڏبيس ساڻ سرتين.

عمر چڏي ڏي چوري، ڪوهہ جهلي ٿئي زوري،
آهِ جِهجهڙ ۾ جهوري، مون کي ريءَ ماڙيچن.

’پريل پينار‘ کي پرور، سانگين ميلي سرور،
ڪر آزاد عمر، پسان تن پاڙيچين.

⊙

راڳڻي: مانجهه تار: گت تار

## ڪافي

تلھ: سهڻيءَ کي ساھڙ جي، هئي سيني ۾ سڪڙي،
لهرين ۾ تان لڙهنديِ، تارِ تري تيِ تِڪڙيِ.

وقت ڏنئين ناويلو، ڪندڙ ميهار سان ميلو،
ڏسي بہ يليءَ يَتِ پيلو تہ بہِ نہ ورايئين وِڪڙي.

گهيڙ ڏنيئن نا گهت ڪو، هيائين سِر ۾ سَتڪو،
ميهر جو نہ ڪيئن مٺُڪو، لوڪئون وئي تي لِڪڙي.

دڙڪا ڏي تو درياھ، اوناهون سو اوڙاھ،
رات انڌاري اونداھ، تہ بہ ھوڪاريئين هِڪڙي.

ميهر ڪان متوالو، برھ مليس برحالو،
پيتئين پاڪ پيالو ”پريل“ پريمي پِڪڙي.

⊙

راڳڻي: مانجهه تار: مارئي

## ڪافي

تلھ: سڄڻن سانگيڙن جي، اتم سدائين سِڪڙي،
ميليندو شل موليٰ، جن سان آهي جِيءَ جڙي.

مارو پنھنجي ملڪ وسن، ڪِليو ڪير پين،
ٿيم اُداسي اڪٿيون، روز تني لاءِ روئن،
جي ڳالھيون ياد پون، تان پيم لُڙڪ لَڙي.

پرين پنھوار پنھنجا ڏوٿي شل ڏسان،
پرور پاڪ ڪري، پاڙيچن کي پسان،
سي وسرن ڪين وسان، ڪو دم پَلڪَ گھڙي.

شال سپيرين سِکھا، ڏاتر مون ڏيڪاري،
واڳ وطن تي والِي ؛احد جي مون واري،
چونديس سور ساري، اندر جي ھيءَ آھڙي.

’پريل‘ پرين رِي پلا، ڪنھن سان سور سليان،
تڏھن طعنا تَنڪا جِھڙِڪون روز جھليان،
پاڻ پلا ڪيئَن پليان، جيو ھت آھيان ھڪڙي.

⦿

راڳڻي: مانجھ تار: مارئي

## ڪافي

ٿلھ: سانگي سيڻ سندم، ساھ سدائين ساري،
ويڙھ وطن ڏي وري، واحد مون کي واري.

گذر غمن ۾ ٿيو روئي جال ويو
قسمت قھر ڪيو ٻارڻ مون لاءِ ٻاري.

اکڙيون ڪڪر ڪري، آيون آب پري،
پاڙيچن کان پري، دل نہ گهڙي ڪا گهاري

راتو ڏينهن روئڻ، نئين سج سور سهڻ،
ڳڻتين منجهہ ڳرڻ، تنهن کان شل موت ماري

داتا پير دلبر، سڻندو صدائون سرور،
پنهوارن سان پرور، شل پرت 'پريل' جي پاري
⦿

راڳڻي: مانجهہ تار: مارئي

## ڪافي

ٿلهہ: آهن مائٽ منهنجا ماروئڙا موچارا،
رهن روز ريڏا واريءَ تي ويچارا.

عمر منهنجا اباڻا، ڏوٿيئڙا ڏاڏاڻا،
اٿم ساهہ سيباڻا، وطن ويڙهہ وارا.

سانگيئڙا سهڻرا، چڱا [illegible] چڙئرا،
آڻيو ڏُڌ [illegible]، رَڌيون [illegible] گڏارا.

[illegible] ناهين، مارُين کان موچاريون،
جيڪو ڏڌ ڏاريون، ٿا چاريون چوڏارا.

’پريل‘ چئي پنهوارن، اٺم سڪ سنگهارن،
گهڻو جيڪي گذارن ٿا پِٽَ تي پلارا.

⦿

راڳڻي: جوڳ تار: داڏرو

## ڪافي

ٿلهہ: ويا ويراڳي، ويا ويراڳي، ويا ويراڳي ويا هليا،
ڪين رهيا رات سي، ڪنهن رمز جي رائي رُليا.

آديسي آسڻ اُٺائي، ويا هَلِي هِنگلاج ڏي،
ساٿ سامين جي سويرا، وڃي ماڳ ۾ موتي مليا.

گاروڙِي گرنار ڏي، تنبڙِيون ڪٽي نانگا نِڱِيا،
سيلهيون سِنگيون جهوليون جهنبا، ڇَٽ پَٽِ سي ئِي ڇائي ڇليا.

وِرهَہ جا واڄا وڄائي، نانهن ۾ نابود ٿيا،
ڏک سوُر ڏوڙا سِرِ سَهِي، اُٽِڙُڻِ ڪينهن جهوريءَ جهليا.

”پريل“ چئي پرڏيهہ ڏي، ويا پرانهين پنڌ سي،
ڪينَ ڪا گهاريئون گهڙي هڪ، هڪ پلڪ پهرڪو پَليا.

⦿

راڳڻي: جوڳ تار: داڏرو

## ڪافي

ٿلهہ: سي ڪاپڙي ڪاڏي ويا، جيڏيون مون کي ڪو ڏس ڏيو
واٽ ويراڳين سندي، جنهن ساٿُ سامين جو سيِعو.

هوت ويا هنگلاج ڏي، ڪن لال لاهوتي ٿيا،
ڪِنَ ويا پري پوُربَ ڏهون، ڪنَ لا ۾ ڪو پاتئون ليئو.

ٿيون مڙهيون مارين مون، هئي هئي ڏسي هنئڙو ڳري،
آڏوتئين آسڻَ ڏسي، جِند سِرُ جلي ويتر ويو.

پنڌ پيچرا پڇندي رهان، جيڪر پَسان منهنجا پرين،
جوڳين جمائت ۾ ٿيان، وڃي تان منهنجو مقصد ٿيو.

هلڻ هوتن ڏي ضروري، نيت ٿيو ظاهر ظهور،
توڙئون اهو تقدير ۾، هيءَ "پريل" کي پنڌڙو پلي.

⊙

راڳڻي: جوڳ — تار: داڏرو

## ڪافي

ٿلهہ: آهي بيو ڪير جو اصلئون، سُخن سچ صاف ٿو ٻولي،
پَسي ڏِس پاڻ ۾ پاڻهي، خيالي خيال سان کولي.

هٽي ڏِس مام کي من ۾، طلب جي تارَ سان تن ۾،
سندي ڏُن ڏيان جي ڏُنَ ۾، ڳجهي تنهن ڳالهہ کي ڳولي.

نمائي نيڻ نُرتيءَ سان، سندي سامان سُرتيءَ سان،
تکِي تنهن طلب ٿُرتيءَ سان، چِئو نا چپن سان چولي.

وحدت وات سان ووڙي، بيائِي غير بئي بوڙي،
دنيا جا سپ تڳا توڙي، اوطاقِي تي اندر اولي.

محبت موڄ جي ماڻي، "پريل" پَسُ پاڻ ۾ پاڻهي،
اثر اعتبار جو آڻي، پلج نا پَوَ ڪنهين پولي.

⊙

راڳڻي: جوڳ

تار: داڏرو

## ڪافي

تلهہ: مدامي مام ڪي من ۾، اندر هردي هلائج تون،
رکي سِڪ صاف سچي سيني، خودي خود خيال ڪائج تون.

سُرتيءَ سامان سان ثابوت، نرتِيءَ نانهِن ۾ نابوت،
طمع جو ترڪ ڪر تابوت، هستي هردم هٽائج تون.

مَهِوُ مرشد اندر موُتُو، قبِلِ انَتُ تي مُوتوُا،
فنائِي فِقِرَ سان نوتُو محبت مچ مچائج تون.

پسي ڏس محب کي، من ۾ طلب جي تارَ سان تن ۾،
ڏيارِي ڏيان جي ڏنَ ۾ قرب، قلبِي ڪمائج تون.

پيالو پي پريم جو پَر، ڪنا ساديءَ قرب ڪوثر،
صفائي صاف سان سَتِ سِر، "بريل" پِڙَ پير پائج تون.

⊙

راڳڻي: جوڳ　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　تار: داڏرو

## ڪافي

تلهه:　مزو ماڻي مدامي جي، رکي ڏس يار سان يارِي،
پَوَئِي سُڌِ صاف ثابت تان، وصاليت جي وصل واري.

ڪري ظاهر ذڪر ذاتِي، پائي ڏس جهُوپڙيءَ جهاتي،
متي ڪنڌ قرب جِي ڪاتي، هڻج هر روز هر واري.

مغان ۾ تي مَحِوُ مائل، سدا صورت سندو سائل،
گذارج گهور جو گهايل، جمالي جام سان جاري.

وحدت سان ڪري وارو، هڻي ڏس نينهن جو نعرو،
سراسر سير ڪر سارو، طرف چؤگِرد چؤڏاري.

هڻي ڏس هام سان هٿ ۾، گگن گُرَ گامَ سان گهٽ ۾،
اُڇل سِر شوق سان سٽ ۾، نظاري جي نظرداري.

منگج مرشد ڪان مَتِوالو 'پريل' پُر جام پيالو
تہ تيئي مطلب برحالو، برهہ جو بارُ تئي باري.

(۱)

راڳڻي: جوڳ　　　　　　ڪافي　　　　　　تار: داڏرو

تلهہ: محبت جي ميدان ۾
اهو غم رکج غلام.

ڪڍ ڪاوڙ ۽ ڪوڙ قلب مان، محبت رک مدام،
اهوغم رکج غلام.

لالچ لاري ڪِيم لڳج تون، طلب ڪج مَ طعامَ،
اهوغم رکج غلام.

نفس جو رايو ڪِيم قبولج، لا جو ڏنيس لغام،
اهوغم رکج غلام.

”پريل“ پچائج پاڻ ۾، تون مرشد واري مام،
اهوغم رکج غلام.

⦿

راڳڻي: جوڳ | ڪافي | تار: ڪلواڙو

ٿلهه: چؤقبلي چؤڏار ڏسڻ ۾ هر هنڌ هڪڙو،
هر هنڌ هڪڙو هر هنڌ هڪڙو.

تون هين ساقي، تون هين سرورُ تون هين سِر سردار.

تون هين احمد، تون هين محمدؐ تون هين مُک مهندار.

تون هين رهبر، تون هين پرور، تون هين پڪ پڳدار.

تون هين حيدر، تون هين صِفدر، تون هين خود آڏار.

صورت سِر سردار بہ تونهين، تون هين عشق اظهار.

”پريل“ پُڪاري پايي پنجتن، پياسي تي ’پينار‘.

راڳڻي: جوڳ — ڪافي — تار: ڪلواڙو

ٿلهه: اوري ڏس اثبات اندر ۾، آدم سِر الله آئي،
آدم سر الله ٿئي، شاهد ڪلامُ الله آئي.

فَذكُرُونِي اَذكُرُكُمُ، قادر ڪرمُ الله آئي،
وَنَحنُ اَقرَبُ ويڙهه وسندڙ واحد وجهه الله آئي.

اَنا اَحمد بِلا ميمي، راز رسول الله آئي،
لَحمَڪَ لَحمِي جِسمَڪَ جِسمِي، عاشق اَحمدالله آئي.

بَشرِي بازي يار بنائي، بيک بقا بِاللهِ آئي،
اَنااَلحَقُ اظهار اَلائق، سُهڻي صاف صلاح آئي.

پڙهج ”پريل“ تي پيچ پَسڻ جي، فرض فَنا فِلاءَ ٿئي،
آڙهه عشق برهه جي پِڙڪي، جوش جَلالُ اُلله ٿئي.

راڳڻي: جوڳ — ڪافي — تار: ڪلواڙو

ٿلهه: ڏنم آديسين جا آستان، رنگ راهوئڊي ويا رچائي.

جوۡءِ ڏنم جوڳيئڙن واري، حال حقانيءَ جي هبڪاري،
مَردن جوڙيا جت ميخان، محبت واري موج مچائي.

کاھوڙين جت کوڙيا يا کوُنتا*، ويا واسِي سپ وڻ ٽڻ ٻوٽا،
راضي مَتِنِ ٿيو رحمان، دونهان دائم ڇڏيئون دکائي.

لنگهي لاهوتي لاحد ويڙا، جُڳ جُڳ جوڳيئڙا سي جيئڙا،
مٿي مَهيسينِ ڪيا مڪان، قائم قرب ڪمال ڪمائي.

'پريل' تني سان پرتو• پرور، سڪ وارن سان ساٿي سرور،
نينهن وارن جا سي نيشان، پاڪ ڏٺي شل مون کي پسائي.

⦿

راڳڻي: جوڳ — ڪافي — تار: ڪلواڙو

ٿلهه: عمر ميان مارن لِءِ، هيءَ دلڙي ٿي ماندي،
موڪل ڏي مير مون کي، هيڪر ٿيان هيڪاندي.

خان ڪٺي کوهَہ مٿان، اصل مون کي تو آندي،
هيءَ دل منهنجي درد ڪنا، وار ناهي ڪا واندي.

سونا زيور زريون، ڪين ڇوڙينديس چاندي،
ناحق نِيَرنِ ۾ آٽي، بي ڏوهِي ڪيئِي باندي.

طوُل وهاڻن ڪان ويتر، سهٽي ٻانهن سيراندي،
ٿڏڙي واري ٿر جي، پاسن ۾ پيراندي.

* ڪرنتا: ڪلا.
• پرتو: رازي ٿيو

’پريل‘ پنهوارن جا، آءُ روز پڇايان پانڌي،
شال ملير وو مران، ٿين ڪاهوڙي ڪانڌي.

⦿

راڳڻي: جوڳ | تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلهه: آهي اندر ۾ اُڪير، مون کي سِڪ ماروئڙن جي،
ماروئڙن جي، سانگيئڙن جي.

ڏؤنرا چاڙهين ڏُٺُ ڏهاڙي، ڪِليو پِيئَن ٿا ڪير.

سانگي آهن ساهه سيباڻا، مارُو منهنجا مير.

هنجهون تن لئه روز ٿي هاريان، نيڻي وهايان نير.

”پريل“ کي پنهوار پسائج، مولي ميل ملير.

⦿

راڳڻي: جوڳ | تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلهه: رات مُڪا ٿم ماروئڙن، ڪي سنگهارن سلام.

من ۾ مارن جي آ مون کي، محڪم سڪ مدام،
تانگهه تکي آ تن ۾ ڏاڍي، تن جي روز تمام.

ماڙين ۾ مون ماڙيچن ري، اچي نا آرام،
ڪوتِ ڪتيينديس ڪيِنَڪِي، اهو اٿم انجام.

عمر ايئن نا راجا ڳڻتا، مرُ تہ ايئن ڪن عام،
اکڙين آب وهي تو ڏاڍو، جرُتہ وهي تو جام.

’پريل‘ تيو پرديسيڙو پهچڻ سان پيغام،
وطن ڇڏي بي وطن تيس مان، ماريو مون ڪنهن مام.

راڳڻي: جوڳ تار: ڪلواڙو

## ڪاني

تلهہ: هو جي جاريون ويچاريرن، سي سرور سينگاريون
لَيُون تو هَرَ لاٽا، ٽُنا قوڳَ مُراريون.

ڪندا ڪِرڙَ ڪوُنيَٺَ ٻروُسيڻ سهٽا،
ٻاڱيون ۾ گُگِراٽيون وڻن مُرِٺَ مهٽا،
روهيڙَنِ گلن سان، پريون لعل تاريون.

پِرِيَنِ پوک ناڙِي جا باجهر ٻُري تي،
منجهس ڪِرِنگھَ چيڙو تِرن سان ٽُري تي،
سائون موٺَ پاسن سان، مڱن ملاريون.

چيڙ ريبڙيون ۾ پڙ چاهان چنديائون،
منجهس گوار مکڻِي سي گهاتا گڏيائون،
لُلُر ۾ مريڙو سو نت نت نهاريون.

پکا سگر پيرون کنيون کير کائڻ،
کتا مکڻ ڏَئونرا ولوڙيون ورهائن،
پِرهَہ سان "پريل" چئي، پِٺُنِ تي بهاريون.

◉

راڳڻي: جوڳ | ڪافي | تار: ڪلواڙو صدا

تلهہ: لڱنگ فقير لائق ڪر، منهنجو عرض سڄڻ تون آزِي،
عرض سڄڻ تون آزِي، توکي غوث ڪيو آهي غازِي.

دشمن منهنجا دور دفع ڪج، مون سان جن ناسازي،
رولِ رقيب رَندَن ۾ رهزن، رؤحَ ٿئي مون راضِي.

درگاهن تي مُقبرا مسجدون، واهہ بنايئي بازي،
منزل تنهنجي آهي متي جت، ڪونَ رسي ڪو قاضِي.

ملڪ بقا ۾ بيشڪ آهين، دم پدم پروازي،
عرض اگهائج عاشق منهنجو ناتص هيءَ نيازي.

'پريل پيناري' کي پرين جِي، طلب آهي نِت تازي،
ميلين محب منهنجو مون کي، تان پر ٿيس مان پازي.

◉

راڳڻي: جوڳ | ڪافي | تار: چٽنچل

تلهہ: جنهن محبت مِٺل جي، وڏو مون کي ماري،
ساهہ ساجن کي، سدا منهنجو ساري.

وٺيو راھ رستو ۽ ندر سان وچان تو
شل پرور پرين سو مون کي ڏاتر ڏيکاري

محب آھ موچارو سدائين سوپارو
من محبت سان مون کي اھو خوش تي ڪيڪاري

حبيبن ڏي ھاٽي، قرب مان تو ڪاھيان،
نماڻن ڏي نرگس، نيڻن سان نِھاري

سِڪڙي سدائين، مون کي تن من ۾ تنھنجي،
پياسي "پريل" پيو تو پل پل پُڪاري

⊙

راڳڻي: جوڳ تار: چٽنچل

کافي

ٿلھ: سِڪ تہ سانگين جيءَ جو مُور بہ ڳڻتي تي ڳاري،
تيان تہ آيم اوري، ڪين اباڻا.

ھڪ قسمت ڪيڙم ڪوٽ ۾ قابو بيا ڏيھي تيڙم ڏور،
وينم وساري، تيان تہ تيڏ مون کي سُور ساماڻا.

موڪل ڏي مون مارن ملڻ جي، ويندس ويڙھ ضرور
ھتان تہ ھوڪاري، ڏسنديس شال سي ڏوتيءِ ڏاڏاڻا.

كائين ڪين ڪو ڪاج خوشيءَ سان، مارو منهنجا سي مُور،
آٽين اڏاري، سُمهن سدا ڪريو وارِي وڇاٽا.

پرچن شال پنهوار 'پريل' سان، پل پل پونيم پور،
سدا ساهہ ساري، سرتيون ساٽيهہ ۾ وڇي ثابت سڄاٽا.

⊙

راڳڻي: جوڳ تار: چئنچل

## ڪافي

ٿلهہ: مارو رهيم ملير وو، ويڙيچا نہ وساريان.

وو مارن جي تہ ملڻ جي، آهي اندر ۾ اڪير وو، سانگي روز سنڀاريان.

وو وطن جي تہ وڇڻ جي، سِڪڙي منجهہ سرير وو نڪريو روز نهاريان.

وو مون جيڏيون تہ ملير ۾، ڪِليو پِيٽِن ڪير وو، پِسُ لئِہ پئي آءُ پُڪاريان.

وو پَٺُ پهرينديس ڪِينَڪِي، لوئِي اباڻي تيم لِيرَ، وو عمر آءُ نہ اُتاريان.

وو لاءِ پنهوارين ڇنئي "پريل"، نيڻين وهايان نير، گوندر منجهہ گذاريان.

⊙

راڳڻي: جوڳ تار: چئنچل

## ڪافي

ٿلهہ: ڪئي ڪاپڙين تہ قطار وو، وو ماءُ وڃن ٿا الا وطن ويراڳي.

وو آيل آديسن جي اُٽڙِ، مون کي فاني ڪيو ڦُلهار وو ماءُ.

وو جيجان جوڳين جوءِ مٿائِي، مون کي تن ۾ تن جي تار وو ماءُ.

وو وِرهَه واڍوڙين جي ڪان واندي، ڪينَ آهيان هڪ وار وو ماءُ.

’پريل‘ پِرينِ جي پرت پٽِي ڪيو ڪنهن گاروڙين گفتار وو ماءُ.

⦿

راڳڻي: جوڳ تار: چٽنچل

### ڪافي

ٿلهه: جوڳي ويا جا مير وو، هوتَ هليا هنگلاج ڏي

وو آيل آديسين ري، ڪَن لَهي مون ڪير وو.

وو جيجان تن ري ڪين جيان، وِرهَه وڏو تم وير وو.

وو ماءُ مڙهيون مون مارين ٽيون، ساميئڙن جون سوير وو.

وو پل پل ”پريل“ پرين جا، پنڌ نهاريان پير وو.

⦿

راڳڻي: جوڳ تار: چٽنچل

### ڪافي

ٿلهه: ساميئڙن جا سور وو، ماءُ منهنجي من ۾

وو آيل آديسين جي، وِرهَه ڪيم وهلور وو.

وو پوُرَبِيا تہ پري ويا، ڏيھہ ڪنھين ڏي ڏوُر وو.

مڙھيون پوري ماڳ ويا، ماريس اِن مذڪور وو.

وو ”پريل“ چوي پريانِ جا، پل پل پونم پور وو.

⊙

راڳڻي: جوڳ	تار: چٽنچل

## ڪافي

ٿلھہ: چرس ڪئي دل چور، ڀنگ جي ڀنواٽِي، نشي ۾ نگھوسار ٿي پٽڙس.

جيڪي ملي تو سُلفي ٿي ساڙي، وزم ڀريئون تہ ضرور.

زَرِ اڇلايون ٻِي جانِ جلايون ٽيئن ٽيئن وجون وھلور.

ڪاڻ پيئڻ تان خيال ڪجي ويو، پيالا ھجن ڀرپور.

ھڪ نينھن نشي جو ٻِي سڪ سڄڻ جي، ٿيان پون ”پريل“ ڪي پور.

⊙

راڳڻي: جوڳ	تار: چٽنچل

## ڪافي

ٿلھہ: ڏاڍُ ڪري ويم ڏير وو، پنھل منھنجو نيئون پاڻ سان.

وو آءُ سُتِي ھوءِ ھليا، سنجھي مٿون تہ سوير وو.

وو جان جاڳان جٺُ ناهِ ڪو ويم وڏي ڪنهن وير وو.

وو سرتيون انهيءَ ساٿَ جِي، ڪل ڏئي مون ڪير وو.

وو "پريل" پيادي پنڌ ۾، پئي نهاريان پير وو.

⊙

راڳڻي: جوڳ تار: چٽنچل

## ڪافي

ٿلهہ: مان مرڻ لئي هوس راضِي، ڇا رضا جي هٿ لڳو
عشق ماريو آ جلائي، ڇا قضا جي هٿ لڳو.

خنجر مئيگانن سندو سيني اندر ڇُپڪي ويو
بي قراري مان ٿيس، ڇا دلربا جي هٿ لڳو.

خاڪ منهنجيءَ کي اُڏائي، دربدر رولي ڪيو
جنهن ڪيو ايڏو ظلم، تنهن ڇا هَوا جي هٿ لڳو.

لال مينديءَ کي ڇيم، جي تون لڳين بهتر هٿين،
لال لب رت ۾ 'پريل'، ڇٽو ڇا حِنا جي هٿ لڳو.

⊙

راڳڻي: جوڳ تار: منلي

## ڪافي

ٿلهہ: صوفي ڪامل قلندر بخش، تنهنجو اقبال ٿيو اعليٰ

مليئِي درجو شهادت جو امامن جي مطابعت جو
هادي آهين هدايت جو بلاشڪ بانورو باليٖ.

ماهہ محرم جمعي جو ڏينهن، وُٺو تو تي محبت مينهن،
سخي آهين تون سورهہ شينهن، مٺاهون ماڻ ڪيو مولي.

توکي سچيءَ دل جو ساريندو محل اوکيءَ سنياريندو
الله ان جا غم ٽاريندو آهي انشاالله تعالي.

’پريل‘ پياسِي آهي ’پينارو‘، جنهن جو سڻ سوال هي سائين،
تہ ٽيم شل موت موچارو ۾ ٽين مطلب برک باليٖ.

⦿

راڳڻي: جوڳ | ڪافي | تار: مغلي

ٿلهہ: ادا قاصد قريبن کي، منهنجي ڪوُڪار ڪا کهجان.

وڃي جي تان سگهو وڃ تون، منهنجي آزي مِنٿ مڃ تون،
هڪڙيءَ هن ڳالهہ کي ٻڌ تون، تہ وڇان هڪ رات بہ نا رهجان.

منهنجي پاران ڪجان آزي، نِمي نوڙت منجهان نيازِي،
ڏسِي پوءِ روبرو راضِي، ٻئي هٿڙا ٻڌي ٻهجان.

چئج لائِي يار تو لولِي، وٺي مون ٻي نہ ڪا ٻولي،
آهيان گولِن سندي گولِي، سگهيرِي سار ڪا لهجان.

ادا قاصد عجيبن جا، ويڙ ڪويڙ قريبن جا،
’پريل‘ پاران پرين جا، ڏين سُهمان سيئي سهجان.

⊙

راڳڻي: آسا تار: تين تار

ڪافي

ٿلهه: خواجا هندلي ولي، عاصيئڙن جو عرض اگهائين.

دولهه داتا تونهين داور، پيغمبري مليل تو پاور،
پيٽيان چو نه پلي، من ڪنهن رستي راهه رسائين.

بي اتم اميد اُداس اها ئي، جو ئي ميلين جانب جائي،
ڳوليان ڳوٺ ڳلي، سو مون کي محبوب ملائين.

پيون به اميدون جيڪي جهڙيون، سي به پڄاءِ اسان جون اهڙيون،
جهولي اتم جهلي، سا وارث خالي ڪين ورائين.

”پريل“ پني تو در پينارو ڪر ڪو عشق سندو اشارو
پيو چمندس چائنٺ چلي، جي تون پوري هيءَ آس پڄائين.

⊙

راڳڻي: آسا ڪافي تار: تين تار

ٿلهه: خواجا محي الدين، ڏي ڪو برهه بحال اسان کي.

هڪ آهيان ناڪس بيو ناتم ناٿو تيون آهيان اٽڄاڻ اياڻو
چوٿون قرب ڪمايم ڪين، هاڻي محبت جو ڏي مان اسان کي.

ٻيو تہ اٿم آواز اڳهاڙو ٻُڌجي ٿو سيڪنهن کي ٻاڙو
سي ڪي ڪيئَن تا ڏس ڏين، ڏي اُنَ جو اثر آفال اسان کي.

مون سائل جو ٿي سڌ سان ساٿي، مڙيو ئي حال منهنجو ٿو ڄاڻي،
ڪنهن غرض ڪيم غمگين، ڏي ڪو فيض في الحال اسان کي.

”پريل“ پياسيءَ جو هي پورو سائين سڄئين سوال سمورو
تان شڪر ڪريان آمين، جي محبت ملي هيءَ شال اسان کي.

⦿

راڳڻي: آسا تار: تين تار

## ڪافي

ٿلهہ: اوکي عاشق توکي تهدل، قادر ڏيندو ڪين.

دشمن دور دفعي تو دلبر، توکي جي نہ مجين.

مَدا مَدايون ڪن جي توسان، تہ نال نِيَتَ تا نين.

چڱو چڱائيءَ مان نہ ڍاپي، ائين چڱا تا چَيَن.

’پريل پيناري‘ کي پڙ پلپل، پرتئون پيوَندَ پيِنَ.

⦿

راڳڻي: آسا تار: تين تار

## ڪافي

ٿلهہ: آهين ڪير ڪٿي جو تون، سالڪ سمجهي سوال سُڻاءِ تہ.

ڪُنَ فَيَڪُونَ• جي محل ڪتي هئين، هو آسمان نہ پوُن،
تنهن ڪان اڳ جي ڳالهہ ٻڌاءِ تہ.

قلزم هئين ڪينَ قطرو آهين، هئين هڪ يا ڪي ڏون،
سُرت رکي هيءَ سُڌ سمجهاءِ تہ.

اَلَسِتُ بِرَبِّکُمُ◆ ڪان ڪنيجي، قالو* قول ڪيئون،
وائيءَ هن جو وَرُ تہ وراءِ تہ.

'پريل پينارو' تئين تون ڪڏهن، اُپٽ اڪيون پنهنجون،
وقت انهيءَ ڏي وري ڀاجهاءِ تہ.

◉

راڳڻي: آسا — تار: تين تار

ڪافي•

ٿلهہ: ڪرڪو دارون داد، ولي بخش فقير منهنجو.

تو تي فيض فقير وڏي جو پيار ٿِئِي پڙ پيرو ڏيجو
توکي سهڻو رستو ياد.

---

• تي پوءِ تي پوندو آهي.

◆ چا آءٌ اوهان جو رب ناهيان.

* قالو: چيائين.

• هي ڪافي درگاهہ منٺار فقير راڄڙ رحہ جي گادي نشين فقير ولي بخش راڄڙ تي چيل آهي.

جو تو دم آيس سائل سوالي، مورئون آهيان مريض موالي،
تنهن جو سڻ فرياد.

پيرين پنڌ ڪري آءٌ پيادل، آيس آس ڪري تہ تهدل،
منهنجي ڪر دل شاد.

’پريل پينارو‘ چئي سڻ آزي، سرور لڳ ڪج روح مون راضي،
اج اهڙو ڪر امداد.

◉

**راڳڻي:** آسا **تار:** تين تار

## ڪافي

ٿلهہ: لاشڪ ٿيس لاچار، ظلم جتن ڪيو زابر زوري.

عصر اٿاري اٺ ويا آري، ڪرَهَنِ ڪاهي قطار،
جاڳيس ننڊ مان ڪين ندوري.

ڪرڻ ڪشالو پنڌ مون پئڙو، پچان پرينءَ جا پار،
گهوٽ پنهل جي ٿي مان گهوري.

ڪيچ ڪاهينديس مور نہ مڙنديس، شل هوت ڏسان هڪوار،
جو اٿم هيٺين ۾ هردم هوريِ.

’پريل‘ پرينءَ کي شال پسان مان، وجي درس ڪريان ديدار،
پاريان پرت پنهل سان پوري.

راڳڻي: آسا تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلهہ: مومن ڪيو مڙيئي ماتم حسين جو
ءِ پڻ ڪريو حشر هي هردم حسين جو.

ڪافر ڪيو قهر هي ڪيڏو نہ ڪربلا ۾،
اچي حُر ٿيو آ حاضر هردم حسين جو.

حورون پريون هميشان هئي هئي حبيب لئہِ ڪن،
گريئو ڪري هي ساري عالم حسين جو.

جيڪي ٿيا نبي هوا چويهہ هزار هڪ لک،
افسوس عاشقن کي دم دم حسين جو.

ڏينهن رات روز روئي هر هر هنجهون وهائي،
پلپل "پريل" پيو ڪري هي غم حسين جو.

⦿

راڳڻي: آسا تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلهہ: روهڙيءَ منجهہ رهي ٿو رهبر، پارس پير پاڳارو.

مرشد مير مڪمل منور، آهي محب موچارو
قيامت ڏينهن ڪُلني ۾ پڌرو قائم قرب قرارو.

راز رسوُلي نور نبيءَ جو پرور ڪي ٻہ پيارو.
آهي ملڪ سڄي جو مالڪ، وِيرِ وظائف وارو.

پنهنجي پيرين پنڌ ڪري آءٌ، پيٽيان شال پلارو.
زيارت مبارڪ نصيب ٿئيم، پسان شل شاهہ سوپارو.

آهيان سوالي ساحل جنهنجو، 'پريل' چوي 'پينارو'،
مرشد کي معلوم مڙيئي، حال منهنجو سڀ سارو.

⦿

راڳڻي: آسا — ڪافي — تار: ڪلواڙو

ٿلهہ: رکي يار پنهنجي سان ياري اٿم، سَنِي خلق جِي خر خواري اٿم.

اول ۾ اکيون جيئن اکين سان اَڙيون، وجي پاڻ ۾ سي تہ لاشڪ لڙيون،
تڏهن جان ڳنڍين ۾ ڳاري اٿم، سَنِي خلق جي سِر خواري اٿم.

جنهين ڏينهن جانب جو جلوو ڏٺم، هيئون هٿ پنهنجي ساڻ تنهن دم ڏنم،
نڪا سُرت ٻي ڪا سنياري اٿم، سنِي خلق جي سِر خواري اٿم.

لڳل نينهن ناتو نباهڻ پيو، پرينءَ پيچ پاتو پڄائڻ پيو،
ساري عمر سڪندي گذاري اٿم، سني خلق جِي سِر خواري اٿم.

چون عام مون کي 'پينارو پريل'، آهيان آئون دلبر جو دردن پريل،
اِها خبر پنهنجي پُڪاري اٿم، سَنِي خلق جي سِر خواري اٿم.

راڳڻي: آسا تار: ڪلواڙو صدا

## ڪافي

ٿلهہ: صوفي شاهہ عنايت سائين، منهنجو عرض اگهايو هيِ.

تو در آيس دلبر داتا، پاند پلاند ڳچيءَ مون پاتا،
آهين اوٽ اجهو آسين مون، پاند پرهہ سان پايو هي.

مرشد منهنجا وارث والِي، ڇڏ نہ موالي سوالي خالي،
محبت عشق نياز ملي مون، روح اهڙو آ رايو هِي.

صوفين جو سرتاج تون آهين، مون مستان غم گوندر لاهين،
بخش بَديون ۽ ميٺ مَديون، مون سارو عرض سڻايو هِي.

’پريل‘ پياسي آ ’پينارو‘، مورئون آ مسڪين ويچارو
پرڏيهئون جو پنڌ ڪري• آ، عاصيئڙو تي آيو هِي.

◉

راڳڻي: آسا تار: ڪلواڙو صدا

## ڪافي

ٿلهہ: ڪو ڪا آرياڻي پير، عاصيئڙن جو عرض اگهائين.

پنڌ پَري کان اچن ڪري جي، پُٺ پوتا ڏج ڪير،
باري بَدِيَنِ کان تن کي بچائين.

درد وارن جا درد دفع ڪج، مدد ٽجان تن مير،
بيشڪ تن کي صحت بخشائين.

انڌن منڊن ۽ جڏن جيان پون، تن کي ڏين دل ڏير،
بي ثمرن کي ثمر رسائين.

’پريل پينارن‘ کي پرور لڳ، سهنجي اُڪارج سير،
ٻيڙو اسان جو پار پڄائين.

⦿

راڳڻي: آسا | ڪافي | تار: قوالي

ٿلهه: اُن تي نازل ٿيو قرآن، جنهنجو نام آ محمدؐ

جبرائيل جلدي آندو بُراق بهشت مان،
لاءِ سواريءَ جي سلطان، جنهن جو نام آ محمدؐ

جڏهن ويو چوٿين عرش تي، مَلڪن بہ هينئَن چيو،
آ محبوبي سبحان، جنهن جو نام آ محمدؐ

معراج تي مرسل کي، حق پاڪ هو چيو
تو تان بهشت دنيا قربان، جنهن جو نام آ محمدؐ

لولاڪ لَما خَلِقَتُلُ، افلاڪ اي ’پريل‘،
آهي حب ۾ هر دو جهان، جنهن جو نام آ محمدؐ

راڳڻي: آسا ڪافي

ٿلهہ: دشمن کي تہ دٻاءِ، زربي ذوقيءَ زور زبر سان.

عَينَ تي عاشق ٿي اثباتي، نڪتو غَين گنواءِ،
تَرڪِ طمع کي تيغ تبر سان.

مستيءَ ساڻ مدامي من ۾، محبت موج مچاءِ،
جوڙي جنگ گستاخ گبر سان.

حُسن تي رهہ حيران هميشان، سرت سڻي سمجهاءِ،
نينهن نيائج نيٺ نظر سان.

'پريل' پَسي ڏس پاڻ ۾ پنهنجي، هستي هئڻ هٽاءِ،
روحي راز رکج رهبر سان.

(۵)

راڳڻي: آسا ڪافي

ٿلهہ: پينر شهر پنيور کي، آءُ تہ ڇڏيندس اصل اِتيئي.

ويم اٽاري اُنڙا آري، ڏيرن تاڙِي ڏور،
هاجو هٽي ويم هاڻ هتيئي.

ڇَپرِ ڇپر ڇڏيائون نال نہ نيائون، ڪيئون نہ غريبن غور،
جاڳيس جانب لاءِ نہ جتيئي.

پنهل وٺي ويا ڪيچ ملڪ ڏي، زابر زوران زور،
سارِيم ساٿس ڪين سُتيئي.

’پريل‘ چوي ڪيو پنڌ پلڙِ مون، جتي اٿن شاهي شور،
تانڻ تڪي مون آهه تتيئي.

⊙

راڳڻي: ڌناسري　　　　　　　　　　تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلهه: آءٌ تہ بنهين آهيان تنهنجو پِيلُ، مدد مون سان ٿيءِ گهوٽ گرهوڙي.

والي ولايت جو تون صاحب، آهين عاشق عشقَ عجائب،
ڏنم نوراني نيل، ساعت ڪج مون سيئي سجوڙي.

دشمن دور سڄڻ ڪجهه سامهان، دائم تو در عرض ڪريان مان،
منهنجي دل جا لاهه دليل، پارس ٻڌجي پُڪار پرهوڙي.

ڪکن ٻچن ڏي ڪج خير سلامت، پٽ پوٽا ڏج نور نيامت،
ءِ عادت ڏيج اسيل، ءِ ڏيار چڙهڻ لاءِ ءِ دلبر گهوڙي.

’پريل‘ پينارو تو در دائم، لج پت شرم منهنجو ڪج قائم،
ٻي وري ڏجائينم سُرت سبيل ءِ ٿئي نہ ڪڏهن ڪا اصل اجوڙي.

⊙

راڳڻي: ڌناسري — تار: ڪلواڙو

## ڪافي

تلهہ: سانگي وڃن ٿا سانگ، تن ۾ تن جي ڏاڍي ٿم تانگھہ.

مان ماڙيئين هِت مارن ڪرڻ، ويٺي اڏاريان ڪانگ.

اوٺي اباڻن جونا آيو ڪر چُوڙيلين ڏانهن چانگ.

وِرهہ وڇوڙي ويٺي پايان، جيئن ويڳاڻن وانگ.

’پريل‘ چوري پنهوارن سلن گڏ، شل چوڙيان ڇيلن ڇانگہ.

◉

راڳڻي: ڌناسري — تار: ڪلواڙو صدا

## ڪافي

تلهہ: روحل سائين ڪا رمز رلائين، منهنجو سڄ سوال.

تو در آيس قربئون ڪاهي من مراد اها ئي آهي،
ڪج ڪو پلائي پال، محبت واري موج ملائين.

توتي عشق اظهار الاهي، بيشڪ برهي بار بلاهي،
آهي تنهنجو قرب ڪمال، ورچ اِها ڪا ذات ڏجائين.

توتي آهي راض رباني، مرشد جي پڻ مهرباني،
ڪج ڪو نظر نهال، بَدينِ ڪنان مون کي بہ بچائين.

’پريل پينارو‘ آهي پياسِي، اول ازل کان آهہ اُداسي،
ڪنهن پرت ڪيو پئمال، مون کي دلبر تنهن ڏڳ لائين.

◉

راڳڻي: ڏناسري

تار: ڪلواڙو صدا

## ڪافي

ٿلهہ: تَجِ حامِي حضرت شاهہ، مون سڪ واري ساڻ سرورَ.

شاهي شان تنهنجو تهدل، نور حقاني عاليٰ اڪمل،
نبيءَ رسول انبياءَ، پارس پرور جا پيغمبر.

اَنَا اَحمدُ بِلاَ ميمِي•، احد اهڃاڻي قول قديمي،
آهين شافي شفيعُ الله، اَرِضَ السِمٰوات♦ جي واهر.

مُلڪ فَلڪ* جن ديوَ ملائڪ، طابع تو ايئَن فرمايو فائق،
تنهنجو قرب ڪلام اللهُ، داتا دُرس دلير دلاور.

هڪ لک چوويهہ هزار نبين، ڪلمون توتي چيو تن،
پننڌڙ ’پريل‘ پناهہ، سائين تو در سير ثنانگر.

◉

---

• آءٌ احمد ميم کان سواءِ احد آهيان.

♦ زمين آسمان.

* فلڪ: آسمان.

راڳڻي: پرياتي　　　　　　　　ڪافي　　　　　　　　تار: داڏرو

ٿلهہ: تون قادر، تون ڪلتار، تون قائم قرارو
تون سائين، تون سرتاج، سالم سوپارو.

تون مالڪ، تون خالق، تون خلقڻهارو
تون ڏسندڙ تون ڏيندڙ تون ڏيهن ڏاتارو.

تون ٺاهيندڙ ڊاهيندڙ جوڙيندڙ جبارو
تون مالڪ ملڪ جو محبوب موچارو.

تون سلطان سبحان، سرڪار سارو
تون اکين جي اشاري ۾ اسرار وارو.

تون نينهن نشانبر، نسنگ تنهنجو نارو
هي ’پريل‘ پني ٿو پياسي ’پينارو‘.

◉

راڳڻي: پرياتي　　　　　　　　　　　　　　　　تار: ڪلواڙو

ڪافي

ٿلهہ: منٺار دلدار گهر يار آيو
ڪري آر اظهار انوار آيو.

شڪران سلطان، مهمان موڪي،
قربان ڇند جان، چستان چوکي،
منوار مهندار مختيار آيو.

ڪري خيال ڪيو پال، ڏسي حال هيٺو
ننگ پال برحال، وڏو ڦال ڦيٺو
ڄنسار جونجهار، جُنگدار آيو.

هٽي ڪات ڪري ماتِ، بِرهہ بات بتائِي،
ظاهر ذات اِثبات، سُخنات سٽائِي،
سچيار سرتيار، سالار آيو.

پهري پاڪ پوشاڪ، اوطاق آيم،
هُل هاڪ لولاڪ، اِفلاڪ ڳايم،
’پريل‘ هي پار ڪري ڪار، ڦُربدار آيو.

**راڳڻي**: پرڀاتي تار: ڪلواڙو

## ڪافي

**ٿلهہ**: محمّدﷺ محمّدﷺ محمّدﷺ منور، سردار سلطان سرڪار سرور.

محمّدﷺ موچارو، پيغمبر پيارو، سرشار سارو، آهي عاشق انور.

پنج تن پيارا، نينهن وارا، مڪمل موچارا، اسان ٿيءُ آڌار.

مددگار منهنجا، حسن حسين هادي، وحدت جي وادي، پيارا پاڪ پرور.

’پريل‘ چئي ’پينارو‘، ادنيٰ ايارو، ڪندو محشر موچارو رسول الله رهبر.

راڳڻي: پرڀاتي تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلهه: نورا نيڪ نرمل، ننگي نور وارا،
سوالين جا سڏ سڻ، صبح جو سوارا.

آيس مان سوالي، ڇڏج ڪيم خالي،
منگان ٿو موالي، تون پُر ڪر پيارا.

تو وٽ جو ئي جهڙو ڪري عرض کهڙو
انهيءَ جو ٻه اهڙو ٿو سڻي سڏ سوپارا.

تنهنجو نام نظارو ٿيو چوڌس چوڌارو
تڏهن آءُ پيي آس وارو ٿو ڪريان سوال سارا.

"پريل" چئي پياسي، آهيان آءُ اُداسي،
مون جيڪا باس باسي، سا مڃجئين موچارا.

⦿

راڳڻي: مالڪونس تار: ڏاڏرو

## ڪافي

ٿلهه: جي ٿئين تحقيق طالب، عشق جو اڪثر اچي،
صاف سِيني ساڻ سُرت، سِڪ رکي ثابت سچي.

نسنگ ناتي نينهن جي سان، نظاري نيشان تي،
نوڪر نظر جي نشانبر، ناٿ تي نانگو نچي.

روح ۾ رلمل رسم سان، رمز رنداني رلاءِ،
رهبري رهاڻ ۾، شب روز صبر رک رچي.

محبتي ميدان ۾، محڪم مثل مشتاق جي،
مَن جي مُدامي مؤج ماڻ، ساڻ مستيءَ جي مچي.

پاڻ پاسي پاڻ ڪان، پِڙ پِرت جي ۾ پير پاءِ،
پُر پريمي پِي پيالو "پريل" تي پختو پچي.

⊙

راڳڻي: مالڪونس تار: داڏرو

## ڪافي

ٿلهه: عاشقن کي آ اندر ۾، برهه واري باهه باهه.
ٿا پڙهن پريت مان، هو لااِلٰهَ الااللّٰه.

مرد ٿيا مُوتُو قِبِلِ، انِتُ مُوتُوا سي مري،
سر سوريءَ تي جن سنباهيو سي ڪندا ڪيئن ناهه ناهه.

ٿيا فَنا فِلا فوتُي، فقِرَ ساڻ فقير سي،
ڪوت ڪثرتيءَ ڪندا سي، قُرب مان وريا ڪاهه ڪاهه.

هو ڏهڻ(؟) هارجِي، هرگز ويو جن جي هٿان،
موج مستيءَ سان مُدامي، هو ڪندا ويا هاءِ هاءِ.

ڪر خيال خوب خاصو خلِوَتِي خُمار سان،
بِرت جي پِڙ ۾ پريتئون، پير "پريل" پاءِ پاءِ.

◉

راڳڻي: مالڪونس　　　　تار: دادرو

## ڪافي

ٿلهه: پسڻ لڳ پيهي پسي ڪر. پسڻ پنهجي ۾ پسارُ
پاڻهي پريتئون ڪر پيو تون، پرينءَ جي پل پل پچار.

پُڇ ڪنا پيرِ مغان، تان پوءِ پَوَئي پُورو پَتو
پيو پَسائي پنڌ تنهنجي، پيچري جا پيچ پار.

پُر پريمي پي پيالو پتنگ تي، بخُو پجي،
پِرت جي پِڙ ۾ جو پچائي، پير نا پوئتي پڌار.

پِرُ پري نا پاڻ کان، پيو چو پِرانهون پَهَرئين،
پاڻ ۾ پس پاڻ کي، ڪر پاڻ تون پنهنجي پنوار.

پَٽ پنهنجون پاڙون تہ پسين، پاڪ پيشاني 'پريل'،
پئہ پِڙ پَساهن جي پَساري، پِرم جو پَلِتو پَٽار.

◉

راڳڻي: مالڪونس　　　　تار: دادرو

## ڪافي

ٿلهه: الِستِي آرَ ڪار، اقرار، قانُو ڪار ڪرڻ جي،
منجهہ مئي خان تي مستان، رندي راز رکڻ جي.

تَرِنَم تار ۾ سُر سارَ تي نروار نچڻ جي،
ڏُرِبَت ڏيان ۾ گُنُ گيان، سُخُنُ ساز سَلڻ جي.

بيشڪ بهار تُرت تيار تي هوشيار هُلڻ جي،
منجهه ميدان تي مَرِدان، برهه باز بچڻ جي.

تي سَچيار ۾ سُرِقيار آڏي آر اچڻ جي،
تي قربان ۾ عريان، اُن آواز الڻ جي،

دم ديدار سان درڪار "پريل" پسار پَسَڻَ جي،
پي پيمان تي سُلطان، منجهه پرواز پچڻ جي.

◉

راڳڻي: مالڪونس — تار: داڏرو

## ڪافي

ٿلهه: محبتي مئخان ۾ مستيءَ وارو مذڪور آهه،
محڪم ڪيو ميدان ۾ مردن مجي منظور آهه.

مانجهي مٽيادارن ملهايو ماڳ سو مُوتوُا مرِي،
مئي ملارِي موج جِي، ميِثاقَ کان مشهور آهه.

مامَ مُغا کان ملي، معشوق جي مشتاق کي،
مَحِوُ مرشد ۾ مدامي، منُ تنِي مخمور آهه.

ماتِ ۾ موجود ٿِيِ، موڳِنِ مزو نا ماڻِيو،
مونجهہ ۾ ماٺهو اُهو مرڙهئون مثل معذور آهہ.

ميخ مئيگانن مُئو، مستان مجنون ٿي ”پريل“،
معراج جيِ منزل متي، جيئن ٿيو مچي منصور آهہ.
(٤١)

راڳڻي: مالڪونس تار: داڏرو

## ڪافي

ٿلهہ: اڪين ڪي آرام ناهي، سُک ناهي مون کي سدا،
جيڪا گهَڙي مونکان مِٺا، جانب رهين ٿو تون جدا.

احساني تون اڱڻ منهنجي، تي اچڻ جي ڪر عجيب،
تون رهين ٿو دور دلبر، نو سوا مان اَلوِداع.

جي اچين مون وٽ تون هيڪر، آءٌ سارو قربان ٿيان،
سِر توکي سُنَت ڏيان، ڄاڻي ٿو هو خالق خدا.

ملڻ جو مون سان مِٺا، قرب کو ڪندين ڪڏهن،
نياز هن نماڻي جو، عشق سان ڪريو ادا.

”پريل“ کي پيار ڏي، هيڪر مٺا تون مهر سان،
آءٌ پنان ٿو تو پرينءَ کان، ٿي گداگر هي گدا.
(٥٢)

راڳڻي: مالڪونس تار: داڏرو

## ڪافي

ٿلهہ: اي منا ماڻا نہ ڪر، محبت تنهنجيءَ ۾ پيو مران،
ٻِي ڪارِ ڪِرتِ سڀ ڇڏي، تنهنجي قرب جو ڪم ٿو ڪران.

سڪ تنهنجيءَ ۾ سدا، راتو ڏينهان آرام ناهہ،
باهہ برهہ جي اندر ٻوساٽِجو آءُ پيو ٻران.

دل پئي دانهون ڪري، ان درد جي درياهہ ۾،
ڪڏهن ٻُڏان غوطا کِيان، ڪڏهن ٿو توڪل سان تران.

هن طلب جي تلاشِ ۾، تنهنجي مون کي وندر وٺي،
تڏهن سڪ رکي سيني اندر، ٿو ساهہ سان تو ڏي سُران.

”پريل“ کي ڪو پِرت سان، تون اي پرين پيالو پيار،
گهايل آءُ گهورُن سندو، ٿو گهرُ گهٽيريءَ سان گهرُان.

◉

راڳڻي: مالڪونس ڪافي تار: داڏرو

ٿلهہ: ڪِلُ خدا جي واسطي، تون اي منا ماڻا نہ ڪر،
نماڻن ڏي نيڻ کڻي، نينهن ڀري ڪر نظر.

سِر توتان صدقي ڪريان، هوند ويهَہ پيرا وَرَ ڏئِي،
محبوب مِل مشتاق سان، آءُ هلي هاڻي هيڪر.

باهہ برهہ جي اندر ان سوز ۾ آءُ پيو سڙان،
هاڻي ٻاجهہ ٻانهي تي ڪري، ڪو ڏرم وارو ڏيان ڏر.

ناز وارن نرگسن سان. ڏس اهي اکڙيون ڪٽي،
قرب وارا ڪڻ قدم، تڙن ملڻ واري ڪر مهر.

"پريل" کي ڪو پِرت وَرو اي پرين تون پيار ڏي،
سِڪَ سوُرن جي تو سيڪاري، سُکَ، ناهي مون کي صبر.

◉

راڳڻي: مالڪونس تار: داڏرو

## ڪافي

ٿلهہ: رهُ نہ پرين تون پري، مون کان مٺا مُنهَڙو مَٽي،
دام وجهي دلبرا، لاغرض تي وئين دل لٽي.

سِڪ تنهنجي وارو سدا ٿي، سور ناهي تِل سهڻ،
جو جِيءَ منهنجي کي جلائي، وئين فراقن سان ڦٽي.

دِيد دُنالِي هٽي، مون ماريئي مسڪين کي،
حيران ڪيُئي هاڻ مون کي، چاهہ مان چشمن چٽي.

ڏي دلاسو دلبرا، مون کي ملڻ جو اي مِٺا،
سهٽل تون ڇو ٿو سِڪائين، ساڻ گهورن جي گهُٽي.

”پريل“ چئي جي پيار مان، هيڪر منا مون سان ملين،
تہ نَظرُ رکان هي نماڻو سِر اڳيان تنهنجي سَٿي.

⦿

راڳڻي: مالڪونس — ڪافي — تار: دادرو

تلهہ: عشق جي آتش اڳيان، بيهان نَڪِي آءٌ تو پَجان،
سک سمهڻ نا ڏئي، ويهان نڪي آءٌ تو وڃان.

برهہ جي پڙڪي اندر ان باهہ بي انداز ۾،
گهڙڻ گهُران تو گهڻو پرَ ڏاوَ انهيءَ کان ڏڄان.

محبتي مچ کي ڏسِي، ڏَڙ ڏَڙِ ڪري هيءَ دل پئي،
سُور صبر سِڪ جو پنهنجي پاڻَ ۾ آءٌ پيو پَچان.

عاشق چَوَنِ ٿا اويڙو بِرهہ بي پرواهہ آهہ،
سي سيئي هاڻي ڏسي، اُن موج کي آءٌ پيو مڃان.

”پريل“ چئي پيڙو پتو اُن عشق جو اچي اوچتو
هاڻي آءٌ بہ تي بردار بيشڪ، بيا مڙئي پايا پڃان.

⦿

راڳڻي: مالڪونس — تار: دادرو

ڪافي

تلهہ: اکيون اوهان جون اي عجيب، ڪن گهُڻ جِي ڪارِ مون،
سي ڪڙي قابو قرب سان، ڪن بَندي بيمار مون.

چاھہ مان پيئي چُٽنِ ٽيون. گھاوَ ڏاڍي گھور سان،
سي ورائي دل ڦرائي، ڪن لُٽي لاچار مون.

ٽيون نھوڙيِن ناز سان، اي محب مون مسڪين کي،
تِير تکا سي چلائي، اي مٺا نا مار مُون.

ويتر وارن سان ورائي، ونگ وجھين ٿو تون وري،
سينڌ سِڌي سا سينگاري، منھن مٺا ڏيکار مون.

ڏي ديدار دلبرا، مون "پريل" کي پيارل پرين،
قرب ڪري پير پري، ڪر کلي گفتار مون.

⦿

راڳڻي: مالڪونس تار: داڎرو

## ڪافي

ٿلهہ: مهرباني، ڪر اي جاني، وڃ مون سان هيڪر مِلي،
قرب ڪري، پير پري، حسن وارا آ هلي.

ڏينھن رات، تنھنجي تات، وِئي وات آ مون کي،
مٺا نہ مار، مُنھن ڏيکار، ڏي ڪو تون دَرشنُ دِلي.

سار لهہ سَنيار، مون کان يار، ٿي نہ دم جدا،
چَپڙا چوري اچج اوري، خيال ڏاڍي سان کلي.

ٿِلَڙَ تور، حُسن شور، ڪيو شهه زور مون مٿي،
تنهنجي ناز ۽ آواز سان، روحيِ راز ويو رلمل رَليِ.

گهندڳ گُهورُ ڏئي مخمور ڪان، دم دور نا دلبر ٽڄي،
”پريل“ ڏي پيار سان، دلدار آ ٿَهه پَهه ٽِلي.

◉

راڳڻي: مالڪونس تار: داڏرو

## ڪافي

ٿلهه: خوف ۾ ڪنگهار کهُرو، ٿي خدا جي خيال سان،
اورِ اثباتي الله، ان عرض جي احوال سان.

رات ڏينهن راضي رضا تي، رهه هميشان هر گهڙي،
ڏيان کي ڏوئج ڏمالي، رمز جي رومال سان.

عشق جو اوشاق ٿي، اخلاق جي ارمان ۾،
نياز ۽ نوڙت رکي تون، هلُ حليِمي حال سان.

مؤج محبت ۾ مُدامي، نِينهن جو ناتو نباهه،
تان ٿئي پلي جي تو مٿي، بيشڪ پلائي پال سان.

’پريل‘ چئي پنهنجي پسين، پيشاني تون پڏري ڪري،
تہ وات وحدت جي وٺي، تون چَلُ چڳي ڪنهن چال سان.

◉

راڳڻي: مالڪونس تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلهہ: سهڻي يار جي ديدار، گرفِتار مون کي ڪيو
ان حال مان بيحال، سو لاچار مون کي ڪيو.

ڏِڊُنِ دهشتِي دهمانَ، سان هنيا ڪانَ ڪاپاري،
اکين آر ڪجل ڪار، زخمدار مون کي ڪيو.

جيئن نانگ هڻن ڏنگ، وجهن وَنگ وڪوڙي،
تيئن وارَ گهنُڊيدار، تن سنگسار مون کي ڪيو.

مِٺي مُرڪ لبن لال، چپن چال چڳي آهہ،
تنهن دلدار جي گفتار، بي اختيار مون کي ڪيو.

سدا روز سِڪن سُور، "پريل" پُور پوڻِ ٿا،
رڳي رخسار جي سينگار، طلبدار مون کي ڪيو.

⦿

راڳڻي: مالڪونس

## ڪافي

ٿلهہ: ناز وارن جي ناز سن، نيڻن نظارو ٿي ويو
دل کسڻ جي واسطي، اکڙين اشارو ٿي ويو.

هڪ حسن ٻيو ناز ۾ي، تيون ناز سان پرواز ۾ي،
چوٿون هي رعب راز ۾ي دائم دٻارو ٿي ويو.

ماهِ لقا جي منهن مٿي نقطو ذرو غالب ڏٺم،
سو ڪيو تالا مون کي، قائم قرارو ٿي ويو.

قرب قريب جي مون کي هَي هَي حيران ڪيو،
تنهن تابعدار لاءِ هي هينئڙو ويچارو ٿي ويو.

عشق جو عاشق جو ٻني ڪم ڪار سڀ وسري ويا،
تنهن نينهن جو نوڪر تڏهن 'پريل پينارو' ٿي ويو.

◉

راڳڻي: ڪلنگڙو تار: تين تار

## ڪافي

ٿلهه: يار ياقي ٿي اوطاقي، ڏي اچي ڪو ديدار دلبر،
مهرباني ڪر اي جاني، مون کي پنهنجو مُنهن ڏيکار دلبر.

طلب تنهنجيءَ ۾ اي سهڻا، رات ڏينهن آرام ناهِ،
ذوق زوري لڳم لوري، مون کي برهه ڪيو بيمار دلبر.

محب ماڻن ساڻ چو تو، من گهريا مارين مون کي،
قُربن ڪُٺلَ محبت مُنلَ، سي مار نه وري جيار دلبر.

نظر نيڻن جي نماڻي، تنهن نهوڙي نيو مون کي،
چشم چائي گهور سان گهائي، ائين اکيون نا اولار دلبر.

ڪين جاليندس جدا، جيڪر سدا جانب جِئين،
وصل والو پُر پيالو پرين ”پريل“ کي پيار دلبر.

⑪

راڳڻي: ڪلنگڙو　　　　تار: ڪلواڙو

## ڪافي

تلھ: محب ماڻن ساڻ مون کي، من گھريا مارين چو تو،
مون ڏکويل کي ڏکائي، ڏيل ڀي ڏارين چو تو.

سينگار سھڻي سان سجڻ، سُرمون ڪري سامھون بيھي،
گھور سان گھائي اھي، اکڙيون بہ اولارين چو تو.

چو اجايو ايترو عشاق، ڪنھن سان اٽڪجي،
دل فراقن سان ڦٽي، ڳڻتيون ڏئي ڳارين چو تو.

وار ويتر يار چوڙي، جي چڏيَو چاتيءَ مٿي،
سوز ۾ سڪ جا اھي تون. سوُر سيکارين چو تو.

دلبرا ڏاڙو ھٽي، تو ’پريل‘ کي پنھنجو ڪيو،
اي منا ماري انھيءَ کي، پوءِ پَري گھارين چو تو.

⑫

راڳڻي: ڪلنگڙو　　　　تار: ڪلواڙو

## ڪافي

تلھ: تنھنجو نوُرُ نسنگ نروار چوان،
تنھنجو سھڻو صاف سينگار چوان.

تون آهين نيڪ نَبِي، توتي راز ربّي،
آڙِين جو عربي، آڌار چوان.

تنهنجي ديوَ مَلڪ، تابع ساري خلق،
توڙي فردوس فلڪ، حبدار چوان.

تو لئِ بهشت دنيا، بيشڪ آهن بنيا،
ڪري سرس ثنا، سردار چوان.

توڪان وارُ جدا، ڪڏهن ڪين خدا،
تنهنجو ’پريل‘ سدا، ’پينار‘ چوان.

◉

راڳڻي: بهاڳ تار: داڏرو

## ڪافي

ٿلهه: سهڻا اوهان جي سِڪ ۾، سِڪندي ٿو گذاريان،
سِڪندي ٿو راتو ڏينهان رڳو ...ن، روئندي ٿو گذاريان.

اُلتڙ اوهان جي عشق جي، آهي مون کي اڃان،
ڳوڙهن سان ڳل هميشان، ڌوئندي ٿو گذاريان.

هڪ سڪ سور ٻيا پڻ پورُ ٿيون وهلور پيو وڃان،
ساري عمر سي صدمان، سهندي ٿو گذاريان.

دلبر اوهان جي در جو ’پينار‘ ٿيو ’پريل‘،
ٻانهون ٿي ٻيرانيءَ ۾، رهندي ٿو گذاريان.

راڳڻي: بهاڳ	## ڪافي	تار: داڏرو

ٿلهہ: دلبر ديدار تنهنجي سان، ديوان ٿيو آهيان، ديوان ٿيو آهيان،
هڪدم حُسن ڏسڻ سان، حيران ٿيو آهيان، حيران ٿيو آهيان.

جيئن پؤنر يا بلبل چمن ۾، ٿيا چريا وتن،
تيئن آءٌ بہ تو گل کي ڏسي، مستانَ ٿيو آهيان.

چشمن سان چتائي مون کي، ناحق تو نهوڙيو ناحق تو
تنهن تِير نظر جو اچي، نيشانَ ٿيو آهيان.

جيئن ٿو اچي مچ ۾ پوي، پتنگ بہ پچڻ لاءِ
تيئن مان بہ پچڻ لئِہ اچي، پروانَ ٿيو آهيان.

سِر جان ساهہ صدقي، ڏهہ ڏهہ دفعا ڏيان،
چوي 'پريل' تنهنجي قرب ۾ قربانَ ٿيو آهيان.

⦿

راڳڻي: بهاڳ	## ڪافي	تار: داڏرو

ٿلهہ: سهڻي جي ڏسي شادي، شڪران چوان مان، شڪران چوان مان،
لک لک ڏيئي مبارڪ، مردان چوان مان، شڪران چوان مان.

حورون ۽ پريون پلپل، سهڻي جا ڳائن صحرا،
ڪن خوب خوشي ٿا اج، غلمان چوان مان.

ربَ راز ڏسي تي ڏنِي، مَلڪن بہ مبارڪ،
عالي عليءَ تان جُڳ هِي، قربان چوان مان.

ياڻر عزيز دوست تن، هر هڪ کي مبارڪ
تن سيني کي 'پريل' چئي، ايمان مبارڪ

◉

راڳڻي: بهاڳ — ڪافي — تار: داڏرو

تلهہ: سچا سردار تي آڌار، مون هر وار هميشان،
نبي نروار تون اظهار، آن انوار هميشان،

انا احمد بلا ميمي، اهو اقرار احمدي،
مِٺو منوار ۽ مهندار، تون مختيار هميشان.

وَنَحن ويجهڙو آهين، وسيلو واهُرو والي،
ناهين هڪ وار ڪو دم ڌار، تون دلدار هميشان.

سڻي سوالين سنئا سڏڙا، سگهو تي سيگهہ مان سائي،
سچو سُرتيار سو سالار، تون سرڪار هميشان.

پرت پيمانَ تون پيارين، پريمي جام پُر پيالو،
'پريل پينار' کي ڪو پيار، تون پُر تيار هميشان،

◉

راڳڻي: بهاڳ تار: داڏرو صدا

## ڪافي

ٿلهه: شاديِ شهيد سائين، هردم هجين همراهه،
دک درد دور ڪج مون، مُهابي رسول الله.

ڪر آفتن ۽ شامتن کان، ڏج اَمُنُ اَمانُ،
گُنهگار آهيان گهڻا، ڪيا اتم گناهه.

يارن پيارن ۽ منهنجي، اولاد اَهَلَ کي،
نصيب ڪج هدايت، نالي اصل الله.

محبت نياز عشق جو بحرو ڪو ڏيارج،
ويرت• ڪندو وتان مان، واڪاڻ واهه واهه.

آهي 'پريل' پياسِي، 'پينار' عشق جو
هر حال ۾ همراهه ٿي، ڏجي پوش ۽ پناهه.

⊙

راڳڻي: بهاڳ تار: داڏرو صدا

## ڪافي

ٿلهه: هئي سنَتَ ڪَنوَر رام تو آ، سرگِ سِڏايو
تن من سان تو تهدل پنهنجو رام ريجهايو.

---

• ويرت: تعريث، تڪال.

هِند سنڌ ۾ هر ڪنهن ڪنا، ٻولي تنهنجي ٻڌم،
گهر گهر ۾ ۽ جهر جهنگ تنهنجو واس وَڌايو.

ڪُلِ جُڳ ۾ ڪونه ٿيندو تنهنجي ڪو سنت ثمان،
صاحب جو نام سڪ سان تو ڀڳتن ٿي ٻُڌايو.

راتو ڏينهان ڏهاڙي، توکي سڀ ڪو سنڀالي،
هن لوڪ مان لڏي تو امر لوڪ وسايو.

پرماتما کي پيارو ستنام کي سدا،
هن 'پريل' جي پوري اوهين، اميد پڄايو.

⦿

راڳڻي: ڀهاڳ تار: ڪلواڙو

ڪافي

ٿلهه: پکيئڙا او پکيئڙا او، منهنجي پرينءَ کي چئجان،
منهنجي پرينءَ کي چئجان.

جيئن چوان تيئن ڏجان نياپو، هيءَ ڏکويل جو ڏوراپو،
موليٰ لڳ من ڪريو ميلاپو، لات اِها لئجان.

راتو ڏينهن نهاريون راهون، درد ڪرايون در دانهون،
وت عجيبن اهڙيون آنهون، ڪاهي وڃي ڪهجان.

سورن جان ستائِي ساري، هڪ برهہ ۾ بي بيماري،
هلي حبيبن وٽ هڪواري، نياز ڪري نئِجان.

پلپل 'پريل پينار' پُڪاري، گوندر ريءَ بہ گهڙي نہ گذاري،
چئج سنيها ثابت ساري، پيرين وجي پئجان.

⊙

راڳڻي: بهاڳ | تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلهہ: دل تہ توکي دلدار سنيالي، آڻ پاڳارا پير،
اکيون اُداسِي روز روئن ٿيون، نت وهائن نير.

اهن مريد بہ تو لاءِ ماندا، ٻيا جي سنڌ وزير،
تنهنجيءَ حُبَ کان ناهي ڪو پي، واندو وارث وير.

مرد مَکيِءَ جا سورهہ سارا، وڏا توڙي صغير،
صدقي سر گهر مال ڪيائون، رهيا مٿي سچ سير.

لوڙها لالڻ لاهہ تني تان، موجون ماڻن مير،
خود مختيار ٿي ملڪ سڄي ۾، آجا گُهمن امير.

'پريل پينار' بہ تو در آهي، ڦيريدار فقير،
ڏاتر شال ڏيکاري هيڪر، ٻنديان کنڊون ۾ کير.

⊙

راڳڻي: بهاڳ — تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلهه: ظاهر ظلم زابر ڪيو زلفن زياده زور سان،
شُغِلاتِ شاهاڻي شَرفَ، شاهِي حُسن جي شور سان.

لاشڪ لبن لاليءَ لُٽيو چشمن چِتاڻ سان چُٽيو
گهمسانَ جيئن گهائي گهُٽيو گهوُرن گهٽيري گهور سان.

تبرن تکين تابش تيو پڪ پيچ پنبڻين سان پيو
ابرن اچي آڏو ڪيو غمزو غمازِي غور سان.

ڪاڪُل ڪري قهري قصو هالي حُڪومت جو حصو
جانب جَڙيو جلدي جُسو تَهه پَهِه تِلڻَ ۾ ٿور سان.

خم خم خِصاليت خاص تي، رلِ راز روحِيءَ راس تي،
پل پل ”پريل“ پڪ پاس تي، دم دم دَروني دور سان.

⊙

راڳڻي: بهاڳ — تار: اولنگهه

## ڪافي

ٿلهه: خواب وانگي يار جو آ، منهن منور مون ڏٺو
صورتي سينگار سچ پچ، سونهن سرور مون ڏٺو.

بيک بشريءَ ۾ برابر، بيرنگي رلمل رَليو
هي قُرآنِي قول آلانِسانُ آخر مون ڏٺو.

خاڪ ۾ تي پاڪ آيو هن پساري کي پسڻ،
دلبري دلدار دائم، گهوٽ گهر گهر مون ڏٺو.

نينهن جو نارو نشانبر، مؤج محڪم سان مدام،
سو اصل اسرار وارو، عشق انور مون ڏٺو.

جان ڏٺم جاچي انهيءَ کي، چُست سان چيٽي چٽو
تو چوان اظهار ايئين، ”پريل“ پرور مون ڏٺو.

⦿

راڳڻي: بهاڳ — تار: اولنگهه

## ڪافي

ٿلهه: اي مٺا تون ڪا مهر ڪر، مل خدا جي واسطي،
مُنهن نہ مٽِ محبوب مون سن، ڪل خدا جي واسطي.

تون ڦُرائي وئين ڦاسائي، دل منهنجيءَ کي دام ۾،
ڏي ورائي دلبرا سا، ڏن خدا جي واسطي.

تون ڪرين ٿو ناز نخرا، شوق جي شغلات سان،
مُرڪِي مٺا محبوب تون پيءِ، ٽِل خدا جي واسطي.

وطن مون تو لئِہ وساريو، آيس هتي هيڪر هلي،
هاڻي جي خوشيءَ سان تون ڪيڪارين، شل خدا جا واسطي.

مون کي مٺا محبوب تون ڪو، ڏي دلاسو دلبري،
پرين ”پريل“ ڪان ڪر نہ پاسو پل خدا جي واسطي.

راڳڻي: بهاڳ تار: اولنگھ

## ڪافي

ٿلھ: چو منا منهنڙو مٺائي، اي پرين پاسو نہ ڪر،
مون سڪايل کي سڪائي، اي پرين پاسو نہ ڪر.

مُرڪي مون کي منهنڙو ڏيکارج، ڪر نہ ڪاوڙ مون مٺي،
دل ڏُتاريل کي دٻائي، اي پرين پاسو نہ ڪر.

اکين سان مون کي اڙائي، قرب سان قابو ڪيئي،
هاڻ گھورن ساڻ گھائي، اي پرين پاسو نہ ڪر.

رُس نہ دلبر ڪر نہ ماٺا، مار نہ مسڪين کي،
روح منهنجي کي رنجائي، اي پرين پاسو نہ ڪر.

”پريل“ چئي پل پل پَسان، منهنڙو منا محبوب مان،
سو لڪائين چو الائي، اي پرين پاسو نہ ڪر.

راڳڻي: بهاڳ تار: اولنگھ

## ڪافي

ٿلھ: مهرباني ڪر منا، مون سان ملڻ جي واسطي،
شور نا شاهي رکج، ڪاوڙ ڪرڻ جي واسطي.

تو ٻڌان ٻانهون ٻيهاران، تو اڳيان ٿهدل وري،
عرض منهنجو آ اِهو خوش ٿي کِلڻ جي واسطي.

لب تنهنجا لاشڪ ڏنا مون، مثل موتيءَ لال جي،
تو چوان توکي چٽو، چپڙن چُمڻ جي واسطي.

بي وفائي ڪر نہ مون سان، ڪر وفاداري وري،
آءُ آهيان حيران هاڻي، منهن ڏسڻ جي واسطي.

ٿِي نہ اي جانب جدا، جئري جدائي ڪيم ڪر،
”پريل“ کي آهي پريشاني، پسڻ جي واسطي.

⊙

راڳڻي: بهاڳ تار: اولنگهہ

ڪافي

ٿلهہ: وچ نہ اي پيارل پري، مون کي ڇڏي هت يار تون،
ڇو ڪري ڪاوڙ اَجائي، دوُر ٿئين دلدار تون.

ٿي نہ اي جانب جدا، مون ۾ جدائي نا سهڻ،
جا گهڙي آهيون حياتي، سا گهڙي هت گهار تون.

خوش گذارج يار هردم، ڇو ڪجي ايڏو غصو،
دل چوي ٿي دلبرا، هڪ دم نہ ٿي مون ڌار تون.

جان ٻُڌان تنهنجي وڃڻ جو تان ٿئي ارمان مون،
دائمان دلبر دلاور، رهہ هتي هر وار تون.

اي صنم تنهنجي ملڻ لِئہ، آءُ ڦران حيران ٿو،
مهر ڪر مسڪين تي، ڪوڏي ’پريل‘ کي پيار تون.

راڳڻي: بهاڳ                                                    تار: اولنگهه

## ڪافي

تلهه: مير ڏي موڪل مون کي، مارن ملڻ جي واسطي،
ڏِيل ڏاڍو آ ڏکيو ڏوتين ڏسڻ جي واسطي.

عمر تو آندي امالڪ، کوُهه تان کِن ۾ کڻي،
پِئي ڪڍيم پاڻي اُتي، پهرُنِ پِيَڻ جي واسطي.

روز ٿيون اکڙيون روئن، جيئن ٿا ڪڪر ڪارا وسن،
ٿيون وچن وجڙيون وطن تي، وري وسڻ جي واسطي.

ڪينَ وهنديس ويڙهه ريءَ، تنهنجي ڪوٽ ۾ ڪُلِفَنِ اندر
لاهه دَرَ ۾ تاڪَ مون، ڇوريءَ ڇڏڻ جي واسطي.

ڪين ٿا وسرن گهڙي دم، ساهه تان سانگي اُهي،
چئي "پريل" آهيان پياسڻ، پونهر پسڻ جي واسطي.

⊙

راڳڻي: بهاڳ                                                    تار: اولنگهه

## ڪافي

تلهه: محب منور سو منو، موليٰ ملائيندو مون کي،
ويو ڪري ويران سو، ڏئي گهوُر گهائيندو مون کي.

نازَ ۾ نَنڪو ڪري، ڪيئين قيد ڪاڪُل سان ڪڙي،
دل پئي وجي دام ۾، آرام ڪيئَن ايندو مون کي.

حال هي هيٺو ڏسي، من مهر ڪن مسڪين تي،
جي اڄ اڳڻ منهنجي اچي، ڏيڪو پڪو ڏيندو مون کي.

قرب سان قدم اُٺائي، محب شل مون ڏي اچي،
اکڙيون ڪٽي اوري ڏسي، خوش تي کلائيندو مون کي.

تانگهہ ڏاڍي آ تکي، سيني اندر ساجن سندي،
”پريل“ چئي شل سو پرين. پرور پسائيندو مون کي.

راڳڻي: بهاڳ تار: اولنگهہ

## ڪافي

ٿلهہ: سيف ابروءَ جي سٽي، مون کي ڪيو سنگسار آهہ،
جي کُهين ڪاتي ڪٽي، تان سِر آڏيءَ تي تيار آهہ.

ميخ مٿگانن هٽي، محبوب مون کي ماريُئِہ،
جي مٺا مارين توڙي، جيارين تنهنجي اختيار آهہ.

گهوُر ڏئي دل چوُر ڪيڙءِ، ناز نيٹن جا ڪري،
مون کي ڏنو اکڙين ايئن، ان عشق جو آزار آهہ.

يار نا دم ڏار تي، ايڏي جدائي ڪيم ڪر،
بي وسي منهنجو بدن، تنهنجي برهہ ۾ بيمار آهہ.

سوال سهٹا هي سٽي، ڪا مهر ڪر مسڪين تي،
حُسن تنهنجي جو گداگر، ”پريل“ پڻ ’پينار‘ آهہ.

راڳڻي: بهاڳ تار: اولنگهہ

## ڪافي

تلهہ: اي عزيزو عرض هي، منهنجو اوهين تہ اگهائجو.
لاش منهنجي کي گهڙي دم، يار لئہ ترسائجو.

جي هجي پيارل پري، ڪنهن ڪار ڪم جي واسطي،
تان گهرائي گهر اهو، سارو قصو سمجهائجو.

جي اچڻ جي ناڪري، جيڪر هجي مون کان رُٺل،
تان منهنجي پاران اوهين، پيرين پئي پرچائجو.

سُرهيون سُرهاڻيون تا ڏين، مون کان ڪجهہ بلڪل پري،
خاڪ پيرن جي کڻي سا، مون مٿي مهٽائجو.

من گهريو محبوب مون تي، جي اچي هيڪر هلي،
مُرُ ڪَفَنُ کولي ڏکويل، ڏيل پيي ڏيکائجو.

سوال سيپئي هي ڪجو منهنجي محب معشوق کي،
تہ خوشيءَ سان هيڪر کِلي، چپڙا چپن سان لائجو.

"پريل" چئي پورو ڪجو هي فرض مون فقير جو،
لوڙهہ منهنجو پوءِ کڻي، دلبر هٽان دفنائجو.

راڳڻي: بهاڳ | ڪافي | تار: اولنگهه
--- | --- | ---

تلهه: حسن تنهنجي ڪيو مون کي، بيقرار پيو بيمار پيو،
پيو ڪرين سهٽا سڄڻ، سينگاري پيو سنگسار پيو.

دل ڦرائي دام ۾، دلبر وٺين ڏاڍو هٽي،
اکين سان اهڙو ڪري، اسرار پيو آزار پيو.

تو وٽين وهوا مون کي، محبوب مُرڪڻ سان مدام،
تيس پَسِي سي لال لب، لاچار پيو لک وار پيو.

ملڻ جي مون سان مٺا، ڪر مهرباني مهر سان،
من گهريا معشوق تون، منوار پيو منٺار پيو.

'پريل' جون پوريون اميدون، ڪر اهي ڪنهن قرب سان،
ان ريت تيو آءٌ آهيان، عرضدار پيو 'پينار' پيو.

❁

راڳڻي: بهاڳ | تار: اولنگهه
--- | ---

ڪافي

تلهه: حسن جي بازار ۾، سؤدو صفا سِر جو ڪجي،
گُلهن ڪان ڪوري ڪپي، ڪٽي دَسِتِ دلبر جي ڏجي.

ناهه ناٽي جي خوشامد، هت رضا جي راند آهه،
ڪرڻ جي تو ايئَن ڪپي، اڳلو جيئن روهڙو رِجي.

محبوب جي مجلس هجي، تنهن ۾ هجي ويٺو ضرور،
تان سُني سوغات سارو، ساهہ نظرانو نِجي.

اڳتئون عجيبن جي هميشان، حال هيٺي سان هلي،
نياز سان ناتو رکي، پوءِ پرت سان پڌرو ٿجي.

اي 'پريل پينار' توکان، جي پڇن پاڻهي پرين،
تہ عشق جو احوال سارو، مرچنو چوري چِجي.

⊙

راڳڻي: بهاڳ　　　　تار: اولنگهہ

## ڪافي•

تلهہ: مهر ڪئي مولٰي مٺي، منٺار تي مالڪ منان،
نينهن جي نيهي نشي سان، نيڪ ٿيو نوري نيشان.

ريت جنهن رند ٿا رهن، هرگز هلڻ ان حال تي،
دُرس دولهہ جو دليئون، ڏيکيو جنهن دائم دڪان.

پُٽُ جنهن جو پير بخش، سو پيي فَقِرَ ۾ هو فنا،
وري ان سندا آهن ٻئي پُٽَ، سُرت جا سالڪ سُڏان.

ولي بخش تن ۾ وڏو اهي اهو ڏاڍن نشين،
ٿو ننڍو مولود چئي، محمد ﷺ قبول جوئي جوان.

---

• هن ڪافيءَ ۾ منٺار فقير راڄڙ رحہ تي چيل آهي، سندس اولاد ۾ طالبن جا نالا ڄاڻايل آهن.

دائود جي دلبر جنهن جو خاص هو خدمت ڪندو،
احمد مگڻ محبت تنهين ۾ هوا سدا سائل سبحان.

جميل ۽ همير هوندا، هوا انهيءَ حب حال ۾،
ٽيون لؤنگ ۽ چوٿون چيڙ ٻئي سي ٻہ آهن سڪ سمان.

اسماعيل ۽ الھ ڏنو، خير محمدؐ بيگ پيي،
گلڻ ڏنو ۽ جُڙيو خميسو سي ڪن گانو گيان.

حڪيم پيي حب ۾ هميشان، موڏيو ميگھواڙ پڻ،
ٻالڪا ٻيا جي گھڻا، هي مختصر مون ڪيو بيان.

سرت علي شيرو سدائي، قرب جو ڪاڏو رکن،
احمد نواز ٻہ ٿو اچي، پرديس مان مانجهي مهمان.

’پريل‘ پڻ ’پينار‘ پياسي، اهي سدا سڪ سوز ۾،
ٿو گھري دائم دعا تان، منجھ رهان محبت مڪان.

⦿

راڳڻي: ٻهاڳ — تار: اولنگھ

## ڪافي

ٿلھ: اي مٺا محبت رڱو تنهنجي مون کي مستان ڪيو،
ان حُسن هيڪارين ڪٺي، منهنجو هينئون حيران ڪيو.

وار ويتر يار تنهنجا، سي نسورا نانگ جيئن،
تن وٺي وتِجي وڪوڙي، ورھ سان ويران ڪيو.

وڇڙ تنهنجي جو وڇوڙو، تو منا ماري مون کي،
دل کسي ڏاڙو هٽي، تو دلبرا ديوان ڪيو.

اي سڄڻ اکڙيون تنهنجون، سي ٽيون وٽن وهوا مون کي،
تن نهوڙي نيٺ مون کي، نظر جو نيشان ڪيو.

”پريل“ پياسي آ ويچارو، قرب ۾ قابو ٿيو،
هن جدائي يار جاني، اي پرين پريشان ڪيو.

◉

راڳڻي: بهاڳ — ڪافي — تار: اولنگهه

ٿلهه: اي ادا انسان جو، اسرار آخر دم گذر،
جوڙ جيڪي تو ڏسان، جنسار آخر دم گذر.

جو وقت ويندو وڃي، اهڙو نه ٿئي بيو وقت ڪو،
ڏيٺهن ڏون دنيا اندر، ديدار آخر دم گذر.

هو سوا لک ٿيو نبيئن جو، ناهه اڄ تن جو نيشان،
آهه باقي نانءُ ڪو، لاچار آخر دم گذر.

غوث قطب ۽ اولياءَ، ان راهه ۾ ٿيڙا رَوان،
تو هلي هر ڪو هتان، هيڪار آخر دم گذر.

شيخ مشائخ ۽ بزرگ، ويا زمانو هي ڇڏي،
ڪيئي ويا راجا چلي، چؤڏار آخر دم گذر.

كُلُ نَفِسهِ ذائِقَة الموت، اهي اهو رستو رَبِيّ،
آهي فنا فاني ’پريل‘ ’پينار‘ آخر دم گذر.

⊙

راڳڻي: بهاڳ    تار: چٽنچل

## ڪافي

تلهه: هاءِ جانب ڪئي جدائي، اڄ ويو چانگي چڙهي،
دل منهنجيءَ کي دام ۾، قابو اٿس قربئون ڪري.

سک سيني ۾ آ سمائي، يار جي دم دم گهٽي،
پور ٿا پلپل پون، دردن لائي دل ۾ ڏڙي.

ڪيئن ڪريان ڪاڏي وڃان، رات ڏينهن ريهون ڪريان،
اکين کي آرام ناهي، سک ناهي ڪا مون گهڙي.

تنهن يار جي ديدار لِءِ، آهيان هتي حيران مان،
هردم هنئين ۾ هور آ، ساري جانِ سورن ۾ سڙي.

”پريل“ چئي تنهن پرينءَ لِءِ تي دل ڪري دانهون سدا،
جو ويو ٻڌي منهنجيءَ ڳچيءَ ڳٽتين سندي ڪا ڳانڙي.

⊙

راڳڻي: بهاڳ    ڪافي    تار: چٽنچل

تلهه: ويو هليو اڄ محب مون کان، دوست دلبر دل کٽي،
سک سدائين آ سوائي، يار جي دم دم گهٽي.

دل ڏُکايل روز تي، دانهون ڪري ديدار لئِہ
جو جيءَ منهنجي کي جلائي، ويو ڪَسي هاڃو هٽي.

هردم اُداسڙ آءٌ پياسڙ، روز شب ساريان سدا،
هي قلم قسمت ۾ جي لکيو سُورن آهيان آءٌ ساماٽي.

پنڌ پرانهين يار ويڙو دور دلبر هاڻ تيڙو
ڏوهہ ڪو ڪيم الائي ڪهڙو جو ڇڏي ويو هڪ ڇٽي.

جي اچي شل محب مون وٽ، دل گهريو دلدار سو
تہ 'پريل' چئي تنهن پرينءَ جي، پيرن سندي آءٌ تيان پٽي.

◉

راڳڻي: بهاڳ تار: گت تار

## ڪافي

ٿلهہ: سهڻا سڄڻ اوهان جي آ، سڪ ساهہ کي سدائي،
جنهن ڏينهن کان ڪئي آ تو جانب مون کان جدائي.

تنهنجي قرب جي ڪتاري، سيني ۾ لڳي ساري،
هيءَ جانِ ۽ جِند ساري، ڏاڍو ڏکن ڏکائي.

ڪنهن ناز سان نهوڙي، ويو وِرهہ جي وڪوڙي،
اُن وهلور ڪيو ويچوڙي، مون کي آ قسم خدائي.

محبت سان مهرباني، ڪر جلد يار جاني،
دل درد ڪئي ديواني، ڪر ڪا پلين پلائي.

هردم هنجهون وهائي، ”پريل“ پلاند پائي،
سائل سدا سڏائي، در در ڪريان گدائي.

⦿

راڳڻي: بهاڳ — تار: قوالي

## ڪافي

ٿلهه: سچ چئو حبيب هاڻي يلا، توکي مان ڇا چوان.

دلبر چوان يا دشمن، معشوق سخت دل،
ڪنهن سان وفائي ڪانَ ڪيئِي، يا بيوفا چوان.

ظالم چوان يا زابر، قاتل يا ڪير ڇا،
حاڪم چوان يا هادي، يا سائين صفا چوان.

آهي ’پريل‘ پياسِي، ’پينار‘ عشق جو،
تنهن سان بہ ظلم هيڏا، آهن تنهنجا چوان.

⦿

راڳڻي: ڪنيات — ## ڪافي — تار: تين تار

ٿلهه: جادو جيءَ ۾ هڻي، وئين دلڙي ڪٽي.

رَمزُن ريهي دلڙي ڦاسائي ڪارِ ڪُهڻ جي ڪري جيئڻ ڪاسائي
اهڙي اکين آڻِي، وئين دلڙي ڪٽي.

عشق اکين سان آهہ اڙايو، چشمن نيٽ چِتائي چايو،
ڏئي گهور گهٽيَ، وئين دلڙي ڪٽي.

من موهن تو مُهٽي مورت، صاف سجڻ تو سهٽي صورت،
مون کي وهوا وٽي، وئين دلڙي کٽي.

’پريل‘ پياسي آهه ’پينارو‘، وينل شهر پيرانيءَ وارو،
کيو پرت پٽي، وئين دلڙي کٽي.

⊙

راڳڻي: ڪنيات　　　　ڪافي　　　　تار: ڪلواڙو

ٿلهه: الاهي عشق جا عاشق، ڪڏهن کهڙا ڪڏهن کهڙا،
صُراحي صاف سان سالڪ، ڪڏهن کهڙا ڪڏهن کهڙا.

نظاري نينهن جي نيهي، نسنگ نروار نورانا،
ڪري نَت ناز سان نازڪ، ڪڏهن کهڙا ڪڏهن کهڙا.

رنِدي رسمان سان رلمل، رهن ريِڏا رنگي رنگ ۾،
رضا جي راز جا رازق، ڪڏهن کهڙا ڪڏهن کهڙا.

طبل ۽ تار ۾ تانوُ هٽي تَرِنَمُ تَرانَنِ سان،
طمع جا تي تکا تارڪ، ڪڏهن کهڙا ڪڏهن کهڙا.

’پريل‘ پيالا پِيِن پُر تي، پريمي پيچ سان پڌرا،
ملنگ مستان سي مالڪ، ڪڏهن کهڙا ڪڏهن کهڙا.

⊙

راڳڻي: ڪنيات تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلهہ: اسان ڪِي عشق جو عاشق، برهہ برسر بنايو آ.
نهوڙي ناز سان نازڪ، ڪري نانگو نچايو آ.

لڳو جيئن نينهن جو ناتو تيئين مون پيچ آ پاتو
جنين هن چاڻ کي ڄاتو، تنين هي ڪم ڪمايو آ.

بنائي بيک برحالو بڄي بيحال کي ڀالو
ڪري چشمن سندو چالو چڱي چيلي چلايو آ.

آهيان عاشق حقِي حَقَ جو صفا ثابت نڪي لِڪَ جو
سراسر سوز سو سڪ جو، اندر سيني سمايو آ.

جيئن ويم لالُ لَنئُون لائي، اندر دل دام ڦاسائي،
'پريل' چئي پيچ مون پائي، صفا صوفي سڏايو آ.

⦿

راڳڻي: ڪنيات تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلهہ: جاني جادوگر يار، لاشڪ دلڙي لُٽين ٿو.

اکڙين ساڻ اکيون بہ اڙايئَ چٽڪي چشمن ساڻ چڪايوَ
نيڻ ڪٽي نروار، گهورن ساڻ گُهٽين ٿو.

چال وڏيم وهواھ چپن جي، لالائي وھ لال لبن جي،
مُرڪڻ سان منوار، ٻولي يار ٻُڌين تو.

سينڌِ سِڌي ۽ سهڻي وهوا، ڪاڪُل جو ڪم ڪهڻي وهوا،
ونگ وجهن جيئن وار، ور ڏئي سي ٻه وَڌين تو.

پرچ 'پريل' سان هاڻ پيارا، جانب منهنجي جيءَ جيارا،
اَبرُنِ سان اظهار، سرِڙي سيف سَٽين تو.
⊙

**راڳڻي: ڪنيات** ڪافي **تار: ڪلواڙو**

**تلھ:** عجيبن جي اسان کي آ، سدا سڪ ساھ من تن ۾،
ڪريان جِند جان مان قربان، قريبن جي تہ قدمن ۾.

سدائي ميم حي بي تي•، منگان محبوب پنهنجي ڪان،
هجي نت پيشُ چي کي ۽، ميم يي زيرِ چپڙن ۾.*

لبن جي لالڙي لاشڪ، مون کي مجنونُ ڪيو موهي،
چپن چُرڪي مِنو مُرڪي، ڪئي گفتار گفتن ۾.

نُونَ ۽ ڪافَ جي چيڙي، بهاري بوندَ جي بَرسِيَل،
ڏنم ڳي لامر◆ ڳاڙها جيئن، هجن بخمل بجا جن ۾.

---

• ميم حي بي تي: محبت
* پيشُ چي کي ۽ ميم يي زير: چُمي.
◆ ڳي لامر: ڳل.

’پريل‘ ڪنهن پرت مان پيءَ سي، ٿيو ’پينار‘ پرين جو
ميم هي نونُ ۽ ڙي وا⊙، نهاريان روز نظارن ۾.

⊙

راڳڻي: ڪنيات | ڪافي | تار: ڪلواڙو

تلهہ: پلي آئين پلي آئين، پليرا ڀاڳ ڀايان مان،
سڄڻ سهڻا صنم سائين، تنهنجو سائل سڏايان مان.

توتي آ پيار پرور جو سچي سرتاج سرور جو
مِني مننار منور جو جنهن جا تو ڳيت ڳايان مان.

توتي آ عشق جي اَلِفِي، مليل ڪا مام تئي مخفي،
ٿيندُءِ حامِي اچي حَنِفِي، مهدي مولئ مَلِهايان مان.

اچڻ امداد ٿيو تنهنجو، اگڙ آباد ٿيو منهنجو
ڪيئي اج قربِ ڪو پنهنجو وينو واٽون واجهايان مان.

توتي ڏاڍا جيڪي ڏريل، مِني مننار کان مليل،
پرتئون سي چوي ’پريل‘، چمي چشمي لڳايان مان.

⊙

راڳڻي: ڪنيات | تار: ڪلواڙو

ڪافي

تلهہ: حُسنَ هٽي حيران، منهنجو من مست ڪيو آ.

---

⊙ ميم هي نون ۽ ڙي وا: مهنڙو= منهنڙو.

ڏيِد ڏنم جيئن دلبر واري، وهوا بيشڪ تي برهہ بهاري،
عشق ڪري احسان، منهنجو من مست ڪيو آ.

اڪيون اڪڙين سان جيئن اڙيون، لاشڪ آهن لڪي سي لڙيون،
تنهن سونهن سندي سامان، منهنجو من مست ڪيو آ.

ديس ڇڏي پرديس ۾ تيڙس، وس پنهنجي ڪان تڏهن ويڙس،
طلب ٻڏي طوفان، منهنجو من مست ڪيو آ.

’پريل‘ پياسيِ آهي ’پينارو‘، وينل شهر ٻيرانيءَ وارو
دل ڪسي ديوان، منهنجو من مست ڪيو آ.

◉

راڳڻي: ڪنيات تار: ڪلواڙو

ڪافي

ٿلهہ: يٽَ ڏٽي يٽَ شال وسئي سهڻا، تو تي عاشق ڪيئي آڏوت اچن،
رکي حُبَ هردم دم دلبر، ڪري نياز سوين ٿا ناٽ نمن.

ڪي پير اچن، ڪي فقير اچن، ڪي مير اچن ڪي امير اچن،
هي عاشق عشق اسير اچن، ڪريو ذوق زيارت مست رهن.

اوير اولهہ ۾ اُتر ذڪرڻ، چؤطرف چوڌاري راز رکڻ،
هر ڪنهن سان قائم قرب ڪرڻ، جيڪي دل سان دعائون ڏين گهرن.

ڪن قرض وارن جو قرض وڃي، ڪن مرض وارن جو مرض وڃي،
جيڪو مون مسڪين جو عرض مڃي، ڏيان پڙ ۾ اچڻ جي صلاح سچن.

جيڪو محب گهري تنهن کي محب ملي، مليو پرينءَ پنهنجي سان خوب ڪِلي،
کي تہ بَدينِ ڪنان بچيو تين بِلي، جيڪي 'پريل پينار' پناهہ پِنن.

راڳڻي: ڪنيات ڪافي تار: ڪلواڙو

تلهہ: پِنائِي گهوٽَ آجهو تِي اوٽَ، سخي سيد سڏائين ٿو
آهيان سوالي نہ ڇڏ خالي، ونڊون وِرڇُون ورهائين ٿو.

ڏِجان ڪو فيض فقيريءَ جو، وجي دليل دلگيريءَ جو
اثر تو ۾ اميريءَ جو، سوين پينو پهرائين ٿو.

تون آهين والي ولايت جو، تون آهين هادي هدايت جو
سخي آهين سخاوت جو، ڇيهن مان ڪئين ڇڏائين ٿو.

تنهنجو آ شان شاهانو، نسنگ نت نور نورانو
قَدَح پُر پاڪ پيمانو پِيَنِ تن کي پلائين ٿو.

'پريل پينار' آ تنهنجو، بِنهينِ بردار آ تنهنجو
منگت مگڻهار آ تنهنجو حقي حُب ۾ هلائين ٿو.

راڳڻي: ڪنيات تار: ڪلواڙو

ڪافي

تلهہ: سخي ڏاتار تي آڏار ميلين يار سان مان کي،
ڪرائين محب سان ميلو مِٺي مننار سان مان کي.

تون آهين ڏاتار ڏَهِرِياڻي، سگهو سُڻ سوال تي ساڻي،
آيو اعتقاد آ هاڻي، درس ديدار سان مان کي.

پَري پيارل جيئن ويڙو هيڏو هت حال مون ٽيڙو،
وڇوڙو وِرهہ جو پيڙو دلِي دلدار سان مان کي.

اڇي دل عشق آزاري، نٿي ٿئي حال هوشياري،
ڏجان دم دم ۾ دلداري، پُرين پُڪار سان مان کي.

مون سان محبوب شل ملندو خوشيءَ جي خيال تي کلندو
اڇي ڏِي ڪو پڪو ڏيندو 'پريل' چئي پيار سان مان کي.

◎

راڳڻي: ٽوڙي

تار: تين تاره

## ڪافي

تلهہ: ياقِي يگانو يار تونهَين، ڪوثر ڪيفُ ڪلالُ قرارو.

مام مجازي ميم محمدؐ مشتاقان مختيار تون هين،
اَنا اَحمَد آهہ اشارو.

اَلانِسانُ سِرِي وَاَنَاسِرَهُ، سرَ جو سو سينگار تون هين،
وَنَحنَ اقرَب ويڙ وِصالِيَت وارو.

اولي وارو چولو چاڙهي، چؤطرفي چؤڏار تون هين،
نيٺ نشانبر نينهن نظارو.

پاڻ ۾ پاڻ کي پاڻُ پَسائي، پنهنجي ڪندڙُ پچار تون هين،
’پريل‘ پروڙي پاڻُ پَسارو.
⑩

راڳڻي: توڙي

تار: ڪلواڙو

ڪافي

ٿلهہ: نيٺ ڦرائي سي، دلڙي.

اوکي هنڌ اڙانگي ڏاڍي، اکڙي اڙائِي سِي، دلڙي.

پتنگ وانگي ٿي پروانو، جان جلائِي سِي، دلڙي.

’پريل‘ پرين سان ڪينَڪِي ويهي، ڪا ڳالهہ ڳالهائي سِي، دلڙي.
⑪

راڳڻي: توڙي

تار: اولنگهہ

ڪافي

ٿلهہ: هِتِ هميشان هوتَ ٿانِڪو، تئين تان چا ٿيئي؟
يا تہ ويندي مون نماڻي، کي نِئين تان چا ٿِيَئِي؟

وڃڻ تنهنجي جو وڇوڙو، تو منا ماري مون کي،
مون درد واري کي دلاسو جي ڏِئين تان چا ٿيئي؟

پيو ڪرين پيارا پَري ڪان، ناز ۽ نخرا گهڻا،
جي اچِي ويجهو ڪٽي، ويهي وڃين تان ڇا ٿيئي؟

هڪ دفع جيڪر اچي، مون سان ملين محبوب تون،
جيئن چوان آءُ ڪرين جي، تون تيئن تان ڇا ٿيئي؟

’پريل‘ چئي پرچين پرين تون، موڪلائي ۽ محل جي،
وصل جو پيالو پرين، پيارين پِئين تان ڇا ٿيئي؟

⦿

راڳڻي: توڙي تار: اولنگهہ

## ڪافي

تلهہ: ويا مرد مري مَهمِير سي، جن تي اوڪِي اُڪاري سيِرَ سي.

اُهي لال لاهوُتِي ويا لڏي، تڪيا اوطارا هت اڏي،
اهي ڇو ويا ڇا ڪئون ڇڏي، ڪئين عارِفَ عام امِير سي.

وڃي ڪو ڪروڙين ۾ ڪٿو لينڊ، ڇِڊو هڪڙو ڄڻو
ڪاهي ڪوڙ دنيا ۾ پيو گهٽو نہ تہ ڪندا هئا فيض فقير سي.

هاڻي باقي رهيا جيڪي بَچي، سي ڪِينَ ٿيا مانجِهي مَچي،
جيڪي اَڏيءَ تي سِرَ ڏيَنِ اچي، آهي ويا وادوڙيا وِير سي.

وَئِي محبت جا هُئي مُلڪَ ۾، اچي خَلَلُ ڪڙو ٿيو خلق ۾،
پر 'پريل' چئي هڪ پلڪ ۾، ويندا بَسِ ٿِي سيبئي بَشيِرَ سي.

◉

راڳڻي: توڙي — تار: اولنگهہ

## ڪافي

ٿلهہ: هاءِ هاءِ شهنشاهہ شَبِيرَ کي، جو ماريئون مَدِيني جي مير کي.

هو مديني جو منور شهنشاههُ شَبِيرُ سَدَّرُ.
تنهن تي ڪيڏو ڪِيو ذُلِيَنِ ذَمَرُ، جو شهيد ڪيئون تنهن صغير کي.

پاڻي پَلِيتَنِ بند ڪيو، شرم شمرن کي نہ پيو
ڪميڻَن ڪيڏو قهر ڪيو، جو تڪي هَنيئُون تنهن تير کي.

تنهن پينگهہ کي نا پيو پتو، جڏهن منڪر ڪيو تي هِي مَتو
پرَ هُو تہ رنِدِي رنگ ۾ رَتو، جو آيو شهادَتَ جي شيِر کي.

موذِي مَرِدُودَ ٿِيا مَدا، ۽ گِدَڙَ گدودِي ٿِيا گَندا،
آهن اصل کان سي اَنڌا، چوي "پريل" ڪُيَنَئُون تنهِن پِير کي.

◉

راڳڻي: توڙي — ڪافي — تار: اولنگهہ

ٿلهہ: ڏسو شاهہ حُسينَ جو سير سَفَرُ، جنهن شهادتَ جو هنيو نارو نَرَ.

تير لڳو تنهن صغير کي، علي اصغر تنهن امير کي،

هاءِ هاءِ اجاري اَسِرِ کي، جيڪو هو مدينِي جو منور.

پاٽي پَلِيتَنِ ڪيو هو بند، انڌن کي تيو ڪيڏو انڌ.
جن ڪُزن ڪنو تي دلبند، تن جو نندڙي تي نا پيو نظر.

دنيا ڪارڻ دولِبيُنِ، ڏسو منهن متيو تي مولِوِيَنِ،
ڪيڏو ظلم ڪيو تي ظلمين، تن تي لعنت وجهو ڪا شام صحر.

رحم رُليَنِ کي نہ 'پريل' پيو شوُمِيَنِ کي نا شرم پيو
ڪافر ڪيڏو ڪيِس ڪيو جو ڪميٽن ڪيو ڪيڏو قهر.

◉

راڳڻي: توڙي — تار: اولنگهہ

## ڪافي

تلهہ: منٺار هُيو دلدار هُيو حَقِي حيدر جو حُبدار هُيو.

فِقر فقيريءَ جو منجهس، هو اثر اميريءَ جو منجهس،
نہ هو بَحشُ بَشِيرِيءَ جو منجهس، سچو سرور جو سڪدار هُيو.

اک کُلِيَلَ هئس عَينَ جي، سپ ريت گنوايئين غَينَ جِي،
۽ حُب هُئس حَسِنَينَ جي، سچو مومن پيي ماتم دار هُيو.

جنهنجو ذوق ذڪر سان زور هو ۽ مجلس ۾ جڻ مور هو.
منجهس گُفتي گوئِيءَ جو غور هو، جو سُخِنَنِ جو سچيار هيو.

جڻ ظاهر ۾ لوڪئون لَڪِيو پَر آستان مٿانهون جنهن اڏيو.
وچي حَقَ سان غازِيءَ حق گڏيو هت شائِقُ شڪر گذار هيو.

ڪنهن سڪ سوز ساڻس ڪوسليو تي حال انهي جي تي هليو
هوريت ۾ اُنَسان رَليو تنهن جو پريل“ مٿي پيي پيار هو.
⊙

راڳڻي: توڙي تار: اولنگهه

## ڪافي

ٿلهہ: در دمَ جو دمَ سان دمَ ۾ جَهتِ، خود خيال خدائي خاصو ڪَٿ.

تي فَقير قِنا ڪر قَندَ اِهي، وٺ راهَہ رباني رَندَ اُهي،
پُڄُ پارَ پرينءَ جا پَندَ اُهي، تي صوفي سِرَ جو سانگو سَٿِ.

اَلانِسانُ سِرِي سِرِ سوئِي ٿئي، جو ٻولي سو نا ٻيو ٿِي ٿئي،
ڏس اَحَدُ اَلَسِتِي اِهو ٿِي ٿئي، ونَحَنَ اَقَرَبُ واحِدُ ويجهو وَٿِ.

ڪر سير سموند ۾ سارو تون، منجهہ عشق اوڙاهہ اوپارو تون،
تي ساڻ تَوَڪل تارو تون، ڏي مٿو متارن جيئن موڪيءَ مَٿ.

ڪري ترت تمام تياري تون، وٺ بيشڪ برهہ بهاري تون،
هتئون هاديءَ جي هِڪِواري تون، پيي ’پريل‘ پريمي پِرتَئون پَٿ.
⊙

راڳڻي: توڙي　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　تار: اولنگهه

## ڪافي

ٿلهه: وي ڏس حُسنَ ڪيا حيران گهڻا، ڪيئي مون جهڙا ٿيا مستان گهڻا.

ڏس مجني کي ڪنهن مام مُنو تنهن سوُر سارو هو سِرَ تي سَنو
جنهن کي ڪاٺُ قرب جي ڪيئَن کُنو تيئن ٿيا ٿ ڪيئي قربان گهڻا.

رانجهن راوِيءَ راهہ ٽِڪائي، طلب تڪيءَ سان تيو ٿي ٿوائي،
تنهن ٿ رکي ٿي صاف سچائي، روئن راهه مُنا ٿيا مهمان گهڻا.

ڏِسُ سَسُئي پنهل لئِہ ڪاهيو ٿي، جنهن پَنڌُ پرانهون پچايو ٿي،
تنهن ٿ کهڙو نہ قرب ڪمايو ٿي، سنَئين سِر تي سورن جا سامان گهڻا.

ڏس نينهن ڪيا ڪيئي نانگا هئا، تن صاف سٽيا سپ سانگا هئا،
جيڪي عشق بنا تہ اڙانگا هئا، سي ٿيي "پريل" چوي پريشان گهڻا.

◉

راڳڻي: توڙي　　　　　　　　ڪافي　　　　　　　　تار: چئنچل

ٿلهه: چو منا منهنڙو مَتايون ٿو وجين،
دل منهنجي دلبر ڦُرايون ٿو وجين.

ڪر سجڻ مون سان کِلي ڪا گفتگوِ
ڪِي ڏئِي رُبڱِي ڪا گهورُ گهايوُن ٿو وجين.

جي گهٽيءَ ڪنهن ڪان ڪٽي سامهون اچان،
چو قدم پُٺِتي هٽايون ٿو وڃين.

اِئين نٿو گهرجي ڪڏهن توکي مٺا،
جو روح منهنجي کي رنجايون ٿو وڃين.

جي ’پريل‘ تي ڪا پرين ڪاوڙ هجي،
چو نه سا ٻولي ٻُڌايون ٿو وڃين.

⊙

راڳڻي:ضلو

## ڪافي

ٿلهه: نينهن وارن جو نيٺ نياز آ. رهڻ رضا تي راضي رندن جو راز آ.

عشق گهٽا اوشاق اُڏاريا، بِرهه بهادُر بيرنگ بازُ آ.

نينهن جنِي کي آهي نهوڙيو، اَنَ اَلحَقَ جو انهن آواز آ.

راڳُ رَقَسُ ڪَنِ تَندوُن طلب جون، سِينو انهن جو سارو ئي ساز آ.

’پريل‘ پسارو آهي پريمي، اَنااَحمَد مِيمُ مِجازُ آ.

⊙

راڳڻي:ضلو

## ڪافي

ٿلهه: الف عشاقنِ ڪيو اظهار آ. اصل آديسين اهو اسرار آ.

اِتي اُتي ئي آهي اُهو ئِي، اَوَلِ آخَرِ اُن اختيار آ.

اسين بہ اُنهيءَ جا اُهو بہ اسان جو اسان کي الله جو ايڏو آڌار آ.

اَلانِسانُ اِلاهيِ آيَتَ، اکر اِنهيءَ جو اهو اعتبار آ.

اَنا اَحمّد آهي اولو احدِي اَلَسِتَئوُن اهو اقرار آ.

آءُ بہ اصل کان آهيان اُداسيِ، ’پريل‘ پرين سو اهڙو انوار آ.

⦿

راڳڻي:ضلو

## ڪافي

ٿلهہ: موهي وئين منور اکڙين جي آرَ سان،
وهوا وڍين تو ڏاڍو سهڻي سينگار سان.

جيوين تون يار جانيِ ماڻي جوين جواني،
دلڙي ڪَيَوَ ديواني دِلبر ديدار سان.

جادوءَ جي جوڙي جنگ ڏاڍا هڻي وئين ڏنگ،
وارن جا وِڏِ ونگ ڪاڪُلِ جي ڪار سان.

چيني چتائي گهورن سان گهائي،
دلڙي وئين قاسائي پيارلُ پيار سان.

وري واجهائڻ گهرجي نت نهارڻ گهرجي،
ڪِلي ڳالهائڻ گهرجي ’پريل پينار‘ سان.

⦿

راڳڻي:ضلو

## ڪافي

ٿلهه: قربدار ڪاملُ مِٺو مٺتار هو
فقير صاحب فيض وارو حقِي حبدار هو.

عشق جو اوشاق عاشق بلاشڪ پيارو
نسنگ نام نيڪي جنهنجو ننگِي نروار هو.

وڏن وڏن ولِينِ وارو هو اثر انهيءَ ۾
جنهنجي محبت ۽ صحبت سهڻي سنگت جو سينگار هو.

ماتم دار مومن هو اصل ڪان امام جو
سخي سرور شاهه جو ٻيو سچو سڪدار هو.

هر ڪنهن جي حال تي تي رُليو تي راهه سڀ رِيت ۾
تنهنجو تڏهن سائل سوالي 'پريل پينار' هو.

◉

راڳڻي:ٻيم                                    تار: داڏرو

## ڪافي

ٿلهه: ٻن اکين سان اوچتو اهڙو تو آ اسرار ڪيو
تير نظر سان منهنجو تو سِر جدا ڌَڙُ ڌار ڪيو.

مون لڳي لَنئون يار تو سان، تنهن لُٽي لاچار ڪيو
برهه بيخود منهنجو بَدَنُ آ بيمار ڪيو.

تو وري ويتر وَڏائي، سرس آ سينگار ڪيو
اُن حُسن جي حَيلي مون کي، شايد ڪٺي سنگسار ڪيو.

نيڻ نازڪ ٻئي ڪٺي تو نازُ نَخِريدار ڪيو
تنهن نهوڙي نيٺ مون کي، نينهن نِگهو سارُ ڪيو.

’پريل‘ کي اِن پياس ۾، تو آ پرين ’پينار‘ ڪيو
گدَا ٻهاني سان تنهنجو دلبر مون آ ديدار ڪيو.

◉

راڳڻي: پوريا — تار: تين تار صدا

## ڪافي

ٿلهه: احمد محمدﷺ شاهه، مون سِڪ واري سان ٿيو ساڻِي.

سائين اوهان در آهيان سوالي ڇڏجو ڪيم سُوالي خالي ڪندو وتان وهواهه

هردم حق جيءَ راهه هلايو غير گناهن کان مون بچايو ۽ ڏجوم ياد اللهُ

آهي آس اُميد اهائي ساعت منهنجي ڪجو سڻائي ڪڏهن ڪين ڪجو گمراهه

’پريل‘ پياسي آ ’پينارو‘ ورهه وچوڙي ۾ ويچارو ڏجو تنهن کي پوش پناهه

راڳڻي: پوريا — تار: تين تار صدا

## ڪافي

ٿلهه: ڇتن شاهه ڇڏاءِ ڇيهَنِ ڪان، ڏج ڪو اَمنُ اَيمانُ.

پياسي تو در اچن پانڌيئڙو ڪن تي تاج ڪني سِر گيڙو
تنهنجو شاهن شاهي شان.

تو در آيس آءٌ سوالي، مهر محبت ڪاڻ موالي،
تنهنجو مٿانهون تہ مڪان.

عرض اگهاءِ مولا لڳ منهنجن روهہ جبل ۾ تڪيو تنهنجو
ڪنڊِي ڪوهِستان.

’پريل‘ پياسِي آ ’پينارو‘، ورچ ونڻ آيو ويچارو
ڏج ڪو دُهرو دان.

◉

راڳڻي: ڪاريهر — تار: تين تار

## ڪافي

ٿلهه: وچ ڪانگ قريبن ڏي ڪاهي ميان،
تون اچج پرين پرچائي ميان.

ڳجهڙيون ڳجهيون ڳالهيون، ساري سور مقاليون،
ثابت سڀ سمجهائي ميان.

وٺ عجيبن ويهي، پيرين پرين پيئي
ڏج نيازئون سر نوائي ميان.

ڏج ڪانگل تون ڪوري، ساھ صدق سر گهوري،
چاھُو چڱو تو چاهي ميان،

ٻڌي ٻئي ٻانهون ٻولي، ڏيج خبر سڀ کولي،
پاند ”پريل“ چئي پائي ميان.

⦿

راڳڻي: ڪاريهر | ڪافي | تار: ڪلواڙو

ٿلهه: ڪاجا لاتڙي لڙُ وو لڙُ ميان لڙُ ڙي چتونئڙا.

نيج نياپو وو نام ڏٽيءَ جي، وڃي پيرين پرين پڙُ وو پڙُ
ميان پڙُ ڙي چتونئڙا.

منڙيون منيون منيون وو ٻوليون ٻولي، ڪاهي قربئون ڪڙُ وو
ڪڙُ ميان ڪڙُ ڙي چتونئڙا.

سوال سڪايل جو عرض اهو ئي، چهنبئون چوري وڃي چڙُ وو چڙُ
ميان چڙُ ڙي چتونئڙا.

ڪج قريبن ڪي آزيون عرض لکين ٻيا، سوال سو بن سڙُ سَڙُ
ميان سڙُ ڙي چتونئڙا.

’پريل‘ پارئون وو اڳيان عجيبن جي، نياز منجهارئون نئُہ وو نئُہ
ميان نئُہ ڙي چتونئڙا.

◉

راڳڻي: درگا ملاري

## ڪافي

ٿلهہ: ديس پري هت رهڻو ناهي، هي آ ملڪ پرايو.

وڃ مسافر راهہ رباني، جيڪو ربّ جو رايو
ملڪ تنهنجو آهي اُهو ئي هِت ڪنهن سانگ سَڏايو.

ڪير هئا ڏس ڪاڏي ويڙا، جن تي سير سَڏايو
شاهہ گدا سڀ ٽيڙا راهي، حڪم مٿان جنهن آيو.

نبيءَ وليءَ ۽ قطب قلندر جن ڪن قرب ڪمايو آيو
سي بہ لڏي ويا، لوڪ چڏي هي جاٽي وٽن آٽايو.

’پريل‘ آهين پرديسڙو هت پوش پرت لاءِ پايو
اج يا صبح سويلو ڪر تون يار سنبت جو سعيو.

◉

راڳڻي: پٽمچري تار: گت تار

## ڪافي

ٿلهہ: ايندين الائي اوري ڪڏهن، ڏک ۾ گذاريا ڏينهن مون.

ثابت سياري ۾ سدا، راتو ڏينهان رڙندي وتيس،
سيڻَنِ سٽي ساٹو ڪيو پيڙي جدائي جيئن مون.

اچڻ اونهاري اوهان جو ڪونہ ٿيو ڪهڙي سبب،
ڪونہ ڪو احوال آيو، ويٺين وِساري ڪيئَن مون.

ميِنهَن ڪيون موڪون ملاريون، گاهہ گلزاريون گهٽيون،
پر چو الائي چا جي ڪري، هڪڙو ڇڏي وئين هينئَن مون.

سانوٽيءَ ۾ تي سدائي، ساهہ توکي ساريو
هاڻي تہ آءُ پرين پرچج 'پريل' سان، ناتو نباهج نينهن مون.

راڳڻي: پٽمچري

## ڪافي

ٿلهہ: سو محمدﷺ آ سو محمدﷺ آ.

انا احمد بلا ميمي قول سندس هي آ قديمي،
راز بلاشڪ آ رحيمي، سو محمّدﷺ آ، سو محمّدﷺ آ.

ڪلمون جنهن تي راس ٿيو اهڙو نہ ڪنهن معراج ڪيو
جيئن هو رسول الله ويو، سو محمّدﷺ آ، سو محمّدﷺ آ.

محبوب حق پاڪ جو چٽ مٿس لولاڪ جو
مالڪ زمين افلاڪ جو، سو محمّدﷺ آ، سو محمّدﷺ آ.

قرآن جنهن جي شان ۾ آهي لٿو جهان ۾،
آهي لکيو فرقان ۾، سو محمّدﷺ آ، سو محمّد آ.

جنهن جو 'پريل پينار' آ، هردم اُميدن وار آ،
هو محشر ڏينهن، مهندار آ سو محمدﷺ آ سو محمدﷺ آ.

راڳڻي: بباس — تار: اولنگهہ

## ڪافي

ٿلهہ: منهنجا محب منا منٺار پرين، مون ڪي تن من ۾ تنهنجي تار پرين.

توکي سارينديءَ سنڀارينديءَ، وئي عمر لنگهي او ساريندي،
ٿيا نيڻ نماڻا نهاريندي، مون ڪي پل پل تنهنجي پچار پرين.

هردم آهي هينئين ۾ هولي الا، مون ڪي لونءَ لونءَ ۾ لڳي لولي الا،
مون ڪي ٻي نہ وٽي توريءَ ٻولي الا، ڏج دلبر يار ديدار پرين.

ڏينهن رات اها وائي وات اٿم، مون ڪي طلب تڪيري تات اٿم،
ڪُنو قرب تنهنجي ڪات اٿم، اهو عشق ڏنو آزار پرين.

تنهنجون روز نهاريان راهون مان، ڪريان درد جي منجهارئون دانهون،
۽ ڪريان عرض ٻڌي ٻئي ٻانهون مان، سڻ "پريل" سندي ڪا پُڪار پرين.

راڳڻي: بباس — تار: اولنگهہ

## ڪافي

ٿلهہ: ڪر ڪانگ خبر ايندم يار ڪڏهن، مون سان ميلو ڪندو منٺار ڪڏهن.

منهنجي ساجن ڏاران ڪين سري، ٿيو آهہ جڏهان ڪر يار پري،
دل درد منجهان تنهن لئہ دانهون ڪري، ڏيندم دوست اچي ديدار ڪڏهن.

مون کي محب ڏني ڏاڍا ڏينهن ٿيا، ان وِرهہ وڇوڙي ۾ ورهہ ويا،
مون کي سور سهڻ لاچار پيا، ٿيندو چمن خزان گلزار ڪڏهن.

سڪ ساهہ منهنجي کي ڏينهن رات گهٽي، مون کي وائي اها ئي وات گهٽي،
مون کي طلب تَنهنجي تات گهٽي، ڏسان شال اکين دلدار ڪڏهن.

چوي "پريل" پيا مون پور پون، آٺي آب اکيون رويو روز روئن،
سينو ساهہ سڙي اندر اڏمان اٿن، پرين سڻندم مانَ پُڪار ڪڏهن.

## ڪافي

ٿلهہ: ڪبوتر ڪربلا واري، ڪئي خبر ڪولي،
رسول الله ﷺ جي روضي تي، ڪريو پُڪار پيو ٻولي.

حسينڻ پاڪ جي رَتَ مان، ڀَري پنهنجا ٻئي ڪَنيڙا،
ڪري هِنَ دَردَ مان دانهون، سَندَنِ پِيارا پرڙو ڪولي.

پڇيو صُغِران صَغِيرَنِ جو ڪِٿي اصغر علي اڪبر،
ڪٿي قاسم اَدا عابِدُ، چِٽو چَٽو ڇُهنبِ سان چولي.

مَتو ماتم مَدينِي ۾، ٿِيو آسمان پُرِڻ ڪارو،
حُورُنِ پَرِيُنِ جِنَنَ ماٺهن، رُنو غِلمانَ جي ٽولي.

'پريل پينار' تِنهَن دَرَ جو آهيان سائِلُ ثناگر مان،
شَهيدِ ڪربلا وارن، اِمامَنِ جي آهيان اولي.

## ڪافي

تلھ: ڏنو پيرِ مُغان مون کي، قدم کو پاڪ پيماني،
پيئڻ سان پُرِ نشي ۾ مان، ٿيس مخمور مستاني.

سُرھائي سِرَ منجھان ڪوثر ڏنو ڪنھن راز سان رھبر،
عيان ٿيا عشق جا دفتر، اچي ٿيو ھوش حيراني.

منجھان قلبي سري سارو، نفي اثبات اشارو،
خفي کان خيال اوپارو، اوري اخفا جو آستانو.

منجھان ملڪوت ناسوتي، اچي ٿيو جھد جبروتي،
ھتي ھوءَ حام ھاھوتي، مٿي لاھوت لاثاني.

موتوا قبل مري جيڪي ٿيا انت موتوا سي،
’پريل‘ پيءُ تون ھٿان تن جي، ونڊن دنگ ٿا جو دوراني.

## ڪافي

تلھ: ڪريون پتن تي پيرو آڻ سويرو، ڪاڏي تي آھي خيال اسان جو.

بوڙ پلاءُ جي جھل پل ناھي، سيرو يار سگھيرو آڻ سويرو.

پُڳَلَ پُڳيون اقراتن سان گڏ، ٽَريل پَلي جو بيرو، آڻ سويرو.

گيھ گھٽو منجھ ڪنڊ خاصي ھُئي، آنڊو ٿيو اٽيرو، آڻ سويرو.

انب پساھ ۾ خاصا خشڪا، کير ڪري پلي کيرو آڻ سويرو.

پنهنجي ڳوٺ گهڙي نہ گذاريون، دال ڏٻايو ڏيرو آڻ سويرو.

رپيا ملن تہ ڪريون رهاڻيون، نہ تہ 'پريل' اچا پاسيرو آڻ سويرو.

⦿

## ڪافي

ٿلهہ: نينهن وارن جو نيٺ نياز آ،
رهڻ رضا تي راضي، رندن جو راز آ.
راڳ رقص ڪن، تندون طلب جون، سينو انهن جو سارو ئي ساز آ.

عشق گهٽا عُشاق اُڏاريا، بره بهادر بينگ باز آ.

نينهن جني کي آهي نهوڙيو اَنااَلحق وارو انهن آواز آ.

'پريل' پسارو آهي پريمي، انااحمد ميم مجاز آ.

⦿

## ڪافي

ٿلهہ: بيوفا آهي زمانو، پير ڪر پنهنجا پڪا،
جي اچي صدمو ويو، تان ڪل پوَئي ڪائي نڪا.

حسن وارن سان هميشہ، ٿا رهن هٽيار هي،
تير نيڻن جا هڻن، سيني اندر ٿاٿا ٺڪا.

گهاوَ گهورن جا سهي، جان ۾ جابر لڳا،
ٿا ڏسن بيوس برابر، لُونءُ لڳائڻ جا لڦا.

آهي اڄ ڪلهه جي عجيبن، جي اها عادت عجيب،
راهه ويندي ڪنهن حاضر، ڪي ڏين ڏوڏي ڏڪا.

اي 'پريل پينار' تون، آهين گداگر عشق جو،
حال حق جي ڪان سواءِ، ٻيون ڪينڪي بازيون بقا.

⊙

## ڪافي

ٿلهه: پيٽ ۾ گهوڙا گهوڙا، ڇو ڪاڏئي 'پريل' پڪوڙا.

بيشڪ بدن ۾ تي پئي بادي، ڇنگهَڻ تِنگهڻ جي تي پئي تعدي،
آنڊن منجهه مروڙا، ڇو ڪاڏئي 'پريل' پڪوڙا.

ساهه گهٽڻ سان ڪين گهٽائين، مُنهن ٻاڙهو اکڙيون ٽمڪائين،
ڪِرن ٻُلن تان ٻوڙها، ڇو ڪاڏئي 'پريل' پڪوڙا.

هلين چيلهه تي هٿ ٻئي ڏيئي، پوءِ پروڙ اها تو پيئي،
جڏهن پير رکين پيو سوڙ، ڇو ڪاڏئي 'پريل' پڪوڙا.

پيچ 'پريل' توکي آهن پيڙ، ساٽا سَنڌَ تڏهن ٿئي ٽيڙا،
اهي ڇهر منجهان ٿيا ڇوڙا، ڇو ڪاڏئي 'پريل' پڪوڙا.

⊙

# سرائیکی کافیون

راڳڻي: ڪلياڻ | تار: تين تار

## ڪافي

ٿلهه: دور همارا ديس، ديس اسي ۾ هون مثل مسافر.

روپي والا روپ رکيوسي، ڪر ڪي لوڪ لبيس.

سير سراسر ڪيتم سارا، ڪر ڪي دلق* درويش.

آپ ۾ اپنا آپ سمايس، وحدت والي ويس.

لامڪاني ماڳ نيشاني، ”پريل“ اِتان پرديس.

⊙

راڳڻي: ڪلياڻ | تار: تين تار

## ڪافي

ٿلهه: قلبي ڪر ڪوڪار هردي* اندر هردم هرهر.

ذڪر ذاتي سمجهه صِفاتي، سيني صاف سنيار.

سُرتِي دي سامان شروع ڪر، نُرتِي دي نال نروار.

مام محبت والي مَن وڃ، طلب دي نال تنوار.

---

* دلق= ويس ڏاڳو.

* هردي: جسم.

گگن منڊل وچ موج مچائي، درس ڪرين ديدار.

سوُنَ سِڪر وچ سُرت سنيالي، عاشق تي اظهار.

"پريل" پريمي پر وِچ پل پل، پِرتئون ڪر پُڪار.

⊙

راڳڻي: ڪلياڻ تار: تين تار

ڪافي

ٿلهه: عشق اصل اظهار مندر محبت محلي محڪم.

دهشت ڏڙڪي قربي ڪڙڪي، جُنگي جُنگ جنسار.

نيهي نسنگ نيشان نوراني، صورت سِر سردار.

طبل ڪر طولان ٽملشي، برهه دا باري بار.

طالب تي تحقيق تهيندا. "پريل" پڪ 'پينار'.

⊙

راڳڻي: تلنگ تار: ڪلواڙو

ڪافي

ٿلهه: برهه دا باليٰ بلند بيان، پيد بتاوڻ بَرسَ بارِي.

محبت دي ميدان مدامِي، محڪم موج مگن مستان،
مالڪ منزل مُڪ مختياري.

ناري نوبت نسنگ نغاري، نازل نوڪَ نظر نيشان،
نِسبَتَ نينهن دي نيڪ نياري.

هِردي هردم هوُ هوُ هوڪي، ڪرڪي هشمت هُل هنگام،
حڪم هَرتي ڪر هوشياري.

طبل تال تمام تماشي، تُرتِي تَرنَمُ تَنَ نَنَ تانَ،
تارڪ تي ڪر طلب تياري.

آپُ مِ آپدا آپُ پَسارا، پِرتِ پريمي پُر پيمانَ،
پاڪ "پريل" پڪ پِرت پياري.
◉

راڳڻي: تلنگ تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلهه: عشق عشاقان سِرِ اظهار اهي، عاشق الف آلاوَنِ.

باليِ بلند بيان بَقائِي، بارِي بَرسَر برهي بار،
پيد بلاشڪ باتِ بتاوَنِ.

هردم حال حِلاجِي هوڪي، هردم هوُ هوُ هَرِ هَرِوار،
واهَ گُرو هَرِ نام هُلاوَنِ.

محبت موج مدامي محڪم، مالڪ منزل دي مختيار،
مستي دي ميدان مَلهاوَنِ.

”پريل“ پَس پيشاني پِردي، پاڪ پياري پِڪ پڳدار،
پيير پڌر وچ پُر تِي پَاوَنِ.

⊙

راڳڻي: تلنگ تار: ڪلواڙو

ڪافي

ٺلهه: خيالِي خيال ڪُلاوي ڪَئُونُ، ڏِرِبَتِ ڏيان ڏُنِي ڏُنَ ڏُرِ وچ.

نيهي نيڪ نظاري نرمل، نانگي ناٿ نچاوي ڪَئُونُ،
نسنگ نوراني نوڪَ نظر وچ.

رَسَم رنداني رلمل روُحي، رَڳ رڳ وِچ رَماوي ڪَئُونُ،
ڪوُپان والي ڪام ڪٿر وچ.

محبت ميگهه ملاڙي محڪم، مستي موج مِلاوي ڪئون،
مام مدامي هَر مظهر وچ.

”پريل“ پيالا پل پل پِرتِي، پُر ڳر پاڪ پِلاوي ڪئون،
پِرتِ پريمي پوڙِي پَرِ وچ.

⊙

راڳڻي: تلنگ تار: ڪلواڙو

ڪافي

ٺلهه: بازِي بِرهَہ بَناوي ڳون، قائم قرب ڪمال ڪٿر وچ.

قُم باذِني[1] ڪر ڪي قائم، اَناالحَقُ اَلاوي ڳئونُ،
سوُلِي سِر سينگار سَڌَر وچ.

اَلاِنِسانُ سِري وَاِنا سِرَهُ[2]، صابت صاف سَڏاوي ڳئونُ،
وَفِي اَنَ فُسَڪُمُ[3] آڪِ اکر وچ.

وَاللهُ بکُل شَيءِ مُحيِطَ[4]، رلمل رمز رَلاوي ڳئونُ،
ويک نظارا نوُر نظر وچ.

بي رنگ آپ ٻهانُ ٻَنائِس، رنگ وچ رنگ رَماوي ڳئون،
"پريل" پلپل پَلَڪَ پَهَرَ وچ.

⦿

راڳڻي: بلاول تار: ڪلواڙو

ڪافي

ٿلهه: عشق عجب اسرار، رنگي رخسار ڏنوسي.

اکيان اندر ڪر ڪي اولي، چشمان دا چمڪار،
رنگي رخسار.

محبوبان دي مجلس دي وچ، نظر نسنگ نروار،
رنگي رخسار.

---

1 اتو منهنجي حڪم سان.
2 اِنسان منهنجو ڳجهه آهي، آءُ انجو ڳجهه آهيان.
3 اهو اوهانجي اندر[illegible]ي.
4 اهو الله هر شيءِ گهيري بيٺو آهي.

عاشق تي معشوق بنايس، سيدا هو سردار،
رنگي رخسار.

سُرتِي نُرتِي دي وچ دلبر، سهڻي نال سينگار،
رنگي رخسار.

"پريل" پڪاري پلپل پر وچ هر هر سو هروار،
رنگي رخسار.

⦿

راڳڻي: بلاول تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٽلهه: مين پنندا هون پيمان، پريمي پُر ڪر سو پيالا.

مردان والي محبت والا، مست منڊل مئيخان،

نينهن والين دا تي ڪي نوڪر، ڪر ڪي سِر قربان.

رمز رنداني رگ رگ دي وچ، نينهن سندا نِشان.

"پريل" پنيسون دلبري، محبت دي ميدان.

⦿

راڳڻي: ملاري تار: قوالي

## ڪافي

ٽلهه: هنِدُلي وَلِي پي جاوان مين، جاڪي عرض سُناوان مين.

خواجا غريب نواز اُتي ڏاڍا ربّ دا راز
عَطائي رسوُلُ اللهِ ڪيون نا لَقَبُ لڳاوان مين.

داتا دِي دربار جا ڪي عرض ڳران اظهار
فيض فياض فقيري مَنگڪي قائم قرب ڪماوان مين.

لڪ لوڪ اتانهين آندي سِي دل مَنَدا مطلب پاندي
ساڏا سوال قبول ڪريسي مُڙُ خالي نا آوان مين.

گدا يي 'پريل پينارو' ويکان دلبر دا ديدار
عشق الاهِي دا بَنِ عاشق حَقدا هُل هُلاوان مين.

⦿

راڳڻي: پيلو تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلهه: مئي مٺاري دي، يار پياري دي

روح ميڏي وچ رانجهن والي، نوڪ نظاري دي

چڙ املاڪ چا عشق اجاريس، تخت هزاري دي

ڪاڻ تنهندي مئي ڪاڻ ڪيپسان، لوڪ ساري دي

هڪ دل هئي سا دلبر نيتي، 'پريل پيناري' دي

راڳڻي: پيلو تار: ڪلواڙو

## ڪافي

تلهه: رانجهن گدائي ڪردا نِي، تيري ننگري ۾.

مک وچ مرلي، ناد نفيلان، جوڳي جَڙئيان جانِ جنبيلان،
نال فَقَر دي قِردا نِي، تيري ننگري ۾.

ڪنان وچ ڪنڊل، ڳل وچ مالها، ويس پهريندا، پڳوان دشالا،
ڏيان ملڻ دا ڪردا ني، تيري ننگري ۾.

نال عشق دي، منجهيان چَرائيس، هڻ چا بيک بيوت بنايس،
انهين جهوري وچ جُهرداني، تيري ننگري ۾.

گهر گهر بيک بيراگي منگدا، پهر "پريل" هڻ پوش پتنگدا،
ڪنُو ڏکان نهي ڏرداني، تيري ننگري ۾.

◉

راڳڻي: پيروي تار: تين تار

## ڪافي

تلهه: علي سائين آهي اصل اظهار نوُرُ نسنگ نروار.

حَسن حُسين بلند هئي بالا، زين العابدين دا شان هئي اعليٰ،
نورُ جنَهينِدا نسنگ نراليٰ، مئي هوُن باقر دا بردار.

جعفر موسيٰ ڪاظم منور، علي رضا سائين عاشق انور،
دِل دا سوئِي دِلبَند دلبر، مئي هوُن تَقِي دا تابعيدار.

نَقِي نسنگ هئي نورُ نورُانِي، اصغر هئي دل جانِ دا جاني،
اُتون اُنهاندي سِر قرباني، مهدي سائين ملڪ مختيار.

”پريل“ پنج تن دا ئي سوالِي، عزت اُنهاندي اصلئون آلي،
نظر جِنهاندِي نيڪ نرالي، مين هردم هوُن حبدار.

راڳڻي:ڀيروي تار: تين تار

## ڪافي

ٿلهہ: ماهيڙا مک ويکا منور، دِلرُبا دلبر.
گلِي گلِي ۾ ڍونڍ رها هوُن، ديک ليئا در در.

ڍونڍيم شهر سيوئِي سارا، ڍونڍيم سڀ گهر گهر.

باهہ برهہ دي جوش جگايا، عشق لڳا انور.

پِرتِ پيالا پاڪُ ”پريل“ ڪو، جام پلا پر پر.

راڳڻي:ڀيروي تار: تين تار

## ڪافي

ٿلهہ: ڍولِڻا مفت مُان نونُ نہ مارِ ڪر ڪي ڪَٽُل دِي ڪارِ.

گھوٹ گھٹیري گھوُران گھائي، اکيان دي ڪر آر.

تاب شتاب عقاب اِلاهِي، نَينَ نسنگ نروار.

ديِد دلاوَر درس دُورانِي، چِشمان دا چمڪار.

ڪارڻ ديدار تُسا ڏي دلبر، "پريل" سدا 'پينار'.

⊙

راڳڻي: ڀيروي — ڪافي — تار: ڪلواڙو

ٿلهہ: مين آوندي هير نماڻي، ترپار رانجھا رانجھا،
ميڪون آ مل محب مِيثاقِي، ميهار رانجھا رانجھا.

چوُچڪ ديان منجهيان چارين، ميڪون مول نہ ويل وسارين،
ساڏي نال سدا مُند گھارين، هر وار رانجھا رانجھا.

تيڏا تخت هزارا شاهِي، هي باليٖ بخت بِلا هِي،
ميڏي مَنِ دا محرم ماهِي، منتار رانجھا رانجھا.

تَئين برهہ دي بين بَجائِي، ميڪون سڪ دي نال سڻائي،
ميڏي تن من دي وچ لائي، تَئين تار رانجھا رانجھا.

آکيندا 'پريل پينارا'، ميڪون آ مل محب موچارا،
ميڪون لڳڙا نينهُن نيارا، نروار رانجھا رانجھا.

⑪

راڳڻي:ڀيروي　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　تار: ڪلواڙو

## ڪافي

تلهه: عاشق آر ڪر اظهار، اُلٽي الوٽ ٽي آندي،
اهڙي عشاق تي انوار، اڏي سِر ٻه اڇلاندي،

ڳِريي ڪارِ قربدار، ڳُل هي ڪوٽ ڪيراندي،
آون اوطاق ڪر اسرار، ڪنڌي ڳتارُ ڳُڏاندي،

جُي جنسار ڪر دلدار، چشمي چوٽ چلاندي،
ڀَهري پوشاڪ تي پَٽِدار، ڏيوَنِ چِرِڪَ دي چاندي،

برهي بار دي بازار، وچ ٻُرڻ ٻوٽِ هي ٻاندي،
چولا ڪر چاڪ پَسڻ پَسار، چوڪِي چال هي چاندي،

’پريل پينار‘ سي نروار، خودي ڪوٽ هي ڪاندي،
پرين پڪ پاڪ دي ديدار، محبت ڪاڻ هِن ماندي،

⦿

راڳڻي: پهاڙي　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　تار: داڏرو

## ڪافي

تلهه: پيالا پريم والا، پيارل پِلا پِلا،
مئگان والي محبت، مجهه سي ملا ملا.

عشق دي اشاري، اکيان دي اوطاري،
نظر دي نظاري، چشمان چلا چلا.

رنداني رمز رهبر، هرديءِ هلاوين هر هر،
پيالا پريمي پُر ڪر، پير دي پلا پلا.

اَکيان والي اندر برهه والي بندر،
محبت والي مندر، ٻانهان ٻلها ٻلها.

پيرِ مغان 'پريل' سي، رَلاوين رمز رَلڪي،
محبت نال مِلِ ڪي، آکي الا الا.

⊙

راڳڻي: پهاڙي — ڪافي — تار: دادرو

ٿلهه: دلبي دلدار سهڻي يار، جو ديدار ڏنو مون،
وڏيا وهه وارَ سي رخسار، جو سينگار سُٺو مون.

حُسن جو شور زنگي زور، ٿيو زلفن جو زيادهه،
ابروءَ آر سان ترار، قربدارَ ڪُٺو مون.

ڪري آرو آڙائڻ ڪئين، نسنگ نئين نوراني،
نظر نروار سو چؤڏار، ٿيو چمڪار چِٽو مون.

مجازي مام سان مدام، رکي روپ رنگينو،
لڳو سچيار سو گفتيار، سان مختيار مٺو مون.

دروني ديد ٿي دائم، الف اثبات اورڻ سان،
"پريل" پيار سان قرار، بي اختيار ڦِٽو مون.

راڳڻي: پهاڙي                                                تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلهہ: ماهِي مُک وکلاوين، چُل آوين، ساڏي قولِ قريبا.

اڳڙ اسا ڏي آوين دلبر، درس ديدار ڪرواوين،
چُل آوين.

دل دي دانهن درد دي وچ سڻ ڪي، نال اسا ڏي الاوين،
چُل آوين.

رمز رنداني رهبر سائين، لونءُ لونءُ وچ لڳاوين،
چُل آوين.
”پريل“ ڪونُ تہ پريمي پيالا، پيرِ مغان پلاوين،
چُل آوين.

⦿

راڳڻي: پهاڙي                    ڪافي                    تار: ڪلواڙو

ٿلهہ: ماهيڙا مجنين واليا، جس دل نون ڪيوين چُراليا.

فجراندي بين بجاون دا، ميڏي من تون روز لوياوندا،
اکيان دا سک گنواليا، ماهيڙا.

راوِي دي راهہ پڇاوان مين، ميڏي ماهِي نون مل آوان مين،
جتان رانجهن رمزان رما ليئا، ماهيڙا.

مُين ويسان جهوڪ سويلي، من ماهِي رب ميلي
جهنگ سارا پِڇي لا ليا، ماهيڙا.

نِت 'پريل پينار' پياسي هئي، جنهن نون سڪ دلبر دي خاصي هئي
جس اپنا حال سُنا ليئا، ماهيڙا.

⊙

راڳڻي: ڪوهياري — تار: ڪلواڙ

## ڪافي

ٽلهہ: ڪثرت ڪار قلب دي قائم، ڪام ڪمالي ڪرسان يار.

ماڳُ مٽائي ماڳِ ٽيوسي، ماڳَ نهين جس مرسان يار.

بيشڪ بهشت ڪنا بيزاري، باهہ برهہ وچَ وڙسان يار.

دهشت ڏيان دمودم دمَ سان، ڏيان ڏمالي ڏرسان يار.

"پريل" پيالا پُر پيتو سي، پيتم پوريِ پَرسان يار.

⊙

راڳڻي: جوڳ — تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٽلهہ: دلبر ڎي ديدار سان ڪون، دم دم دي وچ،
دم دم دي وج، هم دم دي وچ.

وَنَحَنِ اَقرَبُ وسدئين نيڙي، هر گهڙي هروار.

اَلانِسانُ سري وانا سِرَهُ، نُور تونهين نروار.

بيرنگي بن رنگ وچ رلمل آپ هووين اظهار.

بي مثلي وچ ملڪي، سُهڻا ڪر سينگار.

آپئي اَنَ اَلِحَقُ آلاوين، ڪُنجي ڪر ڪُوڪار.

”پريل“ پِيءُ پيمانَ پريمي، هوڪي سَرس سِڪدار.

⦿

راڳڻي: جوڳ تار: ڪلواڙو

## ڪافي

ٿلهه: چاڪَ دي چوکي چال سئيان،
چاڪُ دليان تون بيچاڪُ ڪر بند.

چاڪ فراق ڏتا هڻ ڏاڍا، ڪرڪي قيل مقال سئيان.

چاڪ اوطاق ڪڏهان هڻ آسي، لَهَسِي سيگهه سنڀال سئيان.

چاڪ لولاڪ ساري دا مالڪ، ڪيَس قرب ڪمال سئيان.

چاڪ نه خاڪ هي پاڪ پوشاڪي، ’پريل‘ ٿيا لڄپال سئيان.

⦿

راڳڻي: آسا　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　تار: تين تار

## ڪافي

ٿلهہ: چڙهئي لاهوتي لال، نظاري دي نوڪ نظر تي.

سَرگم والي ساز شروع ڪر، تال طبل دي نال،
ساڻ صفائي سهڻي سُر تي.

مَردان والي مئخاني دي، ڪر ڪي مست مقال،
سوُلي والي سير سفر تي.

روحاني ڪر رسم رنداني، ڪيتا قرب ڪمال،
پرت پريمي پوري پَر تي.

”پريل“ پروڙ مغا دي مجلس، ڪر ڪي خوب خيال،
پِي ڏَر پُر تي پير پڏر تي.

راڳڻي: آسا　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　تار: تين تار

## ڪافي

ٿلهہ: ناچوتي ڪي نسنگ، چم چم چير چٽڪ چمڪاوين.

سارنگي سَرمنڊل ستاران سُرندي، ساز سُروُدِ سنگ،
سُر سون سر گم سبق سناوين.

پيرو بهاڳ بباس بلاول، باجي نال بسئُنت اُپنگَ،
برهي بات بيان بتاوين.

آڙي اُبت اُٽپ امالڪ، آيڪانتي اولنگ،
ان الحق اظهار الاوين.

رسم رنداني راز ربُوبِي، راڳ رقص رس رنگ،
رهبر راهہ رهاڻ رلاوين.

”پريل“ پروڙي پير پڌروچ، پُرِ تِي پاڪُ پَتَنگُ،
پِردي پَر نال پِي پُر پاوين.

⊙

راڳڻي: آسا

تار: تين تار

## ڪافي

ٿلهہ: نيتا نينهن تواب، عشق امام اساڏا انور.

هر صورت دا سير ڪيتيي، غيرن ڏوهہ ثواب،
لام لاهوتي لاشڪ لشڪر.

چشم دي چلڪي چلپل چتيہ، صَيتا ڪجل ڪباب،
ڪاڪل قهر ڪهڻ دي ڪم ڪر.

جذبو جوش جلالي جنگي، جملي جوڙ جواب،
ملت نہ محبت مذهب مظهر.

”پريل“ پيالا پُر چا پيتم، پيتم شوق شراب،
محڪم مستي مئي مند منور.

⊙

راڳڻي: آسا                    کافي                    تار: ڪلواڙو

ٿلهه: هير نماڻي دي ويڙهي، شاهه رانجهن آوين نيڙي، نيڙي،

چاڪان وچ چاڪ بڻيوين، دردي غمناڪ بڻيوين،
ساڏا حق پاڪ بڻيوين، والِي لولاڪ بڻيوين،
لوڪان دي ليکي منجهيان چيڙي، چيڙي، هير نماڻي دي ويڙهي.

مين تيڪون ڪران دعائين، تيڏي دک دور بلائين،
تون ميڏي سردا سائين، مين تيڏِي چاڪر چاهين،
ساري هِن دشمن ڪيڙي پيڙي، هير نماڻي دي ويڙهي.

مل مل ڪي سرتيان آون، رنگ رنگ دي گيت سناون،
ڳلا ڪر ڪر سمجهاون، رانجهو دي راهه پلاون،
جهڻڪان نِت ڏيون ڪر ڪر جهيڙي جهيڙي، هير نماڻي دي ويڙهي.

'پريل پينار' دا سائين، ساڏي پي ويڙهي آوين،
آوين تان ول نا جاوين، جاوين تان نال هلاوين،
تئڪون پي پنجوان پيراندي ميڙي، ميڙي، هير نماڻي دي ويڙهي.

◉

راڳڻي: ڌناسري                    کافي                    تار: ڪلواڙو

ٿلهه: پيچ قلندر لال، سخي آ شير شيرم شهبازا.

دولهه دائم تيڏي دِر تي، بيشڪ ڪوُ پي بانڪي بردي،
ڪيڏن دُرس ڏمال.

گِھڙ گِھڙ گھنديئان وڄن گھٽيريان، چمڪن چم چم چوھيان ڇيريان،
گھند گھمنڊ گھڙيال.

ملنگ مل مل موج مچاون، نانگي ناد نفيل بجاون،
نچندي نيڪ نهال.

ڏوُ ڏوُ ڏان ڏان وڄن نغاري، نوبت نال نرالي ناري،
مستو مست مقال.

”پريل“ پنيدا پوش پناهي، هادي ڏيوين ڪا همراهي،
سڻ تون سيگھ سوال.

⊙

راڳڻي: ڌناسري | ڪافي | تار: ڪلواڙو

ٿلھ: درس ڏنم ديدار، ٿي ڪي مرد اندر مئخاني.

محبت والي موج ملامي، قلبي ڪر ڪوڪار.

ستگر سڪ دِي سِٺ سمجھائي، هِردي هر هروار.

رمز رلاڪي رلمل رهبر، ڪرڪي جُنگ جنسار.

پرت پريمي پروڙج پلپل، ”پريل“ ڪري پُڪار.

⊙

راڳڻي: ڌناسري | ڪافي | تار: ڪلواڙو

ٿلھ: آپ هويا اظهار، مردان والي مئخاني وچ.

لاهوتي لک لاڏ ڪريندي، دم دم ديِ دڙڪار.

اسم جسم دي چوٽ چلاون، هوُ هوُ ديِ هُلڪار.

سيني صاف صفائي سُر سان، خيالي خود خمار.

”پريل“ پَس پيشاني پِرديِ، هوڪي ترت تيار.

⦿

راڳڻي: توڙي | ڪافي | تار: اولنگهه

تلهہ: وهواهہ سجڻ تيڏيان چاليان، آهين رُخُ ديان رمزان نِراليان.

لب لال اُتون مَرجانِ ڪڙي، مُرڪڻ نال ميڏيِ جِند جانِ جڙي،
وَل زياده زور زبان لَڙي، جيِوين ڳُجِهيان ڪريندئين ڳالهيان.

وهہ غَبَ غَبَ وچ گلستان ڏنم، وهہ بيني بلند بيان ڏنم،
وَهَہ اَبِروُ سيف ايِرانُ ڏنم، دندَنِ داڻِ موتيان ديِ مثاليان.

وهہ چشم چَمڪ چمڪار لڳي، وهہ نظر نسنگ نروار لڳي،
وهہ ڪُلِ گرم بازار لڳي، آهينديان ڪَرَنِ مُشتاق مقاليان.

وهہ زلف خَمو خَمدار جيوين، سپ سَٽ ڪَرَنِ سنگسار جيوين،
هَل هَل ڏنگ مارن هر وار جيوين، رکن ريتان وِسپِهَرَ واليان.

”پريل“ ڪيتُئِہ پيمال پٽي، ميڪون پاڪ پيشاني هي واهہ وٽي،
تِکِي تاتِ طلب تن تانگهہ ٔگهٽي، آهين برهہ بَچايم پاليان.

راڳڻي: توڙي تار: اولنگهہ

## ڪافي

تلهہ: وهہ سهڻي يار سينگار ڪيتا، بڌ هوت حُسنُ هتيار جنگي.

وهہ چشمان دي چمڪاري وي، وهہ اکياندي اظهاري وي،
وهہ خوبان خوبُ خماري وي، وهہ نَيَنَ نسنگ نروار نَنگِي.

وهہ اَبِروُ سيفُ ايِرا نِي وي، وهہ تيغ تَبَرَ طورانِي وي،
ڪر ناز نسنگ نوراني وي، ساري جانِ اُنهان بهار بَنگي.

وهہ واهہ لبان دي لالي وي، وهہ واهہ چَپان دِي چالي وي،
وهہ خوُبان خوبُ خيالِي وي، جِند جلد اُهين وَهنَوار وَنگي.

وهہ وال وِسيِهر نانگ جيوين، هِن چاتِي اُتي چُڙ چانگ جيوين،
ڪر تابُ طَبَلُ تِڪ تانگهہ جيوين، دل دلبر هُٿي ڏَهَوار ڏنگي.

تِر ڪالي وهہ جا ڪارِ ڪيتِي، دل دَستِ اُهين تنهن وار نيتِي،
ڏاڍي ڏورِ ڏُڪانديِ سابہِ ڏيتِي، رَڪ رُوپُ اُتي رُخِسارَ رَنگي.

وهہ صاف صنم دي صورت، وهہ مَنَ موهَنَ دِي مورت،
وهہ ذوق ذرا ضرورت، رُڳي ساتَ 'پريل پينار' مَنگي.

◉

راڳڻي: ميان جي توڙي تار: تين تار

## ڪافي

تلهہ: الله هوُ، اللهُ هو، الله هو، لا اٰلهٰ الاالله، محمّدﷺ رسول اُللهُ.

میم محبوب محمدؐ مدنِي، عاشق اسدُاللهُ.

حَسنؑ حسينؑ امام افضل، نورِي نورُاللهُ.

پاڪ دامن سردار دي جائِي، اسم عجيب اللهُ.

'پريل' پِنُ پنجتن دي در تون، پاڪر پوش پناهہ.

راڳڻي: پوريا تار: تين تار

## ڪافي

تلھہ: جانب جوڳِي بَنِ آياوي، آيا جنھن نادُ بجايا وي.

مُرلِي منڊل، ڪنان وچ ڪُنڊَلُ، بيک بَبُوتُ رمايا وي.

جهولي جهندا، ڏمرا ڏندا، آڪي الک جگايا وي.

ڪِشِتا قمر وچ، سوگها ٿمر وچ، تُنبِڙِي نال توايا وي.

"پريل" پوشاڪِي، خَفِنِي خاڪِي، پوش پريمي پايا وي.

راڳڻي: پوريا ڪافي تار: تين تار

تلھہ: جس مجھہ ڪو پرم پلايا تا، ووئي آج سجن گھر آيا تا.

عاشق ھئي ووئي اصلي، نينھن نَھين ڪوئِي نَقُلِي،
ايوين الله آپ الايا تا.

خاڪيِ ڪپِتُسِ چولا، هئي ڳالهہ ڳجهي دا ڳولا،
جس بَشِريِ بيک بنايا تا.

ووئي ڳلي ڳلي وچ ڳاوندا، هئي صاف سُلوُڪُ سُناوندا،
جس رانجهو نام ڏَاريا تا.

پيِر "پريل" ووئي ميرا، جو گهر گهر ڏيندا ڦيرا،
جس آڪي الک جڳايا تا.

◎

راڳڻي: پوريا ڪافي تار: ڪلواڙو

ٿلهہ: رانجهن سائين آڻ وساوين، نال پلائي دي پاڻان،
مُک ويکاوين ڪِل الاوين، ميڏي ساهہ سيباڻان.

ڦوُڪ قرب دي ڪوُڪ ٿُساڏِي، ڏوُڪ ڏُنالِي لڳ ڳئِي،
بيِنَ بجاوين ڳيِت ڳاوين، مئين تيڏا سُر سڄاڻان.

ڏنگ ڪيتي دل تنگ، زلف دي زنگ زياده زِرِ ٿئي،
هورا هَلاوين مَنڊ ملاوين، سوز ڪِيتا سَنڌ ساڻان.

ڪيڙي هِنِ اويڙي اصلئون، پيڙي وجن پَڄَ اِٿون،
نال ڇُلاوين چوڙ نہ جاوين، ميڏا اٿون هي خيال اُڏاڻان.

تيِر ڪيتِي دلگير نَهِي دِلِڏيِرِ، طلب دي تانگهہ ٿَئِي،
نينهن نياوين توڙ رساوين، پرين "پريل" ڪونُ پاڻان.

## ڪافي

ٿلهہ: هندلي وَلي پہ جاوان مين، جاڪي عرض سُڻاوان مين.

خواجا غريب نواز اُتي ڏاڍا ربّ دا راز.
عطائي رسول الله ڪيون نا لقب لڳاوان مين.

داتا دي دربار جاڪي عرض ڪران اظهار.
فيض فياض فقيري منگ ڪي قائم قرب ڪماوان مين.

لک لوڪ اتانهين آندي هي دل من دا مطلب پاندي.
ساڏا سوال قبول ڪريي مُٽخالي نا آوان مين.

آکي 'پريل پينارو' ريڪا دلير دا ديدار.
عشق الاهي دا بن عاشق حقدا هُل هُلاوان مين.

⊙

## ڪافي

ٿلهہ: دور همارا ديس، ديس اسي ٻِ هون مثل مسافر.

روپي والا روپ رکيوسي، ڪر ڪي لوڪ لبيس.

سير سراسر ڪيتم سارا، ڪر ڪي دلق* درويش.

آپ ٻِ اپنا آپ سمايس، وحدت والي ويس.

لامڪاني ماڳ نيشاني، "پريل" اِتان پرديس.

---

* دلق= ويس ڏاڳو.

# اردو کافیون

راگنی: بلاول　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　تار: کلواڑو

## کافی

دکھا درسن ہویا پرسن، درونی دم دم کا وہوا،
ذکر ذاتی قلب کاتی، قتل کی کم کم کا وہوا۔

جنگی جنسار، عجب اسرار، نظر نروار نورانو،
رنگی رخسار، چشم چمکار، دلی دلدار دورانو،
صُراحی صاف، اصل انصاف، خِصالی خم خم کا وہوا۔

اعلیٰ اثبات، ظہورا ذات، شمع شُعلات شاہانو،
حقی حرفات، حُسن حضرات، رندی رسمات روحانو،
اصل آفتاب، مثل ماہتاب، شابی شم شم کا وہوا۔

دمودم دھیان، گر گم گیان، اصل عریان اوشاقی،
ملنگ مستان، نسنگ نشان، پتنگ پروان پوشاکی،
ٹلیاں ٹوکاں ھُلیاں ھوکاں، حِلاجی ہم ہم کا وہوا۔

حقی حق حق 'پریل' پک پک، بکیں بک بک بقا والی،
لنگھی لک لک، سٹی شک شک، دھکن دھک دھکا والی،
پیون پیان تھیون سلطان، جمالی جم جم کا وہوا۔

◉

راگنی: کانڑو　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　تار: تین تار

کافی

پیا جام پلاؤ بھر کے، قائم قرب سون کر کی۔

گگن وچ گل کا، منڈل بتاؤ،
سر ثابت سون سکر کی۔

بھید کی بات، بتاؤ برسر،
آتش عشق، اثر کی۔

ساجی ساز، سُرودی سُرسی،
دھیان دھر پتی، دھر کی۔

پُر کر پیالا، پلا 'پریل' کو،
بیدار بقائی بجر کی۔

(۵)

راگنی: کانڑو　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　تار: تین تار

کافی

پیئا عرض سنو میری من کا، دھیان دھری دھر دھن کا۔

صوفی صاف صفا سر سوئی، سچ ثابت شوق سخن کا۔

سیر سراسر بِسر سجانی، گر گیان گنی گن گگن کا۔

منڈل وچ مستی موج مدامی، مکھ محبت میگھ گھن کا۔

'پریل' پنی پیان پرمی، سر سکر سُون رہن کا۔

◉

راگنی: کانڑو درباری

### کافی

سُنن سُنا کینیے کیا، مَنن مُنانا کینیے کیا۔

ہر صورت ہر کاٹھ، ہر جوہر ہر قلزم، ہر قطرے گوہر،
مذکر مؤنث ہر رنگ برسر رمن رمانا کینیے کیا۔

کیا ہے ذاتی کیا ہے ظاہر، کیا ہے مظہر کیا ماہر،
کیا ہے اندر، کیا ہے باہر، رہن رہنا کینیے کیا۔

کیا بیکھ کیا بھگوانا، کیا الکھ کیا استانا،
کیسا نام کیسا نشانی، چِین چیانا کینیے کیا۔

کہوں 'پریل' کیا دھیان ہے دھرتا، کیوں لڑتا، کیوں ڈرتا،
کیوں جیتا کیوں ہے مرتا، مرن مرانا کینیے کیا۔

◉

راگنی: کانڑو　　　　　　　　　　تار: جھپ تار

### کافی

نہ جاؤں میں آؤں، الا الاؤں،
اثر عاشقوں کا، اکثر اُٹھاؤں۔

سازی سرمنڈ، ساجی سنبھاہوں،
سُر سے سُرودی، سرگم سناؤں۔

بجا کے بغل نار، بازی بناؤں،
بیشک برھ بات، برسر بتاؤں۔

ہستی کی وستی، ہرگز ہٹاؤں،
ہو حق ہمیشاں، ہردی ہلاؤں۔

گر گام گت تار، گگن گیان گاؤں،
پُرتھی پدھر وچ، 'پریل' پیر پاؤں۔

◉

راگنی: پیلو　　　　　　　　　　تار: کلواڑو

### کافی

ایسا قہر کفران کیا، جس نے دوزخ اپنا مکان کیا۔

حسن امام کو جب دیا، بھر بھر پیالا زہر کا،
پاک نے وہ پی لیا، میں کیا کہوں اس قہر کا،
یہ ظاہر ظلم، مروان کیا۔

عباس دیاں بازاں کٹایاں، بیخبر بے پیر کیوں،
امام اصغر کی گلے، منکر نے مارا تیر کیوں،
اس کو پانی کے لئے، پریشان کیا۔

سیج نا مانی بنی، قاسم کہایا بے سبب،
امام اس کو کس لئے، منکر مارایا بے سبب،
دیکھو کیسا بغد، بیان کیا۔

شہید تھا ظالم کیا، شاہ اس شبیر کو،
مروان کیوں مارا ہوا، اس دلربا دلگیر کو،
آکے حُر بھی اپنا سر قربان کیا۔

ای مسلمانو سدا، ماتم حسینن کا کرو،
روز شب دن رین تم، غم حسینن کا کرو،
جس نے نیزے پہ سر نشان کیا۔

ہیٔے ہیٔے حسینن سر دیا، نماز میں نروار تھا،
اللہ اکبر جب کہا، سجدا دیا سردار تھا،
ایسے شہید شمر شیطان کیا۔

پل پل 'پریل' پرور کیا، امام کا افسوس تھا،
کس لئے کافر کیا، یہ کربلا میں کوس تھا،
اللہ بھی وہ، ارمان کیا۔

◉

راگنی: پیلو
تار: کلواڑو

کافی

مجھے محب مثل، مستان کیا،
دِکھا دید دِل، دیوان کیا۔

دیکھا میں جب وہ دلبر، عاشق ہویا ہوں اُس پر،
تب ہی ہمارا بھی سر، میں قربان کیا۔

ہردی اوپر ہمارے، نجروں سے تیر مارے،
اُس آنکھوں کے اشارے، عریان کیا۔

میری گلی میں ساری، لنگھ گئے حُسن کٹاری،
ہوتی نہیں ہوشیاری، حیران کیا۔

نئوں دیکھا کے نرمل، دلبر دکھائی یہ دل،
ایسے صنم 'پریل' بھی، پریشان کیا۔

⊙

راگنی: پیلو | کافی | تار: کلواڑو

محبت میگھ ملاری لگی، نئوں کی نوک نیاری لگی۔

دید دائم دور سے، لاغرض تھی لٹپٹ لڑی،
کیا کروں بیوس برابر، دام میں یہ دل پڑی،
جب آنکھوں سے آنکھ ہماری لگی۔

دلربا دیدار سے دیوان ہم بھی ہو رہا،
عشق میں ایسی صنم، عریان ہم بھی ہو رہا،
ایسی تکڑی ہے تیغ، تمہاری لگی۔

بیقراری ہو رہی، آرام بھی آتا نہیں،
درد دل پہ تھا پڑا، وہ جان سے جاتا نہیں،
وہ ایسے ہی قرب کٹاری لگی۔

'پریل' پیاسی کو سدا، آئے یار پھر بھی دیکھئے،
ہم ہویا حیران، تم ہروار پھر بھی دیکھئے،
ہے مجھ کو یہ پرت، پیاری لگی۔

راگنی: پیلو تار: چنچل

## کافی

بنداا ک دن ہۓ چلنا، آخر مرناں وہ یار۔

مایا دنیا ہے دو دن کی، ساری عمر پلک چھن کی، چھڈ چلنا وہ یار۔

تئنوں مرشد ڈسی ای راہ، کیتا کر نت یاد اللہ، نہیں بھولنا وہ یار۔

دم دم دی خبر پتھیں، سختیاں ویکھ کے مڑنا ہٹین، سر سٹنا وہ یار۔

سکھ 'پریل' پریم سدا، رکھ ہر دم خوفی خدا، نت نمنا وہ یار۔

◉

راگنی: پیلو تار: قوالی

## کافی

تیری صورت نے مجھ کو، مستان بنا دیا۔

دن رین یہ تمہاری، مجھ کو پیاس ہوتی،
آرام بھی آتا نہیں، عریان بنا دیا۔

تیری ملنے سوا نہ ہوتا، میری جیونی کا آسرا،
دل کو بھی تمی درد سے، دیوان بنا دیا۔

درسن مجھے دکھاؤ، دلدار دلربائی،
ہم کو صنم یہ غم کا، گذران بنا دیا۔

کھانا نہیں ہے پینا، ہردم حجر میں ہونا،
ایسے 'پریل پینار' کو، پریشان بنا دیا۔

◉

راگنی:پیلو تار:قوالی

کافی

صورت صنم تمہاری وہ، سینگار بنا دیا،
جلوا جمال جس نے جنگی، جنسار بنا دیا۔

تیری چشم کا چالا، ہم نے دیکھا نرالا،
آنکھوں سے اور اعلیٰ، اسرار بنا دیا۔

سینے میں صاف ساری، سؤدا مجھے تمہاری،
بیشک ہے بیقراری، بیمار بنا دیا۔

وہوا صفا صُراحی، برہی بلند بلا ہے،
اس عشق نے الاہی، آزار بنا دیا ۔

نت ناز ہے نیارا، مجھ کو بھی اس سے مارا،
ایسی 'پریل پینارا' پینار بنا دیا۔

راگنی: بھیروی　　　　　　　　تار: کلواڑو فلمی

## کافی

آجا محمد آجا محمد، تیرے لئے بُراقی، محمد آجا۔

جبرائیل خدمت میں آکے پُکارا، آکے پُکارا،
چلیے نبی جی بھلارا، ہسوار ہو جاؤ آکی، آجا محمد۔

جب تک جا پہنچی ہیں، چوتھے فلک پر، چوتھے فلک،
زیارت کو آئے ہیں حوروں ملک، وہی محمد پاکی، آجا محمد۔

عرشِ عظیم پہ تم کو ہی جانا، تم کو ہے جانا،
بولا وہی ہم نے آنا، ملنا ہے تم کو ہی جاکی، آجا محمد۔

'پریل' ثناگر ہے اُس نبی کا، اُسی نبی کا،
'پیتار' شافی وسی کا، جس کو ملے لولاکی، آجا محمد۔

◉

راگنی: بھیروی　　　　　　　　تار: مغلی

## کافی

چل چل کے ویکھاں میری تیری، درباری قلندر،
لالوں کا لال ہے تم ہی، دلداری قلندر۔

رُتبا ملا ہے تجھ کو شہباز کبریا،
افلاک پہ دم دم تیرا پرواز کبریا،
تیرا نام نسنگ ہے ننگی،نرواری قلندر۔

میندی تیری کی زیارت بلکل میں کرونگا،
دم دم دھمال تیری دل من سے ملونگا،
مل مل کے ملنگ کرتے ہے، دیداری قلندر۔

تیری ڈواری پہ میں کرتا ہوں یہ سدا،
تیرے کرم فضل کے منگتا ہوں میں گدا،
تیرا ئی 'پریل' ہے نت، 'پیناری' قلندر۔

◉

راگنی: پہاڑی — تار: تین تار

کافی

شکر سے الحمدللہ، مبارک ہو، مبارک ہو،
ہوا راضی رسول اللہ، مبارک ہو، مبارک ہو۔

مبارک ہو، مبارک ہو، سری فقراء عالم را،
مبارک صوفی صادق شاہ، مبارک ہو، مبارک ہو۔

مبارک شاہ گدا کو بھی، بھیجوں گا میں صد باری،
مبارک ہو رہی وہواہ، مبارک ہو، مبارک ہو۔

مبارک ہر سری مومن، سربازار میں دونگا،
زمین آسمان سال اور ماہ، مبارک ہو، مبارک ہو۔

'پریل' پرور کو بھی دیتے، مبارک صد مبارک ہو،
دائم قائم رکھے اللہ، مبارک ہو، مبارک ہو۔

◉

راگنی: پہاڑی تار: دادھرو

کافی

دیدار تیرے سے صنم، دیوان میں بھی ہوں،
نئنوں کی نظر سامنے، نشان میں بھی ہوں۔

جیسے ہی دوسروں کو، جلوا دکھا رہے ہو،
ایسے ہی دیکھنے لئے، دربان میں بھی ہوں۔

پردا جو رُخ کے سامنے، کیا ہے ضرور اُس کا،
پردے کے پوچھنے لئے، پریشان میں بھی ہوں۔

صورت صنم تمہاری، سینے میں چھپ رہی ہے،
ہردم نیر حُسن پہ، حیران میں بھی ہوں۔

پل پل 'پریل' پیاسی، جس عرض یہ گذارا،
کہ تیرے قدم قدم پہ، قربان میں بھی ہوں۔

راگنی: پہاڑی　　　　　　　　تار: دادھرو

## کافی

تیرے برہ میں میرا بدن، بیمار یار ہے،
اس عشق تھا مجھ کو دیا، آزار یار ہے۔

کاکل نے قید کیا، زلفوں کے زور سے،
خم خم خصال خاصی، خُمار یار ہے۔

آنکھوں سے آنکھ میری، جب تھی لڑی ہوئی،
گردن میری پہ تب کھڑی، تلوار یار ہے۔

جینے کا آسرا مجھے، ملنے سوا نہیں،
میرے درد کی دوا، تیرا دیدار یار ہے۔

درس مجھے دکھاؤ، محبوب مکھ منور،
پل پل 'پریل' پیاسی، 'پینار' یار ہے۔

◉

راگنی: پہاڑی　　　　　　　　　　　　تار: کلواڑو

کافی

برھ دا بالا کہوں میں، بقا کی بہاری بوستاں کہوں میں۔

مئے منصوری ہی منظوری، مثل مخموری مستان کہوں میں۔

عین اشارو عشق اوطارو، آوازی ادبھارو عریان کہوں میں۔

نوبت ناری ناد نغاری، نورانی نذماری نشان کہوں میں۔

سیر سبھوئی سر وچ سوئی، سراسر سارو ئی سلطان کہوں میں۔

'پریل' پیارا پریم اپارا، پُر جام پیارا پیان کہوں میں۔

◉

راگنی: پہاڑی　　　　　　　　　　　　تار: کلواڑو

کافی

دیکھ لو یہ تم نجومی، یار میرا گیا کہاں،
کیا کیا قسمت مجھے، منٹھار میرا گیا کہاں۔

کھول کے اپنے کتابوں، کیا ہویا اُس میں لکھا،
دُرس دفتر دیکھئے، دلدار میرا گیا کہاں۔

رین دن رو رو مجھے، آرام بھی آتا نہیں،
غرق غم میں ہوں سدا، غمخوار میرا گیا کہاں۔

کب ملے گا کس طرح، محبوب میرا وہ صنم،
جس نے کیا مجھ سے وہی، اقرار میرا گیا کہاں۔

ڈھونڈ کے ہم جی لیا، سارا شہر اور جھنگ بھی،
جس نے دیا ہم نون 'پریل'، وہ پیار میرا گیا کہاں۔

◉

راگنی: پہاڑی تار: کلواڑو

## کافی

کندھیاں کیفی کجلیاں کالیاں، اکھیاں تیریاں،
خوباں خوبی خمار خیالیان، اکھیاں تیریاں۔

ترچھی نظر سے جب تم دیکھو، ہوتا ہوں حیران،
تیغاں مارن، برچھیاں بھالیاں، اکھیاں تیریاں۔

دل من میرا لوٹ کے لیا، اور ساری جند جان،
چنگیاں چلیاں، چشماں چالیاں، اکھیاں تیریاں۔

نیناں آپئی آپی لڑیاں، چوُطرف چوُبان،
وگریاں ویری، ورہی واسیاں، اکھیاں تیریاں۔

'پریل' پیاسی اصل اُداسی، مست منگن مستان،
پُر بھر پیتیاں، پریم پیالیاں، اکھیاں تیریاں۔

◉

راگنی: پہاڑی تار: گت کلواڑو

کافی

تیرے نئنوں کا جلوا، جمال جانی،
کبھی مجھ پہ قرب کر، کمال جانی۔

تیرا حُسن حضور منظور ہے، جس نے مجھ کو کیا چکنا چور ہے،
ایسی لالی لبوں کی، ہے لال جانی۔

تیرے حُسن کا شور شہزور ہے، کبھی کوئی بولی مثل مور ہے،
ہم تو دیکھا رنگی گل، گلال جانی۔

تیرے حُسن میں یار سنگسار ہوں، لئے درسن برابر بیمار ہوں،
ایسا مورا سنو جی سوال جانی۔

تیرے حسن کا شان بڑا مان ہے، جس نے کیا 'پریل' کو پریشان ہے،
یہ ہی دیکھو ہمارا یہ حال جانی۔

◉

راگنی: جوگ　　　　　　　　　　　　تار: کلواڑو

کافی

یار میرا دلدار دلبر، دلربا دیدار ہے،
دلربا دیدار ہے، صورت دا سینگار ہے۔

زلف زوراور قیس کاریھرؔ، کاکل گرم بازار ہے،
زیب زندانی پاک پیشانی، نور نسنگ نروار ہے۔

شمس شابی مکھ ماہتابی، چشماں دا چمکار ہے،
عرب ایرانی سیف ثمانی، ابرو تیغ ترار ہے۔

لب لعل ڈھم برحال برابر، بینی بلند بہار ہے،
دُر دُرانی مثل عدانی، الماسی اظہار ہے۔

'پریل' پیارا ویکھ نظارا، صاحب سو سردار ہے،
راز ربانی قول قرآنی، انا احمد اقرار ہے۔

◉

راگنی: آسا تار: کلواڑو

کافی

آپ میں آپ سمائونگا، دم کا درسن پائونگا،
سرت نرت کی پیچ سراسر، چیتن سون چت چائونگا۔

نابھی آئی پنگلا اوپر، کنٹھ کنولی میں آئونگا،
تک بن مرلی بین بجاکے، بن جِبھیاگن گائونگا۔

سن دھن میں پھر ٹبھنی اوپر، جم سون آگی جائونگا،
گگن محل کی کل گئی کڑکے، انحد ناد بجائونگا۔

نام کی ڈوری دھام کا مارگ، اس سے کام کمائونگا،
سیل سنتوک دھرم کردایا، ممتا موھ مٹائونگا۔

جھرمر جوت اکنڈ اوجوالا، پریم 'پریل' وان پائونگا،
اگم دیس کی الٹی بولی، الٹا نام اٹھائونگا۔

◉

راگنی: آسا　　　　　　　　　　تار:　　کلواڑو

## کافی

عشق اپاری دا، سوز ہویا مجھ پر۔

توں دور نہ جا سجنا، نینھن نظاری دا، جام پلا بھر بھر۔

مجھے حُسن کمال ویکھا، چشم چمکاری دا، عیں ہویا اظہر۔

میری دل ہے دیوانی، تم یار پیاری دا، دام پڑا دل پر۔

ذرا غور تجھے کرنا، 'پریل پیناری' دا، عرض سنو اکثر۔

◉

راگنی: آسا　　　　　　　　　　تار:　قوالی صدا

## کافی

خواجہ تیری گلی میں آواں، آواں تے درس پاواں،
ہئے ہئے ہئے، خواجہ تیری گلی میں آواں۔

تیرے در پہ آیا جو سوالی، بھرے جھولی نہ رہے کچھ خالی،
ہتھ بن کے عرض سناواں، ہئے ہئے ہئے خواجہ۔

توں محی الدین اجمیری، خالی جھولی ہے بھردے میری،
پھر پھر خالی نا جاواں، ہئے ہئے ہئے خواجہ۔

یہ 'پریل' ہے 'پینارا'، آیا سُن کے نام تمہارا،
میں اپنی مرادان پاواں، ہئے ہئے ہئے خواجہ۔

راگنی: دھناسری تار: کلواڑو

کافی

خواجا غریب نواز، محی الدین اجمیری۔

ھندلی ولی ہے لقب تمہارا، تم پہ بڑا ہی رب دا راز۔

نام تمہارے پہ ہم دم دم، کرتے نت نت نیاز۔

سُن یہ داتا سوال ہمارا، دیجیئے فیض فیاض۔

میں ہوں سوالی نہ چھوڑو خالی، میرا عرض سنو یہ آواز۔

'پریل پینار' کے اوپر اپنا، کیجئے قرب کواز۔

راگنی: پربھاتی　　　　　　　　　　　　تار: کلواڑو

## کافی

میرے آنگن گرُ بھلے آیا۔

سنگرو آیا بھلے شبد سنایا، گیان دھیان سمجھا یا رے، سادھو جن۔

سنگرو میرے اوپر کرپا کینے، بھرم کا بھید بتایا رے، سادھو جن۔

سنگرو کے چرنے میں سیس دیا جب، تن من دھن رنگ دیا رے، سادھو جن۔

سنگرو راجی ہویا 'پریل' کے اوپر، پریم پیالا بھر پایا رے، سادھو جن۔

◉

راگنی: کلنگڑو　　　　　　　　　　　　تار: تین تار

## کافی

ساقی مجھے پلادے، ساغر شراب کا،
وصل کی شب میں نہیں ہوئی تم کو، لازم حجاب کا۔

اتنا غرور کیوں کر، کرتے ہو حسن پہ،
دو دن کا ہے یہ جوبن، جیسے حباب کا۔

من میں جو ہے تمنا، آخر وصال کی،
کیا ہے ضرور اتنا، رخ پہ نقاب کا۔

کس دل کون دکھانا، یہ کس کو نہیں روا،
تنی ہے ورق دکھایا، کیسے کتاب کا۔

پل پل 'پریل' پیاسی، 'پینار' عشق کا،
طالب میں نام عاشق، خالی کتاب کا۔

⦿

راگنی: کلنگڑو تار: تین تار

## کافی

علی اللہ کی قوت، اصل اظہار وہی ہے،
نشانبر نینھن سے نوری، نسنگ نروار وہی ہے۔

علی میدان میں آکے، لگایا نینھن کا نعرا،
جمالی جوش جذبے سے، جنگی جنسار وہی ہے۔

علی حیدر قلعا خیبر، کرایا کوٹ کثرت کا،
منایا دین منکر کو، قاتل کفار وہی ہے۔

احمد جو محمد ہے، علی اُن کے برادر ہے،
علی مہندار کا مختیار، سپھ سالار وہی ہے۔

سخی ہے جو سخاوت کا، 'پریل پینار' ہے اُس کا،
ربوبی راز سے رلمل، رنگی رخسار وہی ہے۔

◉

راگنی: بہاگ          تار: دادھرو

کافی

دھیان دھو دھو دھکن، دھوم دھمال دھر دھر کے،
قتل کی کار کو، قائم کمال کر کر کے۔

میم مجازی مام دی مستی، گھن ملاری تھی،
متیندی مرد تھی، موتوا مقال مرمر کے۔

تے توحیدی تار دی تیاری، تمام تازی کر،
طبل دی تانَ میں، کر ترت طلب تر ترکے۔

نون نظارے نینھن دے، نیھی نشان نورانی،
نچیندے ناتھ تھی نازل، نہال نرنر کے۔

'پریل' یہ پرت تون، پیرِ مغان دی پوری کر پیرِ مغان،
پلایا جام یہ جس نے، بحال بھر بھر کے۔

راگنی: بہاگ

تار: درگادادھرو۔

## کافی

بوسا لبوں پہ دینے کے، من میں ہے تمنا،
لطفی بہارینی کے، من میں ہے تمنا۔

خنجر خطاب حلق پہ، تن جان سے جدا ہو،
صدما یہ سر پہ سہنے کی، صدا میں ہے تمنا۔

داخل رہوں میں، تیری، دربار حسن کی،
محفل میں مجھ کو مرنے کی، من میں ہے تمنا۔

جب تک وصال، میرا، ہوگا اسی طرح،
قربانی سر کرنی کی، من میں ہے تمنا۔

'پینار پریل' وہ ہے، جس کی ہے ایسی سدا،
شہادت کا جام پینے کی، من میں ہے تمنا۔

راگنی: بہاگ　　　　　　　　　　تار: اولنگھ

## کافی

یا رسولِ رہبر، رخسار ہے سردار ہے،
نیک نوری وہ نبی، نروار ہے سردار ہے۔

یا محمد مصطفیٰ، جس کی ملت ہے بیت اللہ،
صلواۃ علیہ وسلم، اظہار ہے، سردار ہے۔

معراج جب منور کیا، وہاں خود خدا تھا یوں کہا،
لولاک لماں حضرتی، ہروار ہے سردار ہے۔

رلمل ربوبی راز سے، رہبر ہویا تھا یا رسول،
انا احمد بلا میمی، اقرار ہے، سردار ہے۔

'پریل' ہے پل پل پیاسی، دائماں دیدار کو،
بیکسوں اور عاجزوں، ادھار ہے سردار ہے۔

◉

راگنی: بہاگ　　　　　　　　　　تار: اولنگھ

## کافی

خوب خوبان ہے خدائی، خیال یہ خُمار یار،
ہے الاہی اور اعلیٰ، عشق کا اسرار یار۔

جس کے اوپر پڑ گیا، یہی تجلا تاب کا،
تھا ہویا مخمور وہ، اس نینھن سے نروار یار۔

مرد تھا منصور جیسے، محبتی میدان میں،
اناالحق سے جس کیا، سولی پہ سرھسوار یار۔

تھا پڑا تعزیر شریعت، کا اُسی شمسی اوپر،
قُم باذني* کہنے سے، اسی کھل جسم سے دھار بھی۔

شاہ عنایت اور سرمد، سر کٹایا کس طرح،
عشق کا یہ کام ہے، کہتا 'پریل پینار' یار۔

◉

راگنی: بہاگ　　　　تار: اولنگھ

## کافی

یا الاہی عشق کا، مجھ پر کرو امداد بھی،
غیر خیالوں سے بھی ہم کو، تم کرو آزاد بھی۔

اس دنیا میں جس نے لیا، نام تیرے کا مزا،
دم جو غافل ہے وہی، ساری عمر برباد بھی۔

---

* میرے حکم سے۔

مئخان میں مجھ کو صنم، ستگر سنایا یہ سبق،
وہ میرا مرشد بھی ہے، اور وہ ہے استاد بھی۔

ذاتی ذکر جس نے بتایا، ذوق سے ظاہر ظہور،
اور تھا مجھ کو سنایا، نینھن کا یہ ناد بھی۔

کہتا 'پریل پینار' ہم، اس نفس کی کرتا ندا،
جس کے ظلم سے ہم ہوں کرتا، تھا یہی فریاد بھی۔

◉

راگنی: ٹوڑی / حسینی تار: دادھرو

کافی

علی کے شان کا شانی، کسی کا شان نہیں،
خدا کے نام پہ ایسا، کوئی قربان نہیں۔

پیدا کعبے میں ہویا، اور شہید مسجد میں،
دیکھو یہ کس کو ہے، ایسا ملا مکان نہیں۔

خیبر کا قلعہ توڑ، گرایا جس نے،
ہویا کوئی دوسرا، ایسا ہی پہلوان نہیں۔

جنگل پہاڑ بھی، نادِ علی علی کرتے،
علی کے نام سے خالی، زمین آسمان نہیں۔

'پریل' وہ پاک خدا بھی، ثنائی کرتا ہے،
بغیر اور ثنائی سوا، نشان نہیں۔

راگنی: ٹوڑی　　　　تار:　　　　اولنگھ

## کافی

دیکھئے مجھ کو صنم، ہم تو بڑا بیمار ہوں،
قاتل کٹاری عشق کی، آس سے ہویا سنگسار ہوں۔

عشق کا آزار ہے، سر میرے پہ رئین دِن،
دل بھی تم کو دے دیا، اور جان سے بیزار ہوں۔

سارے طبیبوں کی دوا، مجھ کو اثر کرتی نہیں،
بی دوا ہئی پاس تیری، آب تجھے اختیار ہوں۔

اس بیماری سے مجھے، جینے کا مقصد نا مِلا،
اک ذرا بوسا ملا، ہکدم تب بھی ہوشیار ہوں۔

دیس، اور پردیس میں، ہم فقیروں سے پھراں،
دیکھنے تیرے لئے ہم، وہ 'پریل' بیمار ہوں۔

# پچین

راگنی: کلیان تار: تین تار

## کافی

سُنو سادھو سُخن میرا، کمالی کام وو کرنا،
جسے یہ جان کو کھوجو*، اسی دم دھیر نا دھرنا۔

بھجن بھگوان کا کریئے، مرن سُون آ گیئے مریئے،
پیچھے جم سون نہیں ڈریئے، جیوت کا نام نا مرنا۔

بھرم کی بھینت کون بھانگو، نی کیجے سبھس کو سانگو،
ٹوٹی جب ٹور کو ٹانگو، گگن◆ کے گام میں گرنا۔

ننگر یہ نام سُوں کوجو، اُسی میں سام کونُ سوجھو،
نی لیئے باڈ کو بوجو، کمیاں کے کوھ میں کرنا۔

کرینگے کام یہ سُورا، بھجن کے بھید• بھرپورا،
'پریل' ہو پریم سے پورا، فقیری فقر سُوں پھرنا۔

◉

---

* کھوجو: دیکھ بھال کرنا۔

◆ گگن: آسمان۔

• بھید: راز۔

راگنی: کلیان　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　تار: بھوپالی

کافی

درشن کو جاؤں۔

من مندر میں ٹھاکر گر ہے، چرنن سبھ نماؤں۔

اگرچ لال کی واس چلی ہے، پوجا کر پھل پاؤں۔

ہاتھ جوڑ کے کرو دینتی، پریتم پیا مناؤں۔

(۱)

راگنی: تلنگ　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　　تار: کلواڑو

کافی

میں ستن کی بلھاری سوَ سوَ واری، لوک لکاسوں کیا کم میں۔

لوک کرے نت ٹوک گلا کی، ندیا کرن نیاری، سوَ سوَ واری۔

من میرا ست سنگت مانھیں، خوب کھڑی خماری، سوَ سوَ واری۔

سادھو جن ست نام سنایا، تن من بھئی ہوشیاری، سوَ سوَ واری۔

'پریل' پریم پلایا سنگر، ڈالدا دور ہماری سو سو واری۔

راگنی: تلنگ　　　　　　　　　　　　　　تار: کلواڑو

## کافی

سوچ سمجھ من لوچ لکا میں، جم ڈوری تنکا سی نفی پھر آسی۔

سِر پر باجے کوچ نقارا، کے چلتا کے چلنے ہارا،
جیو ھنسا اُڈ جاسی، نہیں پھر آسی۔

کام آوے جوئی نام لیوینگا، دو دن دنیا جب جیویں گا،
کیا ہوویں بن واسی، نہیں پھر آسی۔

کیا بھولو کیا بھٹکو بھائی، کیا لالچ مان لپٹو بھائی،
کیا ہوویں ادیاسی، نہیں پھر آسی۔

چھوڑ چلیں گا نیٹھ بیرانی، نام بنا سبھ بات نیرانی،
'پریل' پریم پیاسی، نہیں پھر آسی۔

◎

راگنی: مانجھ　　　　　　　　　　　　　　تار: دادھرو

## کافی

بن نام کے پچھاں رے، گن گیان کیا کرو،
نہیں سُرت کی سنبھال رے، دُھن دھیان کیا کرو۔

لگنے بنا لگاوی، وہ بات کیا بناوی،
وہ ہی آپ بھولا پرم کے بن، بیان کیا کرو۔

ساغر دیا نہ ساقی، ہوئے کس سے درد ناکی،
چپ چاپ کی چالاکی، چن چانُ کیا کرو۔

شانی کا شور ناہیں، اسی سے تو اور ناہیں،
ذاتی کا زور ناہیں، چھن چھان کیا کرو۔

سر چرن گر کے دیا، اس سے پریم لیا،
تم تو 'پریل' پیا، انمان کیا کرو۔

◉

راگنی: مانجھ　　　　تار: کلواڑو

کافی

بھولا کیا جانی جگ مانہیں، جن کو سار سرت کی ناھیں۔

ست سنگت ماں پاس سنتن کے، رام بسی جِتھِ جاہیں۔

گنگا جمنا سر نارائن، تن من تیرتھ تاہیں۔

مورکھ مایا لالچ لپٹیا، نام لیا کانہیں کانہیں۔

'پریل' پریم پیا جس پورا، الکھ آپ اُواہیں۔

◉

راگنی: مانجھ　　　　　　　　　　تار: کلواڑو

کافی

سانوریا میں بھول گیا ہوں بن مان،
بھول گیا ہوں بن مان، پربھو بیگ ملو چھن مان۔

جال جنجال بھیا سر اوپر، مونجھ پڑی منمان۔

کوچ کی نوبت باج رہی ہے، کوک پڑی کنمان۔

تیری محبت بھئی من میرے، تار لگی تنمان۔

'پریل' پیاسی آئے پڑا ہے، سرن سادھو جھمان۔

◉

راگنی: مانجھ　　　　　　　　　　تار: چِنّنچل

کافی

سادھو مایا لالچ لوبھ مان لپٹی، دنیا کوڑی سے کپٹی۔

سادھو بھائی دنیا دیوانی دورنگی، مور رہی نہ رپٹی۔

سادھو بھائی دنیانو جال جنجالَ ہے، جمڑی نے چوٹ ہے جھپٹی۔

سادھو بھائی دنیا نو پوچھ نہ کاٹھی، ماؤ نے باپ سے نپٹی۔

سادھو بھائی 'پریل' پیاسی پریم کا، خالی اور خاک نی چپٹی۔

⦿

راگنی: مانجھ تار: چنچل

کافی

جیوا ڑے بھول متی جگ جوٹھو، جیسوں میرو من ٹوٹھو۔

جیوڑا کال جنجال کرودھ کر، بالی ناکھیں نی بوٹھو۔

جیوڑا جن کے ردی نہیں نام ہے، رام جاوی اُن سون روٹھو۔

جیوڑا ست سنگت ماہیں، ساڑہی، سنتن کو سنگ سوٹھو۔

جیوڑا 'پریل' پورا گرد ملیا، باڈل برم کو بوٹھو۔

⦿

راگنی: آسا　　　　تار: کلواڑو

## کافی

دھیان لگا دُھم دھاما، بھائی کہنا راما راما،
شبد سُخن یہ سُرت ملاون، یہ نِت کریئے کاما۔

گنگا جمنا تیرتھ جا کر، بیچ مندر کے سیس نواکر،
دھوتی بدھ کے تلک لگائی، کر کے جنیا جاما۔

سری سری کر واھگرو ہر، گوبند گوبند یاد سدا کر،
ہاتھ جوڑ بینائی سون کہہ، نارائن کا ناما۔

سادھو جن کی شیوا کریئے، چرنوں* میں سر اسکے دھریئے،
پریم پتھاری آسن جوڑی، تنکا کریئے طاما۔

گرُ کا داسی اداسی، کہے 'پریل' پیاسی،
نام جپن ہے کام ہمارا، یہ ہی ہے اسلاما۔

---

* چرن= قدم

راگنی: دھناسری تار: کلواڑو

## کافی

سبھ گھٹ الکھ اِکوئی رے، سادھوجن، نام بنا نہیں کوئی۔

کوئی جووے اس گھٹ بھیتر، تن من تیرتھ ہوئی۔

کاشی متھرا نارائن سر، گنگا جمنا جوئی۔

کیا پوجی بت مندر ماہیں*، بھیتر• بھوتن بھوئی۔

'پریل' سبھ گھٹ ایک سمایا، سنگر ساگی• سوئی۔

⊙

راگنی: مالکونس تار: دادھرو

## کافی

کام میرا نام سوں، ہر واھگرو رام رام،

---

* ماہیں: اندر میں۔

• بھیتر: اندر میں۔

• ساگی = وہی۔

واھگرو رام رام، واھگرو رام رام۔

تم ہو ھادی، تو ہو وادی، تم ہو گرو، تم ہو گیان،
تم ہو یاقی، تم ہو ساقی، تیری مُٹھا مام مام۔

تم ہو گورکھ، تو ہو مچھندر، تم جلندر ناتھ جی،
تم کبیر، تم فقیر، تم امیر عام عام۔

تم رامانند تم رام جی، تم گوتم بدھ شِوِ دھرم،
تم ہو جینی، تم ہو دینی، تم سخی تم سام سام۔

تم ہو گِری، تم ہو پری، تم ہو صوفی سر صفا،
تم ہو 'پریل' پیر وہی، یہ تیرا ہے کام کام۔

◉

راگنی: پوریا تار: تین تار

## کافی

سادھو سُرت نُرت سمجھاؤں گا، گر گیان دھیاں گُن گاؤں گا۔

اوم سوم نِت اوونگ سوونگ، اَھوں سَھوں اُلٹ اُٹھاؤں گا۔

لاالہ الااللہ ھو ھو حق حق، ذاتِی زور لگاؤں گا۔

گنگا جمنا متھرا کاشی، کعبے مور نہ جاؤں گا۔

گم دم کے سنگر سمجھائے، اُس سے چوٹ چلاؤں گا۔

'پریل' پیئا پُر پورا پیالا، جو پیوی اُن کو پلاؤنگا۔

⊙

# بیت

# توحيد

پاڻَ منجهيئي پاڻُ، پَسيِ جن پروڙيو
موتوا قبل انت موتوا، اِهي سندن اهڃاڻ،
ڳشي قربَ ڪماڻ، تَڪي هنيائون تن ۾.

◆

سير منجهيئِي سير، ڪري قابو جن ڪيو
غُصو ۽ غير، ڪڏهن وَڻِن ڪِينَ ڪِي.

◆

چئو لاَ اِلهَ اِلاالله، ڪري ذڪر سان دم دم،
سُرتِيءَ سندي سُرتِ سان، نُرتِيءَ سان نم نم،
قلبيِ قرب ڪماِ تي، ڪثرت جي ڪم ڪم،
رنِدانِي رسمات سان، رلمل تي رم رم،
فِڪر ساڻ فهم، ”پريل“ پرين پسي پس پاڻ ۾.

◆

مرشد جي مئخاني ۾، رندي راز رڪج،
محبت سندي مچ ۾، پرواني جيئن پچج،
سِٽون جي سورن جون، سائينءَ ڪان سڪج،
پرتئون ”پريل“ پسج، نظارو سو نينهن جو.

◆

نظارو سو نينهن جو، صحيح تون سڃاڻ،
پچج پنهنجي پاڻَ ۾، محبتي مئي ڪاڻ،

مغا جي مئخاني ۾، مئي جي مستي ماڻ،
راتو ڏينهن رهاڻ، عاشق تِي ڪر عشق سان.

◆

اکين واري آرَ تي، نظاري نظر،
عشق جي اشاري، اکين جي اندر،
”پريل“ پريميءَ پَر، پنهنجي ڳول پرينءَ کي.

◆

پنهنجي ڳول پرينءَ کي، اندر ۾ اوري،
ٻار محبت مچڙو چِتَ اندر چوري،
ڏُکن سان ڏوري، ڏ تر ڏِس تون ڏيِل ۾.

◆

مرشد سنديءَ مام سان، الف سان تون اور،
ڪُنجي جا قلب جِي، چاهہ منجهارئون چور،
مَدائِي پنهنجي مَد مان، ڪوڙ قلب مان ڪور،
نڳا سيئي نورِ تہ ڏسين دَرُ داوَرَ سندو.

◆

داوَرَ سندي دَرَ ۾ پائين جي جهاتي،
تہ هوند عشق اثباتي، اکين ۾ اظهار ٿئي.

◆

اکين ۾ اثبات ٿئي، محبت وارو مچ،
صحيح سچاڻج سچ ”پريل“ پنهنجي پرينءَ کي.

◆

”پريل“ پنهنجي پرينءَ سان، ڪر راتو ڏينهن رهاڻ،
قرب سنڌيِ ڪثرت ۾، صحيح سِرُ سجاڻ،
مغاجي مئخان ۾، پڇج پنهنجو پاڻ،
مئي جي مستي ماڻ، ”پريل“ پرين پس پاڻ ۾.

♦

’پريل‘ پَسين تنهن پرينءَ کي، ٻار محبت وارو مچ،
پرت سان تنهن پرينءَ لئِہ، پاڻ منجهيئي پچ،
نظاري تي نچ، محبتي مئخاني ۾.
”پريل“ پرين پس پاڻ ۾، اندر ئيِ اوري،
ڏسين تنهن ڏاتار کي، ڏيل اندر ڏوري،
چِت اندر چوري، محب پسج تون من ۾.

♦

محب پسج تون من ۾، مرشد سنڌيءَ مامَ،
محبت رک مدام، اکين واري آرَ تي.

♦

اکين واري عارَ تي، قائم قرب ڪماءِ،
مغاجي محفل ۾، محبت مچ مچاءِ،
حَقيِ حال هلائج جو، هِردي ۾ ٻہ هُلاءِ،
رلملَ رنگ رَلاءِ، محبت جي مئخان ۾.

♦

دلبر جي ديدار سان، درد واري درياهَہ،
توڪل سنڌي ٽُرهي، تي بيشڪ بيپرواهہ،
عشق سنڌي اوڙاهہ، تون رک نظارو نينهن جو.

♦

رک نظارو نينهن جو اکين جي اندر
بيشڪ بيپرواهہ تي، برهہ جي بندر
محبتيءَ مندر "پريل" پسي تنهن پرينءَ کي.

◆

مرشد سنديءَ مام سان پختو رکج پاڻ،
ڪاوڙ ڪڍج قلب مان، مچ محبتي ماڻ،
راتو ڏينهن رهاڻ، "پريل" ڪر تنهن پرينءَ سان.

◆

محبتي مچ من ۾، آهي اندر ۾ آڙاهہ،
سدائين سيني اندر ٻري برهہ واري باهہ،
سارو ساهہ پساهہ، سڙي سدائي سوز ۾.

◆

مرشد مون کي مام سان، تي ڳُجهي ڳالهہ چئي،
چيم صحي صاحب صحيح،
چيائين تي موتوا قبل انت موتوا، وحدت ساڻ وَهِي
چيم صحي صاحب صحيح.
چيائين هٽج نارو نينهن جو منجهئون قرب کهي،
چيم صحي صاحب صحيح.
چيائين هٽج نارو نينهن جو منجهئون قرب کهي،
چيم صحي صاحب صحيح.
چيائين تہ 'پريل' پس پاڻ ۾، دُئِيءَ ڏيج وَئِي،
چيم صحي صاحب صحيح.

◆

نڪي تاڃ تَسِيا نڪي مرج ٻُڪ،
نڪي ڏيڪارج ڏيلِ کي، ڏولا واءِ ڏڪ،
فقط مِنو ٻولج مُک، تہ عشق تو ثِي اثبات ٿئي.

♦

عشق تو ثِي اثبات ٿئي، ڪر تو هِي تن طوافُ،
وحدانيت جي واٽ جو ڪر سير سيوئي صاف،
تہ منجهئي معلوم ٿئي، مڪو ۽ مُصحاف،
عاشقن انصاف، محبت مان معلوم ٿئي.

♦

محبت مان معلوم ٿئي، غواصينِ غزا،
آڏوتي اوڙاهہ ۾، ماڻن مؤج مزا،
’پريل‘ ٿي پُرزا، سِر کي ٻُولين سِر ۾.

♦

سِر کي ٻُولين سِر ۾، سِر جي رکن سنڀار،
هِي وڃائي هُوءِ ۾، حاصل ٿِيَن هُبڪار،
’پريل‘ پروڙي پاڻ کي، هو پنهنجي ڪن پچار،
نيهِي ٿي نروار، نارو هڻن نينهن.

♦

نيهِي ٿي نروار، نارو هڻن نينهن،
مٿي ويراڳين وسي، سدا محبت مينهن،
راتو توڙي ڏينهن، عاشق گم الله ۾.

♦

مٿي ويراڳين وسي، سدا ميگهہ ملار،
سِڪ ۾ ڏنئون سِڪَ سان، صورت جو سينگار،
جوُءِ سندو جنسار، سوجهي ارَائون سِر ۾.

♦

چئو لَا اِلٰهَ اِلااللهُ، الله هو الله هوُ
ذڪر ذاتي ذوق سان، ڏمالي ڏوُ ڏوُ
رڳ ۾ رفتار سان، گهوگهٽ ڪر گهوُ گهوُ
پيچي ڪجي پوُ پوُ ”پريل“ پڙدو وڃ جو.

◆

چئو لَا اِلٰهَ اِلااللهُ، ذڪر ذاتيءَ جو
متي قلب ڪماءِ تون، ڪڙڪو ڪاتيءَ جو
اَلاِنسانُ سِرِي وَاِنا سِرهُ، ڪر سير صفاتيءَ جو
فَاذڪرُونِي اَذڪُرڪُمُ، جهٽڪو جهاتيءَ جو
چو هو چاتيءَ جو ”پريل“ پسر پسار تون.

◆

عاشق اڳ ٻـ هئا، ڪالُو بَلا جِي ڪارِ ڪان،
موُتوُ قِبلِ اَلانتَ موُتوُ ، مري جيئن جيئا،
اَلَستُ بِرَبِڪُمُ عاشقن، سيئي ٻـ سَڏُ سُئا،
قالوُ بَليٰ جا قرب سان، تي تني قول ڪِئا
’پريل‘ پوءِ ٻـ پِيا، تا پرين پرت پرينءَ سان.

◆

ڪُنَ فيَڪوُني ڪارِ ڪان، هئا عاشق اڳيئِي،
اَلَستُ بِرَبِڪُمُ عاشقن، جڏهن ٻولي ڪَنِ پيئِي،
قالوُ بَليٰ جو قول پڻ ڪيو تني تِتيئي،
تان پڻ اهي ئي، تا پارين پرت پرينءَ سان.

◆

# پنجتن

امام جي افسوس جو عَلمُ ٿيو اظهار،
مومن سدا ماتمِي، ڪن گِريئي جي گفتار،
سدا سڪ سيد جيءَ ۾ ٿا روئن زاروزار،
هئي حسينڻ لئِه ڪري، نيڻي وهائن نار،
اي 'پريل پينار'، تون رکج حُب حُسين جي.

◆

'پريل' پنجتن جو ٿي هميشان حُبدار،
هئي هئي ڪر حسين لئِه، ٻي وائي سڀ وسار،
ماتم ڪان جيڪي مُڙيا، سي ٿا ڪونجن ڪُفار،
هردم، ٿي حسنَينَ جو ظاهر تون ٻه زوار،
اصل ان افسوس جي، گوندر منجهه گذار،
هميشه هر وار، رکج سڪ سيد ڏي سڏي.

◆

شهيد ڪِيون ظالم ڪيا، هئي هئي امام حسين ڪو
شمر شيطان ڪيون مارا خنجر، سيّدي ثقلئين ڪو
اي 'پريل پينار' تم نِت، رو سدا ڏِن رئين ڪو.

◆

حسين حسين ڪريندي، جِن ديوَ ۽ حوران بشر،
قاسم بني نا سيج ماڻي، شهيد ٿيا ننڍڙا اصغر،

شمر تيڪون شرم نہ آيا جو وهائِئہ خونُ خنجر،
بيشمار لعنت گهتيجي يزيد تي جنهن ڪهايا حيدر دا جگر،
’پِرِيل‘ پڪ جاڻ تون، تہ منڪر دا نہ ٿيسي موچارا محشر.

♦

حُسين حُسين ڪريندِيان، حوران لک هزار،
مَلڪ فَلڪ ڪوُڪن ڳشوُران، رو رو ڪرن پُڪار،
جِن ديوَ پيي روئن سدا، انسان روئن زارو زار،
محشر قمر تاري نکٽ، سي پيي روئن نِت نروار،
’پريل‘ مِلسي جنت انهانون جي هوسن حسينڻ دي حبدار،
جهنم جاءِ يزيد دي، تنهن لعنت بي شمار.

♦

حسنَ مير حسين لئِہ، سڪي ساهہ سرير،
مُنِڪَر ڪيئن مارئيا، ڏسو مديني جا مير،
اکيون ان افسوس ۾، ٿيون نِت وَهائِين نير،
’پريل‘ پارس پِير، وَسَڻُون وسارج ڪيم ڪي.

♦

حسن مير حسين کي، ٿو ساهہ سدا ساري،
هاريان آب اکين مان، آءٌ اصلئون اوساري،
ان محرم جي مهيني اندر مون کي موليٰ جي ماري،
پوءِ شل پوان پناري، ’پريل‘ چئي پريان جي.

♦

اِجهو عاشورو آئيو، مهينو محرم ماهُہ،
ڪي غازي انهيءَ غم جو ٿا وٺن رستو راهہ،

جن صدقي سيد تان ڪيو سارو ساھہ پساھہ،
’پريل‘ پنِجِ پناھہ، تون بہ پنجن تنن جي پار جي.

◆

حسينڻ جي حب ۾، هنجهون جي هارين،
اصل ان افسوس ۾، اُيا اوسارين،
آئوڙي پهر عليل تي، دم نہ وسارين،
تا ”پريل“ چئي پارين، پوري حُب حسين سان.

◆

پوري حُب حسين سان، نيهي نيائين،
راتو ڏينهان روئڻ ري، نہ وائي ورائين،
رويو رويو رت ڦڙا، هوُ پَلوَ پُسائين،
انهيءَ پَر آهين، عاشق اٿ ئي پهر سي.

◆

ڍول جي قول اساڏي آوي، آ چپ چول الاوي،
تان دُک جاوي،
دلبر ڪر سينگار سڌر، جي ميڪون مُک وکلاوي،
تان دُک جاوي،
لب لال خصال دي نال اساڏي، چالب دي نال لڳاوي،
تان دُک جاوي،
يار پيار دي نال ’پريل‘ ڪون، چا پيالا پرت پلاوي،
تان دُک جاوي،

◆

هڪ سهڻو بيو سينگار سان، ٿو وڻين مون وهواهه،
ساري سدا روز ٿو، سارو ساهه پساهه،
آڻئي شل الله، مَنهِن مون مسڪين جي.

◆

سارو ساهه پساهه، توکي سدا ئي ساري،
جيئري جدائي ڪري، نه ويهج وساري،
ماڻن سان ماري، پري رهه نه ”پريل“ کان.

◆

اکيون بي اختيار، وڃي اٽڪيون عجيبن سان،
ڏسي تجلو تاب سان، حُسن جو هڪوار،
آيون آري اوچتو، لڳي رهيون لاچار،
برهه ڪيم بيمار، ”پريل“ چئي تنهن پرينءَ جي.

◆

”پريل“ چئي تنهن پرينءَ جي، گهور وڌم گهائي،
ناحق دل کي دام ۾ مان وينس ڦاسائي،
اکڙيون اٽڪائي، بيوس ٿيس بيمار مان.

◆

سجڻُ ٿا سارين، سدا سرسيءَ سک سان،
”پريل“ پنهنجي پرينءَ کان، هو جدا نا جالين،
ادا سي آهينِ، ملڻ لئِ محبوب جي.

◆

صورت سينگاري، سامهان سجڻ آئيا،
اچن ٿا عشاق تي، محبوب اکڙيون اولاري،

........................................ ماري،
ناحق نهاري، قابو ٽي پيس قرب ۾.

◆

قابو ٽي پيس قرب ۾، ڪاڪُلِ سان ڪڙجي،
اکيون ويون اکين سان، اوچتو اڙجي،
جانب جي جنسار سان، جيءُ ويو جڙجي،
خيال ويو ڪڙجي، 'پريل' چئي پريان سان.

◆

پهاڙي پريان ڪي، سارو ساري ساهه،
'پريل' چئي منهنجو پرين، آڻي شل الله،
عجيبن جي اچڻ لئِہ، روز نهاريان راهه،
جنهين ڏينهن جانب اچي، وار اهو وهواهه،
بيشڪ برهي باهه، وڪوڙي وهلور ڪيو.

◆

پهاڙي پريان جي، آهي سڪ سرير،
دلبر جي ديدار لئِہ، رهي دل سدا دلگير،
'پريل' چئي پرينِ ڏني، ٽئي ساهه سڌير،
مِنو محمّد مير، من محشر موچارو ڪري.

◆

پهاڙي پريان سان، هونڊ هجان هروار،
دولهه جي دربار ۾، دُرس ڪريان ديدار،
'پريل' چئي 'پينار'، آهيان تنهن امداد جو.

◆

بلبلِ باغِ چمن، چمڪار است،
هر گلي خوشبوءِ ديدم، دائما ديدار است.

# سُر سسئي

ڪوهياري جي ڪاڻ، آءٌ ويندي‌س ڪاهي ڪيچ ڏي،
ڪٽي وينديس پاڻ سان، آئون سڪ جو ٿمر ساڻ،
يا تہ پسي پنهل کي، ڪنديس روح رهاڻ،
نہ تہ پُرزا ڪنديس پاڻ، ”پريل“ چئي ان پنڌ ۾.

♦

ڪوهيارل ڪيڙِي، مون سان جيڏِي جاڙ ڪا،
ڏسندا دائم ڪئي، ڪئين ڪرم ائين ڪيڙِي،
پنهل نيائون جنهن پهر ۾، مون ڪان ويل اُها ويڙِي،
”پريل“ چئي پيڙي، ڏونگر ڏوريان جيڏيون.

♦

هوت ويا نو هليا، تون سسئي تي سياٽي،
اڳيان رُج تتو رائو سڄي، نڪو پيڻ لئہِ پاٽي،
ويا عصر آرياٽي، تون صبح ٿي تہ سڏون ڪرين.

♦

جيڏيون جاڳيس ڪين، منهنجا اديون اُٺ وِيامِ،
ڏولاوا ۽ ڏاڪڙا، پنڌ پنهل لئہِ پيامِ،
صبح سار ٿيامِ، تہ اُٺ نہ اوطاقن ۾.

♦

موڳي مرون مورهون، تا ڏونگر ۾ ڏَسجن،
نانگ بلائون ڪيتريون، ٻيا سامهان شينهن سجهن،
ڪيئي راج رهن، ڀَنون ڀيٽيءَ تنهن ۾.

♦

سر تيون ساٿ ويو منهنجو جيڏيون جانب جَتَ جو،
مَديِ ڏيرن من ۾، مون ڪهڙو ڏوهه ڪيو،
پتو ڪونه پيو ته ڪو پنهل نيندا پاڻ سان.

♦

پنهون نيائون پاڻ سان، تون سُتيئن چو نه سڄاڳ،
توکي ننڊ نهوڙيو ندوري ته نياڳ،
موٽي پنهنجي ماڳ، پنهل وَيُئيِ پرڏيهه ڏي.

♦

پنهل ويو پرڏيهه ڏي، جانب ٿر جيڏانهن،
آئون پڻ اوڏانهن، هلي ويندس هوت ڏي.

♦

هلي ويندس هوت ڏي، آءٌ ته ڏونگر سڀ ڏوري،
قادر ڪرم جي ڪري، هو ايندا شل اوري،
نه ته ٻِه سر گهوري، آئون ته پنهل تان پرزا ڪريان.

♦

پنهل لاءِ ان پنڌ ۾، پلي مران شال مران،
وچان ڪين هڪ وکڙي، وري شال وران،
ڏکن کان نه ڏران، آئون هلي ويندس هوت ڏي.

# سُر سهڻي

سهڻي ساري رات، پئي لڙهي لهرين وچ ۾،
ساهڙ ساهڙ پئي ڪري، اُن کي وائي اها ئي وات،
ڪُمِيُنِ ڳَچُنِ سيسَرَنِ، اچي واڳن وڌس وات،
”پريل“ چئي ان کي پرينءَ، ڪا اهڙي بتائي بات،
جو مري ٽيڙي مات، ان ساهڙ سنديءَ سڪ ۾.

◆

ساهڙ ساهڙ ڪن، ساهڙ ساڻي تن سان،
مِهر ميلو اُنِ، اُتي ڪيو اوڙاهہ ۾.

◆

ساهڙ ساهڙ چوُنِ، ساهڙ ساڻي تن سان،
پاڻهي پهريو پوُنِ، اُتانهين اوڙاهہ ۾.

◆

ساهڙ ساهڙ جي، وتن ڪنديون ويڙِ ۾،
گهاءُ سهڻيون ثابت سي، ملن شل ميهار سان.

◆

ساهڙ منجهہ مهراڻ، اچي آڌو اُن کي،
تکي رکن تاڻ، ايندي اِي اوڙاهہ ۾.

◆

ساهڙ سڌ سٽيج، منهنجو ئي مهراڻ ۾،
ساجهر سار لهيج، اچي اِنَ اوڙاهہ ۾.

◆

ساهڙ سيرَ اُڪار ديواني درياهه جي،
”پريل“ ڪي پڙ پار پهچائج منهنجا پرين.

◆

سهٽي اندر سير، لڙهي لهرين گاڏوين،
مِنا محمدؐ مير، اُڪارج الله لڳ.

◆

سهٽي گهڙي سير ۾ وني ڏٽيءَ نام،
بَڏِي تي بانهون هٽي، تنهن کي اُڪارج امام،
منا محمدؐ جام، تِج وسيلو واهرو.

◆

سهٽي گهڙي سير ۾ توڪل سان منجهه تار،
لڙهي لهرين وچ ۾ تون ساهڙ پار اُڪار،
’پريل‘ چئي ’پينار‘، مون اُڪارج الله لڳ.

◆

## مجاز

سج لهي سانجهي ٿيو، ٽيا ٽِڳر جا ٽاٽا،
پکي جي پرڏيهه جا، سي ساجهر سِڌاٽا،
موٽي پنهنجي ملڪ ڏي، هو اٿي اڏاٽا،
”پريل“ چئي پاٽا، اٿلي آهيرين ويا.

♦

اٿلي آهيرين ويا، ٽِيَنِ واهيري جي ويل،
ساڳيءَ جوءِ سويل، وڃي اڏامي اوڏا ٿيا.

♦

چِٽِي ڪري ڇهنب ۾، تون اڏامج اوڏانهن،
جانب ٿم جيڏانهن، تون پکي وڃج تنهن پار ڏي.

♦

پکي وڃج تنهن پار ڏي، ڪانگل تون ڪاهي،
پرين پرچائي، موٽي اڇج هن ماڳ تي.

♦

منو مات نه ڪر تون، ٻيو لئو سڀاجهي لات،
محب ملي شل مون سان، ڪري ’پريل‘ چئي پرچات،
مون کي تنهن محبوب جي، آهي ڪُنو قرب ڪات،
ٻي وائي وساري وات، ٿو دلبر لئِہ دانهون ڪريان.

♦

عجيبن جي عشق جو ٿيو اوچتو آزار،
اکيون اکين سان اڙيون، تڏهن لڳي ٿيون لاچار،
هڪ جالڻ جدائيءَ ۾، ٿيو بدن پڻ بيمار،
"پريل" هيءَ پچار، رڳو راتو ڏينهان روح ۾.

◆

سپيريان جي سِڪ جا، مون کي سوين سور ٿيا،
من گهريا منهنجا پرين، مون کان ڪو دم دور ٿيا،
تہ پل پل پور پيا، مون کي "پريل" چئي پريانِ جا.

◆

عقل جيڏو ڪونہ ڪو، آهي ٿيو آڌار،
عشق جهڙو ڪونہ ڪو، ليي ٿيو بدڪار،
معشوقن جهڙو ملڪ ۾، ٿيو ناهي خود مختيار

..........................................................................

◆

جيڏو ڪونهي جڳ ۾، محبوبن جي مور،
سوين شاهہ گداءَ ٿيا، محبت ۾ مخمور،
ڪي ڪيئي ان، قرب ۾، ڏس ونجِي ٿيا وهلور،
لڳل جڙي جيءَ جان ۾، سندو ناسور،
تن کي سارو سور، "پريل" چئي پريان جو.

◆

سپيريان جي سڪ ۾، هيئون ٿيون حيران،
ملڻ لئِہ محبوب جي، ٿيو من گهڻو مستان،

مانَ ملن منهنجا پرين، ڪريان سر قربان،
جيءُ جُسو جِند جان، چوي 'پريل' گهوريان پرينءَ تان.

♦

چوي 'پريل' گهوريان پرينءَ تان، هي جان جسو گهر مال،
ان حُسن ۾ حيران ٿي، منهنجو اهڙو ٿيرو حال،
محبت واريِ مون پرين، من ڪن ڪا محب مقال،
تہ سارو ئي احوال، هوند ڪريان عرض عجيب کي.

♦

اکيون جيئن اکين سان، اچي اوچتو اڙيون،
خونَ ڪرڻ جي خيال سان، ڪُپِي جيئن ڪڙيون،
لاشڪ آهن لڙيون، هو "پريل" چوي سي پاڻ ۾.

♦

اکيون اکين سان اوچتو اڙيون جيئن اچي،
محبت واري موَج ۾، جي بيٺِيون مست مچي،
رجهي رمزون ڪن پاڻ ۾، منجهان راز رچي،
رکي سڪ سچي، ٿيون "پريل" پرچن پاڻ ۾.

♦

اچي اڙيون جيئن اوچتو سي اکيون ساڻ اکين،
ريجهيو ڪن رمزن سان. ٿيون رومي راز رکن،
عاشقن سان اوچتو اچيو جيئن اڙن،
"پريل" چوي هو پاڻ ۾، الائي ڪهڙي پَرِ پرچن،
ٿيون اُري منجهہ اچن، اوچتو ئي عشق جي.

♢

اديون آديسيئڙا، جوڳي ويا جا مير،
آءُ پڻ ويندیس اوڏهين، پُورَبيَنِ جي پير،
جيجان جوڳيئڙن ري، منهنجي ڪل لهندو ڪير،
واري وڏم وير، وڇوڙي ويراڳ جي.

◆

پرين جن جا پرڏيهه ۾، سي ڪيئن سمهن سڪ،
توڙي سٿن سيءَ ۾، توڙي لڳين لڪ،
توڙي اُج عجيب جي، توڙي مرن بک،
’پريل‘ پٽان ڏورين ڏک تہ بہ مام نہ ڏسين من جي.

◆

لُڏاڻي ۾ لوڏ، ڪنهن سان ڪندس جيڏيون،
راڻي ڏاران، روح جي آئون ڪنهن سان ڪريان ڪوڏ،
حميراڻي هوڏ ڏسئي ميان تو ميندرا.

◆

لڏاڻو جن لاءِ، مون وينو وسايو
سي نہ بسان آءُ سپرين، اتم سچو ڏينهن سعيو
آهي راڻي ريجهايو مون ’پريل‘ چئي پنهنجي پاڻ ڪان.

◆

## ڏياريءَ بابت، بيت

ڏياريءَ جي ڏينهن جو، تيو ڏيهن ۾ ڌڪار
ڦٽاڪن جيئن ڦاٽ سان، ڪن بم گولا بماڪار
ٻڏڪن جي ٻيلهِ سان، ٿيون هوايون هوشيار
وچونٽڙن واڇٽ ڪيو، پيو ٺٺونٽن ۾ ٺهڪار
چڱائي تيليون چاه مان، ڪن ڇهڇٽو چوڌار
آيا پياسي پوپٽن ۾، ڪکرين خريدار
مانهيون ۾ نَڪُلِي نانگ، چرخيون ٿيون چٺوڏس چوڏار
ڪُپَ ٻرن ٿا ڪيترا، ۾ باڪس بجلي دار
ڪيو سداءِ سوجهرو شمع ۽ شمعدار
آتش بازيءَ جي انت جا، ٻيا پيي هنر هزار
هٽالڙِن ۾ هٽڙين جي، ڪئي ڪاريگرن قطار
ونڙ منايون مُلهه سان، ڪيئون وٽج اهو واپار
گِهَرَ جليبيون ڪيتريون، ٿي حَلوي جي هبڪار
مصريءَ ۾ خوراڪ جا، ڪي ٿيا خوشيون خريدار
ڦُرص ڪُٽَي ۾ پلنگ پوريون، ٿيو سيرو سوادي دار
سَتر بينيون ۾ ست پڙا، ٻيا لولا ٿيا لاچار
تولڙا ۾ تڪيون، ٻي نڪتي ٿي نروار
پڪوڙا گانٺيا مرملا، سي ۽ آندائون اپار

ريڙهي رکيائون ريوڙيون، جي ٿيون ترن ساڻ تيار
گڙڌاڻيون ۽ کورمون، تي ڦلن جي وَلڪار
لڏن سنبوسن سان، ٿيو وڙي جو ويچار
بي بہ منائي ڪيڙي، ڪئي حلواين هوشيار
ڏنا ڏٿاتيون بجليون، ۽ بتيون بيشمار
ڇهڇٽو چؤڏار ٿيو شغل شمع دار
بُوتي آهر بُتَ تي، سڀ ڪنهن ڪيو سينگار
ڪن پوشاڪون پٽَ جون، جيئن ميڙي منجهہ ملار
ڪليون خوشبوئن ڪاڻيون، ۽ هر هنڌ تي هُبڪار
شاهوڪارن شور سان، جوڙ ڪيو جنسار
غريبن ۾ ٿيون غلغلو ۽ خوشيون، چانڊاڻو چمڪار
گهر گهر طام تيار ٿيا، ڪن ڪاڻ جي ڪيڪار
بيا پڻ قرب ٿيا آهن ڪيترا، ترت تماشيدار
ويو ڏولائو ڏيهہ مان، آيو سيگهہ سُڪار
ڏياريءَ جي ڏئي ڏسڻ سان، ڏور ٿيو ڏرت ڏڪار
ڪڍيو مونجهارو ملڪ مان، خاوند خلقڻهار
لکين پلايون پانئجن، الله جون بہ اپار
وڏي وڏائي واحد جي، جنهن جوڙيو جوڙ جبار
اي 'پريل' پسي پسار تون تہ آڳي جي انصاف جا.

## سِہ حرفي (سُر مارئي)

الف اباڻن جي آهي اندر منجهہ اڪير،
سرتين ۽ ساٿيهہ لِءِ منهنجو سڪي ساهہ سرير،
سنگهارن جيءَ سڪ ۾، تو سڙي ساهہ سرير،
چڙهہ تہ ملان ماروئين، آءُ پنهنجي ملڪ ملير،
عمر جام امير، ڪيڏ بندياڻي قيد مان.

بي ٻرائي بادشاهہ، ڪج نہ عمر جام،
آءٌ اُداسڻ آهيان، ماندي روز مدام،
رات ستي مون خواب ۾، آيا سرتن جا ٻہ سلام،
هاڻي نماڻيءَ جو نام، ڪڏهن وتجان ڪين ڪي،

ٻي ٻڌي ٻانهون پئي، تي ٻاڏايان ٻيهار،
تہ ڪيڏ بندياڻي قيد مان، سڻ ڪانئل جي ڪوڪار،
لاهہ ڪڙاءِ ڪلف تون، تہ نڪري ٽيان نروار،
تہ هوند هوڪاري هڪوار، ڏسان وڻ وطنئي.

پي پنهواريون پرت مان، ٽيون پل پل پُڪارين،
سرتين سپ ساٿيهہ ۾، ٽيون سدا مون سارين،
نڪي وسرن ٽيون مون کي، نڪي هوءِ ٻہ وسارين،
ٽيون نت نت نهارين، مون ڏکيءَ جي تہ ڏسڻ ڪاڻ.

ﭘﻲ ﭘﻼﺋﻲٰ ﺳﺎڻ ﺗﻮن، ﻫﻲٰ ﭼﮝﻲ ڏي ﭼﻮري،
ﭼﻮ ﺟﻬﻠﻲ ﭤﺌﻲ ﺟﻬﻞ ۾، ﻫﻲٰ ﻧﺎﺣﻖ ﻧﺪوري،
ﮐﭩﻲ آﺋﻴﻦ ﻛﻮﻫ ﺗﺎن، ﺗﻮن ﻇﻠﻢ ﻛﺮي زوري،
ﻫﺎﭩﻲ ﺟﻬﺠﮡ ۾ ﺟﻬﻮري، ﻣﻮن ﻛﻲ آﻫﻲ اﺑﺎﭩﻦ ري.

ٿي ﺗﻜﻲ ﻫﺌﻲ ﺗﮍ ﺗﻲ، ﺗﻨﻬﻴﻦ وﻗﺖ ﺗﻴﺌﻦ،
ﺟﻲ ﻫﺠﻦ ﻫﺎ ﻣِﭡ ﻣُﺌﻲٰ ﺟﺎ، اُﺗﻲ ﺋﻲ اﺋﻴﻦ،
ﺗﮧ ﻣﺎرو ﻛﻴﮍﺋﻲ ﻣﺎر ﻫﺎ، ۽ ﺟﻮڙي ﺟﺖ ﺟﻴﺌﻦ،
ﭘﻮءِ ﻫﻮﻧﺪ ﻛﻬﮍي رﻳﺖ ﻧﺌﻴﻦ، ﻣﺎرﺋﻲ اﻧﻬﻲ ﻣﻠﻚ ﻣﺎن.

ٿي ﭤﮕﻲٰ ﺟﻲ ﭤﺎﻫ ﺳﺎن، ﺗﻮن اوﭼﺘﻮ آﺋﻴﻦ،
ﺟﻲ ﭘﺘﻮ ﭘﻨﻬﻮارن ﻛﻲ ﭘﺌﻲ، ﺗﮧ ﻫﻮﻧﺪ ﻛﻮﻫ ﻟِﻨﺐ ﻻﺋﻴﻦ،
ﭘﻨﻬﻨﺠﻲ ﻛﻴﻞ ﭘﺎڻ ﺗﻮن، ﻫﻮﻧﺪ ﭘﺎڻﻬﻲ ﭘﭽﺘﺎﺋﻴﻦ،
ﭘﻮءِ ﻫﻮﻧﺪ ﭘﻮﭤ اﭼﻲ ﭘﮕﺎﺋﻴﻦ، اﻫﺎ ﻣﺎڙﻳﭽﻦ ﺟﻲ ﻣﺎر ﺗﻮن.

ٿي ﺗﻜﺎن ﻫﺖ ﻛﻴﻨﻜﻲ، ڏﺳﻲ ﺗﻮل ﺗﻜﺎ،
ﺳﺮﺗﻴﻮن ﻫﺖ ﺳﺎﭩﻴﻬ ۾ ﺗﻴﻮن ﭘﻮﻳﻮ ﭘﺎﺋﻦ ﭘﻜﺎ،
ﺗﻨﻬﻨﺠﺎ ﻣﺤﻞ ۽ ﻣﺎڙﻳﻮن، ﻛﻨﺪا ﺑﻨﻬﻴﻦ ﻛﻴﻦ ﺑﻘﺎ،
ﻧﻴﭥ ﭤﻴﻨﺪا ڏوڙ ڏﻛﺎ، ﺗﻨﻬﻨﺠﺎ ﻛﻮٽ ﻛﻤﺎﻧﻴﻮن.

ٿي ﺛﻮاب ﻫﻮن ﺟﻲ ﻛﺘﻴﻦ، ﺗﮧ ﻣﻮﻛﻞ ڏي ﻣﻴﺎن،
ﺗﮧ ﭘﻨﻬﻨﺠﻲ ﻣﻠﻚ ﻣﻠﻴﺮ ۾، وﭼﻲ ﭤﺎرﻳﻠﻲ ﺑﮧ ﭤﻴﺎن،

پنھوارن جي پاڙي جو، شل وچي پِس پيان،
پوءِ جيتر آءُ جيان، تيتر ڪريان دعائون ملسان.

ٿي ٿيا ٿر ۾ اهي، ساڱي سندم سنگهار،
پرور پسائي شال جي، پنھواريون پنھوار،
منڙن ماروئڙن جي، مون ڪي حب سدا هروار،
مئي هئي ٿيس لاچار، قابو اچي هن قيد ۾.

في فڪر ۾ ٿيا فنا، سي منھنجا مارو مٽير،
تو جيئن ڪن نہ عيش هو اهڙا آهن امير،
ڪنييون ڪاهوڙيا ڪِٿَنِ، ۽ خوش ٿي پين ڪير،
پيئو پاڪ پنير، ۽ گھمندا وطن ويڙيون.

ڦي ڦوڳن ۾ ڦرڙا، هو ڦيرين ڦيرائين،
ڇيلا ڇيليون گهيٽڙيون، ۽ گھيٽا گھمائين،
ڳابا ڳابيون پاڏڙيون ۽ وڇڙيون ڏورائين،
اهو ملڪ ملھائين، اباڻا ان ريت ٿا.

ڳاف ڳولاڙن ڳلڙا، جهليا جهنگين جهر،
پيو پَلٽي پاٽي پَلر جو پوڻي منجھ پڌر،
پپون پُسِيُونَ پٽيو سي چاڙهيون ڪن چهر،
آهي ڪُلنِي ڪان ڪثر، ڪاهوڙين خوراڪ سا.

ٻي ٻُنڻُن جون ڳالهيون، سي ڪندا وتن ڳنوار،
چارين ڏاڍي چاهہ مان، سي ڪريو ڏڻ ڏنار،
ڏسندا وطن ڏيھہ ۾، هو جوءِ سندو جنسار،
صاحب ربّ ستار، ڪٽي وسايو ولهار کي.

ڪي ڪتو ۽ کير، ٿا کاھڙيا کائين،
مارو محلاتن تي نہ مَنهنَ مٺائين،
پهري پَٽ پٽيهرٿا، نہ لوئي لڄائين،
ٿيون پنهواريو پائين، کٿي خوشيءَ سان ڪٽي.

يي ياد اٿم اهي مونکي اصل اباڻان،
سوٽا مون سنگهار سي، ٿا ڏوهن ڏاڏاڻا،
تنهنجي ٻوڙ پُلاءَ کي، ڪڏهن نہ چاڻان،
نڪي سيج بہ سجاڻان، نڪي پلنگ 'پريل' چٽي.

دال دکن ٿا دونهڙا، اباڻن اُتي،
ڏٺا ٿم خواب ۾، ساري رات سي،
جهڻ وجي نڪتيس ويڙ ۾، اٿم جوءِ جتي،
هي تن من آهہ تِتي، هت بوتو رهيو بند ۾.

ذال ذرو نا ذاتڙي، هو پونهر پڏائين،
ناقص نماڻان اهي، ٿا سانگي سڏائين،
لانديون لوڙها لاڙ مان، ٿا اهي آڏائين،
اڇو گهاتا گڏائين، گهٽي حب مان گهرڙا.

ڏي ڏڻ ڏنار سي، تا عصر اتارين،
پٽن سندي پر ۾، وڃو چاھ منجھان چارين،
لوليون نہ لوڙائو تا، ھو جھر جھنگ جھونگارين،
پوءِ تا وارو ورائين، محل ڏھائيءَ ماڳ ڏي.

ڏي ڏکويل ٽيل ھي، پيو انھيءَ ڏک ڏري،
ماروئڙن جي ملڻ لئہ، تڙ ماندو من مري،
روز پيئي ريھون ڪريان، آءٌ اکيون آب پري،
شل پرين ساڻ پري، پوري پرت پرتل جي.

ڀي ڀيچارين ڪوھ ٿو، تون عمر چام ايئن،
مارئيءَ کي پنھنجي ملڪ جي، تو موڪل ڇو نہ ڏئين،
تو جھلي آھي جھنگ مان، ڪري قيد جيئن،
تھڙيءَ ريت تيئن، ڪنھن نہ جھلي ڪا جھنگ مان.

ڍي ڍنڍون ڍرا سيئي آھن پلر پُر تيا،
نندڍيون توڏيون نير سان، جڻ وھي واھ ويا،
ڪڪر ڪارا ھنيون ڪيون، ٿي ڪُوڏن کيل ڪيا،
ھاڻي پل پل پور پيا، ’پريل‘ پنھوارن جا.

حي حال ھيڏو ڏسي، مون کي عمر ڏي موڪل،
تہ ڪا ڪين پنھنجي ڪڙم ڏي، تکيريءَ توڪل،
ڏسان شل ساٿيھ ۾، جيڏيون ۽ جيجل،
تہ پنھنجي ملڪ منڊل، ھوند ملي ڪريان آءٌ ماروئين.

جيم جنسار باهہ ٿيا، ڪي منهنجي ملڪ ملير،
مينهن پيي موڪون ڪيون، ۽ نديون پريون نير،
ساوڪ سبزيءَ جي ٿي، ۽ گهاٽا گاهہ ڳنڌيير،
ٿي سڀ ڪنهن ڏڻ کي ڏير، وُٺل ڏسي ولهار کي.

جي ڄمائين ٿو مون کي، تون ناحق عمر چام،
آءُ اُداسڻ آهيان، تن سانگيئڙن جي سام،
ورُ تہ منهنجو کيت آ، ٻيو ور نہ ڪنديس ڪامَ،
مون نماڻيءَ جو نام، ڪڍهن وڃان ڪين ڪي.

جي مڃائين مير تون، ڪريو ڏيک ڏمر،
چڏ تہ ملان آئون ماروئين، وڃي هڪاري هيڪر،
مولي ميليندو مون کي، تن جيڏين سان جيڪر،
شل پڄائي پروم، منهنجي مرادون من جون.

جي چوان توکي چڏيو تون عمر ڪر انصاف،
هي پلئو وجهائي پير جو ۽ متير اٿئي مڪان،
تہ عمر انهيءَ عيب کان، تون مورئون ڪجان معاف،
هوند ڪاهي ڪشالا ڪاف، ڏسان وڙ وطن جا.

جي چوريءَ کي چڏ تون، عمر اماڻي اڄ،
تہ وڃي پنهنجي ويڙ ۾، آءُ ڏر ڏواريان ڏڄ،

پُر پنھوارن جي ڏسي، آءُ لاشڪ مران لڄ،
هاڻي پري پيرڻ ڪان پڄ، متان تئين ڏوھاري ڏيھہ ۾.

خي خزانا خرچيون، عمر آڇ نہ مون،
آءُ آهيان پيرڻ تنھنجي، ۽ ياءُ تئين تو تون،
ڪُلُ نَفسِ ذَائِقَة الُمَوَتُ، پڙھي پروڙيو مون،
تہ ڏينھن دنيا ۾ ڏون، هرگز لڏبو لوڪ مان.

عين عنايت جي ڪري، تہ ڇڏي ڏي ڇوري،
ڇو جھلي تئي جھل ۾، هيءَ ناحق ندوري،
ڪم نہ ايندءِ قبر ۾، اھو ظلم ۽ زوري،
لُونءَ لُونءَ ۾ لوري، آهي مون کي ماروئرن جي.

غين غريبياڻيءَ کي، آهي عمر تو آندي،
ماڙين منجھايو مون کي، ٿي مفت مران ماندي،
ڇڏ تہ ملان آءُ ماروئين، ٿيان هيڪر هيڪاندي،
هن بند اندر باندي، مون ڏکيا گذاريا ڏينھڙا.

ري راتيون ڏينھڙا، مون روئي گذاريا،
ساري رات ستي، مون سانگيئڙا ساريا،
عمر اباڻن کي مون، هڪ دم نہ وساريا،
اتم ٻڪتين ۾ ٻاريا، هي عضوا اباڻن ري.

زي زوراور زور سان، تو عمر انائِي،
كوني آٽي قيد ۾، تو قابو كرائي،
هاٽي سانگيئڙن جي سڪ ۾، پئي سڪان زرائي،
اتم وات اها ئي وائي، تہ چڏ تہ ملان آئون ماروئين.

ڙي ماڙيون ۽ بنگلا، تي سجان پايان سي،
پکا پنهوارن جا، تا مَنهَن وٽن مونکي،
بوڙ پلاوَ ۽ مربا، مون کڏهن نہ ڏنا سي،
هاٽي ميان موڪل ڏي، تہ پسان پنهوارن کي.

ميم مدامي من ۾، تا اڌمان روز اچن،
اهڙيون اڙڏايون پلا، کڏهن کين ڪجن،
پِٽن تي پيڙا اڏيا، پکا پنهوارن،
تن ساريو سنگهارن، آءٌ دم دم ۾ دانهون ڪريان.

نون نماڻيءَ کي پلا، تو جهلي ڪوهہ جهتي،
ماڙين تي آئون ڪيئن پلا، چڏيان مَنهِن کي بہ متي،
اُٽترڻ اباڻن جي تہ مونکي سڪڙي جا روز سٽي،
هي قسمت قيد ڪئي، شل ڏسان وڙ وطن جا.

لام لجايان ڪيئن پلا، آئون لوئي اباڻي،
چو جهلي تئي جهل ۾، هيءَ جهتي جهانگياڻي،

ڪيئي قابو قيد ۾، تو ناحق نماڻي،
اي حاڪم تون هاڻي، هيءَ ڪڍ بندياڻي بند مان.

سين سڪان ۽ ساريان، آءٌ پنهنجا مارو مير،
مارو منهنجي ملڪ ۾ ٿا خوش ٿي پيئن کير،
شل ڏسان ڏوٿيئڙن کي، نه ٿيم ساهه سڌير،
اي عمر ڇام امير، ڪڍ بندياڻي قيد مان.

شين شراتي جي هلين، ته موڪل ڏيج ميان،
وڃي پنهنجي وطن ۾ آءٌ ٿاريلي ٿيان.
پهر منجهه 'پريل' جئي وڃي پلر شال پيان،
هوند جيڪو دم جيئان، ته ڪريان دعائون دل سان.

وا ويڙيچن کي پيئي ساهه سدا ساري،
سيءَ جان جسم مون جهوريو ڳڻتين ۾ ڳاري،
مون کي ماروئڙن جي، مونجهاري
ته ڇو ويئم وساري، آيا اباڻا کي ڪين ڪي.

قاف قادر جي قدرت جو پرو ناڪو پار،
جي ڏوهياڻي بند ۾ تو اهڙا ڪري آچار،
ننڊيون ويٺيون لاڏ ڪن، ۽ سَتيئڙن شرم سار،
اهڙو ربَ ستار جو ڪَئين منجهان ڏرڪئين عمر،

**صاد** صبر ۽ شڪر ۾، اباڻا آهين،
پنهنجي پَر پنهواريون، نہ مورئون مٽائين،
راڄ پنهنجي جيءَ ريت ڪي، ٿا مارو ملهائين،
اهڙائي آهين، سانگي ٿابوئيءَ سان.

**ضواد** ضامن ضعيفن جو آهي محمّد مير،
شل ڪري مدايون معاف مون، تہ ڏسان ملڪ ملير،
سو ڪرم مارن سان، شل پيان پاڪ پنير،
هاڻي عمر ڄام امير، ڪڍ بندياڻي بند مان،

**وا** وڻن وهاڻان ڪينڪي، نڪي ڪوڙ تمام،
سانگيئڙن جي سڪ ۾، اهيان ماندي روز مدام،
مونکي مارن جو 'پريل' چئي، پتو نہ پيغام،
اي ميان عمر ڄام، ڪڍ بندياڻي بند مان.

**ط**............. مون کي ملائين، پنهنجين سانگين سين.
ڳتيا ٿم قيد ۾، روئي راتو ڏينهن،
هئي هئي ڪريان ڪيئن، جو قسمت وڌو هن قيد ۾.

**ظ** ظلم ۽ زور تون، عمر ڪج نہ ڪو
نہ تہ مهند ملائڪ پڇندا، خبرون ڪنان تو
پڇندئي ڪريون خبرون، ساري سبق سو
جي هِت تہ ڪرين تون ٿو اڳيان پيڙي پڇندءِ پيڙيون.

ھي ھميشان ھئڻ ڪي، تون ترڪي چڏ تمام،
نہ تہ اڳيان سخت سُجھي ٿو ڪاڙھو ڏينھن قيام،
ڪالوبلا جي قول جي، تون اھو ڏس انجام،
تہ سواءِ ڏٽيءَ جي نام ٻيو ڪم نہ ايندءِ قبر ۾.

جھي جھانگياٽي جھنگ مان، جھلي تو جھٽ پٽ،
جي ڏوٿي ڏسن اُتِ توکي، تہ مرڳو ماري ڪنئي ھا مٽ،
ماري موڳو ڪن ھا، تنھنجا چُرندڙ عضوا چٽ،
نت بہ ڪٽائي ڪٽ، نيٺ لڏيندين لوڪ مان،

گھي گھٽي ڪنھن سڪ سان، ٿا گھاٽا اڏين گھر،
پاڙا پنھوارن جا، آھن وار ۾ وڳر،
ڏٽ ڏئونرا تنھن ڏيھہ ۾، آھي سنگھارن ٺمر،
ٻھرن جا بہ ٻھر، آھن اُتي راند ريجھائيا.

ڪاف ڪشالا ڪيترا، آھن پلئہِ مون تہ پيا،
ويڙيچا ولھار جا، مون ڪان وڇڙي ڪوھہ ويا،
ڏني ڏوٿيئڙن جي، مون کي ڏاڍا ڏينھن ٿيا،
مون ڪھڙا ڏوھہ ڪيا، جو قسمت وڌو ھن قيد ۾.

حمزو حجت جي حال تي، جي ھلين تون حاڪم،
تہ مون کي ماروئڙن ري، آھي ماڙين ۾ ماتم.
’پريل‘ چئي ناھرن ۾، ھاٽي قلمن قندي ڪم. ◆



پريل ولد چيڙ ذات ڀيل تخلص ’پينار‘ اصل ڳوٺ سلاواهه، پوءِ هميشه لاءِ ٻيراڻي تعلقه شهدادپور، ضلع سانگهڙ. 1911ع ۾ ڄائو ۽ 1949ع ۾ وصال ڪيائين،پاڻ ست درجا سنڌي پڙهيو، ڪجهه اردو به ايندي هيس. اوَل سيَاح هئو ۽ پوءِ 1932ع کان فقيري اختيار ڪيائين ۽ شاعريءَ جي دنيا ۾ داخل ٿيو. مرحوم منٺار فقير جي معرفت مرحوم مخدوم غلام محمد صاحب ”مغموم“، سورهين سجّاده نشين درگاهه غوث الحق مخدوم نوح رحه هالا نوان جي صحبت ۾ شامل ٿيو. مرحوم پينار تي ان صحبت جو بيحد اثر پيو ۽ آخر وجي مسلماني حد کي پهتو.

(ڪتاب ياد رفتگان تان ورتل)

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.